آخرت جي تياري لاءِ نصيحتن ۽ حڪايتن جو انمول خزانو

# بَحرُ الدُّمُوع

ترجمو

# لُڙڪَن جو دريا

امام ابوالفرج عبدالرحمٰن بن علي الجوزي عليه رحمة الله القوي
(المتوفّٰي 597ھ)

# ياد داشت

مطالعي جي دوران ضرورت مهل انڊر لائن ڪري، اشارا لکي صفحو نمبر نوٽ فرمايو، اِنْ شَاءَالله عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

سفرِ آخرت جي تياري جي لاءِ نصيحتن ۽ حڪايتن جو انمول خزانو

# بَحرُ الدُّمُوع

# لڙڪن جو دريا

امام ابو الفرج عبد الرحمٰن بن علي الجوزي عليه رحمة الله القوي
المتوفّٰي ۵۹۷ ھ

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: translation@dawateislami.net

كتاب جو نالو : بحرالدموع (لڙڪن جو دريا)

مؤلّف : امام ابوالفرج عبدالرحمٰن بن علي الجوزي

ڇپائي جي تاريخ : ربيع الاول 1435ھ جنوري 2014

ڇاپيندڙ : مكتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي


# مكتبة المدينه جون مختلف برانچون


| | |
|---|---|
| مكتبة المدينه: شهيد مسجد کارادر باب المدينه ڪراچي | 021-32203311 |
| مكتبة المدينه: داتا دربار لاهور | 042-37311679 |
| مكتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022-2620122 |
| مكتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مكتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مكتبة المدينه: فيضان مدينه سکر | 071-5619195 |
| مكتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاھ | 024-4362145 |
| مكتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانه | 074-4054191 |
| مكتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) | 027-2710635 |



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ”محبت میں اپنی گُما یا الٰہی“ جي ويهه اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 20 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.

يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

## ٻه مدني گُل:

1 بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمدو ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعَوُّذ و ﴿4﴾ تَسمِيّہ سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اول کان آخر تائين مطالعو ڪندس ﴿6﴾ وس آهر هن جو باوضوء ۽ ﴿7﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿8﴾ شرعي مسئلا سکندس ﴿9﴾ جيڪڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته عالمن کان پڇا ڪندس ﴿10﴾ ڪتاب مڪمل پڙهڻ جي لاءِ علم دين حاصل ڪرڻ جي نيّت سان روزانو ڪجهه صفحا پڙهي علم دين حاصل ڪرڻ جي ثواب جو حقدار ٿيندس ﴿11﴾ هن ڪتاب جي مطالعي جو ثواب سموري اُمت کي ايصال ڪندس ﴿12﴾ قرآني آيتن ۽ احاديثِ مبارڪ

جي زيارت ڪندس ﴿13﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ جتي جتي ”سرڪارِ مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿14﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ”يادداشت“ واري صفحي تي ضروري نڪتا لکندس ﴿15﴾ ٻين کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿16﴾ شرعي مسئلا سکندس ﴿17﴾ ٻين اسلامي ڀائرن تائين هن ڪتاب جي معلومات پهچائيندس ﴿18﴾ هن حديث پاڪ ”تَهَادَوْا تَحَابُّوْا“ يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي. (مَوطا اِمَام مَالِڪ، ج2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿19﴾ جنهن کي ڏيندس حَتّي الاِمڪَان ان کي اهو هدف به ڏيندس ته اوهان ايترن ڏينهن (مثلاً 25) ڏينهن جي اندر پڙهندا ﴿20﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي ته ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهه ڪندس.

(ناشرين ۽ مُصَنّفن وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻُڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اَلمَدِينَةُ العِلمِيّة

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علام مولانا**

**ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيَه

اَلحَمدُ لله عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ به آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن ڪَثَّرَهُمَ اللهُ تعاليٰ تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهه شعبا آهن:

**(1) شعبهء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت** | **(2) شعبهء درسي ڪُتُب**
**(3) شعبهء اِصلاحي ڪُتُب** | **(4) شعبهء تراجِمِ ڪُتُب**
**(5) شعبهء تفتيشِ ڪُتُب** | **(6) شعبهء تَخرِيج**

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي، تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيارين.

**الله** عَزَّوَجَلَّ ”دعوتِ اسلامي“ جي سڀني مجلسن گڏوگڏ ”المدينة العلمية“ کي ڏينهن ٻيڻي ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر چڱي عمل کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمين بجاهِ النّبيّ الامين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# پهريان ان کي پڑهو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!**

ديني ڪتابن جو مطالعو پڻ علم حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم ذريعو آهي پر حالات جي ستم ظريفي چئجي يا ڪجھ ٻيو اڄ ڪان ڪجھ وقت پهريان تائين ديني ڪتابن جي مطالعي جو ذوق عوام ۾ ڪجھ ڏنو ويندو هو بلڪ ان کي ته عالمن جو مشغلو سمجهيو ويندو هو، جڏهن ته ٻئي پاسي فحش ۽ فضول قسم جي ناولن ۽ ڊائجسٽن جي ڀرمار هئي، ائين مسلمان علم جي ان راهه کان هٽي ويا جنهن تي اسان جا اڪابر عالم پاڻ به هليا ۽ اسان کي هلڻ جي ترغيب پڻ ڏني، پوءِ حالتن ڦيرو کاڌو ۽ مختلف مذهبي تحريڪون وجود ۾ آيون ۽ مسلمانن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق بيدار ٿيو. الحمدلله ان سلسلي ۾ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا محمدالياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا لکيل رسالا ۽ خاص ڪري فيضانِ سنّت مسلمانن ۾ ڪتابن جي مطالعي جو ذوق وڌائي ڇڏيو ۽ ائين مطالعي جي بحران مان ڪافي نجات ملي. اهو ئي سبب آهي جو هاڻي ديني ڪتابن جي اشاعت ڏانهن ڀرپور توجهه ڏنو پئي وڃي، نوان نوان تحقيقي ۽ اشاعتي ادارا وجود ۾ اچي رهيا آهن، گڏوگڏ مصنّفن جا جٿا تيار ٿي رهيا آهن.

دعوت اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي اداري **المدينة العلميه** جا به ڪوڙ سارا ڪتاب ۽ رسالا مڪتبة المدينه طرفان شايع ٿي چڪا آهن، پنهنجي اڪابرين جي عربي ڪتابن کي اردو ۾ منتقل ڪرڻ پڻ **المدينة العلميه** جي هدفن مان آهي ته جيئن اردو پڙهندڙ لاءِ ان

ڪتابن ۾ موجود وعظ ۽ نصيحت جي انمول موتين سان پنهنجو دامن ڀري سگهن. انهيءَ ڪم جي لاءِ تراجم ڪتب جي نالي سان باقاعدي هڪ شعبو پڻ قائم آهي جن ڪئي ڪتابن ۽ رسالن جو ترجمو ڪري شايع ڪري چڪا آهن.

اهو ڪتاب ”لڙڪن جو دريا“ امام عبدالرحمن ابن جوزي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی جو پُر اثر ڪتاب ”بَحرُ الدُّمُوع“ جو ترجمو آهي، علاّمه ابن جوزي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی هن ڪتاب ۾ اهي موضوع شامل ڪيا آهن: ذڪر الله جي فضيلت، توبه جون فضيلتون، گناهن جا نقصان، فتنه دنيا، حفاظت نگاهه، تربيّت نفس، اولياء الله رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جا احوال، زنا جون هلاڪتون، خاموش رهڻ جي فضيلت، غيبت ۽ چغلخوري جي مذّمت، سود، چوري، خيانت ۽ شراب نوشي جو وبال وغيره.

هرمضمون جو آغاز رقت، سوز ۽ نصيحت ڀرين جملن سان ڪيو آهي پوءِ مؤلف ان موضوع جي مطابق قرآني آيتون ۽ حديث شريف ۽ حڪايتون بيان ڪيون آهن، موقعي مناسبت جي حوالي سان شعر به لکيا آهن.

”پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش“ ڪرڻ وارن عاشقان رسول جي لاءِ هن ڪتاب ۾ ڪافي مواد آهي، دعوت اسلامي جي مجلس **المدينة العِلميه** جي شعبه تراجم جي مدني عالمن هن ڪتاب جي ترجمي جي ذميداري ڪنئي. علمي ماڻهن کي خبر آهي ته ترجمو ڪرڻ تصنيف ۽ تاليف کان ڪيتري قدر مشڪل هوندو آهي، مستقل تصنيف ڪرڻ وارو شرعي احتياط مدّنظر رکندي مواد جي چوند، ترتيب ۽ مقدار وغيره ۾ آزاد هوندو آهي جڏهن ته مترجم کي صاحب ڪتاب جي ترجماني ڪرڻي پوندي آهي

پوءِ انهيءَ دؤران مصنّف جي مقصد کي سامهون رکڻ، مصنّف جي لکيل الفاظن جي مرادي معنيٰ متعين ڪرڻ، مطالب جي منتقلي جي لاءِ مناسب لفظن جي چوند ڪرڻ، خواص جي ذوق کي سلامت رکڻ سان گڏوگڏ عوام جي ذهني سطح جو لحاظ رکندي، مضمون مان مراد کي آسان لفظن ۾ ڪرڻ ۽ پوءِ جامعيّت کي بہ پيش نظر رکڻ اهڙيون شيون نہ آهن جو جن مان آساني سان آجو ٿي سگهجي. پر الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اهو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطاء ان جي پياري حبيب، حبيب لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهه ڪرم ۽ علماءِ ڪرام خاص ڪري شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جو فيض آهي جو ترجمي جو ڪم وس آهر احتياط سان مڪمل ڪري ورتو. ترجمي دؤران هيٺين شين جو خاص خيال رکيو ويو آهي:

(1) ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ پڙهڻ وارن جي اها ئي ڪفيت منتقل ڪئي وڃي جيڪا اصل ڪتاب ۾ موجود آهي.

(2) ان سلسلي ۾ ڪن جڳهن تي تمهيدي جملن جو اضافو ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح ان ڪتاب جو رڳو تحت اللّفظ ترجمو ناهي ڪيو ويو بلڪ ترجماني ڪئي وئي آهي.

(3) ان سيني ڳالهين جي باوجود حڪايتن واقعن جي اصل اسلوب کي برقرار رکيو ويو آهي ۽ انهن جي اندر مڪالمات کي هوبهو نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

(4) عربي اشعار تي اعرابون لڳايون ويون آهن، انهن اشعار ۽ انهن جو ترجمي جو فونٽ ننڍو رکيو ويو آهي.

(5) مصنّف جا لکيل شعرن جو تاثير برقرار رکڻ جي لاءِ ترجمي جي

لاءِ مناسب لفظن جي چونڊ ڪئي وئي آهي.

(6) ذوق وارن جي تسڪين جي لاءِ ڪن جڳهن تي اردو شعرن جو اضافو پڻ ڪيو ويو آهي.

(7) عربي عنوانن ڪي سامهون رکندي مستقل سنڌي عنوان قائم ڪيا ويا آهن.

(8) جن روايتن جا حوالا ملي سگهيا اهي لکيا ويا آهن.

(9) آيتن جو ترجمو امام اهلسنّت، مجدّد دين و ملت الشاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي ترجمي ”ڪنزالايمان“ مان ڪنيو ويو آهي.

(10) ڪمپوزنگ جي دؤران علامات ترقيم جو لحاظ رکيو ويو آهي.

(11) ڪتاب جي آخر ۾ ماخذ و مراجع جي فهرست ڏني وئي آهي.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ اسان کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن جو مسافر بڻجندو رهڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ دعوت اسلامي جي سيني مجلسن گڏوگڏ مجلس المدينة العلميہ ۽ مجلس تراجم کي تمام گهڻي ترقي عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**شعبہ تراجم ڪُتب** (المدينة العلميہ)

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| سخن اولين | 1 |
| ذڪر الله جي فضيلت | 4 |
| سڪرات واري جي توبھ | 8 |
| قابلِ رشڪ موت | 10 |
| نور جو ڏيئو | 12 |
| جسماني عضون جي گفتگو | 12 |
| رحمتن جي برسات | 12 |
| توبھ جا فضائل ۽ ان جون برڪتون | 14 |
| جنّت جي حورن جو ڪلام | 15 |
| توبھ جو انعام | 16 |
| محبتِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو طريقو | 17 |
| جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي | 18 |
| نيڪين جي توفيق ملڻ | 18 |
| توبھ جا ٽي انعام | 19 |
| خوفِ خدا ۾ وهڻ وارا لُڙڪَ | 19 |
| فرشتي جون صدائون | 19 |
| مرڻ کان پهريان ايمان نصيب ٿيو | 21 |
| وِردَ وظيفن ۾ مصروف | 24 |
| آرام نہ ڪندا هئا | 24 |
| ليٽيل نہ ڏٺو | 24 |
| گهر کان نہ نڪرڻ | 25 |
| خوفِ خدا کان روئڻ جو انعام | 25 |
| حساب واري ڏينهن جي دهشت | 26 |
| گناهن جو انجام | 29 |
| گناھ جا ڏھ نقصان | 30 |
| ويراني ۾ ملاقات | 31 |
| گناهن کان توبھ | 36 |
| شڪايت ڪيئن ڪريان؟ | 37 |
| غريبي ۽ تنگدستي کان ڊڄڻ واري کي نصيحت | 38 |
| سيدنا امام شافعي جو انتقال | 39 |
| سڀ گهر وارا مسلمان ٿي ويا | 40 |
| غفلت کان سجاڳي | 42 |
| آخرت جو خوف | 43 |
| حسابِ دنيا | 45 |
| سڪرات جي حالت ۾ مسڪراهٽ | 46 |
| آخري خواهش | 47 |
| توبھ جو سبب | 48 |
| دنيا جو فِتنو | 49 |
| دنيا سان محبت جو انجام | 49 |
| فڪرِ آخرت کان غافل ٿيڻ وارن کي نصيحت | 54 |
| مفلس ڪير؟ | 54 |
| خدمت گار اژدها | 55 |
| ماءُ پُٽ جو موت | 57 |
| نظر جي حفاظت | 60 |
| بدنگاهي جو عذاب | 61 |
| بد نگاهي جي سزا | 62 |
| غيبي ٿڦڙ | 62 |
| حضرت سيدنا اويس قرني جو وصال | 64 |
| دنيا مان رخصتي جي تياري | 69 |
| ملائڪن جون صدائون | 71 |
| هڪ رقّت طاري ڪرڻ واري رخصتي | 73 |
| نفس جي تربيت | 75 |
| انسان جا ڇھ سفر | 76 |
| حبشي غلام | 76 |
| تقوي ۽ مجاهدو ڇوٽڪاري جو سبب آهي | 81 |
| بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري جو انداز | 81 |
| قناعت | 82 |
| الله جي ولي جي گولا | 82 |
| اڪيلائي ۾ نفس جو حساب | 85 |
| عبادت جي پاڪيزگي ۽ تقوي جو مينار | 86 |
| نيڪ عورت | 88 |
| نيڪ سيرت نياڻو | 90 |
| عبادت گذارن جو رستو ۽ توبہ ڪرڻ وارن جو طريقو | 92 |
| عبادت گذار ڪيئن هجي؟ | 92 |
| محبتِ الٰهي جو انعام | 93 |
| آخرت جي طلبگارن جو رستو | 93 |
| قربِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو طريقو | 95 |
| عبرت حاصل ڪرڻ | 95 |
| دنياوي لذتن کان تعلق ٽوڙڻ | 97 |
| نيڪ ماڻهن جو صدقو | 97 |
| نوراني چهرو | 98 |
| روئڻ وارو نوجوان | 98 |
| ماڻهن جا چار قِسم | 99 |
| سيدنا مالڪ جون دعائون | 101 |
| نفساني خواهشن جو عذاب | 102 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| پاڻهي جي توبهه تي شيطان جي بدحواسي | 103 |
| هڪ عالِم جو امتحان | 104 |
| دنيا جي محبت جو نقصان | 109 |
| آخرت جي زندگي کي ترجيح ڏيو | 110 |
| جنّتي حور جي قيمت | 111 |
| لذتن جو خاتمو ۽ گناهن جو باقي رهجي وڃڻ | 116 |
| حلال ڪائڻ جون برڪتون | 119 |
| عروج ۽ زوال | 120 |
| گهاٽي جو سودو | 122 |
| دنيا جي ڌوڪي کان بچڻ جو بيان | 124 |
| دنيا کي ٺڪرائڻ وارا | 125 |
| خوشنصيب ڪنوار | 125 |
| غفلت ۽ نفس جي خواهش جو علاج | 126 |
| خلوت نشين بزرگ | 127 |
| نصيحت | 129 |
| دين ۾ دنيا جي ملاوٽ | 129 |
| دنيا سان دل ڇو لڳايان؟ | 130 |
| چاليهه ڏينهن باهه نه پرندي هئي | 131 |
| ٽي خواهشون | 131 |
| آزمائش جي لذت | 132 |
| مُحبّتِ الٰهي جي بنياد | 134 |
| محبت جي علامت | 135 |
| محبت جي حقيقت | 138 |
| رضاءِ الٰهي جو خواهشمند | 139 |
| الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ وارا | 142 |
| شڪرگذار دولتمند | 143 |
| بهترين همسفر | 143 |
| آزمائش مٿان آزمائش | 144 |
| هڪ عورت جي نصيحت | 145 |
| هڪڙو ديوانو | 147 |
| محبت ڪرڻ وارن جون علامتون | 149 |
| حرم جون دعائون | 151 |
| دعا جي برڪت | 153 |
| سمنڊ جي ڪناري تي عبادت ڪرڻ وارو | 155 |
| گناهن جي ازالي جو طريقو | 157 |
| معافي جا طلبگار | 158 |
| نماز جو طريقو | 160 |
| هڪ يهودي جو اسلام قبول ڪرڻ | 162 |
| شانِ ولايت | 164 |
| محبتِ الٰهي | 166 |
| مسجد ۾ غيبت ڪرڻ وارن جي توبهه | 167 |
| ديني سخاوت | 168 |
| حورن سان نڪاح | 170 |
| ڪرامت | 172 |
| ولين جا حالات | 173 |
| عاجزي | 175 |
| شينهن جي اطاعت | 176 |
| تبرڪ جي مِٺاڻ | 177 |
| سُئي ملي وئي | 179 |
| انعاماتِ الٰهي | 179 |
| حِڪمت ڀريو جواب | 181 |
| هڪ تاجر جي توبهه | 182 |
| اک عطا ڪري ڇڏي | 186 |
| تائبين ۽ صالحين جون علامتون | 188 |
| حضرتِ سيدنا علي سان محبت | 191 |
| هڪ يهودڻ جو قبولِ اسلام | 193 |
| زنا جو انجام | 195 |
| زاني مؤمن نٿو رهي | 195 |
| زنا جي اجازت گهرڻ وارو نوجوان | 195 |
| شيطان جو لشڪر | 196 |
| زاني تي لعنت وسندي آهي | 197 |
| مؤمن ۽ منافق جي سُڃاڻ | 197 |
| تنگدستي جو سبب | 197 |
| شرڪ کانپوءِ سڀ کان وڏو گناهه | 198 |
| دوزخ ۾ سڙڻ جو سبب | 198 |
| دوزخي تابوت | 199 |
| جنّت ۾ داخلا کان محروم | 199 |
| نڪاح جي پيشڪش | 200 |
| زنا جي ابتدا ۽ انتها | 200 |
| زنا کان بچڻ وارو | 201 |
| پنجاهه هزار حورن سان نڪاح | 201 |
| عبادت جي حلاوت | 205 |
| جهنم کان آزاد ٿيڻ واريون اکيون | 205 |
| خاموش رهڻ جي فضيلت | 206 |
| عبادت جا 9 حصا | 206 |
| وڏيڪ ڳالهائڻ واري جون غلطيون به وڏيڪ | 207 |
| وات ۾ پٿر رکندا هئا | 207 |
| سڀ کان افضل عمل | 207 |
| وڏيڪ گفتگو باعثِ هلاڪت آهي | 208 |
| پنهنجي زبان قابو ۾ رکو | 208 |
| عقلمند ڪير؟ | 208 |
| دل جي سختي جو سبب | 208 |
| سلامتي جو نسخو | 209 |
| جسم جي عضون جي فرياد | 209 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| زبان کي قيد ڪري وٺو | 209 |
| حڪمت سان پريل گفتگو جو سبب | 210 |
| پنج ڳالهيون | 211 |
| عيب تي عار نہ ڏياريو | 212 |
| پرده پوشي جو انعام | 212 |
| پريشاني ختم ٿيڻ جو سبب | 212 |
| شرابي نوجوان جي توبهہ | 212 |
| غيبت ۽ چغلخوري جي مذمت | 214 |
| دنيا ۽ آخرت جي مقبوليّت | 214 |
| غيبت ڪرڻ وارو روزيدار ناهي | 214 |
| سڀ کان وڌيڪ ناپسند | 214 |
| فرشتن جي لعنت | 215 |
| اڻ ڏٺل نيڪيون | 215 |
| رحمت کان محرومي | 215 |
| غيبت ڇا آهي؟ | 216 |
| بدترين ماڻهو | 216 |
| چغلخور جنّت ۾ نہ ويندو | 216 |
| چغلخوري جو وبال | 216 |
| دشمني ڪرائڻ جو انجام | 217 |
| چغلخور تنهنجي بہ چغلي هڻندو هوندو | 217 |
| ڳوٺاڻي عورت جي نصيحت | 218 |
| غيبت ڪرڻ واري جو مثال | 219 |
| سڀ کان پهرين جهنّم ۾ داخل ٿيڻ وارو | 219 |
| ڏهہ پسنديده خصلتون | 219 |
| حڪمتِ اِلٰهي | 220 |
| بُري صحبت جو انجام | 221 |
| مرڻ واري جي نصيحت | 221 |
| غيبت جي سبب عمل ڇَٽ تي ويا | 222 |
| غيبت جي سزا | 223 |
| غيبت جي وصف | 223 |
| ڪمزور شخص | 223 |
| ننڍي قد واريءَ | 224 |
| ننهن سان چهرا روڙڻ وارا | 225 |
| نيڪيون ضايع ڪرڻ واري | 225 |
| قبوليّت جا شرط | 225 |
| خاموشي جا فائدا | 230 |
| ڪامل مسلمان ڪير ؟ | 230 |
| مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي | 230 |
| سلامتي جو اصول | 231 |
| هر گفتگو جو حساب ٿيندو | 231 |
| چڱي ڳالهہ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو | 231 |
| شيطان تي غالب اچڻ جو طريقو | 232 |
| ڳالهائڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو | 232 |
| چڱي ڳالهہ يا خاموشي | 232 |
| اڪثر خطائن جو سبب | 232 |
| عقلمند ۽ جاهل جي ڪلام ۾ فرق | 232 |
| هلاڪ ڪرڻ واريون ٽي شيون | 234 |
| حُسنِ ڪلام بهتر آهي يا حُسنِ عمل؟ | 235 |
| عاجزي | 236 |
| هلاڪ ڪرڻ وارا چار لفظ | 237 |
| خودپسندي جو نقصان | 237 |
| سيدنا عبدالله بن مسعود جي نصيحت | 238 |
| انڪساري جو انعام | 238 |
| غصو پيئڻ جو انعام | 239 |
| غلام آزاد ڪري ڇڏيو | 239 |
| قرآن جو حافظ ڪيئن هجي؟ | 240 |
| پنج ڳالهين کي بهتر سمجهو | 240 |
| وياج، چوري، بي ايماني ۽ شراب نوشي جو عذاب | 241 |
| وياج جي هڪ درهم جو عذاب | 242 |
| وياج کائڻ واري جي غذا | 243 |
| حرام کائڻ واري جي عبادت نا مقبول | 244 |
| وياج جو گناهہ معاف نہ ٿيندو | 244 |
| حلال جي خواهش فرض آهي | 245 |
| حرام سان پلجڻ وارو جهنّم جو حقدار | 245 |
| حرام مال ڇڏي ڪري مرڻ جو نتيجو | 245 |
| حرام جي هڪ درهم جو اثر | 245 |
| حرام مال کان توبهہ | 246 |
| حلال کائڻ جون برڪتون | 246 |
| دعا جي قبوليت جو نسخو | 247 |
| پرهيزگاري جي اهميّت | 247 |
| حلال کائڻ جي اهميّت | 248 |
| يتيم جو مال کائڻ | 249 |
| ماپ تور ۾ ڪمي | 250 |
| منافق جون ٽي نشانيون | 251 |
| پاڻي جي ڪجهہ قطرن جو عذاب | 252 |
| ڇهہ جهنمي | 252 |
| ڌوڪي باز اسان مان ناهي | 252 |
| ڪوڙي قسم جي سزا | 254 |
| عظمتِ خداوندي کان اڻ ڄاڻ | 254 |
| شراب نوشي | 254 |
| ڏهہ خراب عادتون | 255 |
| شراب جي نحوست | 257 |
| نماز نہ پڙهڻ | 258 |
| ماخذ و مراجع | 262 |

# تعارف مؤلف

## ﴿ابوالفرج عبدالرحمٰن بن علي الجوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی﴾

### نالو ۽ نسب:

امام، علامہ، حافظ، محدّث، مفسر، جمال الدين ابوالفرج عبدالرحمٰن بن علي بن محمد بن علي عبداللّٰه بن حمادي بن احمد بن محمد بن جعفر الجوزي القرشي التيمي البكري البغدادي الحنبلي ابن عبداللّٰه بن القاسم بن النضر بن القاسم ابن محمد بن عبداللّٰه بن الفقيہ عبدالرحمٰن بن القاسم بن محمد ابن سيدنا ابوبكر الصدّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہم

### ولادت:

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه 511 هجري ۾ پيدا ٿيا.

### تعليم:

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه 516 هجري ۾ حديث جي سماعت ڪئي، ان وقت سندن عمر تقريباً پنج سال هئي، پاڻ جڏهن ٽن سالن جا ٿيا تہ سندن والد جو انتقال ٿي ويو پوءِ سندن پرورش پڦي ڪئي. انهن حضرت ابوالفضل بن ناصر رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي خدمت ۾ موڪليو جن ڪان امام ابن جوزي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه گهڻو علم حاصل ڪيو.

علم حديث حضرت ابوالفضل بن ناصر رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه ڪان حاصل ڪيو ۽ علم قرآن ۽ علم ادب حضرت سبط الخياط ۽ ابن الجواليقي ڪان حاصل ڪيو. سندن ٻيا استاد اهي آهن: علي بن عبدالواحد الدينوري،

ابوالوقت سجزي، قاضي ابو يعلي الفراء ابوالحسن بن الزاغوني، ابن السبطي، احمد المتوكلي.

## سندن جا شاگرد:

سندن صاحبزاده محي الدين يوسف، سندن پوٽا ابوالمظفر، حافظ عبدالغني المقدسي، موفق الدين ابن قدامہ مقدسي حنبلي، ضياءُ الدين مقدسي رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی۔

## امام ابن جوزي عَلَيْهِ الرَّحْمَه آئمہ اسلام جي نظر ۾:

**امام ابن قدامہ حنبلي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْعَلِی فرمائن ٿا

امام ابن جوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی پنهنجي زماني ۾ واعظ ۽ خطابت جا امام هئا، مختلف علوم و فنون ۾ انهن بهترين ڪتاب لکيا. تدريس بہ ڪندا هئا ۽ حافظ الحديث هئا (**هڪ لک حديثون سند سان ياد ڪرڻ وارو حافظ الحديث هوندو آهي**)

**حافظ ابن ڪثير** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَدِيْر فرمائن ٿا:

مُحدّث ابن جوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جو شمار انهن عالمن ۾ ٿئي ٿو جن ڪيترائي علوم حاصل ڪيا ۽ بين ڪان ممتاز ٿي ويا ۽ فن خطابت ۾ اهڙو مقام حاصل ڪيو جو ان ڪان پهريان ڪو بہ انهن جي درجي تائين نہ پهتو ۽ نہ ئي بعد ۾ پهچندو.

**مورخ ابن خلڪان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا:

امام ابن جوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی پنهنجي زماني جا تمام وڏا عالم، حديث ۾ وقت جا امام ۽ زبردست واعظ هئا.

**حافظ الحديث امام ذهبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَلِی جي ڪلام جو خلاصو:**

امام، علامہ، حافظ، مفسر، فخر عراق، جمال الدين، واعظ، صاحب تصانيف، پاڻ وعظ ۾ نصيحت جا تاجدار هئا، في البديهہ بهترين شاعري ۾ اعليٰ درجي جي نثر جا مالڪ هئا، فصيح ۽ بليغ ڪلام ڪري حيران ڪري ڇڏيندا هئا، طويل گفتگو ڪري سگهندا هئا، ماهر فقيہ ۽ اجماع و اختلاف ڄاڻ وارا هئا، فهم و فراست ۾ حفظ و استحضار سان متصف هئا (امام ذهبي فرمائن ٿا) مان نٿو ڄاڻان تہ ان کان وڌيڪ ڪنهن ڪتاب لکيا هجن.

**وعظ جي ابتدا:**

ويهن سال جي عمر کان وعظ ڪرڻ شروع ڪيائون، سندن وعظ جي مجلس ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا، سندن مجلس ۾ وقت جا بادشاهہ، وزير ڪي خليفا ۽ وڏا وڏا امام شرڪت ڪندا هئا، پري پري تائين سندن خطابت ۽ وعظ جي شهرت هئي. سندن هٿن تي لکين ماڻهن توبہ ڪئي، هزارين ماڻهن اسلام قبول ڪيو.

**ڪتابن جو تعداد:**

امام ابو الفرج عبد الرحمٰن بن علي جوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی علم قرآن، علم حديث، علم فقہ، علم طب، جغرافيہ، تاريخ، تفسير، علم نجوم، حساب، لغت، نحو ۽ ٻين ڪئي علمن تي تعريف جوڳا ڪتاب لکيا، سندن تصانيف ڪئي جلدن تي بہ آهي ۽ هڪ هڪ جلد ۾ بہ ۽ مختصر

رسالن جي شڪل ۾ ٻه جن جو تعداد ٽي سؤ ٻڌايو وڃي ٿو . هڪ تحقيق جي مطابق امام ابن جوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جو روزانو چاليهه صفحا لکڻ جو معمول هوندو هو .

## وفات:

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه آخري عمر ۾ پنج ڏينهن بيمار رهيا ۽ جمع جي رات ١٣ رمضان المبارڪ سنه ٥٩٧ھ جو وصال فرمايائون. سندن جنازي ۾ تمام گهڻا ماڻهو شريڪ ٿيا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي جنازي نماز سندن فرزند ابو قاسم علي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی پڙهائي ۽ حضرت سيدنا امام احمد بن حنبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مقبري ۾ سندن ويجهو دفن ڪيو ويو. ماڻهن ڪئي راتيون لاڳيتو قبر اطهر تي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي .

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي۔**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماخوذ از: بستان الواعظين، ذم الهويٰ، عيون الحڪايات، سير اعلام النبلاء)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سخن اولين

سيئي تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي آهن جنهن پنهنجي ڪامل قدرت سان هن سڄي سنسار کي تمام سهڻي نموني پيدا فرمايو. موجودات کي بِنا ڪنهن سابقہ مثال جي پيدا ڪيو ۽ انهيءَ تخليق ۾ اُن جو ڪو شريڪ ناهي. ان مختلف قسمن جي لطيف ۽ قيمتي هيرن جواهرن کي جمع فرمايو تہ جيئن اُن جي وحدانيّت جو اقرار ڪيو وڃي ۽ انهن شين ذريعي ناهڻ واري جي وجود تي دليل قائم ڪري سگهجي. ان جي معرفت رکڻ واريون هستيون، توبھ ۽ تقويٰ جي اعليٰ مرتبن تي فائز آهن، جيڪڏهن اهي پنهنجي مطلوب تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪن تہ قهر ۽ رعب انهن کي خوف ۽ گهبراهٽ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو، جيڪڏهن اهي اُتان ڪان نڪرڻ جو ارادو ڪن تہ غيبي طاقتون انهن جو رستو روڪي ٿيون ڇڏين جنهن جي سبب انهن کي واپس موٽڻو پوي ٿو.

فَمِنْهُمْ كَاتِمٌ مَحَبَّتَهٗ، قَدْ كَفَّ شَكْوٰى لِسَانِهٖ وَقَطَعْ
وَ مِنْهُمْ بَائِحٌ يَقُوْلُ اِذَا لَامَ عَذُوْلٌ: ذَرِالْمَلَامَ وَدَعْ
اَلَيْسَ قَلْبِيْ مَحَلَّ مِحْنَتِهٖ وَكَيْفَ يَخْفٰى مَافِيْهِ وَهُوَ قَطَعْ
اَيْنَ الْمُحِبُّوْنَ وَالْمُحِبُّ لَهُمْ وَاَيْنَ مَنْ شَتَّتَ الْهَوٰى وَجَمَعْ
لَهُمْ عُيُوْنٌ تَبْكِيْ فَوَاعَجَبًا لِجَفْنِ صَبٍّ اِذَا هَمَا وَدَمَعْ!
قَدْ حَرَّمُوا النَّوْمَ وَالْمُتَيَّمُ لَا يَهْوٰى هُجُوْعًا اِذَا الْخَلِيُّ هَجَعْ
بِالْبَابِ يَبْكُوْنَ وَالْبُكَاءُ اِذَا كَانَ خَلِيًّا مِنَ النِّفَاقِ نَفَعْ
تَشْفَعُ فِيْهِمْ دُمُوْعُهُمْ وَاِذَا شَفَعَ دَمْعُ الْمُتَيِّمِيْنَ شَفَعْ

**ترجمو:** (1) انهن مان ڪو تہ اُهو آهي جنهن پنهنجي محبت کي لڪائي رکيو ۽ پنهنجي زبان کي شڪوي ۽ شڪايت کان روڪي خاموش رهيو.
(2) ۽ انهن مان ڪو بي مُرّوت آهي جيڪو عيب ڪڍڻ ۽ برو پلو چوڻ واري کي عار ڏيارڻ جي وقت چئي ڇڏيندو آهي تہ برو پلو نہ چئو.
(3) ڇا منهنجي دل ان جي لاءِ آزمائش جي جڳهہ ناهي، جيڪي ڪجهہ ان ۾ لڪيل آهي اهو سڀ ان کان ڪيئن لڪي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ اُها لڪيل ڳالهہ تہ منهنجي دل جو ئي حصو آهي.
(4) محبت وارا ۽ ان سان محبت ڪرڻ وارا ڪِٿي! ۽ جيڪو پنهنجي خواهشن کي وڌائيندو ۽ جمع ڪندو آهي اهو ڪِٿي!
(5) انهن جون اکيون تہ روئڻ واريون ئي آهن، عجب تہ ان اک تي آهي جو جڏهن تڪليف ۽ ڏک ۾ هجي تہ روئيندي ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي آهي.
(6) انهن (پاڻ تي) ننڊ کي حرام ڪري ڇڏيو انهيءَ لاءِ تہ سمهڻ وارو ننڊ جا جهوٽا کائڻ واري کي جاڳائي نٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ اهو پاڻ قيدِ غم کان آزاد آهي.
(7) اهي دروازي سان چنبڙي روئندا آهن ۽ روئڻ جڏهن نفاق کان خالي هجي تہ فائدو ڏيندو آهي.
(8) انهن جا ڳوڙها انهن جي لاءِ سفارش ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪنهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ولي جا لُڙڪ سفارش ڪندا آهن تہ سفارش قبول ٿي ويندي آهي.

اهي قهر جي خوف ۽ رحمت جي اُميد واري ڪيفيّت ۾ گُم رهندا آهن ۽ نا اُميدي ۽ حرص جي شراب واري نشي ۾ چُور رهندا آهن، انهن جي دلين جي آسمانِ عقيدت ۽ سعادت تان چنڊ ظاهر ٿيندو ۽ روشني ڦهلائيندو آهي ۽ انهن تي محبت جي **خلعتن** (يعني بخشش جي برسات ٿئي ٿي، هر **خلعت** ۾ ايمان جون ٻہ علامتون هونديون آهن، انهن ٻنهي سان آراستہ ٿيڻ وارو بلند مرتبو ماڻي وٺندو آهي، ساڃي علامت جي تحرير هي آهي:

سَبَقَتۡ لَهُمۡ مِّنَّا الۡحُسۡنٰٓى ۙ
(پ 17 الانبياء 101)

ترجمو ڪنزالايمان: جن جي واسطي اسان جو ڀلائي جو واعدو ٿي چڪو.

جڏهن تہ ڪاٻي علامت جي تحرير هي آهي:

لَا يَحۡزُنُهُمُ الۡفَزَعُ الۡاَكۡبَرُ
(پ 17 الانبياء 103)

ترجموڪنزالايمان: انهن کي غم ۾ نہ وجهندي اها سڀ کان وڏي گهٻراهٽ

پاڪ آهي اهو پروردگار عَزَّوَجَلَّ جيڪو گنهگار جي توبهہ قبول فرمائي ٿو ۽ جڏهن ڪو ان جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪري تہ هو ان کي معاف فرمائي ڇڏي ٿو. آئون گواهي ڏيان ٿو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، اهو هڪ آهي ان جو ڪوبہ شريڪ ناهي. منهنجي هيءَ گواهي ان شخص جي گواهي وانگر آهي جيڪو ان جي وحدانيّت جو اقرار ۽ ان جي ربوبيّت ۽ اُلوهيّت جو اعتراف ڪندي ان جي جلال ۽ جمال جي عظمت جي سبب ان جي سامهون جهڪي ويو ۽ آئون گواهي ڏيان ٿو تہ حضرت مُحمَّدِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن جن سنّتون جاري ڪيون ۽ فرض بيان فرمايا ۽ عيد، جمعي کي نافذ فرمايو. **الله** عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ۽ سندن آل و اصحاب عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان تي ان وقت تائين رحمتون نازل فرمائي جيستائين ٻاٽي جي وهڻ ۽ رُڪجڻ جو سلسلو رهي ۽ آسمان جي سطح تي چمڪندڙ تارا ظاهر ۽ اُپرندا رهن ۽ خوب سلام موڪلي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَّ ذَكِّرۡ فَاِنَّ الذِّكۡرٰى تَنۡفَعُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۵۵﴾
(پ 27 ذاريات 55)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سمجهاءِ جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو.

# ذکراللّٰه جي فضيلت

**پيارا اسلامي ڀائرو!**

حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ته الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائي ٿو: ”آئون پنهنجي ٻانهي جي گمان مطابق معاملو ڪندو آهيان، جڏهن هو مون کي ياد ڪندو آهي ته آئون اُن سان گڏ هوندو آهيان. پوءِ جيڪڏهن هو مون کي جماعت ۾ ياد ڪندو آهي ته آئون ان کي ان کان بهتر جماعت ۾ ياد ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون کي دل ۾ ياد ڪندو آهي ته آئون به ان کي اڪيلو ياد ڪندو آهيان، جيڪڏهن اهو هڪ گرانٺ منهنجي ويجهو ٿيندو آهي ته منهنجي رحمت هڪ هٿ ان جي ويجهو ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن هو هڪ هٿ منهنجي ويجهو ٿيندو آهي ته منهنجي رحمت ٻنهي ٻانهن جي ڦهلاءُ جي مطابق ان جي ويجهو ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن هو مون ڏانهن هلي ايندو آهي ته منهنجي رحمت ڊوڙندي ان ڏانهن ايندي آهي.“ (صحيح مسلم رقم 2675 ص 1439)

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي ته خاتم المُرسلين، رحمةٌ للّعٰلمين، انيس الغريبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي: ”توهان مان جيڪو شخص رات جي عبادت ڪرڻ کان عاجز هجي ۽ دشمن سان جهاد ڪرڻ ۾ ڪمزور هجي ۽ مال خرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوس هجي ته ان کي گهرجي ته الله تعاليٰ جو ذڪر ڪثرت سان ڪري.“ (شعب الايمان رقم 508 ج 1 ص 391)

حضرتِ سيدنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا ته اسان مسجدِ نبوي شريف ۾ وينا هئاسين ته نور جا پيڪر، تمام نبين جا سرور، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف وٺي آيا ۽

فرمايائون: ”الله تعاليٰ جا ڪجهه ملائڪ زمين تي گهمي ڦِري ذِڪر جي مجلسن ۾ ايندا آهن تنهن ڪري جڏهن توهان جنّت جا باغ ڏسو ته انهن مان ڪجهه گل چونڊي وٺندا ڪريو. صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنّت جا باغ ڪهڙا آهن؟ فرمايائون: ”ذڪر جون مجلسون، صبح ۽ شام الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رهو ۽ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي ويجهو پنهنجو مرتبو ڄاڻڻ چاهي ته اهو ڏسي ته اُن جي ويجهو الله عَزَّوَجَلَّ جو مرتبو ڇا آهي ڇاڪاڻ ته الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهي کي انهيءَ ئي مرتبي ۾ رکندو آهي جيتري الله تعاليٰ جي ياد کي ٻانهي پنهنجي دل ۾ جڳهه ڏني.“

(مجمع الزوائد رقم 16768 ج 10 ص 76 بتصرف)

حضرت سيدنا عبدالله بن بسر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا ته هڪ شخص نبيءِ مڪرّم، نورِ مجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسلام جا حڪم مون تي تمام گهڻا ٿي ويا آهن تنهن ڪري اوهان مون کي اهڙي شيءِ جو حڪم ڏيو جنهن کي آئون پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيان، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”تنهنجي زبان هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رهي.“ (سنن الترمذي، رقم 3386، ج5، ص 245 بتصرف)

ذکرو درود ہر گھڑی وردِ زباں رہے
میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”زمين جا حصا روزانو هڪٻئي سان مخاطب ٿي چوندا آهن: ”اي منهنجا پاڙي وارا! ڇا اڄ توتي ڪنهن الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪرڻ واري جو گذر ٿيو؟“

(المعجم الاوسط، رقم 562، ج 1 ،ص 171 بتصرف)

منهنجا اسلامي ڀائرو! جڏهن ملائڪ ذڪر جي مجلسن مان موٽندا آهن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ (انهن کي) فرمائيندو آهي: ”اي منهنجا فرشتؤ! توهان ڪيڏانهن ويا هئا؟“ جڏهن تہ هو خوب ڄاڻي ٿو، ملائڪ عرض ڪندا: ”اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! تون خوب ڄاڻين ٿو، اسان تنهنجي انهن ٻانهن وٽ هئاسين جيڪي تنهنجي پاڪائي بيان ڪري رهيا هئا تنهنجي ڪِبريائي بيان ڪري رهيا هئا، تنهنجي عظمت ۽ بزرگي بيان ڪري رهيا هئا، تو کان گهري رهيا هئا، تنهنجي بارگاهہ ۾ استغفار ڪري رهيا هئا ۽ تنهنجي پناهہ گهري رهيا هئا تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پڇا ڪندو: ”اي منهنجا فرشتؤ! انهن ڪهڙي شيءِ طلب ڪئي ٿي ۽ ڪهڙي شيءِ کان پناهہ گهري رهيا هئا؟ فرشتا عرض ڪندا آهن: اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ! تون خوب ڄاڻڻ وارو آهين، اهي جنّت طلب ڪري رهيا هئا ۽ دوزخ کان پناهہ گهري رهيا هئا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: ”اي فرشتؤ! گواهہ ٿي وڃو تہ مون انهن جي طلب انهن کي عطا فرمائي ڇڏي ۽ جنهن شيء کان اهي خوفزده هئا ان کان انهن کي امان عطا فرمائي ڇڏي ۽ پنهنجي رحمت سان انهن کي جنّت ۾ داخل فرمائيندس.“ (صحيح البخاري، الحديث 6408 ج 4 ص 220 بتصرف)

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ اللّٰه تعاليٰ جو ارشاد آهي: ”اي منهنجا ٻانها! تون هڪ گهڙي صبح ۽ هڪ گهڙي شام منهنجو ذڪر ڪر، آئون انهن ٻنهي جي وچ ۾ توکي ڪفايت ڪندس.“ (اتحاف السادة المتقين ج 5، ص 193)

ڪن آسماني ڪتابن ۾ آهي تہ اللّٰه تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو: ”اي ابنِ آدم! تون ڪيترو مجبور آهين! مون کان سوال ڪرين ٿو تہ آئون منع ڪري ڇڏيان ٿو ڇاڪاڻ تہ جيڪو تنهنجي حق ۾ بهتر آهي

آئون ان کي ڄاڻان ٿو، پوءِ تون منهنجي بارگاهہ ۾ ٻاڏائي سوال ڪرين ٿو تہ آئون توتي پنهنجي رحمت ۽ ڪرم سان مهرباني فرمايان ٿو ۽ توکي تنهنجو سوال عطا فرمايان ٿو، پوءِ تون منهنجي عطا ڪيل شيءِ جي ذريعي منهنجي نافرماني تي مدد گهرين ٿو تہ آئون توکي ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيان ٿو، آئون تنهنجي ڪيتري قدر بهتري چاهيان ٿو ۽ تون منهنجون ڪيڏيون نافرمانيون ڪرين ٿو، عنقريب جو آئون تو سان اهڙو ناراض ٿي وڃان جو ان ڪانپوءِ ڪڏهن راضي نہ ٿيان. ڪن آسماني ڪتابن ۾ اهو بہ آهي تہ **الله** تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو: اي منهنجا ٻانها! تون ڪيستائين منهنجي نافرماني ڪندو رهندين باوجود ان جي جو مون توکي پنهنجو رزق ڪارايو ۽ توتي احسان ڪيو، ڇا مون توکي پنهنجي دستِ قدرت سان پيدا ناهي فرمايو؟ ڇا تو ۾ مون روح ناهي وڌو؟ ڇا تون نٿو ڄاڻين تہ آئون پنهنجي اطاعت ڪرڻ وارن سان ڪهڙو معاملو فرمائيندو آهيان ۽ پنهنجي نافرماني ڪرڻ وارن جي ڪهڙي پڪڙ فرمائيندو آهيان؟ ڇا توکي حياءُ نٿو اچي تہ مصيبتن ۾ مون کي ياد ڪرين ٿو پر خوش حالي ۾ وساري ڇڏين ٿو. نفس جي خواهشن تنهنجي اکين کي بند ڪري ڇڏيو آهي، تون ڪيستائين سُستي ڪندين؟ جيڪڏهن تون پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪندين تہ توکي پنهنجي امان عطا فرمائيندس، اهڙي گهر کي ڇڏي ڏي جنهن جي صفائي (حقيقت ۾) ميري آهي ۽ ان جون اميدون ڪوڙيون آهن. تو منهنجي قُرب کي حقير ماڻهن جي هٿن ۾ وڪڻي ڇڏيو جڏهن تہ منهنجو ڪو شريڪ ناهي، تو وٽ ان وقت ڪهڙو جواب هوندو جڏهن تنهنجا عضوا تنهنجي خلاف گواهي ڏيندا جنهن کي تون ٻڌندين ۽ ڏسندين.“

يَوۡمَ تَجِدُ كُلُّ نَفۡسٍ مَّا عَمِلَتۡ مِنۡ خَيۡرٍ مُّحۡضَرًا ۚ (پ 3 آل عمران 30)

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن هر ساهہ جيڪي چڱو ڪم ڪيو موجود (حاضر) ڏسندو.

## ڪجهہ شعر

تَعۡصِى الۡاِلٰهَ وَاَنۡتَ تَزۡعَمُ حُبَّهٗ — هٰذَا مَحَالٌ فِى الۡقِيَاسِ بَدِيۡعُ
لَوۡكَانَ حُبُّكَ صَادِقًا لَاَطَعۡتَهٗ — اِنَّ الۡمُحِبَّ لِمَنۡ يُّحِبُّ مُطِيۡعُ

ترجمو: (1) تون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪرڻ جي باوجود ان جي محبت جي دعويٰ ڪرين ٿو، اها عجيب ۽ نرالي ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.

(2) جيڪڏهن تنهنجي محبت ۾ سچائي هجي ها تہ تون ضرور ان جي اطاعت ڪرين ها ڇاڪاڻ تہ محبت ڪرڻ وارو تہ پنهنجي محبوب جي ڳالهہ مڃيندو آهي.

## سڪرات واري جي توبهہ

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار فرمائن ٿا تہ آئون پنهنجي هڪ پاڙي واري وٽ ويس، هو موت جي سختين ۾ مبتلا هو، ڪيڏي مهل ان تي غشي طاري ٿئي پئي تہ ڪيڏي مهل تڪليف ۾ گهٽتائي، سندس سيني مان گرم ساهہ نڪري رهيا هئا، هو پنهنجي دنيا ۾ مست رهندو هو ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ غفلت ڪندو هو. مون ان کي مشورو ڏنو: "اي منهنجا ياءُ! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪر ۽ غفلت کان پنهنجو دامن ڇڏاءِ، شايد **الله** عَزَّوَجَلَّ تنهنجي تڪليف ۾ گهٽتائي فرمائي، توکي شفا عطا فرمائي ۽ پنهنجي ڪرم سان تنهنجا گناهہ معاف فرمائي ڇڏي. هُو چوڻ لڳو: هاءِ افسوس! موت ويجهو آهي ۽ جلد ئي آئون مرڻ وارو آهيان، افسوس آهي ان زندگي تي جنهن کي مون فضول ڪمن ۾ ضايع ڪري ڇڏيو، آئون پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪريان ٿو. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار فرمائن ٿا: "انهيءَ ئي وقت مون ان جي

گهر جي هڪ ڪُنڊ مان غيبي آواز ٻُڌو: ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو تہ اسان توکي ڪيترائي دفعا امان ڏني پر توکي تمام وڏو ڌوکي باز ڏٺو.

اسان بُري خاتمي کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناه چاهيون ٿا ۽ ان جي بارگاه ۾ پنهنجي گذريل گناهن جي بخشش جو سوال ڪريون ٿا.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**منهنجا اسلامي ڀاءُ!**

پنهنجي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ (جي رضا جي حصول) کي پنهنجي توجهہ جو مرڪز بڻائي وٺ، غفلت ۽ نفس جي خواهشن کان رُڪجي وڃ، پنهنجي باقي زندگي لڳاتار اطاعت ۾ گذار ۽ دنياوي خواهشن کان بچڻ تي صبر ڪر، اي شريعت جي حڪمن جا پابند انسان! نافرمانين ۽ گناهن کان پري پڃ چاڪاڻ تہ دنيا ۾ اطاعت تي صبر ڪرڻ دوزخ جي باه تي صبر ڪرڻ کان وڌيڪ آسان آهي.

## ڪجهہ شعر

أ مَوْلَایَ اِنّی عَبۡدٌ ضَعِیۡفٌ          اَتَیۡتُکَ اَرۡغَبُ فِیۡمَا لَدَیۡکَ
اَتَیۡتُکَ اَشۡکُوۡ مُصَابَ الذُّنُوۡبِ          وَهَلۡ یُشۡتَکٰی الضُّرُّ اِلَّا اِلَیۡکَ
فَمُنَّ بِعَفۡوِکَ یَاسَیِّدِیۡ          فَلَیۡسَ اِعۡتِمَادِیۡ اِلَّا عَلَیۡکَ

**ترجمو:** (1) اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! آئون ڪمزور ۽ هيڻو ٻانهو آهيان، تنهنجي بارگاه ۾ تنهنجي انعامن ۽ بخشش جي اميد کڻي حاضر آهيان.

(2) تنهنجي بارگاه ۾ گناهن جي مرض جي فرياد کڻي حاضر ٿيو آهيان ۽ مرض جي فرياد تنهنجي ئي بارگاه ۾ ڪئي ويندي آهي.

(3) اي منهنجا مولىٰ عَزَّوَجَلَّ! عفو و درگذر فرمائي مون تي احسان ڪر ڇوتہ منهنجو ڀروسو توتي ئي آهي.

گنہ رضا کا حساب کیا وہ اگرچہ لاکھ سے ہیں سوا          مگر اے عفو تیرے عفو کا نہ حساب ہے نہ شمار ہے

# قابلِ رشڪ موت

اولياءِ ڪاملين رَحِمَهُمُ اللهُ تعالي مان جڏهن هڪ بزرگ جي موت جو وقت ويجهو آيو تہ انهن پنهنجي پٽ کي فرمايو: اي منهنجا پٽ! منهنجي وصيّت غور سان ٻُڌ ۽ ان تي ضرور عمل ڪجان. ان عرض ڪيو: حڪم بابا سائين! فرمايائون: ”پٽ! منهنجي ڳچيءَ ۾ هڪ رسي وجهي مون کي محراب ڏانهن گِهلي، منهنجي چهري کي مٽي هاڻو ڪري ڇڏجان ۽ اهو چوندو وڃجان تہ هي اُن شخص جو انجام آهي جنهن پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪئي ۽ پنهنجي نفس جي خواهشن کي برتري ڏني ۽ پنهنجي مالڪ جي اطاعت کان غافل رهيو.

جڏهن انهن جي انهيءَ خواهش کي پورو ڪيو ويو تہ انهن پنهنجي نگاهہ آسمان ڏانهن کنئي ۽ عرض ڪيائون:

”اي منهنجا معبود! اي منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضري جو وقت اچي ويو آهي، مون وٽ اهڙو ڪو عذر ناهي جنهن کي تنهنجي بارگاهہ ۾ پيش ڪري سگهان، پر اي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ! آئون گنهگار آهيان ۽ تون بخشڻ وارو آهين، آئون ڏوهي آهيان ۽ تون رحم فرمائڻ وارو آهين، آئون تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ تون منهنجو آقا آهين، منهنجي عاجزي ۽ ذلت تي رحم فرماءِ، چاڪاڻ تہ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوّت تون ئي عطا فرمائيندو آهين.

اهو چوڻ کانپوءِ ان بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو. انهيءَ لمحي گهر جي هڪ ڪنڊ مان آواز ٻُڌڻ ۾ آيو: جنهن کي گهر ۾ موجود سيني ماڻهن ٻُڌو، منادي چئي رهيو هو: ”هِن ٻانهي پنهنجي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ جي سامهون پاڻ کي ذليل ۽ رسوا ڪيو ۽ ان جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪيو تہ

ربّ عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو قُرب عطا فرمائي پنهنجو مُقرّب بڻائي ورتو ۽ جنّت کي هِن جو نڪاڻو بڻائي ڇڏيو.“ **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### ڪجهہ شعر

اِلٰهِی اِنۡ کُنۡتُ الۡغَرِیۡقَ وَعَاصِیًا فَعَفۡوُکَ یَا ذَا الۡجُوۡدِ وَ السَّعَةِ الرَّحۡبُ
بِشِدَّةِ فَقۡرِیۡ، بِاِضۡطِرَارِیۡ بِحَاجَتِیۡ اِلَیۡکَ اِلٰهِیۡ حِیۡنَ یَشۡتَدُّ بِیَ الۡکُرَبُ
بِمَا بِیۡ مِنۡ ضُعۡفٍ وَعِجۡزٍ وَ فَاقَةٍ بِمَا ضَمَّنَتۡ مِنۡ وُسۡعِ رَحۡمَتِکَ الۡکُتُبُ
صَلَاةٌ وَ تَسۡلِیۡمٌ وَ رَوۡحٌ وَ رَاحَةٌ عَلَی الصَّادِقِ الۡمَصۡدُوۡقِ مَاانۡفَلَقَ الۡحَبُّ
اَبِیۡ الۡقَاسِمِ الۡمَاحِیۡ الۡاَبَاطِیۡلِ کُلِّهَا وَ اَصۡحَابِهٖ الۡاَخۡیَارِ سَادَاتِنَا النُّجُبُ

**ترجمو:** (1) اي منهنجا معبود عَزَّوَجَلَّ! باوجود ان جي جو آئون گناهن (جي سمنڊ) ۾ غرق ۽ گنهگار آهيان، پر اي سخاوت و ڪرم ۽ وسيع رحمت وارا! تنهنجي بخشش ان ڪان تمام وڏيڪ ڪشادي آهي.

(2) الٰهي عَزَّوَجَلَّ! جڏهن منهنجون تڪليفون شديد ٿي وينديون آهن تہ آئون پنهنجي بيقراري، محتاجي ۽ حاجتن جي شدت ۾ تنهنجي ئي بارگاھ ۾ حاضر ٿيندو آهيان.

(3) پنهنجي ڪمزور، لاچار، مفلسي ۽ تنگي ۾ مبتلا هئڻ جي سبب، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي وسيع رحمت جي بيان ۾ ڪتاب ڀريا پيا آهن.

(4) درود و سلام ۽ راحت و سڪون هجي جناب صادق و مصدوق (يعني سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي، جيستائين داڻا ڦُٽندا رهن.

(5) (درود و سلام هجي) ابوالقاسم (يعني نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي) جيڪي تمام غلط ۽ بُرن ڪمن کي مٽائڻ وارا آهن ۽ سندن نيڪ اصحابن تي جيڪي اسان جا سردار ۽ قول و عمل ۾ برگزيده آهن.

**منهنجا اسلامي ڀائرو!**

توبهہ جي اها قبوليّت، نفس جي خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارن کي پڪاري ڪري چئي رهي آهي تہ توبهہ ڪرڻ وارو نوجوان الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب آهي ۽ اڏڙوت عمر ۾ گناھ ڪرڻ وارن کي جنجهوڙي رهي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي توبهہ قبول فرمائيندو ۽

شرمندگي جو اظهار ڪرڻ وارن پوڙهن ڪي آواز ڏئي رهي آهي تہ اللّٰه تعاليٰ پنهنجي محبّت ۾ جهور دلين جي ويجهو آهي.

## نور جو ڏيئو

منقول آهي تہ جڏهن ٻانهو اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ ڪامل توبہ ڪندو آهي ۽ رات ۾ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان دعائون ڪندو آهي تہ ملائڪ نور جو هڪ ڏيئو روشن ڪري زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٽنگي ڇڏيندا آهن. ٻيا ملائڪ پڇندا آهن: ”هي ڇا آهي؟“ تہ انهن کي چيو ويندو آهي تہ فلان بن فلان اڄ رات پنهنجي ربّعَزَّوَجَلَّ سان راضي ٿي گذاري آهي.

## جسماني عضون جي گفتگو

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”جڏهن ٻانهو رات ۾ عبادت جي لاءِ ٻيهندو آهي تہ ان جا عضوا خوش ٿي هڪٻئي کي پُڪاريندا آهن تہ اسان جو رفيق اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ اُٿي بيٺو آهي.“

## رحمتن جي برسات

حضرتِ سيدنا احمد بن ابوالحواري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ آئون حضرت سيدنا ابو سليمان داراني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ ويس تہ انهن کي روئيندي ڏٺو. مون انهن کان پڇيو: ”ڪهڙي شيءِ اوهان کي روئاريو؟“ چوڻ لڳا: جڏهن رات جي اونداهي پنهنجي چادر وِڇائي ڇڏيندي آهي تہ محبت وارا قيام (يعني نماز) ۾ بيهي رهندا آهن. انهن جا ڳوڙها رڪوع ۽ سجدي جي حالت ۾ انهن جي ڳِلَن تي وهندا رهندا آهن، پوءِ جڏهن اللّٰه جَلَّ جَلَالُه انهن تي نگاھِ ڪرم ڪندو آهي تہ فرمائيندو آهي: ”اي جبرائيل (عَلَيهِ السَّلام)! منهنجي سامهون اهو بيٺو

آهي جنهن منهنجي ڪلام مان لذّت حاصل ڪئي ۽ مون کان دعائن جي راحت حاصل ڪئي، بيشڪ آئون ان کان باخبر آهيان ۽ ان جي ڪلام کي ٻُڌي رهيو آهيان ۽ ان جي روئڻ ۽ آھ و زاري کي ڏسي رهيو آهيان، اي جبرائيل! ان کي چئو: ”جيڪو آئون اهو تنهنجو ڏک ڏسي رهيو آهيان اهو ڇا آهي؟ ڇا توکي ڪنهن خبر ڏني آهي ته ڪو دوست پنهنجي دوستن کي باھ جو عذاب ڏيندو آهي يا ڇا آئون پسند ڪندس ته آئون ڪنهن قوم کي رات گذارڻ جي لاءِ نڪاڻو ڏيان پوءِ انهن کي ننڊ جي حالت ۾ دوزخ ۾ وجهڻ جو حڪم ڏيان. اهو ڪم ته ڪنهن بدڪار ٻانهي کي به نٿو جڳائي ته پوءِ ڪريم بادشاھ عَزَّوَجَلَّ جي لائق ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون کي پنهنجي عزّت جو قسم! ته آئون انهن کي ضرور هڪ تحفو عطا فرمائيندس، اهو ان طرح جو آئون انهن تي نظرِ رحمت فرمائيندس ۽ اهي منهنجو ديدار ڪندا.“

حضرتِ سيدنا ابوسليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون ڪن آسماني ڪتابن ۾ پڙهيو ته الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: اهي ماڻهو منهنجي سامهون آهن جيڪي منهنجي لاءِ تڪليفون برداشت ڪيون ۽ منهنجي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ غمگين ٿيا، ته انهن ٻانهن جو ڇا حال هوندو جيڪي منهنجي رحمت جي پناھ ۾ اچي ويا ۽ منهنجي جنّت جي باغن جا رهواسي ٿيا. پنهنجي عملن ۾ مصروف ٿيڻ وارا پنهنجي مقرّب محبوب جي ديدار جي خوشخبري ٻُڌي ونن ڇا توهين اهو سمجهو ٿا ته آئون انهن جي عملن کي ضايع ڪري ڇڏيندس؟ آئون اهو ڪيئن ٿو ڪري سگهان حالانڪ آئون دوستن تي سخاوت ۽ ڪرم ڪندو آهيان ۽ گنهگارن جي توبه قبول فرمائيندو آهيان ۽ آئون انهن تي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارو آهيان. (حلية الاولياء 13841 ج 9 ص 268)

# توبھ جا فضائل ۽ ان جون برڪتون

اي دنيا جي محبّت ۾ گرفتار ٿيڻ وارا! اي نفس جي خواهشن جا غلام! اي خطائن ۾ مصروف رهڻ وارا! ياد ڪر تہ تو اڳتي چا موڪليو آهي ۽ پنهنجي آقا و مولىٰ عَزَّوَجَلَّ کان ان ڳالھ تي ڊڄندو رھ تہ هو تنهنجي باطني خطائن ۽ زيادتين کان باخبر آهي، متان ائين نہ ٿئي جو ڪٿي هو توکي رحمت جي دروازي ۾ داخلي کان روڪي ڇڏي ۽ توکي پنهنجي بارگاھ مان ڌِڪاري ڇڏي ۽ پنهنجي محبوب ٻانهن جي ساٿ کان محروم ڪري ڇڏي پوءِ تون رسوائي جي کڏ ۾ وڃين ڪِرين ۽ خساري جي رسي ۾ ٻڌجي وڃين پوءِ جڏهن تون پنهنجي گمراهي ۽ بغاوت کان ڇوٽڪارو چاهين تہ توکي غيب کان ائين نِدا ڏني وڃي:

اِلَيکَ عَنّا فَمَا تَحظٰى بِنَجوَانَا ... يَا غَادِرًا قَدْ لَهَا عَنَّا وَ قَدْ خَانَا

اَعرَضْتَّ عَنَّا وَلَمْ تَعمَل بِطَاعَتِنَا ... وَجِئْتَ تَبْغِى الرِّضَا وَالْوَصلُ قَدْ بَانَا

بِاَيِّ وَجْهٍ نَرَاکَ الْيَومَ تَقْصِدُنَا ... وَطَالَ مَا كُنْتَ فِى الْاَيَّامِ تَنْسَانَا

يَانَاقِضَ الْعَهْدِ مَافِى وَصلِنَا طَمَعٌ ... اِلَّا لِمُجْتَهِدٍ بِالْجِدِّ قَدْ دَانَا

**ترجمو:** اسان کان پري ٿي وڃ، اسان جي دوستي مان تو کو فائدو نہ ورتو، اي ڌوڪيباز! تو اسان سان مذاق ۽ خيانت ڪئي.

(2) تو اسان کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ اسان جي اطاعت بہ نہ ڪئي ان جي باوجود بہ تون اسان جي رضا جي تلاش ۾ آهين، هاڻي ملاقات جو وقت ناهي رهيو.

(3) اسان چا جي لاءِ تنهنجي رعايت ڪريون جو تون اڄ اسان جي طرف وڌين ٿو جڏهن تہ وڏي عرصي تائين تو اسان کي وساري ڇڏيو.

(4) اي واعدو ٽوڙڻ وارا! اسان جي ملاقات جي خواهش نہ رک اها تہ عبادت جي ڪوشش ڪرڻ واري جي لاءِ آهي ۽ اهو ڪوشش ڪري اسان جو قرب حاصل ڪري چڪو آهي.

اي باقي رهڻ وارين نعمتن کي فاني آسائشن جي بدلي وڪڻي ڇڏڻ وارا! ڇا توکي ان جو نقصان ناهي معلوم؟ ملاقات جا ڏينهن ڪيترا نہ سنا آهن ۽ جدائي جا ڏينهن ڪيترا نہ سخت، قوم جي زندگي ان وقت تائين سني ناهي ٿيندي جيستائين هو (راهِ خدا ۾ سفر جي لاءِ) پنهنجو وطن نہ ڇڏي ڏي ۽ راتيون قرآن جي تلاوت ۾ نہ گذاري، انهيءَ ئي لاءِ نيڪ ماڻهو پنهنجون راتيون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سجدو ۽ قيام ڪندي گذاريندا آهن.

## جنّت جي حورن جو ڪلام

حضرتِ سيِّدنا عبدالعزيز بن سلمان عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ المَنَّان فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيدنا مطهر رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه (جيڪي ست سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ آھ و زاري ڪندا رهيا) جن مون کي فرمايو: مون ڏٺو تہ هڪ مشڪ جي خوشبودار ندي جي ڪناري تي آهيان جنهن جي ڪناري تي موتين جا وڻ آهن ۽ ان جي مٽي عنبر جي آهي ۽ ان ۾ سون جون ننڍيون ٽڪريون آهن. اوچتوئي منهنجي نظر ڪن ڇوڪرين تي پئي جيڪي هڪ زبان ٿي (يعني آواز ملائي) اهو چئي رهيون هيون:

”پاڪ آهي اها ذات، پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هر زبان ۾ تسبيح ڪئي ويندي آهي، اها ذات پاڪ آهي، پاڪ آهي، موجود آهي، پاڪ آهي اها ذات جيڪا دائمي آهي، اها پاڪ آهي. اسان الله تعالىٰ جي مخلوق مان هڪ مخلوق آهيون، اسين هميشہ رهنديون سين ڪڏهن نہ مرنديون سين، اسين (جنّتي گهر وارن کان) راضي رهڻ واريون آهيون (انهن سان ڪڏهن) ناراض نہ ٿينديون سين، اسين تروتازا رهڻ واريون آهيون، اسان کي ڪڏهن بہ زوال نہ ايندو.“

حضرتِ سيدنا مطهر رَحمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مون انهن کي چيو

توهين ڪير آهيو؟ چوڻ لڳيون: اسين الله عَزَّوَجَلَّ جي مخلوق مان هڪ مخلوق آهيون. مون چيو: توهين ڇا ڪري رهيون آهيو؟ ته انهن هڪ زبان تي خوبصورت جواب ڏنو:

ذَرَانَا اِلٰهُ النَّاسِ رَبُّ مُحَمَّدٍ ... لِقَوْمٍ عَلَى الْاَطْرَافِ بِاللَّيْلِ قُوَّمُ

يُنَاجُوْنَ رَبَّ الْعَالَمِيْنَ اِلٰهُهُمْ ... وَتَسْرِيْ هُمُوْمُ الْقَوْمِ وَالنَّاسُ نُوَّمُ

**ترجمو:** (1) اسان کي ماڻهن جي معبود، ربِّ محمد عَزَّوَجَلَّ اهڙن ٻانهن جي لاءِ پيدا فرمايو آهي جيڪي رات جي حصن ۾ ان جي لاءِ قيام (يعني عبادت) ڪندا آهن.
(2) ۽ اهي جيڪي پنهنجي معبود، تمام جهانن جي پالڻهار کان دعائون ڪندا آهن ۽ انهن جون حاجتون پوريون ٿينديون آهن جڏهن ته غافل ماڻهو سُتا ئي پيا هوندا آهن.

حضرتِ سيدنا مطهر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن اهو ٻُڌي چيو: سنو ڏاڍو سنو! اهي ماڻهو ڪير آهن جن جي اکين کي الله عَزَّوَجَلَّ ٺڌو ڪيو آهي؟ اهي چوڻ لڳيون: "ڇا اوهان انهن کي نٿا سڃاڻو؟" مون چيو: خدا جو قسم! نٿو سڃاڻان، ته انهن چوڪرين ٻڌايو ته هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي رات عبادت ۽ قرآن جي تلاوت ۾ گذاريندا آهن.

## توبهه جو انعام

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن ٻانهو گناهه ڪندو آهي پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ توبهه ڪندو آهي ۽ انهيءَ تي قائم رهندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هر نيڪ عمل قبول فرمائيندو آهي ۽ ان کان ٿيڻ وارو هر گناهه بخشي ڇڏيندو آهي ۽ (معاف ٿيڻ واري) هر گناهه جي بدلي جنت ۾ ان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر نيڪي جي بدلي ان کي جنت ۾ هڪ محل عطا فرمائيندو آهي ۽ حورن مان هڪ حور سان ان جو نڪاح فرمائي ڇڏيندو آهي. (حلية الاولياء الحديث 14323 ج 10 ص 14)

# محبتِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو طريقو

شهنشاهِ نبوّت، مَخزنِ جود و سخاوت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا داوٗدعَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي موڪلي: ”اي داوٗد (عَلَيْهِ السَّلَام)! گنهگارن کي خوشخبري ڏي ۽ صديقن کي ڊيڄار، انهيءَ تي حضرت سيدنا داوٗد (عَلَيْهِ السَّلَام) کي تعجب ٿيو، انهن عرض ڪيو: ”يارب عَزَّوَجَلَّ آئون گنهگارن کي ڪهڙي خوشخبري ڏيان ۽ صدّيقن کي ڪيئن ڊيڄاريان؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”اي داوٗد (عَلَيْهِ السَّلَام) گنهگارن کي اها خوشخبري ڏي ته ڪو گناهه منهنجي بخشش کان وڏو ناهي ۽ صدّيقن کي ان ڳالهه کان ڊيڄار ته اهي پنهنجي نيڪ عملن تي خوش نه ٿين جو مون جنهن کان به پنهنجي نعمتن جو حساب ورتو ته اهو تباهه و برباد ٿي ويندو، اي داوٗد (عَلَيْهِ السَّلَام)! جيڪڏهن تون مون سان محبّت ڪرڻ چاهين ٿو ته دنيا جي محبت کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ ڇاڪاڻ ته منهنجي ۽ دنيا جي محبت هڪڙي دل ۾ جمع نٿيون ٿي سگهن، اي داوٗد (عَلَيْهِ السَّلَام)! جيڪو مون سان محبت ڪندو آهي، اهو رات جو منهنجي بارگاهه ۾ تهجُّد ادا ڪندو آهي جڏهن ته ماڻهو سُتا پيا هوندا آهن، اهو اڪيلائي ۾ مون کي ياد ڪندو آهي جڏهن غافل ماڻهو منهنجي ذڪر کان غفلت ۾ پيا هوندا آهن، اهو منهنجي نعمت تي شڪر ادا ڪندو آهي جڏهن ته وسارڻ وارا مون کان غفلت اختيار ڪندا آهن. (حلية الاولياء رقم 11906، ج 8، ص 211)

(الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

### ڪجهه شعر

طُوْبٰى لِمَنْ سَهِرَتْ بِاللَّيْلِ عَيْنَاهُ ... وَبَاتَ فِيْ قَلَقٍ مِنْ حُبِّ مَوْلَاهُ
وَقَامَ يَرْعٰى نُجُوْمَ اللَّيْلِ مُنْفَرِدًا ... شَوْقًا اِلَيْهِ وَ عَيْنُ اللهِ تَرْعَاهُ

**ترجمو:** (1) خوشخبري آهي ان جي لاءِ جنھن جون اکيون رات جو جاڳنديون ھجن ۽ ھُو پنھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۾ بيقرار رات گذاريندو ھجي.
(2) ۽ ھُو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ملاقات جو شوق کڻي تارن جي لِکڻ جو انتظار کندي اکيلائي ۾ قيام کندو آھي ۽ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي نگاھِ رحمت ان ڏانھن متوجھ رھندي آھي.

## جھڙي ڪرڻي، تھڙي ڀرڻي

رحمتِ عالم، نور مجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آھي: ”نيڪي پُراڻي ناھي ٿيندي ۽ گناھ وساريو ناھي ويندو، جزاء ڏيڻ وارو (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ) ڪڏھن فنا ڪونہ ٿيندو، تنھن ڪري جيڪو وڻي سو ڪر، تہ جھڙو ڪندين تھڙو ڀريندين.“

(المصنف للامام عبدالرزاق رقم 20430 ج 10 ص 189)

اي اسلامي ڀاءُ! ڇا توکي معلوم آھي تو ڇا ڪري ڇڏيو آھي؟ تو قُربت کي دوري جي عيوض، عقل کي خواھشن جي عيوض ۽ دين کي دنيا جي عيوض وڪڻي ڇڏيو آھي.

### ڪجھھ شعر

قُمْ فَارِثِ نَفْسَكَ وَابْكِهَا مَادُمْتَ وَابْكِ عَلٰى مَهَلْ
فَاِذَا اتَّقَى اللهَ الْفَتٰى فِيْمَا يُرِيْدُ فَقَدْ كَمَلْ

**ترجمو:** (1) اُٿ (يعني تيار ٿي وڃ) ۽ پنھنجي نفس تي افسوس ڪر ۽ جيستائين تون زنده رھين ان تي روئيندو رھ ۽ پنھنجي راحت ۽ آرام تي ڳوڙھا ڳاڙ.
(2) جو ڏھن ڪو نوجوان پنھنجي نفس جي خواھشن جي باري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو آھي تہ اھو (ايمان ۾) ڪامل ٿي ويندو آھي.

## نيڪين جي توفيق ملڻ

حضرت سيدنا جابر بن عبداللّٰه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ محبوبِ ربّ العزت، محسنِ انسانيّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مغفرت نشان آھي: ”جڏھن اللّٰهعَزَّوَجَلَّ ڪنھن ٻانھي جي مغفرت فرمائڻ

چاهيندو آهي تہ ان کي گناهہ کان روکي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کنهن ٻانهي جو عمل قبول ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ان کي نيڪ عمل ڏانهن متوجھہ ڪري ڇڏيندو آهي.“

## توبهہ جا ٽي انعام

حضرتِ سيدنا عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آهي سيّدالمُبلغين، رحمةٌ لّلعٰلمين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي: توبهہ ڪرڻ وارا جڏهن پنهنجي قبرن مان اُٿندا تہ انهن جي اڳيان مُشڪ جي خوشبو ڦهلجندي، اهي جنّت جي دسترخوان تي اچي ان مان ڪائيندا ۽ اهي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا جڏهن تہ ٻيا ماڻهو حساب جي سختي ۾ مبتلا هوندا.

## خوفِ خدا ۾ وهڻ وارا لُڙڪ

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! آئون ڪهڙي شيء جي ذريعي جهنّم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهان ٿو؟ فرمايائون: ”پنهنجي اکين جي لُڙڪَن سان“ عرض ڪيائين: آئون پنهنجي اکين جي لُڙڪَن جي ذريعي جهنّم کان ڇوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪندس؟ فرمايائون: ٻنهي اکين جي لُڙڪَن کي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي خوف ۾ وهائي، ڇو تہ جيڪا اک اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي خوف سبب روئندي، ان کي جهنم جو عذاب نہ ٿيندو. (الترغيب و الترهيب الحديث ٩ ج 4 ص 98)

يارب ميں تيرے خوف سے روتا رہوں ہر دم
ديوانہ شہنشاہِ مدينہ کا بنا دے (ارمغانِ مدينہ)

## فرشتي جون صدائون

حضرت سيدنا ابنِ مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ خاتم

المُرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان مؤمن جي اک مان نڪرڻ وارو قطرو ان جي لاءِ دنيا ۽ ان جي هر شيءِ کان بهتر آهي ۽ هڪ سال جي عبادت کان بهتر آهي ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ قدرت ۾ هڪ گهڙي غور و فڪر ڪرڻ سٺ ڏينهن جي روزن ۽ سٺ ڏينهن جي راتين جي عبادت کان بهتر آهي، ٻڌي ونو تہ بيشڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو هڪ فرشتو هر ڏينهن ۽ رات ۾ ندا ڪندو آهي تہ چاليهہ سالن جي عمر وارؤ! فصل ڪٽڻ جو وقت اچي ويو، اي پنجاهہ سال وارؤ! حساب جي تياري ڪري ونو، اي سٺ سال وارؤ! توهان اڳيان ڇا موڪليو ۽ پُٺيان ڇا ڇڏيو آهي؟ اي ستر سال وارؤ! توهان کي ڪهڙي شيءِ جو انتظار آهي؟ ڪاش جو مخلوق پيدا نہ ٿئي ها ۽ جيڪڏهن پيدا ٿي وئي تہ پنهنجي زندگي جو مقصد ڄاڻي وٺي ها پوءِ ان جي مطابق عمل ڪري ها، خبردار! قيامت توهان جي ويجهو اچي وئي، هوشيار ٿي وڃو. (حلية الاولياء رقم : 11748، ج 8، ص 167 بتغير)

نَزِّهْ مَشِيْبَکَ عَنْ شَيْئٍ يُدَنِّسُهُ ۝ اِنَّ الْبَيَاضَ قَلِيْلُ الْحَمْلِ لِلدَّنَسِ

ترجمو: پنهنجي پيري کي هر انهيءَ شيء کان بچاء جيڪا ان کي ميرو ڪري ڇڏي ڇاڪاڻ تہ سفيدي مَر مٽي کي گهٽ ئي برداشت ڪندي آهي.

اي بدي جا غلام! تون ڪيترا گناهہ ڪرين ٿو ۽ اسان پرده پوشي ڪري ڇڏيون ٿا، ممنوعات (يعني منع ڪيل شين) جا ڪيترا دروازا تون ٽوڙين ٿو ۽ اسان ان کي صحيح ڪري ڇڏيون ٿا. اسان ڪيستائين تنهنجي اکين مان خوف جا لُڙڪَ طلب ڪريون حالانڪ اهي نٿا ڪِرَن، اسان ڪيستائين تنهنجي طرفان اطاعت چاهيون باوجود ان جي جو تون ان کان پڄين ٿو ۽ جدائي اختيار ڪرين ٿو، اسان توکي ڪيتريون نعمتون عطا فرمايون پر تون ان جو شڪر ادا

نٿو ڪرين، توکي دنيا ۽ خواهشن جي پيروي ڏوکي ۾ وجهي ڇڏيو جو نہ ئي تون ٻُڏين ٿو ۽ نہ ئي ڏسين ٿو، اسان تنهنجي لاءِ ڪائنات کي مُسخّر (يعني تابع) ڪري ڇڏيو تون پوءِ بہ سرڪشي ۽ ناشڪري اختيار ڪرين ٿو ۽ دنيا ئي ۾ رهڻ چاهين ٿو حالانڪ اها نصيحت تہ قبول ڪرڻ واري جي لاءِ پُل جي حيثيت رکي ٿي.

### ڪجھ شعر

مَنَعُوکَ مِنۡ شُرۡبِ الۡمَوَدَّةِ وَالصَّفَا لَمَّا رَاَوۡکَ عَلٰى الۡخِيَانَةِ وَالۡجَفَا
اِنۡ اَنۡتَ اَرۡسَلۡتَ الۡعِنَانَ اِلَيۡهِمۡ جَـادُوۡا عَلَيۡکَ تَکَرُّمًا وَ تَعَطُّفًا
حَاشـا هُمۡ اَنۡ يَّظۡلِمُوکَ وَ اِنَّـمَا جَعَلُوۡاالۡوَفَا مِنۡهُمۡ لِاَرۡبَابِ الۡوَفَا

**ترجمو:** (1) اهي توکي محبت ۽ پاڪيزگي جو جام پيئڻ کان روڪين ٿا، جڏهن اهي توکي ڏوکي ۽ ظلم ڪرڻ وارو ڏسن ٿا.

(2) جيڪڏهن تون انهن سان پلائي سان پيش اچين تہ اهي توسان نرمي ۽ شفقت جو ورتاءُ ڪندا.

(3) اهي توتي ظلم ڪرڻ کان آزاد آهن، بلڪ اهي تہ وفادارن سان وفا نڀائڻ وارا آهن.

## مرڻ کان پهريان ايمان نصيب ٿيو

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القَوِي کان منقول آهي تہ آئون هڪ مجوسي (باھ جي پوڄاري) جي موت جي وقت ان وٽ ويس. ان جو گھر منهنجي گھر جي ويجهو هو، هو سٺو پاڙيسري، سُٺي سيرت وارو ۽ خوش اخلاق انسان هو، منهنجي خواهش هئي تہ اللّٰه تعالٰي ان کي موت جي وقت هدايت قبول ڪرڻ ۽ اسلام جي حالت ۾ مرڻ جي توفيق عطا فرمائي. مون ان کان پڇيو: تون ڪيئن محسوس ڪري رهيو آهين؟ تنهنجو ڇا حال آهي؟ ان جواب ڏنو: منهنجي دل بيمار آهي ۽ مان بہ صحتمند ناهيان، بدن ڪمزور آهي

طاقت بلڪل ناهي، قبر وحشتناڪ آهي ۽ ڪو همدرد بہ ناهي، سفر ڏگهو آهي ۽ مون وٽ سامان ناهي، پل صراط تکي آهي ۽ مون وٽ اجازت نامو بہ ناهي، باھ شعلن واري آهي ۽ منهنجو بدن ڪمزور سنهڙو آهي، جنت بلند مرتبي وارو مقام آهي ۽ منهنجو ان ۾ ڪو حصو ناهي ۽ پروردگار (عَزَّوَجَلَّ) عادل (يعني انصاف ڪرڻ وارو) آهي ۽ مون وٽ ڪا حُجت ۽ عذر ناهي.

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا تہ مون (دل ئي دل ۾) الله عَزَّوَجَلَّ کان هِن مجوسي جي مسلمان ٿيڻ جي دعا ڪئي. پوءِ آئون ان مجوسي جي ويجهو ٿي ان کان پڇيو تہ تون سلامتي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسلمان ڇو نٿو ٿين؟ ان مجوسي چيو: چابي تہ فَتَّاح عَزَّوَجَلَّ وٽ آهي، پوءِ پنهنجي سيني ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو تہ هتي قفل (تالو) لڳل آهي. اهو چوڻ کان پوءِ هن تي غشي طاري ٿي وئي ۽ هو بيهوش ٿي ويو.

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا تہ مون بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ دعا گهري: اي منهنجا الله! منهنجا آقا! منهنجا مولا عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تو وٽ هن جو ڪو سنو عمل باقي آهي تہ هن جي روح نڪرڻ ۽ اُميد ٽٽي وڃڻ کان پهرين ان جو بدلو ان کي جلد عطا فرماءِ. انهيءَ دؤران ان کي ڪجهہ افاقو ٿيو، اکيون کوليائين ۽ مون ڏانهن متوجهہ ٿي چوڻ لڳو: اي شيخ! فَتَّاح عَزَّوَجَلَّ چابي موڪلي آهي، پنهنجو هٿ وڌايو تہ جيئن آئون گواهي ڏيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول آهن. اهو چوندي ئي ان جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو ۽ هو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ وڃي پهتو.

### ڪجھ شعر

يَاثِقَتِیۡ يَا اَمَـلِیۡ　　اَنۡتَ الرَّجَااَنۡتَ الۡوَلِیۡ
اِخۡتِمۡ بِخَيۡرٍ عَمَلِیۡ　　وَحَقِّقِ التَّوۡبَةَ لِیۡ
قَبۡلَ حُلُوۡلِ اَجَلِیۡ　　وَكُنۡ لِیۡ يَا رَبِّ وَلِیۡ

**ترجمو:** (1) اي منهنجا ڀروسا! اي منهنجي اُميد! تون ئي منهنجي خواهش آهين ۽ تون ئي منهنجو مددگار آهين.
(2) منهنجي زندگي جو خاتمو نيڪ عملن تي فرماءِ ۽ مون کي توبهه جي توفيق ڏي.
(3) ان کان پهرين جو مون کي موت اچي، يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! تون ئي منهنجو مددگار آهين.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي غفلت ڇا جي؟ باوجود ان جي جو توهان کي ڪيترائي دفعا سمجهايو ويو آهي، اها حيرت ڪهڙي؟ توهان کي تہ مهلت ڏني وئي آهي، هي بيهوشي ڇو آهي؟ حالانڪ توهان زور سان رڙيون ڪريو ٿا، اهو سڪون ڇو آهي؟ توهان کان تہ حساب ورتو ويندو، هي دل لڳي ڇو؟ توهان کي تہ مرڻو آهي، ڇا سمهڻ وارن جي لاءِ اجا وقت ناهي آيو جو اهي سجاڳ ٿي وڃن، ڇا غفلت جي غلامن تي اجا اهو وقت ناهي آيو جو نصيحت حاصل ڪن. ياد رکو! هن دنيا ۾ هر شخص مسافر آهي تنهنڪري پنهنجي لاءِ اهڙا عمل ڪريو جيڪي توهان کي قيامت جي ڏينهن دوزخ جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري سگهن.

### ڪجھ شعر

آنَ الرَّحِيۡلُ فَكُنۡ عَلٰى حَذَرٍ　　مَاقَدۡ تَرٰى يُغۡنِىۡ عَنِ الۡحَذَرِ
لَا تَغۡتَرِرۡ بِالۡيَوۡمِ اَوۡ بِغَدٍ　　فَلَرُبَّ مَغۡرُوۡرٍ عَلٰى خَطَرٍ

**ترجمو:** (1) ڪُوچ (يعني موت) جو وقت اچي پهتو، ڪجھ ان جي لاءِ فڪر ڪر جو تو بي خوف ڪرڻ وارين شين کي ناهي ڏٺو.

(2) اج يا سياڻي تي ناز نہ ڪر ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي فخر ڪرڻ وارا خطري ۾ گهيريل آهن.

## وِردۡ وظيفن ۾ مصروف

حضرتِ سيدنا جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيدنا سري سقطي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوِي هر وقت وردن ۽ وظيفن ۾ مصروف رهندا هئا ۽ جڏهن انهن جو ڪو ورد رهجي ويندو هو تہ ان ڪي دهرائي نہ سگهندا هئا. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## آرام نہ ڪندا هئا

اهڙي ئي طرح اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدنا عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن ڪي آرام جو وقت نہ ملندو هو، تنهنڪري! سندن ڪي ويني ويني ننڊ اچي ويندي هئي. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن عرض ڪيو: اي اميرالمؤمنين! ڇا اوهان سمهندا ناهيو؟ انهن فرمايو: آئون ڪيئن سُمهي سگهان ٿو، جيڪڏهن آئون ڏينهن ۾ سمهان تہ ماڻهن جا حق ضايع ڪري ويهندس ۽ جيڪڏهن رات ۾ سمهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پنهنجو حصو ضايع ڪري ويهندس. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ليٽيل نہ ڏٺو

حضرتِ سيدنا جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهَادِي فرمائن ٿا: مون حضرتِ سيدنا سري سقطي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوِي کان وڌيڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ وارو ڪنهن ڪي نہ ڏٺو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه تي 78 سال اهڙا گذريا جو پاڻ ڪي ڪڏهن ليٽيل نہ ڏٺو ويو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه صرف

مرض الموت ۾ ليٽيا هئا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## گهر کان نہ نڪرڻ

حضرتِ سيدنا جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا تہ مون حضرتِ سيدنا سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪڏهن جمعو ۽ جماعت واجب نہ هجي ها تہ آئون ڪڏهن پنهنجي گهر کان نہ نڪران ها ۽ مرڻ گهڙي تائين پنهنجي گهر ئي کي لازم پڪڙيان ها. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خوفِ خدا کان روئڻ جو انعام

حضرتِ سيدنا ابو بڪر صيدلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون حضرت سيدنا سليمان بن منصور بن عمار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الغَفَّار کي فرمائيندي ٻڌو تہ مون خواب ۾ پنهنجي پيءُ کي ڏٺو تہ پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ يعني اوهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ انهن جواب ڏنو تہ ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي پنهنجو قرب عطا فرمايو، پوءِ مون کان پڇيو: اي بدڪار پوڙها! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ مون توکي ڇو بخشيو؟ مون عرض ڪيو: آئون نٿو ڄاڻان. ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمايو: هڪ ڏينهن تو هڪ اجتماع ۾ ماڻهن کي روئاريو هو انهن ۾ منهنجو هڪ اهڙو ٻانهو بہ هو جيڪو منهنجي خوف کان ڪڏهن نہ رُنو هو تہ مون ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ ان جي صدقي سڄي مجلس وارن جي مغفرت فرمائي ڇڏي تون بہ انهن ۾ شامل هئين جن جي مون ان جي صدقي مغفرت فرمائي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي

بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## حساب واري ڏينهن جي دهشت

حضرت سيدنا علي بن محمد بن ابراهيم صفار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡغَفَّار کان روايت آهي تہ هڪ رات آئون حضرت سيدنا اسود بن سالم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لڳاتار هي شعر پڙهندا ۽ روئيندا رهيا.

اَمَامِي مَوۡقِفٌ قُدَّامَ رَبِّيۡ يُسَائِلُنِي وَيَنۡكَشِفُ الۡغِطَا
وَحَسۡبِي اَنۡ اَمُرَّ عَلٰی صِرَاطٍ كَحَدِّ السَّيۡفِ اَسۡفَلُهٗ لَظٰی

ترجمو: (1) پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ محشر جو ميدان منهنجي سامهون آهي، هو مون کان سوال ڪندو ۽ لڪيل راز کلي ويندو.

(2) ۽ منهنجي لاءِ تہ ايترو ئي ڪافي آهي جو ان پل (صراط) تان گذران جيڪا تلوار جي ڌار وانگر آهي ۽ ان جي هينان دوزخ آهي.

پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن هڪ رڙ ڪئي ۽ صبح تائين سندن تي غشي طاري رهي. (تاريخ بغداد للخطيب رقم 3498، ج 7 ص 40 بتصرف)

ندامت سے گناہوں کا ازالہ کچھ تو ہو جاتا
ہمیں رونا بھی تو آتا نہیں ہائے ندامت سے (ارمغان مدینہ)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اهڙي ئي طرح حضرت سيدنا ضحاڪ بن مزاحم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن کان روايت آهي تہ هڪ رات آئون ڪوفي جي مسجد ڏانهن ويس. جڏهن آئون مسجد جي ويجهو پهتس تہ هڪ نوجوان کي سجدي ۾ ڪِريل ڏٺم. اهو آهہ و زاري ۾ مصروف هو، آئون سمجهي ويس تہ هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي وليّن مان ڪو ولي آهي تہ آئون اُن نوجوان جي

ويجهو ويس تہ جيئن ٻڌي سگهان تہ هو ڇا چئي رهيو آهي تہ مون هُن کي هي شعر پڙهندي ڏٺو:

**عربي شعر**

عَلَيۡکَ يَا ذَاالۡجَلَالِ مُعۡتَمَدِی طُوۡبٰی لِمَنۡ کُنۡتَ اَنۡتَ مَوۡلَاہُ
طُوۡبٰی لِمَنۡ بَاتَ خَائِفًا وَجِلاً يَشۡکُوۡاِلٰی ذِیۡ الۡجَلَالِ بَلۡوَاہُ
وَمَا بِہٖ عِلَّۃٌ وَلَا سَقَمٌ اَکۡثَرُ مِنۡ حُبِّہٖ لِمَوۡلَاہُ
اِذَا خَلَا فِيۡ ظِلَامِ اللَّيۡلِ مُبۡتَھِلًا اَجَابَہُ اللہُ ثُمَّ لَبَّاہُ
وَمَنۡ يَنَلۡ ذَا مِنَ الۡاِلٰہِ فَقَدۡ فَازَ بِقُرۡبٍ تَقَرُّ عَيۡنَاہُ

**ترجمو:** (1) اي **الله**عَزَّوَجَلَّ! منهنجو ڀروسو يقين، توتي ئي آهي، خوشخبري آهي ان جي لاءِ جنهن جو تون مددگار آهين.

(2) خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو خوفِ (خدا) ۾ رات گذاري ٿو، پنهنجي مصيبتن جي فرياد انهيءَ ئي ربِّ ذوالجلال جي بارگاه ۾ ڪري ٿو.

(3) ان کي ڪا بيماري يا تڪليف پنهنجي مولٰيعَزَّوَجَلَّ جي محبت کان وڌيڪ ناهي.

(4) جڏهن رات جي اونداهي ۾ اڪيلو عاجزي ڪري ٿو تہ **الله** تعالٰي ان جي (دعا) ٻڌي ۽ قبول ڪري ٿو.

(5) ۽ جنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اها سعادت ملي اهو اهڙو قرب حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن سان هن جون اکيون ٺڏيون ٿينديون.

حضرتِ سيدنا ضحاڪ بن مزاحم رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہِ فرمائن ٿا تہ هو لڳاتار اهي شعر پڙهي رهيو هو ۽ روئي رهيو هو. ان آه و زاري تي رحم کائي آئون بہ روئڻ لڳس. انهيءَ دوران منهنجي سامهون تيز گجگوڙ ڪندڙ بجلي جهڙي روشني چمڪي تہ مون هڪدم پنهنجا هٿ اکين تي رکي ورتا پوءِ مون پنهنجي مٿان هڪ منادي کي ندا ڏيندي ٻڌو جيڪا انسانن جي ڪلام جهڙي نہ هئي، اها ندا هي هئي:

**عربي شعر**

لَبَّيۡکَ عَبۡدِیۡ وَاَنۡتَ فِیۡ کَنَفِیۡ وَکُلُّ مَا قُلۡتَ قَدۡ قَبِلۡنَاہُ

صَوتُکَ تَشْتَاقُهُ مَـلَائِکَتِیُ وَحَسْبُکَ الصَّوتُ قَدْ سَمِعْنَاهُ
اِنْ هَبَّتِ الرِّیحُ مِنْ جَوَانِبِهِ خَرَّ صَرِیعًا لِّمَا تَغْشَّاهُ
ذَاکَ عَبْدِیْ یَجُوْلُ فِی حُجُبِیُ وَذَنْبُکَ الْیَوْمَ قَدْ غَفَرْنَاهُ

ترجمو: (1) اي منهنجا ٻانها! آئون موجود آهيان ۽ تون منهنجي حِفظ و امان ۾ آهين ۽ تو جيڪا بہ دعا ڪئي، اسان ان کي قبول فرمائي ورتو آهي.
(2) منهنجا ملائڪ تنهنجو آواز ٻُڌڻ جو شوق رکن ٿا، ۽ توکي اها صدا ڪافي آهي جنهن کي اسان ٻُڌي ورتو.
(3) جيڪڏهن ان (صدا) جي چوڌاري هوا هلي پوي تہ ان ۾ ماري ڪِرائڻ واري وانگر آواز پيدا ٿي وڃي ڇاڪاڻ تہ تو (ان صدا ۾) اهڙي ئي ڪيفيت کي لڪائي رکيو آهي.
(4) منهنجو هي ٻانهو منهنجي قرب جي پردن ۾ رهندو آهي ۽ اڄ اسان تنهنجو گناه معاف فرمائي ڇڏيو.

حضرتِ سيدنا ضحاڪ بن مزاحم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا اهو ٻڌي مون چيو: ربّ ڪعبہ جو قسم! اها تہ حبيب جي پنهنجي حبيب سان مناجات آهي، پوءِ آئون ان جي دهشت سان غش ڪائي منهن ڀر ڪِري پيس، جڏهن مون کي افاقو ٿيو تہ آئون فرشتن جي هوا ۾ لهڻ جو آواز ٻڌي رهيو هئس ۽ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ انهن جي پرَن جي ڦڙڦڙاهٽ ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي. آئون سمجهيس تہ شايد آسمان زمين جي ويجهو ٿي ويو آهي ۽ مون اهڙو نور ڏٺو جيڪو چنڊ تي غالب اچي چڪو هو حالانڪ اها وڏيڪ روشني واري هڪ چانڊوڪي رات هئي. پوءِ آئون ان نوجوان جي ويجهو ٿيس ۽ ان کي سلام ڪيو. ان منهنجي سلام جو جواب ڏنو تہ مون ان کان پڇيو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي برڪت ڏي ۽ توهان تي رحم فرمائي توهان ڪير آهيو؟ ان جواب ڏنو: آئون راشد بن سليمان (عليہ رحمۃ اللّٰہ المنان) آهيان تہ مون

انهن کي سجاڳي ورتو ڇاڪاڻ تہ آئون انهن جي باري ۾ ٻُڌي چڪو هئس. پوءِ مون انهن کي چيو: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي ڇا اوهان مون کي پنهنجي صحبت ۾ رهڻ جي اجازت ڏيندا تہ جيئن آئون اوهان کان اُنس حاصل ڪري سگھان تہ انهن چيو: هاءِ افسوس! هاءِ افسوس! جيڪو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي مناجات جي لذّت حاصل ڪري چڪو آهي ڇا اهو مخلوق کان اُنس حاصل ڪندو؟ پوءِ اهي مون کي اڪيلو ڇڏي ڪري هليا ويا.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# گناهن جو انجام

**پيارا اسلامي ڀائرو!**

ڪيستائين (نيڪ) عمل ۾ سُستي ڪندا؟ ۽ ڪيستائين ڪوڙين خواهشن جي پوري ٿيڻ جي لالچ رکندا؟ توهان مهلت کان ڌوڪو کائو ٿا ۽ موت جي حملي کي ياد نہ ٿا ڪيو. جنهن کي توهان ڄڻيو آهي (يعني اولاد) اهو مٽي جي لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪجھ تعمير ڪيو آهي (يعني گھر وغيره) اهو ويران ٿيڻ جي لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪجھ توهان جمع ڪيو آهي (يعني مال و دولت) اهو ختم ٿيڻ جي لاءِ آهي ۽ توهان جا عمل قيامت جي ڏينهن جي لاءِ هڪ اعمال نامي ۾ محفوظ آهن.

**ڪجھ شعر**

وَلَوۡ أَنَّا اِذَا مُتۡنَا تُرِكۡنَا ... لَكَانَ الۡمَوۡتُ رَاحَةَ كُلِّ حَيٍّ

وَلٰكِنَّا اِذَا مُتۡنَا بُعِثۡنَا ... وَنُسۡأَلُ بَعۡدَهَا عَنۡ كُلِّ شَيۡئٍ

**ترجمو:** (1) جيڪڏهن اسان مرڻ کان پوءِ (ائين ئي) ڇڏي ڏنا وڃون تہ پوءِ موت هر زنده جي لاءِ راحت بڻجي وڃي.
(2) پر جڏهن اسان مرنداسين تہ پيهر اُٿاريا وينداسين ۽ ان کان پوءِ هر شيءِ جي باري ۾ اسان کان پڇيو ويندو.

## گناهہ جا ڏهہ نقصان

**امير المؤمنين حضرتِ سيدنا عمر بن خطاب** رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو تہ توهان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي هن فرمان مان هرگز ڌوکي ۾ نہ پئو:

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَ مَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰۤى اِلَّا مِثْلَهَا (پ 8 الانعام 160)

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن هڪ نيڪي ڪئي تہ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ آهن ۽ جنهن بُرائي ڪئي تہ ان کي بدلو نہ ملندو مگر ان برابر.

ڇاڪاڻ تہ گناهہ باوجود ان جي جو هڪڙو ئي هجي پر ان ۾ ڏهہ بُريون خصلتون سمايل هونديون آهن.
(1) جڏهن ٻانهو گناهہ ڪري تو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي غضب ڏياري تو ۽ هو ان کي پورو ڪرڻ تي قدرت (طاقت) رکي تو.
(2) اهو (يعني گناهہ ڪرڻ وارو) ابليس ملعون کي خوش ڪري تو.
(3) جنّت کان پري ٿي وڃي تو.
(4) دوزخ جي ويجهو اچي وڃي تو.
(5) اهو پنهنجي سڀ کان پياري شيءِ يعني پنهنجي جان کي تڪليف ڏي تو.
(6) هو پنهنجي باطن کي ناپاڪ ڪري ويهي تو باوجود ان جي جو اهو پاڪ هوندو آهي.
(7) اعمال لکڻ وارن ملائڪن يعني ڪراماً ڪاتبين کي ايذاءُ ڏي تو.
(8) اهو نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي روضي مبارڪ ۾ غمگين

ڪري ڇڏي ٿو.

(9) زمين، آسمان ۽ سڄي مخلوق کي پنهنجي نافرماني تي گواهه بڻائي ٿو.

(10) هو سيني انسانن سان خيانت ۽ ربّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪري ٿو.

## ويراني ۾ ملاقات

حضرتِ سيّدنا ذوالنّون مصري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا ته آئون حجاز مقدّس جي ارادي سان سفر تي نڪتس ته مون ڪنهن کي پنهنجو همسفر نه بڻايو. سفر جي دؤران جڏهن آئون هڪ بيابان ۾ پهتس ته منهنجي سفر جو سامان (ڪاڌو وغيره) ختم ٿي ويو. جڏهن آئون مرڻ ويجهو ٿيس ته اوچتو مون کي صحرا ۾ هڪ گهاٽو وڻ نظر آيو جنهن جون شاخون زمين تي لٽڪي رهيون هيون. مون سوچيو مون کي ان وڻ جي ساين ۾ ويهڻ گهرجي ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم پورو ٿي وڃي (يعني مون کي موت اچي وڃي) جڏهن آئون ان وڻ جي ويجهو پهتس ۽ ان جي سايي ۾ ويهڻ جو ارادو ڪيو ته ان جي شاخن مان هڪ شاخ منهنجو چمڙي وارو ٿيلهو جهلي ورتو جنهن جي سبب ان ۾ بچيل پاڻي به هارجي ويو جنهن مان مون کي بچڻ جي ڪجهه اُميد هئي. هاڻي مون کي پنهنجي موت جو يقين ٿي ويو، تنهنڪري! آئون ان وڻ جي سايي ۾ ڪِري ملڪ الموت (عَلَيهِ السَّلام) جو انتظار ڪرڻ لڳس ته هو اچي منهنجو روح قبض ڪري وٺن.

اوچتو مون هڪ غمگين آواز ٻڌو جيڪو ڪنهن ڏکويل دل مان نڪري رهيو هو اهو شخص چئي رهيو هو: ”اي منهنجا الله! اي منهنجا آقا و مولٰي عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تنهنجي رضا انهيءَ ئي ۾ آهي ته

ان ۾ اضافو فرماءِ تہ جيئن اي ارحم الراحمين! تون مون کان راضي ٿي وڃين.“ اهو ٻُڌي آئون اُٿيس ۽ ان آواز ڏانهن هلي پيس تہ مون هڪ حسين و جميل شخص کي ڏٺو جيڪو ريتي تي پيو هو ۽ ڪيترين ڳجهون ان جي چوڌاري هيون جيڪي ان جو گوشت کائڻ چاهين پيون، مون ان کي سلام ڪيو تہ ان سلام جو جواب ڏئي چيو: اي ذوالنّون! جڏهن سفر جو سامان ختم ٿي ويو ۽ پاڻي هارجي ويو تہ تو هلاڪت ۽ فنا جو يقين ڪري ورتو.

آئون ان جي سيراندي ويهي رهيس ۽ ان جي حالت ڏسي منهنجي دل پرجي آئي ۽ آئون روئڻ لڳس. اوچتو ڪاڏي جو هڪ پيالو منهنجي سامهون رکيو ويو پوءِ ان شخص پنهنجي کُڙي زمين تي رڳڙي تہ هڪ چشمو ڦٽي پيو ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ اڇو ۽ ماکي کان وڌيڪ مٺو هو. ان مون کي چيو: اي ذوالنّون! ڪائي پي وٺ ڇاڪاڻ تہ توهان جو بيت الحرام پهچڻ ضروري آهي، پر اي ذوالنّون! منهنجو هڪ ڪم ضرور ڪجان! جيڪڏهن تون منهنجو ڪم ڪندين تہ توکي ان جو اجر ۽ ثواب ملندو. مون پڇيو: اهو ڪم ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: جڏهن آئون مري وڃان تہ مونکي غسل ڏئي دفنائجان ۽ هنن وحشي پکين کان لِڪائي هتان کان هليو وڃجان پوءِ جڏهن توهان حج ادا ڪري ونو تہ بغداد شهر وڃجو، جڏهن توهان باب زعفران ۾ داخل ٿيندا تہ توهان کي اتي ڪجهہ ٻار ڪيڏندي نظر ايندا انهن کي مختلف رنگن جا ڪپڙا پاتل هوندا توهان اُتي هڪ ننڍڙي عمر وارو ٻار ڏسندا جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان ڪابہ شيءِ غافل نہ ڪندي هوندي، ان کي هڪ ڪپڙو چيلهہ تي ٻڌل هوندو ۽ ٻيو ڪلهي تي رکيل هوندو، ان جي چهري تي لڙڪن جي سبب

لڪيرون نهي ويون هونديون، تون ان سان ملجان اهو منهنجو پٽ ۽ منهنجي اکين جو ٺار آهي ان کي منهنجو سلام چئجان.

حضرتِ سيدنا ذوالنّون مصري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: جڏهن اهي ڳالهه ڪري فارغ ٿيا تہ مون انهن کي هي ڪلمو: اَشْهَدُ اَنْ لَاۤاِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله پڙهندي ٻُڌو پوءِ انهن هڪ ٿڌو ساهہ پريو ۽ هن فاني دنيا مان موڪلائي ويا.

مون اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ پڙهيو. منهنجي سامان ۾ هڪ قميص هئي جنهن کي مون ڏاڍو سنڀالي رکيو هو. پوءِ مون انهن کي ان پاڻي سان غسل ڏنو ۽ ڪفن پارائي ريتي تي دفن ڪري ڇڏيو ۽ بيت الحرام ڏانهن روانو ٿي ويس. حج جا رُڪن ادا ڪرڻ ڪانپوءِ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي زيارت جي لاءِ روانو ٿيس. زيارت کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ مان بغداد شهر ڏانهن روانو ٿي ويس ۽ عيد جي ڏينهن بغداد پهتس. مون اتي ڪجهه ٻارن کي کيڏندي ڏٺو، انهن کي مختلف رنگن جا ڪپڙا پاتل هئا. جڏهن مون نظر ڊوڙائي تہ ان نوجوان کي هڪ جڳهہ تي وينل ڏٺم جنهن کي ڪا قيمتي شيءِ بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان غافل نہ پئي ڪري سگهي. ان جي چهري تي ڏک جا آثار واضح هئا ۽ ان جي ڳلَن تي لُڙڪَن جي سبب بہ لڪيرون نهي ويون هيون ۽ هُو اهي شعر پڙهي رهيو هو:

**عربي شعر**

اَلنَّاسُ كُلُّهُمْ لِلْعِيدِ قَدْ فَرِحُـوا — وَقَدْ فَرِحْتُ اَنَا بِالْوَاحِدِ الصَّمَدِ
اَلنَّاسُ كُلُّهُمْ لِلْعِيدِ قَدْ صَبَغُوا — وَقَدْصَبَغْتُ ثِيَابَ الذُّلِّ وَالْكَمَدِ
اَلنَّاسُ كُلُّهُمْ لِلْعِيدِ قَدْ غَسَلُوْا — وَ قَدْ غَسَلْتُ اَنَا بِالدَّمْعِ لِلْكَبِدِ

**ترجمو:** (1) سيئي ماڻهو عيد جي خوشين ۾ مصروف ٿي ويا ۽ آئون واحد ۽ بي

نياز عَزَّوَجَلَّ سان خوش آهيان.
(2) سيني ماڻهن عيد جي لاءِ ڪپڙا رنڱيا ۽ مون ذلّت ۽ بري رنگت وارا ڪپڙا رنڱيا آهن.
(3) سيني ماڻهن عيد جي لاءِ غسل ڪيو آهي ۽ مون جگر ڪي لُڙڪَن سان غسل ڏنو آهي.

حضرت سيدنا ذوالنّون رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته جڏهن مون انهن کي سلام ڪيو ته انهن سلام جو جواب ڏنو ۽ چيو: محترم پيءُ جي قاصد کي پليڪار. مون پڇيو: توهان کي ڪنهن ٻڌايو ته آئون توهان جي والد صاحب جو قاصد آهيان؟ انهن جواب ڏنو: انهيءَ ئي جنهن مون کي اهو ٻڌايو ته اوهان انهن کي ريگستان ۾ دفن ڪيو هو. پوءِ اهي چوڻ لڳا: اي ذوالنّون! ڇا اوهان اهو گمان ڪري رهيا آهيو ته اوهان انهن کي ريگستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! منهنجي والد صاحب کي سِدرَةُ المُنتَهٰي تي کنيو ويو آهي، هاڻي اوهان مون سان گڏ منهنجي ڏاڏيءَ وٽ هلو. پوءِ انهن منهنجو هٿ جهليو ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي ويا جڏهن هو گهر جي دروازي تي پهتا ته آهستي سان دوازو ڪڙڪايائون، هڪڙي پوڙهي عورت ٻاهر نڪتي جڏهن ان مون کي ڏٺو ته چيائين: منهنجي حبيب ۽ منهنجي اکين جي ٺار جي زيارت سان مشرّف ٿيڻ واري کي پليڪار. مون پڇيو: اوهان کي ڪنهن ٻُڌايو ته مون انهن کي ڏٺو آهي؟ ان چيو: انهيءَ جنهن اهو ٻُڌايو ته توهان انهن کي دفن ڪيو آهي ۽ توهان جو ڪفن توهان کي واپس موٽائي ڏنو ويندو. اي ذوالنّون! مون کي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عزت ۽ جلال جو قسم! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي پٽ جي قاتل پُراڻن ڪپڙن تي فرشتن جي سامهون فخر فرمائي رهيو آهي. پوءِ ان پڇيو: اي ذوالنّون! اهو ته ٻڌاءِ تو منهنجي

پٽ، منهنجي اکين جي ٺار ۽ دل جي ٽڪري کي ڪيئن رخصت ڪيو هو؟ مون چيو ته مون انهن کي ويران بيابان ۾ جتي نه پاڻي هو ۽ نه ئي گاهه ريتي ۽ پٿرن جي وچ ۾ اڪيلو ڇڏي ڏنو هو، انهن جيڪا پنهنجي پروردگار، ربّ غفار عَزَّوَجَلَّ کان جيڪا اميد ڪئي هئي اها پوري ٿي وئي.

جڏهن ان پوڙهي اها ڳالهه ٻُڌي ته ان نوجوان کي پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ اهي منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويا. آئون نٿو ڄاڻان ته انهن کي آسمان کڻي ورتو، يا زمين ڦاٽي ۽ اهي ٻئي ان ۾ هليا ويا، آئون انهن کي گهر جي مختلف حصن ۾ ڳوليندو رهيس پر اهي نه مليا. پوءِ مون هاتفِ غيب کان آواز ٻُڌو ته هڪ چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي ذوالنّون پاڻ کي نه ٿڪاءِ. مون پڇيو: هي ڪيڏانهن هليا ويا؟ جواب مليو: شهيد، مشرڪن جي تلوارن سان مرندا آهن جڏهن ته هي محبت ڪندڙ ربّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي شوق ۾ مرندا آهن ته انهن کي نور جي سُوارين تي ويهاري عزت واري بادشاهه جي بارگاهه وٺي وڃبو آهي. حضرتِ سيدنا ذوالنّون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته پوءِ مونکي منهنجو چمڙي جو ڳُر ٿيل ٿيلهو به ملي ويو ۽ جهڙي طرح جو ڪفن مون ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي پارايو هو اهو به انهيءَ طرح ويڙهيل ملي ويو جيئن پهريان هو. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

**اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم**

# گناهن کان توبهہ

اي گناهن تي قائم رهڻ ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن کي ڇڏي ڏيڻ وارا! فتني ۽ گمراهي جي پيروي ڪرڻ وارا! تون پنهنجي ڏوهه تي ڪيستائين ضدي رهندين؟ ۽ تون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي قرب جو ذريعو بڻجڻ وارن عملن کان ڪيستائين ڀڄندو رهندين؟ تون دنيا کان اهڙي شيء طلب ڪرين ٿو جيڪا توکي ملڻ واري ناهي، ڇا توکي الله عَزَّوَجَلَّ جي ورهايل رزق تي ڀروسو ناهي جو تون ان جي حڪم تي عمل نٿو ڪرين.

منهنجا اسلامي ڀاءُ! خدا جو قسم! جيڪڏهن تنهنجو اهوئي حال رهيو ته نصيحت توتي اثر نه ڪندي ۽ حادثا توکي روڪي نه سگهندا ۽ نه ئي زمانو توکي آواز ڏيندو ۽ نه ئي موت جو پيغام آٽيندڙ توکي خبردار ڪندو، اي مسڪين! جڻ تون اهو سمجهين ٿو ته تون هميشه زنده رهندين ۽ ڪڏهن نه وِساريو ويندين. خدا جو قسم! گناهن کان ڊڄڻ وارا ڪامياب ٿي ويا ۽ پرهيزگار دوزخ جي عذاب کان محفوظ ٿي ويا جڏهن ته تون ڏوهه ڪمائڻ ۾ لڳو پيو آهين.

**ڪجهه شعر**

عِيلَ صَبرِی وَ حقَّ لِی اَنْ اَنُوحَ ۔ لَمْ تَدَعْ لِی الذُّنُوبُ قَلْبًا صَحِيحًا
اَخلَقَتْ مهجَتِی اَكُفُّ الْمَعَاصِی ۔ وَنَعَانِی الْمَشِيبُ نَعيًا صَرِيحًا
كُلَّمَا قُلْتُ قَدْ بَرِيئِ جُرحُ قَلْبِی ۔ عَادَ قَلْبِی مِنَ الذُّنُوبِ جَرِيْحًا
اِنَّمَا الْفَوْزُ وَ النَّعِيمُ لِعَبْدٍ ۔ جَاءَ الْحَشْرَ آمِنًا مُّسْتَرِيحًا

**ترجمو:** (1) منهنجو صبر ڪمزور ٿي ويو ۽ هاڻي مونکي افسوس ڪرڻ لازم ٿي ويو، گناهن منهنجي دل کي صحيح حالت تي نه رهڻ ڏنو.

(2) منهنجي روحانيّت ختم ٿي وئي ڇاڪاڻ ته آئون گناهن ۾ ڦئجي ويس باوجود ان جي جو پِيري مون کي موت جي واضح خبر ڏئي ڇڏي آهي.

(3) جڏهن بہ آئون اهو سمجهندو آهيان تہ منهنجي دل جو زخم نيڪ ٿي ويو آهي پر گناهن جي سبب منهنجي دل وري زخمي ٿي پوندي آهي.

(4) چوٽڪارو ۽ نعمتون انهيءَ ئي ٻانهي جي لاءِ آهن جيڪو محشر جي ڏينهن ان حالت ۾ اچي جو (عذاب کان) محفوظ ۽ راحت ۾ هجي.

**منهنجا اسلامي ڀائرو! دنيا کان اهڙي ئي طرح بي رغبتي اختيار ڪريو جهڙي طرح نيڪن ان سان بي رغبتي اختيار ڪئي ۽ آخرت جي سفر جي لاءِ سامان (يعني نيڪ عمل) تيار ڪيو، تنهنجي لاءِ بہ ائين ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ۽ تون گذرڻ وارن مهينن ۽ سالن کان عبرت حاصل ڪر.**

**ڪجهہ شعر**

يَامَنْ غَدَافِى الْغَيِّ وَالتِّيهِ    وَغَرَّهٗ   طُوْلُ   تَمَادِيهِ
اَمْلٰى لَكَ اللهُ فَبَارَزْتَـهٗ    وَلَمْ تَخَفْ غِبَّ مَعَاصِيهِ

**ترجمو:** (1) اي گمراهي ۽ غرور ۾ صبح ڪرڻ وارا شخص! جنهن کي ان جي مهلت جي گهٽائي ڌوڪي ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

(2) **الله** عَزَّوَجَلَّ توکي مهلت ڏني تہ تو ان کي مقابلي جي دعوت ڏئي ڇڏي ۽ تون ان جي نافرمانين جي انجام کان نٿو ڊڄين.

## شڪايت ڪيئن ڪريان؟

**حضرتِ سيدنا جنيد بغدادي** عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الهَادِي **فرمائن ٿا: جڏهن حضرتِ سيدنا سري سقطي** عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي **بيمار ٿيا ۽ آئون سندن عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس تہ مون عرض ڪيو: اوهان ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟ پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه **جن فرمايو:**

كَيْفَ اَشْكُوْاِلٰى طَبِيْبِى مَابِىْ    وَالَّذِى قَدْ اَصَابَنِى مِنْ طَبِيْبِى

**ترجمو:** آئون پنهنجي تڪليف جي شڪايت پنهنجي طبيب سان ڪيئن ڪريان ڇاڪاڻ تہ مون کي جيڪا تڪليف آئي اها منهنجي طبيب ئي جي طرفان آهي.

پوءِ مون پکو ڪنيو تہ جيئن انهن کي هوا هٽي سگهان تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: جنهن جو پيٽ اندران سڙي رهيو هجي اهو ڀلا پکي جي هوا (سان سڪون) ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهي.

(حلية الاولياء رقم 15270، ج 10 ص 291)

پوءِ پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه جن هي شعر پڙهيا:

اَلْقَلْبُ مُحْتَرِقٌ وَالدَّمعُ مُسْتَبِقٌ وَالْكَرْبُ مُجْتَمِعٌ وَالصَّبْرُ مُفْتَرِقُ

كَيْفَ الْقَرَارُ عَلٰى مَنْ لَاقَرَارَ لَهُ مِمَّا جَنَاهُ الْهَوٰى وَالشَّوْقُ وَالْقَلَقُ

يَارَبِّ اِنْ كَانَ شَيْئٌ فِيْهِ لِيْ فَرَجٌ فَامْنُنْ عَلَيَّ بِهٖ مَادَامَ بِيْ رَمَقُ

**ترجمو:** (1) دل سڙي رهي آهي، ڳوڙها وهڻ ۾ مقابلو ڪري رهيا آهن، ڏک طاقتور ٿي چڪو آهي ۽ صبر مون کان جدا ٿي ويو آهي.

(2) اهو شخص جنهن کي نفس جي خواهش، شوق ۽ بيچيني گناهن ۾ وجهي ڪري بيقرار ڪري ڇڏيو، هاڻي ان کي ڪيئن قرار اچي.

(3) يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ منهنجي لاءِ ڪجهہ راحت آهي تہ جيستائين منهنجي زندگي ٿورڙي بہ باقي آهي مون تي ان جي ذريعي احسان فرمائيندو رهہ. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## غريبي ۽ تنگدستي کان ڊڄڻ واري کي نصيحت

حضرت سيدنا علي بن موفق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن آئون اذان ڏيڻ لاءِ نڪتس تہ مون هڪ ڪاغذ ڏٺو ۽ ان کي کڻي پنهنجي آستين ۾ رکي ڇڏيو پوءِ مون نماز جي اقامت چئي ۽ نماز کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ڪاغذ کوليو تہ ان ۾ لکيل هو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم اي علي بن موفق! ڇا تون غريبي ۽ تنگدستي کان ڊڄين ٿو جڏهن تہ تنهنجو پروردگار (عَزَّوَجَلَّ) آئون آهيان.“

# سيدنا امام شافعي جو انتقال

امام مزني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن آئون حضرتِ سيدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي وٽ سندن سڪرات جي وقت حاضر ٿيس تہ پڇيم: اوهان جو حال ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: دنيا مان رخصت ٿيڻ وارو آهيان، دوستن کان جدا ٿيڻ وارو آهيان، موت جو پيالو پيئڻ وارو آهيان، پنهنجي بُرن عملن سان ملڻ وارو آهيان، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ وارو آهيان ۽ مون کي اهو بہ ناهي معلوم تہ منهنجو روح جنّت ۾ داخل ٿيندو جو آئون ان کي مبارڪون ڏيان يا دوزخ ۾ وِڃو ويندو جو ان سان همدردي جو اظهار ڪريان. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه روئندي اهي شعر پڙهڻ لڳا:

وَلَمَّا قَسَا قَلْبِيْ وَضَاقَتْ مَذَاهِبِيْ ... جَعَلْتُ الرَّجَا مِنِّيْ لِعَفْوِكَ سُلَّمًا
تُعَاظِمُنِيْ ذَنْبِيْ فَلَمَّا قَرَنْتُهُ ... بِعَفْوِكَ رَبِّيْ كَانَ عَفْوُكَ اَعْظَمًا
فَمَازِلْتَ ذَا عَفْوٍ عَنِ الذَّنْبِ لَمْ تَزَلْ ... تَجُوْدُ وَ تَعْفُوْ مِنَّةً وَّ تَكَرُّمًا
فَلَوْلَاكَ لَمْ يَنْجُ مِنْ اِبْلِيْسَ عَابِدٌ ... وَكَيْفَ وَقَدْ اَغْوٰى صَفِيَّكَ آدَمَا

**ترجمو:** (1) جڏهن منهنجي دل سخت ٿي وئي ۽ منهنجا رستا سوڙها ٿي ويا تہ مون توکان معافي ۽ اميد کي واسطو بڻائي ورتو آهي.

(2) مون کي پنهنجا گناهہ تمام وڏا محسوس ٿيندا هئا، پر اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! جڏهن مون انهن کي تنهنجي عفو و درگذر سان ملايو تہ تنهنجي عفو و درگذر کي تمام وڏو محسوس ڪيو.

(3) تون هميشہ منهنجي گناهن کي معاف ڪندو رهين ٿو، تو هميشہ بخشش و ڪرم سان مون کي معافي عطا فرمائي.

(4) جيڪڏهن تنهنجو اهو ڪرم نہ هجي ها تہ ابليس کان ڪو عبادت گذار بچي نہ سگهي ها، ڇاڪاڻ تہ اُن لعين تہ تنهنجي صفي حضرت آدم (عَلَيْهِ السَّلام) کي بہ ڀٽڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

**منهنجا اسلامي ڀائرو! جلد کان جلد گناهن کان توبهہ ڪري**

ونو ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلو جن توبهه ڪئي ۽ بخشش ماڻي ويا ۽ جن پنهنجو پاڻ کي رضاءِ الٰهيعَزَّوَجَلَّ جي حاصل ڪرڻ ۾ ٿڪائي ڇڏيو، ڪاش جو اوهين انهن کي رات جي اونداهين ۾ ڏسو ته اهي عبادت ۾ مشغول هوندا ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب جي تلاوت ڪندا هوندا ۽ جن پنهنجون پيشانيون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ جهڪائي ڇڏيون ۽ پنهنجون حاجتون ان ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پيش ڪري ڇڏيون جيڪو ڏسي تو پر پاڻ نظر نٿو اچي.

### ڪجهه شعر

أَلَاقِفْ بِبَابِی عِنْدَ قَرْعِ النَّوَائِبِ          وَثِقْ بِیْ تَجِدْنِی خَيْرَ خِلٍّ وَّ صَاحِبِ
وَلَاتَلْتَفِتْ غَيْرِیْ فَتُصْبِحَ نَادِمًا          وَمَنْ يَّلْتَفِتْ غَيْرِیْ يَعِشْ عَيْشَ خَائِبِ

**ترجمو:** (1) ٻُڌ! مصيبتن ۽ پريشانين ۾ منهنجي بارگاهه ۾ رجوع ڪر ۽ مون تي ڀروسو ڪر، تون مون کي بهترين دوست ۽ بهترين ساٿي ڏسندين.

(2) مون کان سواءِ ٻي ڪنهن سان دل نه لڳاءِ نه ته تون پشيمان ۽ شرمندو ٿيندين ۽ جيڪو به مون کان علاوه ڪنهن ٻي سان دل لڳائي ٿو اهو نقصان ۽ خساري جي زندگي گذاري ٿو.

## سڀ گهروارا مسلمان ٿي ويا

حضرتِ سيدنا ابومحفوظ معروف ڪرخي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي ولايت سان نوازي ڇڏيو هو. ان جا ڀاءُ حضرت عيسيٰ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بيان ڪن ٿا ته آئون ۽ منهنجو ڀاءُ معروف هڪ مدرسي ۾ پڙهندا هئاسين. اسان ان وقت عيسائي هئاسين، اسان جو عيسائي استاد ٻارن کي پيءُ ۽ پُٽ جو درس ڏيندو (يعني اهو چوندو هو ته حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا پُٽ آهن. معاذاللّٰه عَزَّوَجَلَّ) ته منهنجا ڀاءُ معروف زور زور سان اَحد، اَحَد (يعني اهو هڪ آهي، اهو

هڪ آهي) چوندا هئا تہ عيسائي استاد انهن کي تمام گهڻو ماريندو هو ايستائين جو هڪ ڏينهن ان انهن کي ايترو ماريو جو اهي مدرسي مان ڀڄي ويا.

منهنجي ماءُ روئندي ۽ چوندي هئي تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مون کي معروف واپس ڪري ڇڏي تہ اهو جنهن دين تي هوندو آئون بہ انهيءَ ئي دين جي پيروي ڪنديس، ڪيترن ئي سالن کان پوءِ حضرتِ سيدنا معروف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي ماءُ وٽ واپس آيا تہ ماءُ پڇيو: پُٽ! تون ڪهڙي دين تي آهين؟ انهن عرض ڪيو: دين اسلام تي. منهنجي ماءُ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ پڙهيو. اهڙي طرح منهنجي ماءُ مسلمان ٿي ۽ اسان سڀ بہ مسلمان ٿي وياسين. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضرتِ سيِّدُنا احمد بن فتح رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون سيدنا بشر بن حارث رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي خواب ۾ ڏٺو تہ اهي هڪ باغيچي ۾ ويٺا آهن، انهن جي آڏو هڪ دستر خوان آهي ۽ اهي ان مان کائي رهيا آهن. مون انهن کان پڇيو: اي ابو نصر! اللّٰہ تعالٰي اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: ان مون تي رحم فرمايو ۽ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ سڄي جنّت منهنجي لاءِ مباح فرمائي ڇڏي ۽ مون کي فرمايو: جنّت جي هر ميوي مان کاءُ ۽ ان جي نهرن مان پيءُ ۽ ان جي سيني نعمتن مان مزو ماڻ جو تون دنيا ۾ پنهنجي نفس کي خواهشن کان بچائيندو هئين.

مون پڇيو: اوهان جا ڀاءُ حضرتِ سيدنا احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪِٿي آهن؟ فرمايائون: اهي جنّت جي دروازي تي بيٺا آهن ۽ انهن

سُنّين جي شفاعت ڪري رهيا آهن جيڪي اهو چوندا هئا تہ قرآن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪلام آهي مخلوق ناهي. مون پڇيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيِّدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ تہ انهن چيو: افسوس! هاءِ افسوس! اسان جي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪيترائي پردا آڙ آهن. حضرتِ سيدنا معروف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جنّت جي شوق ۽ دوزخ جي خوف کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت نہ ڪندا هئا بلڪ قربِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي شوق ۾ عبادت ڪندا هئا تنهنڪري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن کي رفيق اعليٰ جي طرف کڻي ورتو ۽ پنهنجي ۽ انهن جي وچ مان پردا کڻي ورتا.

اهو ئي اهو مجرّب اِڪسير (يعني آزمايل شيء) آهي تنهن ڪري جنهن کي بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪا حاجت پيش ڪرڻي هجي تہ ان کي گهرجي تہ حضرتِ سيدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزار تي حاضر ٿي ڪري اللّٰه تعالٰي کان دعا گهري تہ انشآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي دعا ضرور قبول ٿيندي . اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## غفلت کان سجاڳي

اي غافلو! سجاڳ ٿي وڃو! اي گناهن تي قائم رهڻ وارؤ! رڪجي وڃو ۽ نصيحت حاصل ڪريو. خدا جي واسطي ٿورو مون کي اهو تہ ٻڌايو ان کان خراب حال ڪنهن جو ٿيندو جنهن کي ان جي خواهشن (آخرت جي فڪر کان) پري ڪري ڇڏيو هجي، ان کان وڌيڪ خسارو حاصل ڪرڻ وارو ڪير هوندو جنهن پنهنجي آخرت دنيا جي بدلي وڪڻي ڇڏي هجي، هي ڪهڙي غفلت آهي جيڪا توهان جي دلين تي ڇانئجي وئي آهي، هي ڪهڙي جهالت آهي جنهن توهان جي

عيبن کي توهان جي نظرن کان لڪائي ڇڏيو آهي؟ ڇا اوهان پنهنجي چوڌاري موت جي تلوارن کي چمڪندي نٿا ڏسو حالانڪ موت جا ڪڙڪا اوهان جي وچ ۾ ٿيندا رهندا آهن ۽ ان جون نگاهون توهان تي جميل آهن ۽ ان جون آزمائشون توهان جي عذر کي متاثر واريون آهن ۽ ان جا تير توهان مان تمام گهڻن کي لڳي چڪا آهن ۽ اها توهان کي به گهيري ۾ وٺي چڪي آهي ته پوءِ ڪيستائين ۽ ڇا جي لاءِ توهان پُنيان رهجي ويؤ؟ ڇا توهان هميشه بقاء جي خواهش رکو ٿا؟ هرگز نه واحد و صمد جو قسم! موت انتظار ۾ آهي اهو نه ڪنهن پيءُ کي ڇڏيندي آهي نه پُٽ کي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي پنهنجي مولا عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ خوب ڪوشش ڪريو ۽ گناهن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪريو ته جيئن هو توهان سان محبت ڪري.

## آخرت جو خوف

حضرتِ سيدنا محمد بن قدامہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته حضرتِ سيدنا بشر بن حارث رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هڪ مدهوش ماڻهو سان ملاقات ٿي ته هو انهن کي چُمڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: اي ابو نصر! منهنجا سردار! حضرت سيدنا بشر رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ان کي پاڻ کان الڳ نه فرمايو، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه موٽڻ لڳا ته سندن چهرو لُڙڪَن سان آلو ٿي ويو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: هي اُهو شخص آهي جيڪو پنهنجي گمان جي مطابق هڪ ماڻهو سان ان جي نيڪي جي سبب محبت ڪري ٿو شايد اهو محبت ڪرڻ وارو ته ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندو جڏهن ته محبوب (يعني آئون) نٿو ڄاڻان ته ان جو حال ڇا ٿيندو. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ميوو وڪڻڻ وارن وٽ رڪجي ڪري ميوو ڏسڻ لڳا: مون پڇيو: شايد اوهان کي ميون جي خواهش آهي؟

فرمايائون: نہ بلڪ آئون تہ اھو ڏسي رھيو آھيان تہ جڏھن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنھنجي نافرمان کي اھي نعمتون ڪارائي رھيو آھي تہ پنھنجي فرمانبردار کي ڇا ڇا نہ ڪارائيندو ۽ جنّت ۾ تہ ان کي گھڻو ڪجھ ڪارائيندو پياريندو. (اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين بِجاہِ النّبيِّ الاَمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)

منھنجا اسلامي ڀاءُ! ھاءِ افسوس! اي غافل! ڪيستائين سُتو پيو ھوندين؟ ڇا گذرڻ وارا ڏينھن ۽ راتيون توکي نہ جاڳائيندا؟ محلن ۽ خيمن جا رھڻ وارا ڪيڏانھن ويا؟ خدا جو قسم! موت جو پيالو انھن تي گھمي ويو ۽ موت انھن کي اھڙي طرح ڪٽي ورتو جھڙي طرح ڪبوتر ڪٽڪ جو داڻو چڳندي ڪٽي وٺندو آھي. مخلوق کي دنيا ۾ ھميشگي ناھي، صحيفا ويڙھيا ويا ۽ قلم خشڪ ٿي ويا.

## ڪجھ شعر

دَعُوْنِی عَلٰی نَفْسِی اَنُوْحُ وَاَنْدُبُ — بِدَمْعٍ غَزِيْرٍ وَّاكِفٍ يَّتَصَبَّبُ
دَعُوْنِی عَلٰی نَفْسِی اَنُوْحُ لِاَنَّنِی — اَخَافُ عَلٰی نَفْسِی الضَّعِيْفَةِ تُعْطَبُ
فَمَنْ لِیْ اِذَا نَادٰی الْمُنَادِیْ بِمَنْ عَصٰی — اِلٰی اَيْنَ اَلْجَا اَمْ اِلٰی اَيْنَ اَذْهَبُ
فَيَا طُوْلَ حُزْنِی ثُمَّ يَا طُوْلَ حَسْرَتِیْ — اِذَا كُنْتُ فِیْ نَارِ الْجَحِيْمِ اُعَذَّبُ
وَ قَدْ ظَهَرَتْ تِلْكَ الْقَبَائِحُ كُلُّهَا — وَ قَدْ قُرِّبَ الْمِيْزَانُ وَ النَّارُ تَلْهَبُ
وَ لٰكِنَّنِی اَرْجُوْ الْاِلٰهَ لَعَلَّهٗ — بِحُسْنِ رَجَائِیْ فِيْهِ لِیْ يَتَوَهَّبُ
وَيُدْخِلُنِیْ دَارَ الْجِنَانِ بِفَضْلِهٖ — فَلَا عَمَلٌ اَرْجُوْ بِهٖ اَتَقَرَّبُ
سِوٰی حُبِّ طٰهٰ الْهَاشَمِیِّ مُحَمَّدٍ — وَاَصْحَابِهٖ وَالْاٰلِ مَنْ قَدْ تَرَهَّبُوْا

**ترجمو:** (1) مون کي پنھنجي جان تي افسوس ڪرڻ ڏيو ۽ ٿورو ٿورو ڪري تمام گھڻا لُڙڪَ وھائڻ واري وانگر شرمندو ٿيڻ ڏيو.

(2) مون کي پنھنجي نفس تي افسوس ڪرڻ ڏيو ڇاڪاڻ تہ آئون پنھنجي ڪمزور جان جي ھلاڪت ۾ پوڻ کان ڊڄان ٿو.

(3) جڏھن مُنادي گنھگارن کي سڏيندو اُن وقت منھنجو ڪير ھوندو؟ آئون ڪِٿي

پناهه وٺندس، يا آئون ڪھڙي طرف ڀڄندس؟
(4) هاءِ! منھنجو طويل ڏک ۽ پوءِ ڏکھي حسرت، جڏھن تہ آئون دوزخ جي باھ ۾ عذاب ڏنو ويندس. (والعِياذ بالله عَزَّوَجَلَّ)
(5) اهي تمام بُرايون ظاهر ٿي چڪيون آهن، عمل جو ميزان بہ ويجھو ڪيو ويو آهي ۽ باھ ڀڙڪي رهي آهي.
(6) پر آئون الله عَزَّوَجَلَّ کان اُميد ڪريان ٿو، شايد هو منھنجي حُسنِ ظن جي سبب مون تي ڪرم فرمائي.
(7) ۽ پنھنجي فضل سان مون کي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏي، مون وٽ تہ ڪو اهڙو حسنِ عمل ناهي جنھن جي سبب قُرب جي اميد رکان.
(8) بس طٰہٰ و هاشمي حضرت سيدنا محمد مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي آل و اصحاب جي محبت آهي جيڪي حقيقي عبادت گذار هئا.

دلا غافل نہ ہو یکدم یہ دنیا چھوڑ جانا ہے
باغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
ترا نازک بدن بھائی جو لیٹے سیج پھولوں پر
یہ ہوگا ایک دن بے جاں اسے کیڑوں نے کھانا ہے
تو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے اینٹوں کا سرہانا ہے
نہ بیلی ہو سکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی
تو کیوں پھرتا ہے سودائی عمل نے کام آنا ہے
کہاں ہے زورِ نمرودی کہاں ہے تختِ فرعونی
گئے سب چھوڑ یہ فانی اگر نادان دانا ہے
عزیزا یاد کر جس دن کہ عزرائیل آئیں گے
نہ جاوے کوئی تیرے سنگ اکیلا تو نے جانا ہے
جہاں کے شغل میں شاغل خدا کے ذکر سے غافل
کرے دعویٰ کہ یہ دنیا میرا دائم ٹھکانا ہے
غلام اک دم نہ کر غفلت حیاتی پر نہ ہو غرّہ
خدا کی یاد کر ہر دم کہ جس نے کام آنا ہے

## حسابِ دنيا

حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: قيامت جي ڏينھن حلال مال جمع ڪرڻ واري ۽ ان کي حلال جڳھ خرچ ڪرڻ واري هڪ شخص کي آندو ويندو پوءِ ان کي چيو ويندو: ”حساب جي لاءِ بيھي رهو“ پوءِ ان کان هر داڻي، ذري ۽ هر هر دانق (يعني درهم جي ڇھين حصي) جو حساب

ورتو ويندو تہ ان کي ڪِٿان کان حاصل ڪيو ۽ ڪِٿي خرچ ڪيو.

پوءِ سيّدالمُبلغين، رحمةٌ للعالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي ابنِ آدم! تون اهڙي دنيا جو چا ڪندين جنهن جي حلال جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ حرام جي سزا ڀوڳڻي پوندي. (ڪنزالعمال رقم 6325 ج 3 ص 97)

## ڪجهه شعر

فَلَا تَأْمَنْ لِذِی الدُّنْيَا صَلَاحًا　　فَإِنَّ صَلَاحَهَا عَيْنُ الْفَسَادِ
وَلَا تَفْرَحْ لِمَالٍ تَقْتَنِيْهِ　　فَإِنَّكَ فِيْهِ مَعْكُوسُ الْمُرَادِ

**ترجمو:** (1) دنيا ۽ ان جي خوشحالي تي مطمئن نہ ٿجان، ڇاڪاڻ تہ ان جي خوشحالي تہ فقط فساد آهي.

(2) ۽ پنهنجي ڪمايل مال تي خوشي نہ ڪر ڇاڪاڻ تہ ان سان تون پنهنجي مراد حاصل نٿو ڪري سگهين.

## سڪرات جي حالت ۾ مسڪراهٽ

حضرتِ سيدنا بايزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِي پنهنجي انتقال جي وقت روئڻ کان پوءِ کِلڻ لڳا پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن لاڏاڻو ڪري ويا، سندن وفات کان پوءِ ڪنهن انهن کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيو: اوهان انتقال کان پهرين ڇو رُنا ۽ پوءِ ڇو کِليا؟ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: جڏهن آئون سڪرات جي حالت ۾ هئس تہ شيطان ملعون مون وٽ آيو ۽ مون کي چوڻ لڳو: اي بايزيد! تون منهنجي ڄار کان آزاد ٿي وئين تہ آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ آهہ و زاري ڪرڻ لڳس پوءِ آسمان کان هڪ فرشتو مون وٽ لٿو ۽ مون کي چوڻ لڳو: اي بايزيد! ربّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ توکي فرمائي ٿو: ڊڄ نہ ۽ ڏک نہ ڪر ۽ جنّت جي خوشخبري ٻُڌي وٺ تہ آئون کِلڻ لڳس ۽ دنيا مان رخصت ٿي ويس. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب

بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪجهه شعر

وَقَفْتُ وَاَجْفَانِى تَفِيْضُ دُمُوْعُهَا وَقَلْبِى مِنْ خَوفِ الْقَطِيْعَةِ هَائِمُ
وَكُلُّ مُسِيءٍ اَوْبَقَتْهُ ذُنُوبُهُ ذَلِيْلٌ حَزِيْنٌ مُّطْرِقُ الطَّرْفِ نَادِمُ
فَيَارَبِّ ذَنْبِى قَدْ تَعَاظَمَ قَدْرُهُ وَ اَنْتَ بِمَا اَشْكُوهُ يَا رَبِّ عَالِمُ
وَ اَنْتَ رَؤُوفٌ بِالْعِبَادِ مُهَيْمِنٌ حَلِيْمٌ كَرِيْمٌ وَاسِعُ الْعَفْوِ رَاحِمُ

ترجمو: (1) آئون رُڪجي ويس ۽ منهنجون اکيون پنهنجا ڳوڙها وهائي رهيون آهن ۽ دل جدائي جي ڏک کان حيران ۽ پريشان آهي.
(2) هر رُسوا شخص کي ان جي گناهن هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيو، اهو ذليل، ڏکيارو ۽ شرمساري مان اکيون جهڪايل آهي.
(3) اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجو گناهه تمام وڏو ۽ طاقتور ٿي ويو آهي ۽ اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! تون منهنجي فرياد کي خوب ڄاڻين ٿو.
(4) تون پنهنجي ٻانهن تي مهربان آهين (انهن جي) حفاظت فرمائڻ وارو، حليم، ڪريم ۽ تمام گهڻو عفو و درگذر ڪرڻ وارو مهربان آهين.

**منهنجا اسلامي ڀاءُ! تو ڪيترا ڏينهن اميد ۾ گذاري ڇڏيا ۽ تو شريعت جا ڪيترا حڪم ضايع ڪري ڇڏيا ۽ ڪيترائي ٻُڌڻ وارا ڪَن اهڙا آهن جن تي خوف ڏيارڻ سان ڪو اثر نٿو ٿئي.**

# آخري خواهش

جڏهن حضرت سيدنا جابر بن زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وفات جو وقت ٿيو تہ انهن کان پڇيو ويو: ڇا اوهان کي ڪنهن شيءِ جي خواهش آهي؟ ارشاد فرمايائون: حضرتِ سيدنا امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن کي ڏسڻ چاهيان ٿو.

جڏهن اها ڳالهہ حضرتِ سيدنا امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تائين پهتي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهن وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ پڇيائون: ڪيئن

محسوس ڪري رهيا آهيو. جواب ڏنائون: آئون سمجهان ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم پورو ٿيڻ وارو آهي، اي ابو سعيد! مون کي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان ٻُڌل ڪا حديث مبارڪ ٻُڌايو تہ حضرتِ سيدنا حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو: اي جابر! سيدالمُبلّغين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي: مؤمن الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان ڪنهن پلائي تي هوندو آهي، جيڪڏهن هو توبهہ ڪندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قبول فرمائيندو آهي ۽ جيڪڏهن عذر پيش ڪندو آهي تہ ان جو عذر قبول فرمائيندو آهي ۽ ان جي نشاني هي آهي تہ اهو مؤمن روح نڪرڻ کان پهرين پنهنجي دل ۾ ٿڌاڻ محسوس ڪندو آهي.

اهو ٻُڌي حضرتِ سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن چيو: الله اڪبر! بيشڪ آئون پنهنجي دل ۾ ٿڌاڻ محسوس ڪري رهيو آهيان. پوءِ دعا گهرڻ لڳا: اي الله عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ آئون تنهنجي ثواب جي خواهش رکان ٿو، تنهنڪري! تون منهنجي گمان کي سچ ڪر ۽ منهنجي خوف ۽ گهبراهٽ کي ختم فرماءِ. پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن ڪلمو شهادت پڙهيو ۽ لاڏاڻو فرمائي ويا. (حلية الاولياء رقم 3344، ج 3، ص 105)

## توبهہ جو سبب

حضرت سيدنا داوُد طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي توبهہ جو سبب هي ٿيو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ قبرستان ۾ داخل ٿيا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هڪڙي قبر جي ويجهو ڪنهن عورت(1) کي روئندي ڏٺو ۽ هي شعر

(1) حضرت صدرالشريعہ مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فتاويٰ رضويہ شريف جي حوالي سان لکن ٿا: ۽ درست هي آهي تہ عورتن کي بلڪل منع ڪيو وڃي ڇوتہ پنهنجن جي قبرن جي زيارت ۾ تہ اهو ئي روئڻ پٽڻ آهي ۽ ولين جي قبرن تي يا تہ تعظيم ۾ حد کان وڌي وينديون يا بي ادبي ڪنديون جيئن تہ عورتن ۾ اهي ٻہ ڳالهيون ڪثرت سان نظر اينديون آهن.
(بهارِ شريعت جلد 1 حصو 4 ص 89)

پڙهندي ٻُڌو:

## عربي شعر

تَزِيۡدُ بِلًى فِـی کُلِّ یَوۡمٍ وَّ لَیۡلَةٍ وَتَسۡأَلُ لِمَ تَبۡلٰى وَاَنۡتَ حَبِیۡبُ
مُقِیۡمٌ اِلٰی اَنۡ یَّبۡعَثَ اللهُ خَلۡقَهٗ لِقَـاؤُکَ لَایُرۡجٰی وَاَنۡتَ قَـرِیۡبُ

**ترجمو:** (1) هر ڏينهن رات منهنجي ڏک ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ تون پڇين ٿو تہ ڇو ڏکايل آهين، باوجود ان جي جو تون ئي منهنجو محبوب آهين.
(2) (قيامت جي ڏينهن) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پنهنجي مخلوق کي اُٿارڻ تائين تون اتي ئي رهندين، باوجود ويجهي هجڻ جي تنهنجي ملاقات جي ڪا اميد ناهي.

## دنيا جو فِتنو

**پيارا اسلامي ڀائرو!**

انهن نفسن کي لغام ڏيو ۽ دلين کي گناهن کان روڪي وٺو ۽ سمجهداري سان عبرت جي صحيفن کي پڙهو، اي خواهشن ۾ مبتلا رهڻ وارؤ! توهان جي پنيان موت لڳل آهي، اي گناهن ۾ مصروف رهڻ وارؤ! اي سمهڻ وارؤ! سجاڳ ٿي وڃو، توهان ڪيترا سال برباد ڪري ڇڏيا، سڄي دنيا خوابِ غفلت ۾ آهي جاڪاڻ تہ ان جا ڪوڙا خواب ڏاڍا دلپسند هوندا آهن ۽ پوڙهن جو عقل ٻارن جهڙو آهي پر جنهن پنهنجي نفس تي قابو پائي ورتو حقيقت ۾ اهو ئي عقلمند آهي، غفلت انتها کي پهچي چڪي آهي ۽ سزائون قريب ٿي چڪيون آهن بس! اسين **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهيون ۽ اسان کي انهيءَ ڏانهن ئي واپس موٽڻو آهي، **الله**عَزَّوَجَلَّ سلامتي عطا فرماءِ.

## دنيا سان محبت جو انجام

حضرتِ سيدنا عيسيٰ روح **الله** عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڳوٺ وٽان گذريا تہ ان جي تمام رهاڪُن کي گهٽين ۾ منهن پر ڪِريل مئل حالت ۾

ڏنائون. پاڻ عَلَيهِ السَّلام جن کي ڏاڍو تعجب ٿيو ۽ فرمايائون: اي حواريو! هي ماڻهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عذاب ۽ غضب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. حوارين عرض ڪيو: اي روح اللّٰه (عَلَيهِ السَّلام)! اسان انهن جو واقعو ڄاڻڻ چاهيون ٿا. حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جن انهن جي باري ۾ ڄاڻڻ جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ دعا ڪئي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وحي فرمائي: جڏهن رات جو وقت ٿئي ته ڳوٺ وارن کي آواز ڏجان اهي توهان کي جواب ڏيندا. پوءِ جڏهن رات ٿي ته حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام هڪ ٽڪري تي تشريف فرما ٿي ڳوٺ وارن کي سڏڻ لڳا ته انهن مان هڪ شخص جواب ڏنو: لَبَّيک يا روح اللّٰه. حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جن ان کان پڇيو: توهان جو واقعو ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو: اي روح اللّٰه عَلَيهِ السَّلام! رات جو اسين چين سان سُتا پيا هئاسين صبح جو هلاڪت ۾ مبتلا ٿي وياسين. پڇيائون: ائين ڇا جي ڪري ٿيو؟ عرض ڪيائين: دنيا جي محبت ۽ بدڪارن جي پيروي جي ڪري. حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جن پڇيو: دنيا سان اوهان جي محبت ڪيئن هئي؟ عرض ڪيائين: جهڙي هڪ ٻار کي پنهنجي ماءُ سان هوندي آهي جڏهن اها اسان وٽ ايندي هئي ته اسان خوش ٿيندا هئاسين ۽ جڏهن اسان کان جدا ٿيندي هئي ته اسان غمگين ٿيندا ۽ روئندا هئاسين.

پوءِ حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جن پڇيو: اي فلان تنهنجي ساٿين کي ڇا ٿيو آهي جو اهي جواب نٿا ڏين؟ عرض ڪيائين: انهن جي وات تي ۾ تمام طاقتور ملائڪن باهه جا لغام هٽي ڇڏيا آهن. فرمايائون: تون انهن مان ڪيئن جواب ڏئي رهيو آهين؟ عرض ڪيائين: آئون انهن سان گڏ ته آهيان پر حقيقت ۾ انهن مان ناهيان،

جڏهن انهن تي عذاب آيو ته انهن سان گڏ آئون به عذاب ۾ مبتلا ٿي ويس آئون هن وقت دوزخ جي ڪناري تي ٽنگيل آهيان ۽ آئون نٿو ڄاڻان ته مون کي ان کان ڇوٽڪارو ملندو يا آئون دوزخ ۾ اڇلايو ويندس. والعِياذ بالله عَزَّوَجَلَّ (حلية الاولياء رقم 4762 ج 4، ص 64 بتصرف)

اي زندگي جا مسافر! تون حد کان وڌي چڪو آهين، پنهنجي آزمائش تي ڳوڙها ڳاڙ، ڪِتي ائين نه ٿئي جو توکي ڌِڪاريو وڃي، اي اهي شخص! جنهن جي گهڻي عمر گذري چڪي ۽ گذريل وقت موٽي نٿو سگهي، نصيحتن تنهنجي رهنمائي ڪئي ۽ پيري توکي خبردار ڪري ڇڏيو ته موت ويجهو آهي ۽ زبانِ حال سان پُڪاري پُڪاري چئي رهيو آهي:

يٰٓاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا (پ 30 الانشقاق 6)

ترجموڪنزالايمان: اي انسان بيشڪ توکي پنهنجي ربّ جي طرف ضرور ڊوڙڻو آهي.

## ڪجھ شعر

لَمَّاانْقَضٰى زَمَنُ التَّوَاصُلِ وَالرِّضَا قَدْ صِرتَ تَطْلُبُ رَدَّ اَمرٍ قَدْ مَضٰى
هَلَّااَتَيْتَ وَوَقْتُ وَصْلِكَ مُمْكِنٌ وَبَيَاضُ شَيْبِكَ فِى الْعَوَارِضِ مَااَضَا

**ترجمو:** (1) جڏهن ملڻ ۽ راضي ٿيڻ جو زمانو گذري ويو ته تون گذريل معاملي کي موٽائڻ جو تقاضو ڪرڻ لڳين.

(2) تون ڇو نه آئين باوجود ان جي جو توسان ملاقات جو وقت موجود هو ۽ تنهنجي پيري جي سفيدي ڏندن (جي سفيدي) کان وڌيڪ چمڪدار هئي.

### پيارا اسلامي ڀاءُ!

هي توبهه ۽ استغفار ڪرڻ ۽ گناهن کان رُڪجڻ جو وقت آهي. هڪ روايت ۾ آهي: جنهن جي زندگي جا چاليهه سال گذري ويا ۽ ان جي ڀلائي ان جي بُرائي تي غالب نه آئي ته ان کي گهرجي ته هو

دوزخ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. (تنزيہ الشريعة المرفوعة ج 1 ص 205 رقم 68 بتصرف)

## ڪجهہ شعر

اَتَيۡتُکَ رَاجِيًا يَا ذَا الۡجَلَالِ ‏ فَفَرِّجۡ مَاتَرٰى مِنۡ سُوۡءِ حَالِيۡ
عَصَيۡتُکَ سَيِّدِى وَيۡلِى بِجَهۡلِى ‏ وَعَيۡبُ الذَّنۡبِ لَمۡ يَخۡطُرۡ بِبَالِيۡ
اِلٰى مَنۡ يَّشۡتَكِى الۡمَمۡلُوۡكُ اِلَّا ‏ اِلٰى مَوۡلَاهُ يَامَوۡلَى الۡمَوَالِيۡ
فَوَيۡلِى، لَيۡتَ اُمِّى لَمۡ تَلِدۡنِى ‏ وَلَا اَعۡصِيۡکَ فِى ظُلَمِ اللَّيَالِيۡ
وَهَا اَنَا ذَا عُبَيۡدُکَ عَبۡدُ سُوۡءٍ ‏ بِبَابِکَ وَاقِفٌ يَا ذَا الۡجَلَالِ
فَاِنۡ عَاقَبۡتَ يَارَبِّى، فَاِنِّى ‏ مُحِقٌّ بِالۡعَذَابِ وَ بِالنَّكَالِ
وَاِنۡ تَعۡفُ فَعَفۡوُکَ اَرۡتَجِيۡهِ ‏ وَيَحۡسُنُ اِنۡ عَفَوۡتَ قَبِيۡحُ حَالِيۡ

**ترجمو:** (1) اي ذوالجلال! آئون توسان اميد لڳائي تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر آهيان، منهنجي بدحالي توتي ظاهر آهي، ان کي ختم فرمائي ڇڏ.

(2) (اي) منهنجا آقا! مون تنهنجي نافرماني ڪئي، مون کي پنهنجي جهالت تي افسوس آهي ڇاڪاڻ تہ منهنجي دل تي گناهہ جي عيب جو کٽڪو بہ نہ گذريو.

(3) اي آقائن جا آقا! غلام! پنهنجي آقا کان سواءِ ڪنهن سان فرياد ڪري.

(4) اي ڪاش! مون کي منهنجي ماءُ نہ ڄڻي ها ۽ آئون رات جي اونداهي ۾ تنهنجي نافرماني نہ ڪريان ها.

(5) آئون تنهنجو اهوئي ادنيٰ گناهگار ٻانهو آهيان، اي ذوالجلال! تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو آهيان.

(6) اي منهنجا پروردگار! جيڪڏهن تون منهنجي پڪڙ فرمائين تہ بيشڪ آئون عذاب ۽ سزا جي لائق آهيان.

(7) ۽ جيڪڏهن تون معاف ڪري ڇڏين تہ آئون تہ تنهنجي عفو ئي جو اميدوار آهيان ۽ جيڪڏهن تون منهنجي بداعمالي کي درگذر فرمائين (تہ منهنجي حق ۾ تمام سنو ٿيندو.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **فرمائي ٿو: اي منهنجا ٻانهؤ! ڇا توهين نٿا ڄاڻو تہ**

مون دنيا کي تڪليف ۽ امتحان جو گهر ٻڌايو آهي ۽ آئون فضل ۽ احسان جا مرتبا انهيءَ ئي کي عطا ڪندو آهيان جيڪو دنيا ۾ خطا ۽ گناهه جي جڳهين کان پري رهندو آهي پوءِ توکي ڇا ٿيو جو تون منهنجي دروازي تي نه آئين ۽ تو منهنجي فضل و ثواب جي خواهش نه ڪئي ۽ نه ئي منهنجي پڪڙ ۽ عذاب کان خوفزده ٿئين.

اي اهي شخص جنهن جي غفلت ظاهر ۽ بيهوشي ڏکهي تي وئي! پنهنجي مٿان مولا عَزَّوَجَلَّ جي احسان ۽ ڪرم کي ياد ڪر، خدا جو قسم! توتي لازم آهي ته تون توبهه جي ذريعي پنهنجي پُٺ تان گناهن کي ڇنڊي ڇڏ ۽ دل سان علّام الْغُيُوب عَزَّوَجَلَّ ڏانهن متوجهه ٿي وڃ ۽ پنهنجي چهري کي لُڙڪَن سان ڌوئي ڇڏ ۽ عاجزي ۽ انڪساري جون چادرون اوڍي وٺ.

## ڪجهه شعر

رَكِبْتُ مَآثِمِي فَلَقِيتُ ذُلًّا     وَسَالَتْ عَبْرَتِي طَلًّا وَوَبْلًا
وَصِرْتُ أُعَاتِبُ الْقَلْبَ الْمُبَلَّا     اِلٰى مَنْ يَّشْتَكِي الْمَمْلُوكُ اِلَّا
اِلٰى مَوْلَاهُ يَامَوْلَى الْمَوَالِي     فَلُطْفُكَ بِيْ اِلٰهَ الْعَرْشِ اَوْلٰى

**ترجمو:** (1) آئون گناهه تي گناهه ڪندو رهيس ايستائين جو رسوائي کي وڃي پهتس ۽ منهنجا لُڙڪ هلڪي ۽ تيز برسات وانگر وهي پيا.

(2) آئون پريشان دل کي برو ڀلو چوڻ لڳي ويس، هي ٻانهو ڪنهن جي بارگاهه ۾ فرياد ڪري.

(3) ها! پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾، اي آقائن جا آقا! اي عرش جا معبود! مون کي تنهنجي لطف ۽ ڪرم جي بيحد ضرورت آهي.

# فڪرِ آخرت کان غافل ٿيڻ وارن کي نصيحت

منهنجا اسلامي ڀائرو!

غفلت مان سجاڳ ٿيو ڇاڪاڻ ته غفلت جي ننڊ تمام مهانگي پوندي ۽ آخرت جي تياري جي لاءِ راضي ٿي وڃو ڇاڪاڻ ته دنيا ته هڪ مسافر خانو آهي ۽ مسافر خاني ۾ ڪجهه دير آرام ڪيو ويندو آهي.

منقول آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪنهن نبي عَلَيهِ السَّلام ڏانهن وحي فرمائي: اي منهنجا نبي! منهنجي حڪمن جي نافرماني ۽ مخالفت ڪرڻ وارن ۽ منهنجي حڪمن جي پيروي ڪرڻ وارن ۽ منهنجو ذڪر ڪرڻ وارن، منهنجي دروازي کي لازم پڪڙڻ وارن، منهنجي ڪم ۾ سڄي زندگي گذارڻ وارن ۽ پنهنجي ڳِل کي منهنجي دروازي تي رڳڙڻ وارن ۾ فرق ڪر.

هاءِ گنهگارن جي رسوائي ۽ هاءِ باطل پرستن جي شرمساري.

## ڪجهه شعر

أَخْلُ بِنَفْسِکَ اِنْ اَرَدْتَّ تَقَرُّبًا ۔۔۔ وَدَعِ الْاَنَامَ بِمَعْزِلٍ يَاعَانِیْ

وَاعْمَلْ عَلٰى قَطْعِ الْعَلَائِقِ جُمْلَةً ۔۔۔ فِیْ الْعَيْشِ فِیْ خَرْقِ الْحِجَابِ الْفَانِیْ

**ترجمو:** (1) اي فڪرمند! جيڪڏهن تون قُرب چاهين تو ته اڪيلائي اختيار ڪر ۽ ماڻهن کي هڪڙي طرف ڇڏي ڏي.

(2) ۽ فاني پردي کي ڦاڙڻ (هٽائڻ) جي لاءِ سڄي زندگي تمام رشتن ناتن کان عليحده ٿي وڃ.

## مفلس ڪير؟

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڏينهن پنهنجي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ارشاد فرمايو: ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته مفلس (يعني غريب، محتاج) ڪير آهي؟ عرض ڪيائون:

يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جي ويجهو مفلس اهو آهي جنهن وٽ نہ دينار هجن نہ ئي درهم هجن تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي فرمايو: ائين ناهي بلڪ مفلس تہ اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزا، زڪوٰة ۽ صدقا کڻي ايندو پر ان ڪنهن کي گار ڏني هوندي، ڪنهن کي تُهمت هنيو هوندو، ڪنهن جو مال ڦٻايو هوندو ۽ ڪنهن جو رت وهايو هوندو تہ ان کي هن جون نيڪيون ڏنيون وينديون ۽ وري هڪ شخص ايندو ان کي بہ اهڙي ئي طرح هن جون نيڪيون ڏنيون وينديون ايستائين جو ماڻهن جا حق ادا ڪرڻ کان پهرين ئي هن جون نيڪيون ختم ٿي وينديون پوءِ هن کي انهن جا گناهہ ڏنا ويندا تہ هن کي انهن ماڻهن جي گناهن جي سببان دوزخ ۾ اُڇلايو ويندو، اهو ئي شخص مفلس آهي. (صحيح مسلم ، رقم 2581،ص 1394 بتغيرِ قليل)

نُعوذُ بِاللهِ مِنَ الحِرمَان يعني اسان اهڙي محرومي کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ چاهيون ٿا.

## خدمت گار ازدها

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون حضرتِ سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاكرم وٽ ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيس تہ انهن کي مسجد ۾ ڳوليو پر اهي مون کي نہ مليا تہ مون کي ٻڌايو ويو، اهي هينئر هينئر مسجد مان نڪتا آهن. آئون سندن ڳولا ۾ نڪتس ۽ ڏٺم تہ اهي سخت گرمي جي موسم ۾ گهاٽي جي وچ ۾ سُتل آهن، انهن جي سيراندي کان هڪ تمام وڏو ازدها (يعني اجگر نانگ) وينل آهي، ان جي منهن ۾ ياسمين جي هڪ ٽاري آهي جنهن جي ذريعي هو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تان مکيون اڏائي رهيو آهي. مون کي ان تي ڏاڍو عجب

لڳو. انهيءَ وقت الله عَزَّوَجَلَّ (جنهن هر شيء کي ڳالهائڻ سيکاريو آهي) ازدهي کي ڳالهائڻ جي قوّت عطا فرمائي ته ان ازدهي مون کي چيو: اي شخص! تون ڇو حيران آهين؟ مون چيو: تنهنجي ان فعل تي حيران آهيان ۽ ان کان وڌيڪ تنهنجي ڳالهائڻ تي حيران آهيان جو تون ته ماڻهو جو دشمن آهين، ته ازدهي جواب ڏنو: ربّ عظيم جو قسم! اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ فقط گنهگارن جو دشمن بڻايو آهي جڏهن ته نيڪ ڪم ڪندڙن جا ته اسان تابعدار آهيون. (الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## ڪجهه شعر

فَعَالِيْ قَبِيْحٌ وَّ ظَنِّيْ حَسَنْ — وَرَبِّيْ غَفُوْرٌ كَثِيْرُ الْمِنَنْ
تُبَارِزُ مَوْلَاكَ يَا مَنْ عَصٰى — وَتَخْشٰى مِنَ الْجَارِ لَمَّا فَطِنْ
رَكِبْتُ الْمَعَاصِيَ وَشَيْبِيْ مَعِيْ — فَوَاللّٰهِ يَا نَفْسُ مَاذَا حَسَنْ
فَقُوْمِيْ الدَّيَاجِيْ لَهٗ وَ ارْغَبِيْ — وَقُوْلِيْ لَهٗ يَا عَظِيْمَ الْمِنَنْ
وَقُوْلِيْ لَهٗ يَا عَظِيْمَ الرَّجَا — اِذَا اَنْتَ لَمْ تَعْفُ عَنِّيْ فَمَنْ
بِحَقِّ النَّبِيِّ هُوَ الْمُصْطَفٰى — بِحَقِّ الْحُسَيْنِ بِحَقِّ الْحَسَنْ
أَيُدْفَعُ مِثْلِيْ اِلٰى مَالِكٍ — وَتَعْلَمُ اَنِّيْ ضَعِيْفُ الْبَدَنْ

**ترجمو:** (1) منهنجا عمل بُرا آهن ۽ (الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات ۾) گمان سُٺو آهي ۽ منهنجو ربّ بخشڻ وارو، تمام گهڻو احسان فرمائڻ وارو آهي.

(2) اي گناهه ڪرڻ وارا! تون پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ کي (مقابلي جو) چيلنج ڪرين ٿو ۽ پاڙي وارو ڪا هوشياري ڏيکاري ته تون ان کان ڊڄين ٿو.

(3) پيرسن ٿيڻ جي باوجود آئون گناهه تي گناهه ڪندو رهيس، اي منهنجا نفس! الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اها سٺي ڳالهه ناهي.

(4) ته (اي منهنجا نفس!) تون ان جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪر: اي وڏي احسان جا مالڪ!

(5) ۽ ان کان دعا ڪر: اي وڏي ڪان وڏي اميد کي پورو ڪرڻ وارا! جڏهن تون

عفو و درگذر نہ فرمائيندين تہ ڪير فرمائيندو؟
(6) حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۽ حضرت حسن ۽ حسين (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا) جي صدقي مغفرت فرماءِ.
(7) چا مون جهڙو ڪمزور، سيدنا مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام (دوزخ جي نگران) جي حوالي ڪرڻ جي قابل آهي؟ تون تہ ڄاڻين ٿو تہ منهنجو بدن ڪمزور آهي.

## ماءُ پُٽ جو موت

هڪ ڏينهن حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ لڳا تہ ماڻهو انهن جي ويجهو اچڻ جي لاءِ هڪٻئي کي ڌِڪا ڏيڻ لڳا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن انهن ڏانهن متوجه ٿي فرمايو: اي منهنجا پيارو! اڄ توهان منهنجو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کي ڌِڪي رهيا آهيو، سڀاڻي قيامت ۾ اوهان جو ڇا حال ٿيندو جڏهن پرهيزگارن جون مجلسون ويجهون هونديون جڏهن تہ گنهگارن جي مجلسن کي پري ڪيو ويندو، جڏهن گهٽ بار وارن (يعني نيڪ ڪم ڪندڙن) کي چيو ويندو: پل صراط پار ڪري وٺو ۽ گهڻي بار وارن (يعني گنهگارن) کي چيو ويندو: دوزخ ۾ ڪِري پئو. آه! آئون نٿو ڄاڻان تہ آئون گهڻي بار وارن سان گڏ دوزخ ۾ ڪري پوندس يا ٿوري بار وارن سان گڏ پل صراط پار ڪري وٺندس.

پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه روئڻ لڳا ايستائين جو سندن تي غشي طاري ٿي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ويجهو وينل ماڻهو بہ روئڻ لڳا، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن انهن ڏانهن متوجه ٿيا ۽ پڪاري فرمايائون: اي پيارو! ڇا توهان دوزخ جي خوف کان نہ ٿا رُئو؟ ٻُڌي وٺو تہ جيڪو شخص جهنم جي خوف کان روئي ٿو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان کي ان ڏينهن جهنم کان آزاد فرمائيندو جنهن ڏينهن مخلوق کي زنجيرن ۽ سنگهرن سان ڇِڪيو ويندو، اي پيارو! ڇا توهان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي شوق

۾ نتا روئو؟ ٻُڌي ونو! جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي شوق ۾ روئندو تہ اُهو ان ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي نظرِ رحمت کان محروم نہ رهندو جڏهن قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ رحمت ۽ مغفرت سان تجلي فرمائيندو ۽ گنهگارن تي ان جو سخت غضب هوندو. اي پائرو! ڪِتي اوهان قيامت جي اُج کان تہ نہ روئي رهيا آهيو؟ جنهن ڏينهن مخلوق جو حشر ٿيندو تہ انهن جا چپ خشڪ ٿي ويندا تہ اهي مصطفٰي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوضِ ڪوثر کان سواءِ ڪِتي پاڻي حاصل ڪري نہ سگهندا تہ هڪڙي قوم ان حوض مان پاڻي پيئندي جڏهن تہ ٻين کي ان کان روڪيو ويندو. ٻُڌي ونو تہ جيڪو ان ڏينهن جي اُج جي خوف کان روئيندو اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي فردوس جي چشمن مان پاڻي پياريندو.

پوءِ حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي جن زور سان چيو: هاءِ! جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن مصطفٰي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوضِ ڪوثر مان منهنجي اُج نہ لٿي تہ منهنجي نقصان جي ڇا ڪيفيّت هوندي؟ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه روئندي فرمائڻ لڳا: خدا جو قسم! هڪ ڏينهن منهنجو گذر هڪ عبادت گذار عورت وٽان ٿيو، اها چئي رهي هئي: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! مون تنهنجي شوق ۽ اميد ۾ پنهنجو پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيو آهي، مون ان کي چيو: اي خاتون! ڇا تون پنهنجي عمل تي يقين رکين ٿي؟ عورت جواب ڏنو: جنهن جي محبت ۽ شوق مون کي خوشحال ڪري رکيو آهي تنهنجو ڇا خيال آهي تہ هو مونکي عذاب ۾ مبتلا ڪندو حالانڪ آئون ان سان محبّت ڪريان ٿي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: انهيءَ دوران منهنجي گهروارن مان هڪ ٻار مون وٽان گذريو تہ مون ان کي پنهنجي هٿن تي کڻي، پنهنجي سيني سان لڳائي چُمڻ لڳس. ان

عورت مون کان پڇيو: ڇا تون ان سان محبت ڪرين ٿو؟ مون چيو: ها. اها عورت روئڻ لڳي ۽ چيائين: جيڪڏهن مخلوق ڇاڻي وني تہ سياڻي قيامت ۾ انهن کي ڪهڙن حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو تہ دنيا جي ڪنهن شيءِ سان نہ ڪڏهن انهن جون اکيون ٺڏيون ٿين ۽ نہ ئي انهن جون دليون ڪڏهن لذّت ماڻي سگهن. پوءِ ڪجھ دير کان پوءِ ان عورت جو پُٽ جنهن جو نالو ضيغم هو، ان وٽ آيو تہ ان چيو: اي ضيغم! تنهنجو ڇا خيال آهي تہ ڇا آئون سياڻي قيامت جي ڏينهن توکي محشر ۾ ڏسي سگهنديس يا پنهنجي وچ ۾ ڪا رڪاوٽ هوندي؟ حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: اها ڳالھ ٻُڌي ٻار اهڙي زوردار رڙ ڪئي جو مون کي گمان ٿيو تہ شايد انهن جو هاڻ ڦاٽي پيو آهي. پوءِ اهو ٻار غش کائي ڪِري پيو ان تي اها عورت روئڻ لڳي ۽ انهن کي روئندو ڏسي آئون بہ روئڻ لڳس پوءِ جڏهن ٻار کي ڪجھ آرام آيو تہ ان ٻار کي سڏيو: اي ضيغم! ٻار جواب ڏنو: آئون حاضر آهيان امان. پڇيائين: ڇا تون موت کي پسند ڪرين ٿو؟ ان چيو: ها، ماءُ پڇيو: پٽ! موت کي ڇو ٿو پسند ڪرين؟ پُٽ جواب ڏنو: جيئن آئون اوهان کان بهتر يعني الله ربّ العزّت عَزَّوَجَلَّ وٽ هليو وڃان ڇاڪاڻ تہ هو سيني کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارو آهي، ان مون کي اوهان جي پيٽ جي اونداهي ۾ غذا ڏني ۽ تنگ رستن مان مون کي ٻاهر ڪڍيو، جيڪڏهن هو چاهي ها تہ مون کي انهن تنگ رستن مان ڪڍندي وقت موت ڏئي ڇڏي ها ايستائين جو اوهان بہ سُور جي شدّت کان مري وڃو ها پر ان پنهنجي رحمت ۽ لطف سان اسان ٻنهي تي ان مرحلي کي آسان ڪري ڇڏيو، ڇا اوهان ٻُڌو ناهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

نَبِّئْ عِبَادِیْۤ اَنِّیْۤ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِیْمُۙ(۴۹) وَ اَنَّ عَذَابِیْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِیْمُ(۵۰)
(پ 14 الحجر 49، 50)

ترجموڪنزالايمان: خبر ڏيو منهنجن ٻانهن کي تہ بيشڪ مان ئي آهيان بخشيندڙ مهربان. ۽ منهنجو ئي عذاب درد ناڪ عذاب آهي.

پوءِ اهو ٻار روئڻ لڳو ۽ زور سان چوندو رهيو: جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڇوٽڪارو نہ ماڻي سگهيس تہ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. اهو لاڳيتو روئندو رهيو ايستائين جو بيهوش ٿي زمين تي ڪِري پيو. ان جي ماءُ ويجهو اچي ان کي لوڏيو تہ هو وصال ڪري چڪو هو (الله عَزَّوَجَلَّ ان تي رحم فرمائي) اها عورت روئندي چوڻ لڳي: اي ضيغم! اي پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي محبت جا شهيد، هو اهو ئي چوندي رهي ايستائين جو اها بہ هڪ دانهن ڪري زمين تي ڪِري پئي. حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مون ان عورت کي لوڏيو تہ اها بہ الله عَزَّوَجَلَّ کي پياري ٿي چڪي هئي. (الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

# نظر جي حفاظت

**پيارا اسلامي ڀائرو!**

هي دنيا قاتل زهر آهي پر ماڻهو ان جي هلاڪتن کان بي خبر آهن. ڪيترين ئي نگاهون اهڙيون هونديون آهن جيڪي شروع ۾ ڏاڍيون پياريون لڳنديون آهن پر بعد ۾ انهن جي ٽِڪاڻ برداشت نہ ٿي سگهندي، اي ابنِ آدم! تنهنجي دل ڏاڍي ڪمزور آهي ۽ تنهنجي راءِ حقيقت ۾ کوٽي آهي، تنهنجي اک آزاد آهي ۽ تنهنجي زبان گناهن سان ڀريل آهي، تنهنجو جسم گناهه ڪري ڪري ٿڪجي پوندو آهي،

ڪيترين ئي نگاهون اهڙيون هونديون آهن جن کي معمولي سمجهيو ويندو آهي پر انهن کان بہ غلطي ٿي ويندي آهي.

### ڪجهہ شعر

عَاتَبْتُ قَلْبِیْ لَمَّا رَاَیْتُ جِسْمِیْ نَحِیْلًا
فَلَامَ قَلْبِیْ طَرْفِیْ وَقَالَ کُنْتَ ا لرَّسُوْلَا
فَقَالَ طَرْفِیْ لِقَلْبِیْ بَلْ کُنْتَ اَنْتَ الدَّلِیْلَا
فَقُلْتُ کُفَّاجَمِیْعًا تَرَکْتُمَانِیْ قَتِیْلًا

**ترجمو:** (1) جڏهن مون پنهنجي جسم جي ڪمزور هجڻ تي غور ڪيو تہ پنهنجي دل کي بُرو ڀلو چوڻ لڳس.

(2) تہ منهنجي دل منهنجي اک کي بُرو ڀلو چيو ۽ چيو تہ تون ئي پيغام ڏيندي آهين.

(3) تہ منهنجي اک منهنجي دل کي جواب ڏنو: رهنمائي تہ تون ئي ڪندين آهين.

(4) تہ مون (انهن ٻنهي کي) چيو: توهين ٻئي ئي (پنهنجي برائين کان) رڪجي وڃو، توهان ٻنهي مون کي هلاڪ ڪري ڇڏيو آهي.

## بدنگاهي جو عذاب

حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمائيندا هئا: بدنگاهي دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي.

حضرت سيدنا حسن بصري عَلَیْهِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا: جنهن پنهنجي اک کي آزاد ڪري ڇڏيو ان جا ڏک وڌي ويا.

۽ حضرت سيدنا ابراهيم رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا:

وَمَنْ کَانَ یُؤْتٰی مِنْ عَدُوٍّ وَّحَاسِدٍ فَاِنِّی مِنْ عَیْنَیَّ اُوْتٰی وَمِنْ قَلْبِیْ

يعني: ۽ جيڪو نقصان ڪنهن دشمن ۽ حاسد کان پهچندو آهي مون کي اهو ئي نقصان پنهنجي اک ۽ دل کان ٿيندو آهي.

# بدنگاهي جي سزا

حضرتِ سيدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا: هڪ شخص نبيءِ مڪرم، نورِ مجسم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ان جو رت وهي رهيو هو ته سروَرِ ڪونين، ڏُڪويل دلين جي چين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان کان پڇيو: توکي ڇا ٿيو آهي؟ ان عرض ڪيو: مون وٽان هڪ عورت گذري ته مون ان ڏانهن ڏٺو ۽ منهنجون نظرون لڳاتار ان کي ڏسنديون رهيون ته اوچتو منهنجي آڏو هڪڙي ڀِت اچي وئي جنهن مون کي زخمي ڪري وڌو آهي ۽ منهنجو هي حال ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي اوهان ملاحظ فرمائي رهيا آهيو ته نبيءِ مڪرم، نورِ مجسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان کي دنيا ئي ۾ ان جي سزا ڏئي ڇڏيندو آهي.

(مجمع الزوائد رقم 17471 ج 10 ص 313)

## غيبي ٿَڦَڙ

حضرتِ سيدنا ابو يعقوب جوري رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: مون طواف جي دوران هڪ اک کان معذور شخص ڏٺو جيڪو طواف جي دؤران اها ئي دعا گهري رهيو هو: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئون تون کان تنهنجي پناهه گهران ٿو، مون ان کان پڇيو: هي ڪهڙي دعا آهي؟ ته ان جواب ڏنو: آئون پنجاهه سالن کان ونئي بيت اللّٰه شريف جو خدمت گذار آهيان، هڪڙي ڏينهن مون هڪ شخص کي ڏٺو ته مون ان جي تعريف ڪئي اوچتو مون کي هڪ ٿَڦَڙ اچي لڳو جنهن سبب منهنجي اک نڪري پئي، تڪليف جي شدّت جي ڪري منهنجي وات مان آهه نڪتي ته ٻيو ٿَڦَڙ اچي لڳو ۽ ڪنهن چوڻ واري چيو: جيڪڏهن تو

وري آهه ڪٿي تہ اسان اجا وڏيڪ ماريندا سين.

## ڪجهہ شعر

دَعُونِی اُنَاجِی مَولًی جَلِیلًا ‏ اِذَا اللَّیلُ اَرخٰی عَلَیَّ السُّدُولَا
نَظَرتُ اِلَیکَ بِقَلبٍ ذَلِیلٍ ‏ لِاَرجُو بِهٖ یَا اِلٰهِی الْقَبُولَا
لَکَ الْحَمْدُ وَالْمَجْدُ وَالْکِبْرِیَاءُ ‏ وَ اَنْتَ الْاِلٰهُ الَّذِی لَنْ یَزُولَا
وَاَنْتَ الْاِلٰهُ الَّذِی لَمْ یَزَلْ ‏ حَمِیدًا کَرِیمًا عَظِیمًا جَلِیلًا
تُمِیتُ الْاَنَامَ وَتُحْیِی الْعِظَامَ ‏ وَتُنْشِئُ الْخَلَائِقَ جِیلًا فَجِیلًا
عَظِیمُ الْجَلَالِ کَرِیمُ الْفِعَالِ ‏ جَزِیلُ النَّوَالِ تُنِیلُ السُّؤُولَا
حَبِیبُ الْقُلُوبِ غَفُورُالذُّنُوبِ ‏ تُوَارِی الْعُیُوبَ تُقِیلُ الْجَهُولَا
وَتُعْطِی الْجَزِیلَ وَتُولِی الْجَمِیلَ ‏ وَتَاْخُذُ مِنْ ذَا وَذَاکَ الْقَلِیلَا
خَزَائِنُ جُودِکَ لَا تَنْقَضِی ‏ تَعُمُّ الْجَوَادَ بِهَا وَالْبَخِیلَا

**ترجمو:** (1) مون کي پنهنجي ربّ جليل کان مناجات ڪرڻ ڏيو جڏهن تہ رات مون تي پردا وجهي ڇڏيا آهن. (يعني اونداهي ڇانئجي وئي آهي)

(2) يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! آئون عاجزي ڪرڻ واري دل سان تنهنجي طرف ڏسي رهيو آهيان تہ جيئن ان جي ذريعي قبوليت جي اميد ڪريان.

(3) سڀئي خوبيون، بزرگيون ۽ وڏايون تنهنجي لاءِ ئي آهن ۽ تون اهڙو معبود آهين جو ڪڏهن فنا نہ ٿيندين.

(4) تون ئي اهو معبود آهين جيڪو هميشہ (هر وقت) حميد، ڪريم، عظيم ۽ جليل آهين.

(5) تون ئي ماڻهن کي مارين ٿو ۽ (قيامت جي ڏينهن) هڏين کي زنده فرمائيندين ۽ سڄي مخلوق کي ٽولين ۾ اُتاريندين.

(6) تون عظيم جلال وارو، ڪريم فعلن وارو، وڏي عطا وارو ۽ هر سوال کي پورو ڪرڻ وارو آهين.

(7) تون دلين ۾ محبت وجهندو، گناهن کي مٽائيندو، عيبن کي لِڪائيندو ۽ جهالتن کي ختم فرمائيندو آهين.

(8) ۽ تون وڏو انعام عطا فرمائڻ وارو، خوبي جو مالڪ بڻائڻ وارو ۽ انهن

(انعام يافته ٻانهن) کان ننڍڙي نيڪي به قبول فرمائي ڇڏيندو آهين.
(9) تنهنجي مهربانين جا خزانا ختم ناهن ٿيندا، تون سخي ۽ بخيل سيني کي انهن (خزانن) مان نوازيندو آهين.

## حضرت سيدنا اويس قرني جو وصال

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان عراق کان مکي شريف ۽ مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شهر مدينه منوره (زَادَهُمَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا) جي ارادي سان نڪتاسين. اسان جي قافلي ۾ تمام گهڻا ماڻهو هئا جيئن ئي اسان عراق کان نڪتاسين ته هڪ عراقي شخص به اسان سان گڏجي پيو، ان جو سانورو رنگ عبادت جي ڪثرت جي سبب زرد ٿي چڪو هو. ان کي مختلف ڪپڙن جي ٽڪرن سان نهيل پراڻو لباس پاتل هو. ان جي هٿ ۾ لٺ ۽ هڪڙي ٿيلهي هئي جنهن ۾ ٿورڙو کاڌي جو سامان هو. اصل ۾ اهي عابد ۽ زاهد، امام العاشقين حضرتِ سيدنا اويسِ قرني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هئا جڏهن قافلي وارن انهن کي ان حالت ۾ ڏٺو ته سڃاڻي نه سگهيا ۽ انهن کي چيائون: اسان جو خيال آهي ته تون غلام آهين. حضرتِ سيدنا اويس قرني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو: ها آئون هڪ غلام آهيان. ماڻهن چيو: اسان جو گمان آهي ته تون هڪ بيڪار غلام آهين ۽ پنهنجي آقا کان ڀڄي ڪري آيو آهين. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو: ها ائين ئي آهي. ماڻهن چيو: جڏهن تون پنهنجي آقا کي ڇڏي ڪري ڀڳين ته تو پنهنجو پاڻ کي ڪيئن محسوس ڪيو ۽ تنهنجي هي ڇا حالت آهي جيڪڏهن تون پنهنجي آقا وٽ رهين ها ته تنهنجي هي حالت هرگز نه ٿئي ها ۽ بيشڪ تون تمام بُرو ۽ قصوروار غلام آهين. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن انهن کي فرمايو: بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آئون هڪ

گنهگار غلام آهيان، منهنجو آقا ڏاڍو سُٺو آهي ۽ قصور منهنجو ئي آهي جيڪڏهن آئون ان جي اطاعت ڪريان ها ۽ ان جي رضا چاهيان ها ته منهنجي هي حالت هرگز نه ٿئي ها.

اهو چئي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ روئڻ لڳا ۽ ايترو ته رُنائون جو ذري گهٽ سندن روح پرواز ڪري وڃي ها. ماڻهن ڪي انهن تي ڏاڍو رحم آيو ۽ انهن آقا مان مراد دنياوي آقا سمجهيو جڏهن ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن آقا مان مراد الله عَزَّوَجَلَّ کي سمجهيو هو، قافلي وارن مان هڪ شخص چيو: ڊڄ نه! آئون تنهنجي لاءِ تنهنجي آقا کان پناهه وٺي ڇڏيندس، تون ان ڏانهن موٽي وڃ ۽ توبهه ڪري وٺ. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن فرمايو: آئون ان ڏانهن موٽان ٿو ۽ ان جي انعامن جي خواهش رکان ٿو. اصل ۾ حضرتِ سيدنا اويس قرني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ سرڪار ابدِ قرار، شفيعِ روزِ شمار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي روضهءِ انور جي زيارت جي لاءِ قافلي ۾ شامل ٿيا هئا. بهرحال انهيءَ ڏينهن قافلو نڪتو ۽ تيزي سان سفر ڪرڻ لڳو. رات جو جڏهن ان قافلي وارا هڪ پٿريلي جڳهه تي ترسيا، اها رات انتهائي ٿڌي ۽ بارش واري هئي. اهي بزرگ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا ته قافلي وارن مان هر شخص پنهنجي پلاڻ ۽ خيمي ۾ پناهه ورتي، جڏهن ته سيدنا اويس قرني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ وٽ نه پلاڻ هو ۽ نه وري خيمو ۽ نه ئي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن ڪنهن کان ڪجهه گهريو. چاڪاڻ ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن کي اها ڳالهه ناپسند هئي ته پاڻ دنياوي ڪمن مان ڪا شيءِ مخلوق کان گهرن بلڪ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن ته پنهنجون حاجتون الله ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ کان گهرندا هئا. اُن رات پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن کي سخت سيءُ لڳو ايتري قدر جو سيءُ جي سبب سندن عضوا مبارڪ ڏڪڻ لڳا. جڏهن سيءُ جو غلبو وڌي ويو ته ان

عاشقِ رسول (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو وصال ٿي ويو.

جڏهن قافلي وارا سجاڳ ٿيا ۽ روانگي جو ارادو ڪيائون ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن کي سڏڻ لڳا: اي شخص! اُٿ، قافلو روانو ٿي رهيو آهي. پر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن ڪو جواب نه ڏنو ته هڪ شخص پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ويجهو ويو جڏهن ان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن کي زور سان لوڏيو ته ڏنائين سندن روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري چڪو آهي. ان شخص قافلي وارن کي سڏ ڪري چيو: اي قافلي وارؤ! پنهنجي آقا کان ڀڳل غلام لاڏاڻو ڪري ويو آهي ۽ ان کي دفن ڪرڻ کان بغير سفر ڪرڻ مناسب نه آهي. قافلي وارن چيو: ان جي معاملي (يعني آقا کان ڀڄڻ) جو ڇا ٿيندو؟ قافلي ۾ موجود هڪ نيڪ شخص چيو: هي غلام توبهه ڪري پنهنجي آقا ڏانهن موٽڻ جو ارادو رکندو هو ۽ پنهنجي عمل تي شرمسار هو ۽ اسان کي اميد آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ذريعي اسان کي نفعو پهچائيندو ڇاڪاڻ ته هن جي توبهه قبول ٿي چڪي آهي ۽ جيڪڏهن اسان ان کي دفن ڪرڻ کانسواءِ روانا ٿي وياسين ته ڪِٿي اسان کان هن جي باري ۾ پڇاڻو نه ٿئي، توهان لاءِ ان کان سواءِ ڪو چارو ناهي جو ان جي لاءِ قبر کوٽڻ ۽ هن کي ان قبر ۾ دفن ڪرڻ تائين صبر ڪريو، ته ماڻهن چيو: هي اهڙي جڳهه آهي جتي پاڻي موجود نه آهي.

هڪ شخص چيو: ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ واري کان پڇي وٺو، اهڙي طرح ماڻهن هڪ شخص کان پُڇيو، ان ٻڌايو ته پاڻي هِتان کان هڪ ڪلاڪ جي فاصلي تي ملندو توهان مون سان ڪو ماڻهو گڏائي ڏيو آئون توهان کي پاڻي آڻي ڏيندس. ان شخص ڏول کنيو ۽ پاڻي ڏانهن هلڻ لڳو جڏهن هو قافلي کان نڪتو ته اوچتو سامهون پاڻي

جي هڪ ندي نظر آئي ان چيو: ڏاڍو عجيب معاملو آهي مون پهرين ڪڏهن هن ندي کي ناهي ڏٺو هي ته اها جڳهه آهي جتي پاڻي ملندو ئي نه هو ۽ نه ئي ڪنهن ويجهي جڳهه ۾ هوندو هو. بهرحال اهو شخص قافلي ڏانهن موٽي آيو ۽ قافلي وارن کي چوڻ لڳو: توهان جي مشقت ٿري وئي ڪاٺيون جمع ڪريو، انهن پاڻي گرم ڪرڻ جي لاءِ ڪاٺيون جمع ڪري ڇڏيون. پوءِ جڏهن پاڻي ڪڍڻ جي لاءِ ندي تي آيا ته پاڻي کي ٻڙڪندڙ محسوس ڪيو ته انهن جي حيرانگي ۾ ويتر وڌيڪ اضافو ٿيو، اهو سڀ ڪجهه ڏسي قافلي ۾ شامل ماڻهو ان شخص يعني حضرت سيدنا اويس قرني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان گهٻرائجي ويا ۽ چوڻ لڳا: بيشڪ هي شخص وڏي عظمت وارو آهي.

پوءِ اهي ماڻهو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي لاءِ قبر کوٽڻ لڳا ته مٽي کي جهڳ کان وڌيڪ نرم محسوس ڪرڻ لڳا ۽ زمين مان خوشبو جي مهڪ اٿي رهي هئي قافلي وارن دنيا ۾ ان کان وڌيڪ پاڪيزه خوشبو نه سونگهي هئي. انهيءَ صورتحال ۾ انهن جي خوف ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو ۽ اهي رُعب ۽ گهٻراهٽ ۾ مبتلا ٿي ويا. جڏهن اهي قبر مان نڪرڻ واري مٽي کي ڏسڻ پيا ته اها مٽي جهڙي آهي پر جڏهن ان کي سونگهين پيا ته مُشڪ جي خوشبو محسوس ڪن پيا، پوءِ انهن ماڻهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي لاءِ هڪ خيمو لڳايو ۽ سندن جسمِ اقدس کي ان ۾ رکي ڇڏيو ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪفن جي معاملي ۾ بحث ڪرڻ لڳا، هڪ شخص چيو: انهن کي ڪفن آئون ڏيندس. ٻئي چيو: آئون ڏيندس، پوءِ جڏهن انهن سيني جي صلاح ان ڳالهه تي متفق ٿي ته هر شخص ڪفن جي لاءِ هڪ هڪ ڪپڙو ڏئي پوءِ انهن ماڻهن ڪاغذ ۽ قلم ڪنيو ۽ سندن حليو مبارڪ

۽ نشانيون مبارڪ لڳڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا: ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ جڏهن اسان مديني پهچنداسين ته شايد اتي اسان کي انهن جو ڪو ڄاڻ سڃاڻ وارو ملي وڃي.

پوءِ ماڻهن ان ڪاغذ کي پنهنجي سامان ۾ رکي ڇڏيو، جڏهن انهن حضرتِ سيدنا اويس قرني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي غسل ڏنو ۽ ڪفن پارائڻ لاءِ سندن ڪپڙن کي لاهڻ چاهيو ته انهن کي جنّتي ڪفن ۾ ويڙهيل ڏٺائون، ڏسڻ وارن ڪڏهن اهڙو ڪفن نه ڏٺو هو. ان ڪفن تي مُشڪ ۽ عنبر لڳل هو جنهن جي خوشبو فضا کي خوشبودار ڪري ڇڏيو هو ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي پيشاني ۽ قدمن مبارڪن تي مُشڪ جي مهڪ لڳل هئي. اهو ڏسي ماڻهو چوڻ لڳا: گناهه کان بچڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوّت ربّ عَزَّوَجَلَّ ئي ڏي ٿو جو ربّ عَزَّوَجَلَّ انهن کي ڪفن پارائي ڇڏيو ۽ پانهن جي ڪفن کان بي نياز ڪري ڇڏيو. اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان اميد رکون ٿا ته هو پنهنجي هن پسنديده ۽ مقبول شخص جي وسيلي سان اسان کي جنّت عطا فرمائيندو ۽ اسان تي رحم فرمائيندو. پوءِ انهن قافلي وارن کي حضرتِ سيدنا اويس قرني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي سخت سيءُ جي رات ۾ اڪيلو ڇڏڻ تي سخت پشيماني ۽ شرمندگي ٿي، پوءِ انهن ماڻهن سندن جسد اطهر کي دفن ڪرڻ جي لاءِ ڪنيو ۽ جنازي جي نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ هموار جڳهه تي رکيو، جڏهن انهن ماڻهن تڪبير چئي ته آسمان کان زمين تائين اولهه کان اوير تائين تڪبيرن جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو ته اهي خوف کان ڏڪي ويا ۽ اچرج ۾ پئجي ويا، اهي مٿان کان ايندڙ آوازن جي ڏپ ۽ گهٻراهٽ جي شدّت جي سبب اهو نه پئي سمجهي سگهيا ته جنازي جي نماز ڪيئن ادا ڪئي وڃي، پوءِ جڏهن قبر ۾ دفن لاءِ ڪڻڻ جو

ارادو ڪيائون تہ ڪٺڻ وقت انهن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ حضرتِ سيدنا اويسِ قرني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو جسم اقدس ڪنهن ٻي مخلوق کڻي ورتو آهي ۽ انهن کي سندن جو وزن بہ محسوس نہ پئي ٿيو. بهرحال پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي دفن ڪرڻ لاءِ قبر ڏانهن آندو ۽ سندن جسم اقدس کي قبر ۾ دفن ڪيائون.

ان کان پوءِ قافلي وارا حضرتِ سيدنا اويس قرني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي باري ۾ حيران ۽ پريشان ٿيندي سفر تي روانا ٿي ويا. جڏهن اهي پنهنجو سفر پورو ڪري موٽيا تہ ڪوفي جي مسجد ۾ آيا ۽ ماڻهن کي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو واقعو ٻڌايو ۽ اُتي حليو بيان ڪيو تہ حليو بيان ڪرڻ تي ماڻهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي سڃاڻي ورتو. مسجد ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ۽ جيڪڏهن سندن وصال کانپوءِ ڪرامتون ظاهر نہ ٿين ها تہ حضرتِ سيدنا اويس قرني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وصال جي خبر ڪنهن کي بہ نہ پوي ها ۽ نہ ئي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي مزار پُر انوار جي خبر پوي ها ڇاڪاڻ تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن ماڻهن کان عليحدگي اختيار ڪئي هئي. (الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## دنيا مان رخصتي جي تياري

پيارا اسلامي ڀائرو!

ڪيستائين غفلت ۾ رهندؤ؟ توهان کي مهلت ڏيڻ کان بغير گهرايو ويندو، توهان کي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! پنهنجي ڏينهن کي آخرت جي تياري ۾ استعمال ڪري وٺو ۽ پنهنجن بُرن عملن جي اصلاح ڪري وٺو ۽ پنهنجي موت جي انتظار ۾ رهو، دنيا تنهنجي روانگي جو اعلان ڪري ڇڏيو جڏهن تہ تون زندگي جي رونقن سان

ڪيڏي رهيو آهين، لاڏاڻي جو ڏينهن تنهنجي سامهون آهي، وڏن گناهن ۽ بُرن ساٿين تي حسرت آهي ۽ سامان جي ڪمي ۽ منزل جي دوري تي افسوس آهي، اي دنيا ڏانهن متوجهه ٿي ڏوڪي ۾ پوڻ وارا! ۽ ان جي ڪوڙي خواهشن جي فتني ۾ پوڻ وارا! تون تہ رستو ڀُلجي ويو آهين ۽ پنهنجي عمل ۾ ڪوڙو آهين، اي بدڪار! ڪيستائين توبهہ کي ٽاريندو رهندين جڏهن تہ توبهہ ۾ دير ڪرڻ جو تو وٽ آخرت ۾ ڪو عذر نہ آهي، ڪيستائين تنهنجي باري ۾ اهو چيو ويندو رهبو تہ هي ڏوڪو ڪاڏل ۽ فتني ۾ مبتلا آهي، اي مسڪين! پلائي جا ڏينهن گذري ويا ۽ تون مهينا پيو ڳڻين، تون پاڻ کي مقبول سمجهين ٿو يا مردود؟ ملاقات ڪرڻ وارو سمجهين ٿو يا ڌِڪاريل؟ ڇا تون سڀاڻي قيامت جي ڏينهن بهترين سُوارين تي سوار ٿيندين يا منهن ڀر گِهليو ويندين؟ تون پاڻ کي جهنّمين ۾ سمجهين ٿو يا جنّت جون نعمتون ۽ ان جا محل حاصل ڪرڻ وارن ۾؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! سادا ماڻهو ڪامياب ٿيندا ۽ بدڪار ماڻهو نقصان ۾ پوندا، آخرڪار سڀئي ماڻهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ئي جي طرف موٽڻ وارا آهن.

### ڪجهہ شعر

مَالِيَ اَرَاکَ عَلَى الذُّنُوْبِ مُـوَاظِبًا ... اَاَخَذْتَ مِنْ سُوْءِ الْحِسَابِ اَمَانًا
لَاتَغْفُلَنَّ كَاَنَّ يَـوْمَـكَ قَدْ اَتَـى ... وَلَعَلَّ عُمْرَكَ قَدْدَنَا اَوْحَـانَا
وَمَضَى الْحَبِيْبُ لِحَفْرِقَبْرِكَ مُسْرِعًا ... وَاَتَى الصَّدِيْقُ فَاَنْذَرَ الْجِيْرَانَا
وَ اَتَوْا بِـغَسَّالٍ وَجَـاؤُوْا نَحْـوَهُ ... وَبَدَا بِغَسْلِكَ مَيْتًا عُرْيَانًا
فَغُسِلْتَ ثُـمَّ كُسِيْتَ ثَـوْبًا لِلْبَلٰى ... وَدَعَوْا لِحَمْلِ سَرِيْرِكَ الْاِخْوَانَا
وَاَتَـاكَ اَهْلُكَ لِلْـوَدَاعِ فَوَدَّعُـوْا ... وَجَرَتْ عَلَيْكَ دُمُوْعُهُمْ غُدْرَانًا
فَخَـفِ الْاِلٰهَ فَـاِنَّهُ مَنْ خَـافَـهُ ... سَكَنَ الْجِنَانَ مُجَاوِرًا رِضْوَانًا
جَـنَّاتِ عَدْنٍ لَايَبِيْدُ نَعِيْمُهَـا ... اَبَدًا يُخَالِطُ رُوْحُـهُ رَيْحَـانًا

وَلِمَنۡ عَصٰى نَارٌيُقَالُ لَهَا: لَظٰى تَشْوِى الْوُجُوهَ وَتُحۡرِقُ الۡاَبۡدَانَا
نَبۡكِىۡ وَحَقَّ لَنَا الۡبُكَا يَا قَوۡمَنَا كَيۡلَا يُؤَاخِذَنَا بِمَا قَدۡ كَانَا

**ترجمو:** (1) آئون توکي چو گناهن ۾ مصروف ٿو ڏسان، ڇا تو بُري حساب کان پناهه وٺي ڇڏيو آهي؟

(2) غفلت ۾ هرگز نہ رهجان (تصور ڪر) ڇڻ تہ تنهنجو ڏينهن بہ اچي چڪو آهي ۽ شايد تنهنجي زندگي ختم ٿيڻ ئي واري آهي.

(3) تنهنجو جگري دوست تنهنجي قبر کوٽڻ جي لاءِ جلدي هليو ويو ۽ (موت جي تصديق ڪرڻ وارو آيو تہ ان (موت جي خبر ڏئي) پاڙي وارن کي ڏيجاري ڇڏيو.

(4) ۽ اهي (دوست ۽ رشتيدار) غسّال کي وٺي آيا آهن ۽ ان جي پنيان پنيان آيا آهن ۽ غسال تنهنجي لاش جو برهنہ حالت ۾ غسل شروع ڪري ڇڏيو آهي.

(5) پوءِ توکي غسل ڏئي ڪري ڳرڻ ۽ خراب ٿيڻ جي لاءِ ڪفن پارائي ڇڏيو ۽ تنهنجو جنازو ڪڻڻ جي لاءِ ماڻهن کي گهرايو ويو آهي.

(6) ۽ تنهنجا گهر وارا توکي الوداع چوڻ آيا پوءِ انهن توکي رخصت ڪري ڇڏيو ۽ انهن جا ڏوکي جا ڳوڙها توتي وهي (ڪري ختم ٿي) ويا.

(7) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ جو جيڪو ان کان ڊڄي ٿو اهو جنّت ۾ (نگران فرشتي حضرت رضوان عَلَيۡهِ السَّلَام جو پاڙيسري بڻجي رهندو.

(8) جنّت عدن جنهن جون نعمتون ڪڏهن ختم نہ ٿينديون ان ۾ رهندو، ان جو روح خوشبو ۾ رهندو.

(9) ۽ جيڪو نافرماني ڪندو ان جي لاءِ اهڙي باهه آهي جنهن کي لَظٰي (ڀڙڪندڙ) چيو ويندو آهي جيڪا چهرن کي پُڇي ڇڏيندي ۽ بدن کي ساڙي ڇڏيندي.

(10) اي منهنجي قوم! اسان روئي رهيا آهيون ۽ اسان کي روئڻ ئي گهرجي تہ جيئن اسان کان اسان جي ڪيل عملن جي پُڇا ڳاڇا نہ ٿئي.

## ملائڪن جون صدائون

نبين جي تاجور، حُسنِ اخلاق جي پيڪر، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن ماڻهن تي سڪرات جي حالت طاري ٿيندي آهي تہ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ ان ڏانهن پنج

ملائڪ موڪليندو آهي. پهريون فرشتو ان وٽ ان وقت ايندو آهي جڏهن ان جو روح نِڙيءَ تائين پهچندو آهي. اهو فرشتو ان کي سڏي چوندو آهي: اي ابن آدم! تنهنجو طاقتور بدن ڪيڏانهن ويو؟ اڄ اهو ڪيترو ڪمزور آهي؟ تنهنجي فصيح زبان ڪيڏانهن وئي؟ اڄ اها ڪيڏي خاموش آهي؟ تنهنجا گهر وارا، عزيز ۽ رشتيدار ڪيڏانهن ويا؟ توکي ڪنهن اڪيلو ڪري ڇڏيو. پوءِ جڏهن ان جو روح قبض ڪيو ويندو آهي ۽ ڪفن پارايو ويندو آهي ته ٻيو فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ ان کي سڏي چوندو آهي: اي ابنِ آدم! تو تنگدستي جي خوف کان جيڪو مال دولت جمع ڪيو هو اهو ڪيڏانهن ويو؟ تو تباهي کان بچڻ جي لاءِ گهر بنايا هئا اهي ڪيڏانهن ويا؟ تو اڪيلائي کان بچڻ جي لاءِ جيڪو اُنس تيار ڪيو هو اهو ڪيڏانهن ويو؟

پوءِ جڏهن ان جو جنازو کنيو ويندو آهي ته ٽيون فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ ان کي سڏي چوندو آهي: اڄ تون اهڙي ڊگهي سفر جي طرف تيزي سان هلندڙ آهين جنهن کان ڊگهو سفر تو اڄ کان پهرين ڪڏهن طئي نه ڪيو هوندو، اڄ تون اهڙي قوم سان ملندين جو اڄ کان پهرين ڪڏهن ان سان نه مليو هوندين، اڄ توکي اهڙي سوڙهي گهر ۾ داخل ڪيو ويندو جو اڄ کان پهرين تون ڪڏهن اهڙي سوڙهي جڳهه ۾ داخل نه ٿيو هوندين، جيڪڏهن تو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين ته اها تنهنجي خوش قسمتي آهي ۽ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ توکان ناراض ٿيو ته اها تنهنجي بدبختي آهي.

پوءِ جڏهن ان کي لحد ۾ رکيو ويندو آهي ته چوٿون فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ ان کي سڏي چوندو آهي: اي ابنِ آدم! ڪلهه تون

زمين جي پُٺ تي هلندو هئين ۽ اڄ تون ان جي اندر ليٽيل آهين، ڪلهه تون ان جي پُٺ تي کِلندو هئين ۽ اڄ تون ان جي اندر روئي رهيو آهين، ڪلهه تون ان جي پُٺ تي گناهه ڪندو هئين ۽ اڄ تون ان جي اندر پشيمان ۽ شرمندو آهين.

پوءِ جڏهن ان جي قبر تي مٽي وڌي ويندي آهي ۽ ان جا گهر وارا، دوست ۽ رشتيدار ان کي ڇڏي هليا ويندا آهن ته پنجون فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ ان کي سڏي چوندو آهي: اي ابنِ آدم! اهي ماڻهو توکي دفن ڪري هليا ويا، جيڪڏهن اهي تو وٽ ترسن به ها ته به توکي ڪو فائدو نه پهچائي سگهن ها، تو مال جمع ڪيو ۽ ان کي غيرن جي لاءِ ڇڏي ڏنو اڄ يا ته توکي جنّت جي اعليٰ باغن ڏانهن موڪليو ويندو يا پڙڪڻ واري باهه ۾ داخل ڪيو ويندو.

## هڪ رقّت طاري ڪرڻ واري رخصتي

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي باري ۾ منقول آهي ته انهن عرض ڪيو: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! جڏهن آئون صحتمند هوندو آهيان تنهنجي نافرماني ڪندو آهيان ۽ جڏهن ڪمزور هوندو آهيان ته تنهنجي اطاعت ڪرڻ لڳندو آهيان، طاقت جي غرور ۾ توکي ناراض ڪري ويهندو آهيان ڪمزوري جي حالت ۾ تنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ لڳندو آهيان، هاءِ منهنجي عقل کي ڇا ٿي ويو ڪاش! آئون ڄاڻي سگهان ته تون منهنجي شرمندگي کي قبول ڪري وٺندين يا مون کي ڏوهه سبب ڌِڪاري ڇڏيندين.

اهو چوڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه غش کائي زمين تي تشريف وٺي آيا جنهن سبب سندن پيشاني مبارڪ زخمي ٿي پئي. سندن امڙ انهن وٽ آئي، انهن جي پيشاني چُمي روئڻ لڳي ۽ انهن جي پيشاني

صاف ڪندي چوڻ لڳي: اي دنيا ۾ منهنجي اکين جا ٺار ۽ آخرت ۾ منهنجي دل جا چين، پنهنجي روئڻ واري پوڙهي ماءُ سان ڳالهاءِ ۽ غمگين ماءُ جي ڳالھ جو جواب ڏي. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي ڪجھ آرام مليو ته پاڻ پنهنجي دل کي سنڀالي ورتائون سندن روح جسم ۾ بي چين ٿيڻ لڳو ۽ لُڙڪ ڳلَن تان ٿيندي ڏاڙهي کي آلو ڪري ويا، انهن پنهنجي ماءُ کي چيو: اي امڙ! هي اُهو ئي خوفناڪ ڏينهن آهي جنهن کان اوهان مون کي ڊيڄاريندڀون هيون، هاءِ! ضايع ٿي وڃڻ وارن ڏينهن تي افسوس! ۽ انهن ڏکن ڏينهن تي حسرت! جن ۾ آئون ڪا بلندي حاصل نه ڪري سگهيس، اي امڙ! آئون ڊڄان ٿو ته ڪِتي مون کي وڏي عرصي جي لاءِ دوزخ ۾ نه وڌو وڃي، هاءِ اهو وقت ڪيترو ڏک ڀريو هوندو جيڪڏهن مون کي منهن ڀر جهنم ۾ اُڇلايو ويو ۽ اها حالت ڪيتري افسوسناڪ هوندي جيڪڏهن دوزخ ۾ منهنجي جسم کي ڪُٽيو ويو، اي امڙ! آئون جيئن چوان اوهان ائين ئي ڪجو. سندن ماءُ چيو: پُٽ! منهنجي جان توتي قربان تون ڇا ٿو چاهين؟ پُٽ چيو: منهنجو ڳِل زمين تي رکي ان کي پنهنجي پيرن سان ڪُچليو ته جيئن آئون دنيا ئي ۾ ذلّت جو مزو چکي وٺان ۽ پنهنجي آقا و مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ مان لذّت ماڻيان ته جيئن هو مون تي رحم فرمائي دوزخ جي ڀڙڪندڙ باھ کان مون کي ڇوٽڪارو ڏئي ڇڏي.

انهن جي والده چون ٿيون ته آئون اُٿيس ۽ پنهنجي پُٽ جي ڳِل کي مٽي هاٺو ڪري ڇڏيو. ان وقت ان جي اکين مان نيساري وانگر لُڙڪَ وهي رهيا هئا پوءِ مون ان جي ڳِل کي پنهنجي پيرن سان ڪُچليو ته هو نحيف ۽ هيٺي آواز سان چوڻ لڳو: گنهگار ۽

نافرمان جي سزا اها ئي آهي، خطاڪار ۽ بدڪار جو بدلو اهو ئي آهي، پنهنجي مولٰي جي در تي نہ بيهڻ واري جي اها ئي جزا آهي، اللّٰہ ربّ العزت کان نہ ڊڄڻ واري جي اها ئي جزا آهي. پوءِ هو قبلي ڏانهن رخ ڪري چوڻ لڳو: لَبَّيْکَ! لَبَّيْکَ! لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَکَ اِنِّيْ کُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ترجمو: آئون حاضر آهيان! آئون حاضر آهيان! ڪو معبود نہ آهي توکان سواءِ، پاڪائي آهي توکي بيشڪ مون کان ناحق ٿيو. پوءِ سندن روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو.

انهن جي والده وڏيڪ فرمائن ٿيون تہ مون ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ ان جو چهرو بادلن ۾ گهيريل چنڊ وانگر چمڪي رهيو هو مون پڇيو: پُٽ! تنهنجي مالڪ عَزَّوَجَلَّ توسان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان جواب ڏنو: ان منهنجي درجي کي بلند فرمائي مونکي خاتم المُرسلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قرب ۾ جڳهہ عطا فرمائي آهي، مون پڇيو تہ پُٽ! مون تنهنجي رحلت جي وقت توکان جيڪي ڪجهہ ٻڌو هو اهو ڇا هو؟ ان چيو تہ جيجل امان! هاتفِ غيب مان مون کي آواز آيو هو: اي عمران! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي طرف سڏڻ واري جي دعوت قبول ڪر تہ مون ان جي دعوت تي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي لَبَّيڪ چيو هو. (اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## نفس جي تربيت

**منهنجا اسلامي ڀائرو!**

جڏهن اسان جي آخرت جو سفر يقيني آهي تہ اسان کي ڇو نہ جڳائي تہ اهڙي جڳهہ سان دل لڳايون جيڪا اسان جو (مستقل) ٺڪاڻو ناهي، سال (ڄڻ تہ) منزلون آهن، مهينا مرحلا آهن ۽ ڏينهن مِيل آهن

اسان جو هر ساهه آخرت جي طرف هڪڙو قدم آهي، نافرمانيون ڏاڙيل آهن، جنّت نفعو آهي ۽ دوزخ نقصان آهي.

## انسان جا ڇهه سفر

پنهنجي مستقل ٺڪاڻي تائين پهچڻ جي لاءِ اسان کي ڇهه سفر سامهون آهن. **پهريون سفر:** مٽي مان خمير بڻجڻ تائين، **ٻيون سفر:** پُٺ کان ٻچي داني تائين، **ٽيون سفر:** ٻچي داني کان زمين تي اچڻ تائين، **چوٿون سفر:** زمين جي سطح کان قبر تائين، **پنجون سفر:** قبر کان محشر جي ميدان تائين، **ڇهون سفر:** ميدانِ محشر کان رهڻ جي جڳهه تائين، جيڪا جنّت هوندي يا وري دوزخ، آهه! اسان اڌ رستو ته طئي ڪري ورتو پر تمام ڏکيو سفر اڃا باقي آهي.

اي ڏکن ڏولائن ۾ رڙيون ڪرڻ وارا! بهاني بازي ٻين جي لاءِ رهڻ ڏي، فائدي ۾ رهندي، تون راحت ۽ آرام ۾ واڌارو چاهين ٿو ۽ گذريل عبرتناڪ ڳالهين کي وساري رهيو آهين، جيڪڏهن تون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ رجوع ڪرين ها ته هو جلد ئي تنهنجون مصيبتون ۽ ڏک ختم فرمائي ڇڏي ها.

منهنجا ڀاءُ! پنهنجو پاڻ کي دنيا کان بچائجان ڇو ته دنيا هڪ اونداهي راهه گذر آهي ۽ ان ۾ صرف ضرورت مطابق غذا تي قناعت ڪر ۽ ياد رک ته توکي هڪ ڏينهن هن دنيا کي ڇڏي وڃڻو آهي.

## حبشي غلام

حضرتِ سيدنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن آئون مڪهءِ مڪرمه حاضر ٿيس. مون ڏٺو ته ماڻهو ڏڪار ۾ مبتلا آهن ۽ مسجدِ حرام ۾ بارش جي لاءِ دعا گهري رهيا آهن، آئون بابِ بني شيبه واري پاسي موجود هئس ته هڪ حبشي غلام آيو، ان وٽ ٻه

ٿلهيون چادرون هيون، هڪ ڪپڙي جي ڳوڏ جڏهن تہ ٻي ڪلهن تي اوڍي رکي هئائين. هو اتي هڪڙي جڳهہ لِڪي ويهي رهيو. مون ان کي هن طرح دعا گهرندي ٻُڌو: يا الٰهيعَزَّوَجَلَّ! گناهن جي ڪثرت ۽ بُرن عيبن ڇهرن کي ڪارو ڪري ڇڏيو، تو مخلوق جي عبرت لاءِ اسان کان رحمت جي برسات کي روڪي ڇڏيو آهي، اي حليم عَزَّوَجَلَّ! آئون توکان سوال ڪريان ٿو، اي اها پاڪ ذات جنهن کان ان جا ٻانها پلائي ئي ماڻيندا آهن! انهن کي هينئر جلد ئي سيراب ڪري ڇڏ.

حضرتِ سيدنا ابنِ مبارڪ رَحْمَةُاللہِتَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اجا ان حبشي غلام ايترو ئي چيو هو تہ آسمان تي ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي رحمت جي برسات وسڻ لڳي. پوءِ اهو حبشي غلام پنهنجي جڳهہ تي ويهي تسبيح پڙهڻ لڳو، آئون اهو ڏسي ڪري روئڻ لڳس. جڏهن هو اُتان کان وڃڻ لڳو تہ آئون ان جو گهر ڏسڻ لاءِ ان جي پنيان هلڻ لڳس، پوءِ جڏهن آئون حضرتِ سيدنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ آيس تہ انهن مون کان پڇيو: اوهان ڇو اداس آهيو؟ مون چيو: ڪو ٻيو اسان کان فضيلت حاصل ڪري ويو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي بدران ان کي پنهنجو دوست بڻائي ورتو. انهن پڇيو اهو ڪيئن؟ تہ مون سمورو قصو بيان ڪري ڇڏيو، پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن دانهن ڪري زمين تي ڪري پيا. پوءِ فرمايائون: اي ابنِ مبارڪ! افسوس آهي توتي، مون کي ان وٽ وٺي هلو. مون چيو: هاڻي ٽائيم تمام گهٽ آهي، آئون انهن جي باري ۾ پڇا ڪريان ٿو.

پوءِ جڏهن ٻيو ڏينهن آيو تہ مون فجر جي نماز پڙهي ۽ ان حبشي غلام جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳس، مون گهر جي دروازي تي هڪ پوڙهي کي ڏٺو جيڪو چادر وِڇائي ويٺو هو، جڏهن ان مون کي

ڏنو تہ سجاڳي ڪري چوڻ لڳو: مرحبا! اي ابو عبدالرحمٰن! پليڪار، فرمايائون: ڪيئن تشريف وٺي آيا؟ مون چيو: مون کي هڪ غلام جي ضرورت آهي. ان چيو: ها! مون وٽ تمام گهڻا غلام آهن، اوهان انهن مان جنهن کي چاهيو پسند فرمائي وٺو، پوءِ ان سڏ ڪيو: اي غلام! جواب ۾ هڪ صحتمند غلام ٻاهر نڪتو تہ ان پوڙهي مون کي ٻڌايو تہ هي غلام ڏاڍو نيڪ سيرت آهي، اوهان جي لاءِ تمام سٺو رهندو تہ مون چيو: نہ مون کي اهو نہ گهرجي، اهو پوڙهو هڪ کان پوءِ ٻيو غلام سڏيندو رهيو ۽ آئون انڪار ڪندو رهيس، ايستائين جو هن منهنجي گهربل غلام کي سڏيو تہ ان کي ڏسي منهنجون اکيون آليون ٿيڻ لڳيون، پوڙهي پڇيو: ڇا هي غلام اوهان کي پسند آهي؟ مون چيو: ها. پر هو چوڻ لڳو: آئون هن غلام کي نٿو وڪڻي سگهان. مون پڇيو: اهو ڇو؟ جواب ڏنائين هن جو منهنجي گهر ۾ رهڻ برڪت جو سبب آهي ڇاڪاڻ تہ جڏهن کان هي هن گهر ۾ آيو آهي مون کي ڪا مصيبت ناهي پهتي. مون پڇيو: هن جو کاڌو ڪٿان ايندو آهي؟ ان چيو: هي کجوري رسيون ناهي ڪجهہ رقم ڪمائيندو آهي، جيڪڏهن رسيون وڪامجي وڃن تہ بهتر نہ تہ اهو ڏينهن ائين ئي گذاري ڇڏيندو آهي ۽ منهنجي غلامن مونکي هن جي باري ۾ ٻُڌايو آهي تہ هي وڏين راتين ۾ بہ بلڪل ناهي سمهندو، انهن سان گهڻو ملڻ جُلڻ ناهي رکندو ۽ پنهنجي نفس تي گهري نظر رکندو آهي، منهنجي دل ۾ ان جي لاءِ ڏاڍي محبت آهي.

اهو ٻُڌي مون ان پوڙهي کي چيو: آئون پنهنجي مراد پوري ٿيڻ کانسواءِ (حضرتِ سيدنا) فضيل بن عياض ۽ (حضرت) سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِما وٽ وڃان ٿو. (واپسي تي) وري آئون ان وٽ ويس ۽ ان

غلام جي لاءِ منٿ ميڙ ڪئي تہ ان چيو: اوھان جو مون وٽ ھلي اچڻ ئي وڏي ڳالھہ آھي اوھان ان ڪي جيتري قيمت ۾ چاھيو وٺي وڃون.

بھرحال مون اھو غلام خريد ڪري ورتو ۽ ان ڪي ساڻ ڪري حضرتِ سيدنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي گھر ڏانھن ھلڻ لڳس. ٿورو اڳتي ھلڻ کان پوءِ ان مون کي چيو: اي آقا! مون چيو: لَبَّيْک! (يعني آئون حاضر آھيان) تہ ان چيو: لبيڪ نہ چئو چاڪاڻ تہ غلام ”لبيڪ“ چوڻ جو آقا کان وڌيڪ حقدار آھي. مون چيو: منھنجا دوست توکي ڪھڙي شيءِ جي ضرورت آھي؟ ان چيو: آئون ڪمزور آھيان، اوھان جي ڪا خدمت نہ ڪري سگھندس، اوھان منھنجي بدران ٻيو غلام خريد ڪريو ھا، منھنجي مالڪ اوھان کي مون کان طاقتور غلام بہ ڏيکاريو ھو. مون جواب ڏنو: آئون تو کان خدمت ٿوري وٺندس؟ مون تہ توکي ان لاءِ خريد ڪيو آھي جو توکي پنھنجي پُٽن وانگر رکان، تنھنجي شادي ڪرايان ۽ پاڻ تنھنجي خدمت ڪريان. اھو ٻُڌي ھو روئڻ لڳو، مون ھن کان پڇيو: توکي ڪھڙي شيء روئاريو آھي؟ ان جواب ڏنو: شايد اوھان اھو سڀ انھيءَ لاءِ ڪري رھيا آھيو جو اوھان مون کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کان دعا ڪندي ڏسي ورتو ھو، نہ تہ اوھان انھن غلامن مان منھنجي چونڊ چو ڪريو ھا؟ مون چيو: بس! مون کي تو مان ھڪڙي ئي حاجت آھي. ان چيو: آئون اوھان کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڏئي ان حاجت جي باري ۾ پڇان ٿو. مون ٻُڌايو تہ مون توکي تنھنجي دعا جي مقبوليّت جي سبب خريد ڪيو آھي. ان چيو: منھنجو اوھان جي باري ۾ حسنِ ظنّ آھي تہ اوھان ھڪ نيڪ انسان آھيو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ پنھنجي مخلوق مان ڪجھہ ٻانھن کي چونڊي وٺندو آھي جن جا احوال پنھنجي محبوب ٻانھن تي ئي ظاھر فرمائيندو آھي

۽ انهن ئي ٻانهن تي ظاهر فرمائيندو آهي جن سان هو راضي هوندو آهي. پوءِ هو چوڻ لڳو: ڇا اوهان ڪجهه دير منهنجو انتظار ڪندا؟ منهنجون رات جون ڪجهه رڪعتون رهيل آهن، آئون اهي ادا ڪرڻ چاهيان ٿو. مون ان کي چيو: حضرتِ سيدنا فضيل بن عياض رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو گهر ويجهو ئي آهي اتي ادا ڪري ونجو. ان چيو: آئون هتي ئي نماز پڙهڻ پسند ڪريان ٿو ڇاڪاڻ ته الله عَزَّوَجَلَّ جا حڪم ادا ڪرڻ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح هو مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ دير تائين نماز ۾ مصروف رهيو پوءِ مون کي اچي چيائين: اي ابو عبدالرحمٰن! ڇا اوهان جي ڪا حاجت آهي؟ مون پڇيو: اهو ڇو؟ ان چيو: انهيءَ لاءِ جو آئون واپس وڃڻ چاهيان ٿو. مون پڇيو: ڪيڏانهن وڃڻ چاهيو ٿا؟ چيائين: آخرت ڏانهن. مون چيو: ائين نه ڪر آئون تو مان نفعو ته حاصل ڪري وٺان، ان مون کي چيو: جيستائين معاملو منهنجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هو، ان وقت تائين مون کي زندگي پسند هئي پر هاڻي جڏهن ته اوهان به ان تي خبردار ٿي چڪا آهيو ته جلد ئي ٻيا به ڪيئي ماڻهو ڄاڻي وٺندا تنهنڪري مون کي ان جي ڪا ضرورت ناهي، پوءِ هو منهن پر ڪِري پيو ۽ دعا گهرڻ لڳو: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! هينئر فوراً منهنجو روح قبض فرماءِ. آئون ان جي ويجهو ٿيس ته ڏٺو ان جو انتقال ٿي چڪو آهي.

حضرتِ سيدنا ابنِ مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: خدا جو قسم! آئون جڏهن به ان کي ياد ڪندو آهيان ته منهنجو ڏک وڌي ويندو آهي، دنيا منهنجي نظرن ۾ ننڍڙي ٿي ويندي آهي ۽ مون کي پنهنجا عمل حقير محسوس ٿيڻ لڳندا آهن. (الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## تقويٰ ۽ مجاهدو گهڻو ڪاري جو سبب آهي

اي شخص! ڪيستائين عبادت گذارن ۽ زاهدن جو جُبّو پائي رکندين، جڏهن ته پنهنجي دل جي غفلت کي تون خوب ڄاڻين ٿو، تنهنجو ظاهر ته صاف سٿرو آهي پر باطن ڏکين اميدن سان ڀريل آهي. جنهن کي مال جي محبت پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري اهو خداعَزَّوَجَلَّ جي محبت جي قابل نه رهيو، جيڪڏهن مجاهدن جي سخت محنت نه هجي ها ته ماڻهن کي ”با ڪمال مرد“ جو نالو نه ڏنو وڃي ها. اي مُرده دل! جيڪڏهن تون جواني ۾ نيڪين ڏانهن متوجهه نه ٿي سگهين اڌ عمر ٿي ۾ متوجهه ٿي وڃ، ڇاڪاڻ ته متو اچو ٿي وڃڻ ڪانپوءِ راند روند بيڪار آهي ۽ پِيري ۾ سرڪشي وڏيڪ خراب آهي، جڏهن توکي چيو ويندو ته تو جواني کي غفلت ۾ ضايع ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي پيري ۾ (نيڪ) عملن جي ڪمي تي روئين ٿو، جيڪڏهن تون ڄاڻي وٺين ته تنهنجي لاءِ ڪهڙو عذاب تيار ٿي چڪو آهي ته تون سڄي رات روئڻ ۾ گذاري ڇڏين.

## بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري جو انداز

هڪ دفعي حضرتِ سيدنا ذوالنون مصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي وعظ فرمائي رهيا هئا ته هڪ شخص عرض ڪيو: حضور! جڏهن به آئون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندو آهيان ته ڪا نه ڪا مصيبت يا پريشاني مون کي گهيري وٺندي آهي، آئون ڇا ڪريان؟ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن فرمايو: پنهنجي مولا عَزَّوَجَلَّ جي در تي اهڙي طرح حاضر ٿيندو ڪر جيئن ننڍڙو ٻار پنهنجي ماءُ وٽ ايندو آهي جو ان جي ماءُ ان کي ماري ته به هو پنهنجي ماءُ ئي ڏانهن ڊوڙندو آهي ۽ جڏهن به هو ان کي ڇڙٻيندي آهي ته هو ان وٽ ئي ويندو آهي ۽ ٻار

بار ائين ڪندو آهي ايستائين جو ان جي ماءُ پيار سان ان کي ڳلي لڳائي ونندي آهي. (اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## قناعت

حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن راهِ خدا ۾ سفر جي دؤران فرمايو: منهنجا پير منهنجي سواري آهن، وارَ (يعني اُن) منهنجو لباس آهن، خوفِ خدا منهنجي سجاٽپ آهي، زمين جا ٻوٽا منهنجا گل آهن، جَو جي ماني منهنجي غذا آهي، رات جون اونداهيون منهنجو چيڙ آهن ۽ جتي رات ٿي وڃي اهو ئي منهنجو نڪاڻو آهي ۽ جنهن کي هڪڙي ڏينهن مرڻو آهي ان جي لاءِ اهي نعمتون ڪافي آهن.

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي ڳولا

حضرتِ سيدنا شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: مون مڪي پاڪ ۾ هڪ اعرابي (يعني عرب جي ڳوناٽي) کي صوفين جي خدمت ڪندي ڏٺو، مون ان جو سبب پڇيو ته ان مونکي ٻڌايو: آئون ويراني مان گذري رهيو هئس ته مون هڪ غلام کي ڏٺو جيڪو پيرين اگهاڙو، مٿي اگهاڙو هو، ان وٽ ڪاڏي جو سامان، مَشڪ ۽ لٺ وغيره ڪجھ بہ نہ هو. مون پنهنجي دل ۾ چيو: آئون هن سان ملان ٿو جيڪڏهن هي بکيو هوندو ته هن کي کاڌو کارائيندس ۽ جيڪڏهن اُڃايل هوندو ته پاڻي پياريندس. اهڙي طرح آئون ان جي پنيان پنيان هلڻ لڳس ايستائين جو اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي هٿ جو فاصلو رهجي ويو، پر اوچتو هو مون ڪان پري ٿيڻ شروع ٿي ويو ايستائين جو

منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويو، مون سوچيو تہ شايد اهو شيطان هو، هڪ آواز آيو: نہ! بلڪ هي هڪ ديوانو هو. مون وڏي آواز سان التجا ڪئي: اي فلان! آئون توکي ان ذات پاڪ جو واسطو ڏيان ٿو جنهن حضرتِ سيدنا محمد مصطفٰي، احمد مجتبٰيصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سچو نبي بڻائي موڪليو آهي، منهنجي ڳالهہ ٻُڌو. انهن چيو: اي جوان! تون پاڻ بہ ٿڪيين ۽ مون کي بہ ٿڪايو آهي. مون چيو: آئون اوهان کي اڪيلو ڏسي اوهان جي خدمت جي لاءِ حاضر ٿيو هئس.

انهن فرمايو: جنهن سان گڏ خدا عَزَّوَجَلَّ هوندو آهي اهو اڪيلو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ مون پڇيو: مون کي اوهان وٽ ڪو سامان بہ نظر نہ آيو تہ انهن فرمايو: جڏهن مون کي بک لڳندي آهي ذڪرِ الٰهي منهنجو سامان بڻجي ويندو آهي ۽ جڏهن مون کي اُڃ لڳندي آهي تہ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جو ديدار منهنجو سوال ۽ خواهش بڻجي ويندو آهي. مون عرض ڪيو: مون کي بک لڳي آهي ڪاڏو ڪارايو تہ انهن پڇيو: ڇا تون ولين جي ڪرامتن کي نٿو مڃين؟ مون چيو: ڇو نہ! پر دل جي اطمينان جي لاءِ اهي ڳالهيون پڇي رهيو آهيان.

انهن پنهنجو هٿ زمين تي هنيو ۽ هڪ مُٺ پري مون ڏانهن وڌائي، چوڻ لڳا: اي ڏوڪو ڪائڻ وارا! وٺ ڪاءُ. مون ڏٺو تہ اها مٺي لذيذ ترين ستو (ڀُڳل جَوَن جو اٽو) بڻجي چڪي هئي، مون چيو: ڪيڏا لذيذ آهن، انهن چيو: بيابان ۾ ولين کي اهڙيون گهڻيون ئي نعمتون مليل آهن، جيڪڏهن تون سمجهين. مون عرض ڪيو: مون کي پاڻي بہ پياريو، انهن پنهنجو پير زمين تي هنيو تہ ماڪي ۽ پاڻي جو چشمو ڦُٽي پيو. آئون پاڻي پيئڻ جي لاءِ چشمي تي ويهي رهيس پوءِ جڏهن مون مٿو مٿي ڪنيو تہ اهي مون کي نظر نہ آيا، خبر ناهي اهي

ڪيڏانهن غائب ٿي ويا، تنهنڪري انهيءَ ڏينهن ڪان پوءِ آئون فقيرن جي خدمت ۾ مصروف آهيان شايد ان جهڙي ڪنهن ولي جي زيارت ڪري سگهان. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي شخص! تون ڪيستائين ولين رَحِمَهُمُ الله تعالٰي جا صرف حالات ئي ٻُڌندو رهندين ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ ڪان لنوائيندو رهندين، توبهه ڪرڻ وارن جي صحبت اختيار ڪر، شايد تون به انهن جي رستي تي هلي پوين، اي ڏِڪاريل شخص! خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ روئڻ وارن ڪان سبق سِک، جيڪي ماڻهو بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ آهه و زاري ڪن ٿا اهي به ته تو جهڙا ئي انسان آهن، اي بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ڪان پري ٿي وڃڻ وارا! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ معافي گهري وٺ شايد تون رسوائي ڪان بچي وڃين.

منهنجا ياءُ! ڏاڍي حيرت جي ڳالهه آهي آئون ڪيستائين پري ٿي وڃڻ واري کي ٻُرو پلو چوندو رهندس ۽ اهو ٻُرو پلو ڪيستائين فائدو ڏيندو، آئون ڪيستائين غافل ٿيڻ واري کي سڏيندو رهندس جو ڪاش! هو سڏ کي ٻُڌي وٺي، آئون ڪيستائين توکي نصيحت ڪندو رهندس ۽ تنهنجي قبول ڪرڻ جي لالچ ۾ رهندس.

اي خشڪ اکين وارا! تنهنجي اک ڪڏهن نه رُني، خبردار! آخرت جي رسوائي جي هڪ نشاني دل ۾ خوف جو نه هجڻ به آهي، تنهنجي دل فاني دنيا جي محبت ۾ لڳي وئي ۽ تون حرام کي جمع ڪرڻ لڳي ويو آهين، اي غافل! ياد رک ته اهڙو مال جمع ڪرڻ جو حساب تو ڪان ئي ٿيندو باوجود ان جي جو تون ان کي پنهنجن جي لاءِ ڇڏي ويندين جيڪي توکي ڪو نفعو نه ڏيندا، تون راند روند ۾

ئي مصروف رهين ٿو حالانڪ توکي ٻُڌايو ويندو آهي تہ فلان شخص دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ ان جي موٽڻ جي ڪا اميد بہ ناهي.

## اڪيلائي ۾ نفس جو حساب

حضرتِ سيدنا علي بن ابو صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ آئون عبادت گذارن ۽ زاهدن جي ڳولا ۾ ”لڪام“ جبل تي گهمي رهيو هئس تہ مون کي هڪ جڳهہ ڦاٽل پراڻا ۽ چتيون لڳل ڪپڙا پاتل هڪ شخص ڪنهن جبل تي وينل نظر آيو. ان جو ڪنڌ جهڪيل هو مون پڇيو: اوهان هتي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ جواب ڏنائون: نگهباني ۽ سارسنڀال ڪري رهيو آهيان. مون چيو: اوهان جي سامهون تہ پٿر ۽ پٿريون آهن، ڪهڙي شيء جي سارسنڀال ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون: آئون پنهنجي دل جي خيالن جي نگهباني ڪري رهيو آهيان ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن جي حفاظت ڪري رهيو آهيان. پوءِ اهي چوڻ لڳا: توکي ان ذات پاڪ جو قسم جنهن توکي منهنجي سامهون ظاهر ڪيو آهي! هتان کان هليو وڃ ڇاڪاڻ تہ تو منهنجي توجهہ پنهنجي مالڪ کان هٽائي ڇڏي آهي. مون عرض ڪيو: مون کي ڪا نصيحت فرمايو تہ جيئن آئون ان مان نفعو حاصل ڪري سگهان. فرمايائون: جيڪو دروازي تي پيو رهندو آهي اهو پنهنجي خدمت ثابت ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو ڪثرت سان گناهن کي ياد ڪندو آهي اهو تمام گهڻي شرمندگي جو اظهار ڪندو آهي ۽ جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ٻين کان بي پرواهہ ٿي ويندو آهي ان کي محتاجي جو خوف ناهي ٿيندو، پوءِ اهي اتان کان هليا ويا. **اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# عبادت جي پاڪيزگي ۽ تقويٰ جو مينار

اي اهي شخص! جنهن جو سفر دنيا جي طلب ۾ تيزي سان ڪٽجي رهيو آهي، تون دنيا جي ڪوڙي اميدن ڪان ڪڏهن ڇوٽڪارو ماڻيندين؟ ياد رک! توکي ڇوٽڪارو انهيءَ ئي وقت ملندو جڏهن تون دنيا کان ڪٽبين، جيڪڏهن تون آخرت جو طلبگار آهين تہ سُست رفتار هوندي نفعو ڪيئن حاصل ڪندين؟ حيرت آهي تہ تون فنا ٿي وڃڻ واري دنيا جي ڳولا ۾ تہ سفر جي تياري خوب ڪرين ٿو، جڏهن تہ ان رستي ۾ تہ تمام گهڻا ڦورو بہ آهن، تنهنجي زندگي هڪ امانت آهي جنهن جي جواني تو خيانت ۾ گذاري ڇڏي، اڌ عمر بيڪار ڪمن ۾ ضايع ڪري ڇڏي ۽ هاڻي پيري ۾ روئي رهيو آهين ۽ چئي رهيو آهين: هاءِ! منهنجي عمر ضايع ٿي وئي. خريد و فروخت ۾ بي ايماني ڪرڻ وارو ڀلا ڪيئن ڪامياب ٿي سگهي ٿو؟ دنيا جي طلب ۾ تہ تنهنجو جسم وڌو چُست ۽ تندرست رهيو ۽ هاڻي آخرت جي طلب ۾ توکي مختلف تڪليفون ٿيڻ لڳيون آهن، ڪيستائين تقويٰ جي راه تي هلڻ ۾ سستي ڪندين، اي غفلت جي اونداهي ۾ زندگي گذارڻ وارا! پيري جو سج اڀري چڪو آهي، مرڻ کان پهرين توبهہ ڪرڻ وارن جو ساٿ اختيار ڪري وٺ. ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَمَا مِنْ غَآئِبَةٍ فِي السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿۷۵﴾ (پ 20 النمل 75)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ آسمان ۽ زمين ۾ ڪو بہ غيب نہ آهي مگر سمورو هڪ بيان ڪندڙ ڪتاب ۾ آهي.

## ڪجهہ شعر

اِذَا اَنَا لَمْ اَصْبِرْ عَلٰى مَنْ اُحِبُّه، وَاِنْ حَالَ عَنْ وَصْلِيْ فَمَا اَنَا صَانِعُ
اَاَتْرُكُه وَالْقَلْبُ مِنْ فَرْطِ حُبِّهٖ اَسِيْرٌ بِمَا تَطْوِيْ عَلَيْهِ الْاَضَالِعُ

اَاَسمعُ فِيهِ الْعَذْلَ وَالْوَجْدُ حَاكِمٌ  فَمَا يُغْنِيْنِى بِالْعَذْلِ مَاأَنَاسَامِعُ
اَاَسْلُوهُ وَالشَّوْقُ يَمْنَعُ سَلْوَتِى  وَاَكْتُمُ مَا قَدْ اَظْهَرَتْهُ الْمَدَامِعُ
وَيَعْتِبُنِى قَلْبِى اِذَا زَادَ وَجْدُهُ  فَاَضْرِبُ صَفْحًا دُوْنَهُ وَ أُمَانِعُ
وَاِنْ زَادَ بِى اَشْتَكِيْهِ، فَحَسْبُهُ  عَلٰى كُلِّ حَالٍ عِنْدَ شَكْوَاىَ شَافِعُ
فَلَاعِيْشَةٌ تَصْفُووَلَامَوْعِدٌّ فِىْ  وَلَا نَظَرٌيُّسْلِى وَلَا الصَّبْرُنَافِعُ
اَرٰى الدَّهْرَيَمْضِى بُرْهَةً بَعْدَبُرْهَةٍ  وَلَمْ أُلْفِ مَامَالَتْ اِلَيْهِ الْمَطَامِعُ
فَاِنْ ضِقْتُ ذَرْعًابِالَّذِىْ قَدْلَقِيْتُهُ  فَكُلُّ مَضِيْقٍ فَهُوَفِى الْحُبِّ وَاسِعُ

**ترجمو:** (1) محبوب کان جدا ٿيڻ جي باوجود جيڪڏهن آئون ان جي اذيتن تي صبر نہ ڪريان پوءِ ڇڻ تہ آئون ان سان محبت ڪرڻ وارو ئي نہ ٿيس.

(2) تہ ڇا آئون ان جو خيال ڇڏي ڏيان جنهن جي عشق ۾ دل اهڙي گرفتار آهي جهڙي طرح هي (دل) پاسڙاتين جي قيد ۾ آهي.

(3) ڇا آئون ان معاملي (محبت) ۾ بُري يلي ڪي بُڌندو رهان حالانڪ محبت حاڪم آهي بس ملامت مون ڪي محبت کان نتي روڪي سگهي ۽ نہ ئي آئون ان ڪي بُڌڻ وارو آهيان.

(4) ڇا آئون (پنهنجي) دل ڪي دلاسو ڏيان؟ جڏهن تہ شوق منهنجي دلاسي ڪي روڪي ٿو ڇا آئون ان ڪي لِڪائي ڇڏيان جنهن ڪي لُڙڪَن ظاهر ڪري ڇڏيو.

(5) جڏهن ان جي محبت وڌندي آهي تہ منهنجي دل مون ڪي ملامت ڪندي آهي، ڇا ان جي مخالف جي طرف رخ ڪري ونان ۽ ان جي طرفداري ڪريان؟

(6) ۽ جيڪڏهن منهنجي محبت جو درد وڌي ويندو آهي تہ آئون انهيءَ محبوب ڪي عرض ڪندو آهيان تہ هو مون ڪي هر حال ۾ ڪافي آهي، مصيبتن جي وقت اهو ئي سهارو ڏيڻ وارو آهي.

(7) نہ زندگي پاڪيزه گذري رهي آهي، نہ واعدو پورو ٿي رهيو آهي، نہ ان شيءِ جو انتظار آهي جيڪا ڏک ڪي ختم ڪري ۽ نہ ئي صبر نفعو ڏئي رهيو آهي.

(8) آئون ڏسي رهيو آهيان تہ وقت لمحو بہ لمحو گذري رهيو آهي ۽ جنهن جي طرف (آخرت جا) حريص متوجهه آهن آئون ان جي تياري نہ ڪري سگهيس.

(9) جيڪڏهن آئون پنهنجي محبوب کان گرانٽ برابر دوري اختيار ڪريان تہ اها انتها درجي جي دوري ٿيندي جو محبت ۾ اها (ٿوري دوري) بہ وڏي هوندي آهي.

# نيڪ عورت

حضرت سيدنا ذوالنون مصريعَلَيهِ رَحمَةُاللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مون هڪ عبادت گذار عورت کي ڏٺو. جڏهن آئون ان جي ويجهو ويس ته ان مون کي سلام ڪيو، مون سلام جو جواب ڏنو، ان پڇيو: اوهان ڪِٿان کان اچي رهيا آهيو؟ مون چيو: ان حڪمت واري وٽان جنهن جهڙو ٻيو ڪو ناهي، ته ان هڪ زوردار دانهن ڪئي پوءِ چيائين: تو تي افسوس آهي جو تو ان جي بارگاهه ۾ اجنبيت جي وحشت ڪيئن محسوس ڪئي جو ان کان جدا ٿي وئين حالانڪ هو ته اجنبين کي اُنس پهچائڻ وارو، ڪمزورن جو مددگار ۽ آقائن جو آقا آهي، تو پنهنجو پاڻ کي ان کان جدائي تي ڪيئن راضي ڪري ورتو؟

مان ان عورت جو ڪلام ٻڌي روئڻ لڳس، ان پڇيو: چو تو روئين؟ مون چيو: زخم تي مرهم لڳايو ويو ته اهو جلد ئي پرجي ويو. اها چوڻ لڳي: جيڪڏهن تون سچو هجين ها ته چو روئين ها؟ مون پڇيو: ڇا سچو ناهي روئندو؟ ان جواب ڏنو: نه. مون پڇيو: اهو چو؟ جواب ڏنائين: انهيءَ لاءِ جو روئڻ ته دل جي راحت ۽ سڪون لاءِ هوندو آهي جڏهن ته عقلمندن وٽ اها هڪڙي بُري شيءِ آهي. مون ان کي چيو: مون کي ڪا اهڙي نصيحت ڪريو جنهن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي نفعو عطا فرمائي. چوڻ لڳي: پنهنجي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ جي ملاقات جي شوق ۾ عبادت ڪريو چوته ان پنهنجي وليّن جي ملاقات جي لاءِ هڪڙو ڏينهن (يعني قيامت جو ڏينهن) مقرر ڪري ڇڏيو آهي، الله تبارڪ و تعالىٰ انهن کي دنيا ۾ پنهنجي محبت جو اهڙو پيالو پياري ڇڏيو آهي جنهن کان پوءِ انهن کي ڪڏهن اُڃ نه لڳي. پوءِ روئندي چوڻ لڳي: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي ڪيستائين هن دنيا

۾ رکندين جتي منهنجو ڪو همدرد ناهي جيڪو مشڪلاتن ۾ منهنجو ساٿ ڏئي سگهي. پوءِ هي شعر پڙهڻ لڳي:

اِذَا كَانَ دَاءُ الْعَبْدِ حُبَّ مَلِيْكِهٖ　　فَمَنْ دُوْنَهٗ يُرْجٰى طَبِيْبًا مَدَاوِيًا

ترجمو: جڏهن ٻانهي جو مرض پنهنجي مالڪ جي محبت هجي ته ان کان علاوه هو ڪنهن طبيب کان علاج جي اميد رکي.

(الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

**منهنجا پيارا اسلامي ڀاءُ!**

جيڪڏهن تنهنجي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ توکي پنهنجي بارگاه کان پري ڪري ڇڏيو ته تون ڪنهن جي دروازي تي ويندين؟ ۽ ڪهڙي رستي تي هلندين ۽ ڪهڙي طرف جو ارادو ڪندين؟ پنهنجي مولىٰ جو دروازو پڪڙ ته جيئن تنهنجي واپسي تنهنجي لاءِ فائديمند ٿئي.

**ڪجهه شعر**

حَنِيْنُ قُلُوْبِ الْعَارِفِيْنَ اِلَى الذِّكْرِ　　وَتَذْكَارُهُمْ عِنْدَ الْمُنَاجَاةِ بِالسِّرِّ
وَاَجْسَامُهُمْ فِى الْاَرْضِ سَكْرٰى بِحُبِّهٖ　　وَاَرْوَاحُهُمْ فِىْ لَيْلِ حُجْبِ الْعُلٰى تَسْرِىْ
عِبَادٌ عَلَيْهِمْ رَحْمَةُ اللّٰهِ اُنْزِلَتْ　　فَظَلُّوْا عُكُوْفًا فِى الْفَيَافِىْ وَفِى الْقَفْرِ
وَرَاعَوْا نُجُوْمَ اللَّيْلِ لَا يَرْقُدُوْنَهٗ　　بِاِدْمَانِ تَثْبِيْتِ الْيَقِيْنِ مَعَ الصَّبْرِ
فَهٰذَا نَعِيْمُ الْقَوْمِ اِنْ كُنْتَ فَاهِمًا　　وَتَعْقِلُ عَنْ مَوْلَاكَ آدَابَ مَنْ يَّدْرِىْ
فَمَا عَرَّسُوْا اَلَّا بِقُرْبِ حَبِيْبِهِمْ　　وَلَا عَرَّجُوْا عَنْ مَّسِّ بُؤْسٍ وَّ لَا ضُرٍّ
اُدِيْرَتْ كُؤُوْسٌ لِّلْمَنَايَا عَلَيْهِمُ　　فَغَفَوْا عَنِ الدُّنْيَا كَاغْفَاءِ ذِىْ سُكْرٍ
هُمُوْمُهُمْ جَالَتْ لَدٰى حُجْبِ الْعُلٰى　　وَهُمْ اَهْلُ وُدِّ اللّٰهِ كَالْاَنْجُمِ الزُّهْرِ
فَلَا عَيْشَ اِلَّا مَعَ اُنَاسٍ قُلُوْبُهُمْ　　تَحِنُّ اِلَى التَّقْوٰى وَتَرْتَاحُ لِلذِّكْرِ

**ترجمو:** (1) ولين جون دليون ذڪر جون خواهشمند رهنديون آهن ۽ اهي دعا جي وقت ننڍي آواز ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح ۽ پاڪائي بيان ڪنديون آهن.

(2) ۽ زمين ۾ انهن جا جسم الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت جي سبب مدهوش رهندا آهن ۽

انهن جا روح عالي شان پردن ۾ رات جو سير ڪندا آهن.
(3) هي اُهي ٻانها آهن جن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت وسندي آهي، انهن جهنگلن ۽ رڻ پٽن (اهڙا ميدان جتي ڪو سايي دار وڻ نہ هجي) ۾ نڪاٽا ٻڌائي ورتا آهن.
(4) ۽ اهي تارن جي نگهباني ڪندا آهن، صبر سان گڏ پختي يقين جي سبب راتين جو ناهن سمهندا. (يعني عبادت ڪندا آهن)
(5) انسانن جي لاءِ عظيم نعمت اها ئي آهي جيڪڏهن تون سمجهي وٺين ۽ پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه جي آداب کان واقف (ماڻهن) وانگر علم رکين.
(6) اهي پنهنجي آرام گاهن کان پنهنجي محبوب جي قرب ئي جي لاءِ الڳ ٿيندا آهن ۽ اهي ڪنهن تڪليف ۽ نقصان جي پهچڻ جي پرواه ناهن ڪندا.
(7) انهن تي دنياوي خواهشن جا پيالا پيش ڪيا ويندا آهن پر اهي ماڻهو دنيا کان ائين بي پرواه هوندا آهن جهڙي طرح مدهوش هلڪي ننڊ ۾ هوندو آهي.
(8) انهن جا خيال حجاباتِ عُلٰي وٽ گهمندا رهندا آهن، اهي الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارا آهن ۽ چمڪندڙ تارن وانگر آهن.
(9) زندگي انهن ئي ماڻهن سان گڏ گذارڻ گهرجي جن جون دليون تقوٰي ۽ پرهيزگاري سان پريل ۽ يادِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ سان راحت حاصل ڪنديون آهن.

## نيڪ سيرت نياڻو

هڪ بزرگ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ آئون هڪ سفر جي دؤران ڪنهن رستي تان گذري رهيو هئس. آئون روزي سان هئس، مون هڪ ندي ڏٺي، ان ۾ غسل ڪرڻ جي لاءِ لهي پيس. اوچتو پاڻي ۾ هڪ ناشپاتي (ميوو) ترندو ڏٺو تہ اهو افطار لاءِ ڪٽي ورتي، جڏهن مون ان سان افطاري ڪري ورتي پوءِ ڏاڍي شرمندگي ٿي تہ مون غير جي مال سان افطاري ڪئي آهي. جڏهن صبح ٿي تہ آئون ان باغ جي دروازي تي ويس جتان کان ندي نڪري رهي هئي. مون دروازو کڙڪايو تہ هڪ وڏي عمر جا بزرگ ٻاهر نڪتا مون انهن کي چيو: ڪلهہ اوهان جي هن باغ مان هڪ ناشپاتي ندي ۾ لڙهندي آئي مون

اها ڪائي ورتي ۽ هاڻي آئون ان تي ڏاڍو شرمندو آهيان مون کي اميد آهي تہ اوهان ان جو ڪو حل ڪڍي وٺندا. ان بزرگ چيو: آئون تہ پاڻ هن باغ ۾ مزدور آهيان، مونکي هتي ڪم ڪندي چاليھ سال ٿي ويا پر مون ان جو هڪ ميوو بہ ناهي ڪاڻو ۽ هن باغ ۾ منهنجو ڪو حصو ناهي. مون پڇيو: پوءِ هي باغ ڪنهن جو آهي؟ انهن چيو: هي باغ بن ياٿرن جو آهي جيڪي فلان جڳھ رهن ٿا. آئون ان جڳھ تي ويس، اتي مونکي هڪ ٿي ياءُ ملي سگهيو، مون ان کي سڄو قصو ٻڌايو تہ هو چوڻ لڳو: اڌ باغ منهنجو آهي تنهنڪري آئون اڌ حصو معاف ڪريان ٿو، مون پڇيو: آئون اوهان جي ياءُ کي ڪِٿي ڳوليان؟ ان چيو: فلان فلان جڳھ هليو وڃ، پوءِ آئون ان ڏانهن روانو ٿيس ۽ ان کي وڃي سڄو قصو ٻڌايو تہ ان چيو: خدا جو قسم! آئون هڪڙي شرط تي پنهنجو حق معاف ڪندس. مون پڇيو تہ شرط ڪهڙو آهي؟ ان چيو: آئون توسان پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ڪندس ۽ توکي سؤ دينار ڏيندس. مون چيو: افسوس! مونکي انهن جي بلڪل ضرورت ناهي، ڇا اوهان نٿا ڄاڻو تہ ان هڪڙي ميوي جي سبب مون کي ڪيتري پريشاني ٿي آهي تنهنڪري منهنجي لاءِ ڪو ٻيو حل ڳوليو. انهن چيو: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آئون ان شرط کان سواءِ ائين نہ ڪندس.

جڏهن مون انهن جو اصرار ڏٺو تہ انهن جو مطالبو مڃي ورتو ۽ چيو: نيڪ آهي، انهن مون کي سؤ دينار ڏنا ۽ چيو: ان مان جيترا چاهين منهنجي ڌيءَ کي مهر ڏي. مون سڀ دينار واپس ڪري ڇڏيا، پر انهن چيو: سڀ نہ ڪجھ دينار ڏجان. پوءِ جڏهن انهن پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح مون سان ڪيو تہ ماڻهن ان کي ان ڪري ٻُرو پلو چيو تہ جڏهن حڪومتي ماڻهن ۽ وڏن ماڻهن تنهنجي ڌيءَ جي لاءِ

پيغام موڪليو هو ته تو انهن کي پنهنجي ڏيءُ نه ڏني هن فقير کي ڇو ڏئي ڇڏي جنهن وٽ بلڪل مال ئي ناهي؟ ته انهن ماڻهن کي جواب ڏنو: اي انسانو! مون پرهيزگاري ۽ تقويٰ کي ترجيح ڏني آهي ڇو ته هي شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن مان آهي. (الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## عبادت گذارن جو رستو ۽ توبه ڪرڻ وارن جو طريقو

اي نيڪن جي رستي کان پري رهڻ وارا! توتي پنهنجي اکين جي نور جي اصلاح لازم آهي. سخت دل شَڪن جي ڪندن تي هلي رهي آهي ۽ تون بي خبر آهين، توبهه ڪرڻ وارو پنهنجي عمر عبادت ۾ گذاريندو آهي، ڏينهن جو روزو رکندو آهي ۽ رات ۾ عبادت ڪندو آهي جڏهن ته آرام پسند ۽ سُست ماڻهو جو وقت غفلت ۾ گذرندو آهي، ان جي بصيرت غور و فڪر کان محروم هوندي آهي چاڪاڻ ته جيڪو شخص دنيا کان بي رغبتي جو مزو چکي وٺندو آهي ان کي رات جاڳڻ ۽ رات ۾ نماز پڙهڻ ۾ ڏاڍي لذت حاصل ٿيندي آهي، جيڪڏهن توکي رات جي پهرين حصي ۾ تهجد پڙهڻ وارا نظر نٿا اچن ته سحري جي وقت انهن کي ڏسي وٺندو ڪر ۽ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي وڃ جو هاڻي ته هن پوڙهائپ جي فجر ٿي چڪي آهي جيڪڏهن تون بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ کان پوئتي رهجي وئين ته اهو پنيان رهجي وڃڻ توکي ذلّت ۾ وجهي ڇڏيندو.

## عبادت گذار ڪيئن هجي؟

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان

مان کو بُري غلام وانگر نہ ٿئي جو جيڪڏهن خوفزده هجي تہ عمل ڪري ۽ بيخوف هجي تہ عمل نہ ڪري ۽ نہ ئي توهان مان ڪو بُري مزدور وانگر ٿئي جيڪڏهن گهٽي مزدوري نہ ملي تہ ڪم نہ ڪري.

(اتحاف السادةالمتقين ج 12 ص 348)

## محبتِ الٰهي جو انعام

الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي موڪلي: اي داؤد! عاشق، الله عَزَّوَجَلَّ جي حِلم يعني بُردباري ۾ زندگي گذاريندا آهن، ذڪر ڪرڻ وارا، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ زندگي گذاريندا آهن. عارف، الله عَزَّوَجَلَّ جي لطف و ڪرم ۾ زندگي گذاريندا آهن ۽ صدّيق، الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۾ زندگي گذاريندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ ئي انهن کي ڪارائيندو پياريندو آهي.

## آخرت جي طلبگارن جو رستو

اي شخص! تون ڪيستائين گناهن تي اصرار ڪندو رهندين؟ تون گناهن کان ڪڏهن توبهہ ڪندين؟ تنهنجو جسم راند روند ۾ مصروف آهي ۽ تنهنجي دل تقوٰي کان محروم هئڻ جي سبب برباد ٿي چڪي آهي، تو پنهنجي جواني غفلت ۾ گذاري ڇڏي ۽ هاڻي پيري ۾ پنهنجي جواني برباد ٿيڻ تي روئي رهيو آهين؟ وعظ (يعني بيان) جي مجلس ۾ تہ تون برباد ٿيل عملن تي روئين ٿو پر جڏهن مجلس مان اُٿين ٿو تہ وري گناهن ۾ وڃين پوين ٿو، منهنجو وعظ توتي ڪو اثر نٿو ڪري (شايد) توتي عبرت جو دروازو بند ٿي چڪو آهي، آئون ڪيستائين تنهنجي دل کي سمجهايان، جڏهن تہ مون کي خبر آهي تہ تنهنجي دل حاضر ناهي، اي غافل دل وارا! تون نصيحت

ڪي ڪيئن سمجهي سگهين ٿو؟ هاءِ افسوس! جيڪڏهن توکي بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ مان ڌِڪاريو ويو ته شيطان ڪيترو خوش ٿيندو، هي غمگينن جي روئڻ جي جڳهه آهي ۽ هي مجلس ڪيڏي سُني آهي جو توبهه ڪرڻ وارن جو گروهه پنهنجي دوستن ڏانهن روانو ٿي ويو.

آه! بارگاهِ ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ مان ڌِڪاريل ٻانهي جي وحشت جي ڪهڙي ڪيفيّت هوندي جو هو خدا عَزَّوَجَلَّ جي قرب جو ڪو ذريعو ماڻي نه سگهندو، اي پنهنجي دوستن کان ڪٽجي وڃڻ وارا! عاجزي ۽ انڪساري سان قافلي وارن جي قدمن سان وابسته ٿي وڃ ۽ آه و زاري ڪندي ائين عرض ڪر: آئون اهو آهيان جيڪو محرومي جي جهنگل ۾ ڀٽڪي ويو آهي ۽ بد بختي جي ويراني ۾ اڪيلو رهجي ويو آهي، لِڪي لِڪي لُڙڪَ وهائي رهيو آهي پر جڏهن ان حاضري جو ارادو ڪيو ته گناهن جي سبب درٻارين حاضري کان روڪي ڇڏيو، ان وٽ ڪو سفر جو سامان ناهي، ڪا سواري ناهي ۽ ڪجهه طاقت ناهي هو ڪيڏانهن وڃي؟ ته شايد غيب جي پردن مان ڪا رحمت ظاهر ٿئي جيڪا تنهنجي مصيبتن جي مشڪلن کي آسان ڪري ڇڏي.

اهي پاڪيزه نفس ڪيتري قدر خوش نصيب آهن جن ٻنا حجاب جي آخرت جو مشاهدو ڪيو آهي ۽ جيڪي ڪجهه الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فرمانبردارن لاءِ اجر ۽ ثواب تيار ڪيو آهي، ان کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. تون غور ته ڪر انهن پنهنجا بدن ڇو ڪمزور ڪري ڇڏيا، پنهنجا جگر اُجايل رکيا، پنهنجا ڪنڌ (الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڇو) جهڪائي ڇڏيا ۽ ان جي ئي ذڪر کي پنهنجي دولت ۽ مراد ڇو بڻايو؟

**ڪجهه شعر**

يَارِجَالَ اللَّيْلِ مَهْلًا عَرِّسُوْا ۔۔۔ اِنَّنِیْ بِالنَّوْمِ عَنْكُمْ مُشْتَغِلْ

شَغَلَتْنِی عَنْکُمُ النَّفْسُ الَّتِی تَقْطَعُ اللَّیْلَ بِنَوْمٍ وَکَسَلْ
اَنَـا بَطّـالٌ وَّ اَنْتُمْ رُکَّعٌ زَادَ تَفْرِیطِی وَزِدْتُّم فِی الْعَمَلْ
قُلْتُ مَهْلًاسَادَتِی اَهْلَ الْوَفَا حَمَلَ الْقَـوْمُ وَقَالُـوا لَامَهَلْ

**ترجمو:** (1) اي رات ۾ عبادت ڪرڻ وارؤ! ڪجهه دير ته آرام گاهه ۾ هليا وڃو، جو آئون ننڊ جي سبب توهان کان (يعني توهان جي ان عبادت ۾ شريڪ ٿيڻ کان) پري ٿيان.

(2) مون کي ننڊ ۽ سستي ۾ رات گذارڻ واري نفس توهان کان بي توجهه ڪري ڇڏيو آهي.

(3) آئون فضوليات ۾ مصروف آهيان ۽ توهان نماز ۾، منهنجي ڪوتاهي ۾ اضافو ٿيو ۽ توهين عمل ۾ اڳتي وڌي ويا.

(4) مون چيو: وفا جا پيڪر سردارؤ! ڪجهه انتظار ڪري وٺو ته اهي بي نيازي سان چوڻ لڳا: انتظار جي مهلت ناهي.

## قربِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو طريقو

حضرتِ سيدنا وهب بن مُنبه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي موڪلي ته جڏهن تون جنّت ۾ رهڻ چاهين ته دنيا سان تعلّق ٽوڙي ڇڏ ۽ اهڙي طرح غمگين ۽ اڪيلو ٿي وڃ جيئن اڪيلو رهجي ويڻ وارو پکي پٽريلي زمين ۾ سايي حاصل ڪرڻ واري جڳهه تي هوندو آهي، اهو چشمن جي پاڻي تي ايندو آهي ۽ وڻن مان ميوو کائيندو آهي ۽ جڏهن رات ٿي ويندي آهي ته ٻين پکين کان ڊڄندو، اڪيلو لِڪي ويندو آهي ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان اُنس (محبّت) حاصل ڪندو آهي.

## عبرت حاصل ڪرڻ

حضرتِ سيّدنا سفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البَارِي فرمائن ٿا: هڪ عابد جو گذر ڪنهن راهب وٽان ٿيو ته ان راهب کي چيو: اي راهب! تون

موت کي ڪيئن ياد ڪندو آهين؟ راهب جواب ڏنو: آئون جڏهن بہ ڪو قدم کڻندو آهيان تہ ٻيو قدم رکڻ کان پهريان ڊڄندو آهيان تہ ڪِٿي مري نہ وڃان. عابد پُڇيو: عبادت جي لاءِ تنهنجو جوش ڪيئن هوندو آهي؟ راهب چيو: مون جنّت جي باري ۾ ڄاڻڻ واري ڪنهن شخص جي باري ۾ ناهي ٻُڌو تہ ان کي وقت ملي ۽ اهو بہ رڪعتون ادا نہ ڪري. عابد پڇيو: توهان راهبن کي ڇا ٿيو آهي جو توهين هي پراڻن ٽڪرن جو ڪارو لباس پائيندا آهيو؟ راهب چيو: مصيبت زده ماڻهن جا ڪپڙا اهڙا ئي هوندا آهن. عابد پڇيو: اي راهب! ڇا هر راهب مصيبت ۾ آهي؟ راهب چيو: اي منهنجا ڀاءُ! گنهگارن جي لاءِ گناهن کان وڏي مصيبت ڪهڙي آهي؟ ان عابد جو چوڻ آهي تہ مون کي جڏهن بہ اها گفتگو ياد ايندي آهي تہ آئون روئي پوندو آهيان.

حضرتِ سيدنا عتبيؒ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪرڻ وارن مان هڪ زاهد هي شعر چيا آهن:

**عربي شعر**

وَيومَ تَرَى الشَّمسَ قَدۡ كُوِّرَتۡ — وَفِيهِ تَرَى الۡاَرۡضَ قَدۡ زُلۡزِلَتۡ
وَفِيهِ تَرَى كُلَّ نَفۡسٍ غَدًا — اِذَا حُشِرَ النَّاسُ مَاقَدَّمَتۡ
اَتَرۡقُدُ عَيۡنَاكَ يَا مُذۡنِبًا — وَاَعۡمَالُكَ السُّوۡءُ قَدۡدُوِّنَتۡ
فَاَمَّا سَعِيۡدٌ اِلٰی جَنَّةٍ — وَكَفَّاهُ بِالنُّورِ قَدۡخُضِبَتۡ
وَاِمَّا شَقِيٌّ كُسِی وَجۡهُهُ — سَوَادًا وَّكَفَّاهُ قَدۡ غُلِّلَتۡ

**ترجمو:** (1) انهيءَ ڏينهن ڏسندين تہ سج جي آب و تاب چمڪ ختم ٿي ويندي ۽ زمين ۾ زلزلا هوندا.

(2) جنهن ڏينهن ماڻهن جو حشر ٿيندو تہ ان ۾ ڏسندين تہ هر نفس سڀاڻي (قيامت) جي لاءِ ڇا ڇا اڳتي موڪليو.

(3) اي بدڪار! تنهنجون اکيون سمهي رهيون آهن جڏهن تہ تنهنجا برا عمل جمع ٿي رهيا آهن.

(4) سعادتمند جو نڪاڻو تہ جنّت ٿيندو ۽ ان جا هٿ نور سان ڀريل هوندا.

(5) ۽ بدبخت جي منهن تي ڪاراڻ ڇانيل هوندي ۽ ان جا هٿ ٻڏل هوندا.

## دنياوي لذتن کان تعلق ٽوڙڻ

هڪ ڏينهن حضرتِ سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سفر تي روانا ٿيا. جڏهن انهن کي سخت گرمي محسوس ٿي تہ انهن عمامو گهرايو ۽ ان کي مٿي تي ٻڌي ورتو، هڪدم وري ان کي لاهي ڇڏيائون، عرض ڪيو ويو: اي اميرالمؤمنين! اوهان عمامو ڇو لاهي ڇڏيو اهو تہ اوهان کي گرمي کان بچائي رهيو هو؟ فرمايائون: مون کي اڳئين زماني جي ماڻهن جا هي شعر ياد اچي ويا:

### عربي شعر

مَنْ كَانَ حِيْنَ تَمَسُّ الشَّمْسُ جَبْهَتَهٗ اَوِالْغُبَارُ يَخَافُ الشَّيْنَ وَ الشَّعْثَا

وَيَاْلَفُ الظِّلَّ كَيْ تَبْقٰى بَشَاشَتُهٗ فَسَوْفَ يَسْكُنُ يَوْمًا رَاغِمًا جَدَثًا

فِیْ قَعْرِ مُظْلِمَةٍ غَبْرَاءَ مُوْحِشَةٍ يُطِيْلُ تَحْتَ الثَّرٰى فِیْ جَوْفِهَا اللَّبَثَا

**ترجمو:** (1) اهڙو شخص جيڪو پنهنجي چهري تي اُس ۽ مٽي پوڻ کان ڊڄي تو جو ڪِٿي عيب دار يا گهبرايل نہ ٿي وڃي.

(2) ۽ سايي جي ڳولا ڪندو آهي تہ جيئن ان جي تروتازگي قائم رهي اهو جلد ئي هڪ ڏينهن قبر ۾ مٽي سان لِتڙجي ئي ويندو.

(3) اهو اونداهي، مٽي سان ڀريل ۽ وحشت ۾ وجهڻ واري کڏي ۾ هوندو ۽ ڊگهي عرصي تائين مٽي جي هيٺ ان جي پيٽ ۾ رهندو.

## نيڪ ماڻهن جو صدقو

حضرتِ سيدنا عيسيٰ بن مريم (عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) پنهنجي حوارين (يعني ساٿين) وٽ آيا. حوارين جا چهرا ميرا هئا پر نور سان چمڪي رهيا هئا. پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام جن انهن کي ارشاد فرمايو: اي آخرت جا فرزندؤ! ناز ۽ نعمت ۾ رهڻ وارن کي توهان جي بچيل نعمتن ئي

مان حصو ملندو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نوراني چهرا

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي کان پڇيو ويو: تهَجُّد گذار ماڻهن جا چهرا ٻين ماڻهن کان وڌيڪ خوبصورت ڇو هوندا آهن؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اڪيلائي اختيار ڪندا آهن ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن کي پنهنجي نور جو لباس پارائي ڇڏيندو آهي.

## روئڻ وارو نوجوان

حضرتِ سيدنا ابو ماجد عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الواجد فرمائن ٿا: آئون صوفين سان ڏاڍي محبت رکندو هئس، هڪ ڏينهن آئون انهن جي ڀنيان هڪ عالِم جي مجلس ۾ ويس ته مون ان مجلس ۾ هڪ نوجوان ڏٺو جنهن جي زيارت جي لاءِ ماڻهو بي چين هئا، اهو نوجوان جڏهن ”اللّٰه اللّٰه“ جون صدائون ٻڌندو هو ته پنهنجي ڳوڙهن کي روڪي نه سگهندو هو. عين جواني جي حالت ۾ ان کي اهڙي طرح روئيندو ڏسي، مون کي ڏاڍو عجب لڳو. مون هڪ بزرگ کان ان نوجوان جي باري ۾ پڇيو ته انهن ٻڌايو: هي توبهه کان پوءِ ان طرح لڙڪ وهائيندو ۽ نفلن جي ادائيگي ۾ مصروف نظر ايندو آهي. ان جي دل تمام نرم آهي ۽ هي محبتِ الٰهي ۾ پنهنجي پاڻ کان بي خبر آهي. انهيءَ دؤران ڪنهن قاري صاحب هي آيت شريف تلاوت ڪئي:

فَاذْكُرُوْنِیْۤ اَذْكُرْكُمْ (پ 2 البقرة 152)

ترجمو ڪنزالايمان: سو اوهان مون کي ياد ڪريو ته مان اوهان جي پرچار ڪندس.

ته هو پنهنجي جڳهه تي اُٿي بيهو ۽ چوڻ لڳو: اي منهنجا مولٰي

عَزَّوَجَلَّ! اهو ذليل ۽ رسوا ٿي ويو جنهن جي دل ۾ تنهنجي ياد کان سواءِ ڪجهه ٻيو آهي، اي دلين جا محبوب! سڄي ڪائنات ۾ توکان سواءِ ڪير آهي جنهن کي ياد ڪيو وڃي. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**ڪجهه شعر**

تَهَتُّكِي فِي الْهَوٰى حَلَالِيْ — وَعَاذِلِي مَالَهُ وَمَالِي
يَلُوْمُنِي فِي الْغَرَامِ جَهْلًا — وَكُلَّمَا لَامَنِي حَلَالِي
قَالُوْا تَسَلَّيْتَ قُلْتُ كَلَّا — يَاقَوْمِ مِثْلِي يَكُوْنُ سَالِي
قَالُوْا تَعَشَّقْتَ قُلْتُ اَهْلًا — لَقَدْ تَعَشَّقْتُ لَا اُبَالِي

**ترجمو:** (1) محبّت جي شدّت جي سبب منهنجي شهرت صحيح آهي ۽ مون کي ٻُرو ڀلو چوڻ نه کو ان جي لاءِ درست آهي ۽ نه منهنجي لائق آهي.

(2) هو مون کي بي خبري جي بنياد تي محبّت ۾ بروڀلو چئي رهيو آهي ۽ جڏهن به هن مون کي برو ڀلو چيو مون کي سٺو ئي لڳو.

(3) ماڻهن پڇيو: ڇا توکي (محبّت ۾) آرام مليو؟ مون جواب ڏنو: اي انسانؤ! مون جهڙي کي آرام هرگز ناهي؟

(4) انهن پڇيو: تون عشق ۾ گرفتار ٿي ويو آهين؟ مون جواب ڏنو: ها! مون عشق ڪيو آهي (۽) عشق جي اظهار ۾ مون کي ڪنهن جي پرواه ناهي.

## ماڻهن جا چار قِسم

حضرتِ سيدنا ابوعلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: ”مقامِ فناء (يعني اهو مرتبو جنهن تي ٻانهو عبادت جي ذريعي آهستي آهستي ترقي حاصل ڪندو آهي، ان) ۾ ماڻهن جا چار قِسم آهن:

پهريون: اهو شخص جنهن جي دل تي الله عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ محبت غالب اچي وئي ۽ هو الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مصروف ٿي ڪري ٻين کان غافل ٿي ويو، هي اُهو شخص آهي جنهن جو تذڪرو الله عَزَّوَجَلَّ

پنهنجي هن فرمان ۾ ڪيو آهي:

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ (پ 18 النور 37)

ترجمو ڪنزالايمان: اهي مرد جن کي غافل نہ تو ڪري ڪو واپار ۽ نہ ئي ڪا خريدو فروخت الله جي ياد کان.

ٻيون: اهو شخص جنهن الله عَزَّوَجَلَّ سان سچي عبادت، اظهارِ بندگي، خالص پرهيزگاري ۽ وفاداري جو واعدو ڪيو آهي، هي اهو شخص آهي الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جو ذڪر پنهنجي هِن فرمانِ عظيم ۾ ڪيو:

رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ ۚ (پ 21 الاحزاب 23)

ترجمو ڪنزالايمان: ڪي مرد اُهي آهن جن الله سان ڪيل عهد سچو ڪري ڏيکاريو.

ٽيون: اهو شخص جنهن جو ڪلام الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هجي، هو نيڪي جي دعوت ڏي، بُرائي جي تمام قِسمن کان پاڻ بہ بچي ۽ ٻين کي بہ منع ڪري. هي اهو شخص آهي جنهن جي صفت الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هن فرمانِ عظمت نشان ۾ بيان ڪئي آهي:

وَجَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ يَّسْعٰى (پ 22 يٰسٓ 20)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ شهر جي پرين ڇيڙي کان هڪ مرد ڊوڙندو آيو.

چوٿون: اهو شخص جنهن جو باطن ان جي مؤڪل فرشتن جي باري ۾ گفتگو ڪري ۽ ان جي راز کي ان جي موليٰ عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ٻيو ڪير نہ ڄاڻندو هجي، هي اهو شخص آهي جنهن جو ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هن فرمانِ ذيشان ۾ ڪيو آهي:

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ (پ 23 الزمر 23)

ترجمو ڪنزالايمان: الله لاٿو سڀ کان سهڻو ڪتاب جو اوّل کان آخر تائين هڪجهڙو آهي. تڪرار سان بيان ڪندڙ ان سان وار ڪانڊارجي ويندا آهن انهن جي بدن تي جيڪي پنهنجي ربّ کان ڊڄندا آهن پوءِ انهن جون کلون ۽ سندن دليون نرم ٿي پون ٿيون، خدا جي يادگيري جي شوق ۾.

## سيدنا مالك رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون دعائون

حضرتِ سيدنا مغيره بن حبيب عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُجِيب فرمائن ٿا: آئون خدا عَزَّوَجَلَّ جي محبوبن جي مجاهدن ۽ وليّن جي دعائن جي باري ۾ ٻڌندو ۽ انهن مان ڪنهن جي حال تي خبردار ٿيڻ جي خواهش ڪندو هئس، تنهن ڪري آئون حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار وٽ ويس ۽ لِڪي انهن کي ڏسڻ لڳس. آئون ڪيترين ئي راتين تائين انهن جي عبادتن کي ڏسندو رهيس، اهي عشاء کانپوءِ وضو ڪري، نماز جي لاءِ ويهي رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هڪڙي يا ٻن آيتن جي تلاوت ۾ پوري رات گذاري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن آهستي آهستي تلاوت جو آواز وڌائي ڇڏيندا هئا پوءِ جڏهن سجدو ڪري وٺندا هئا ۽ نماز کان فارغ ٿي ويندا هئا تہ پنهنجي ڏاڙهي جهلي وٺندا هئا ۽ ٻارن کان وِڇڙي ويل ماءُ وانگر فرياد ڪندي ۽ پريشان حال شخص وانگر روئندي هن طرح سان دعا گهرندا هئا: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! اي منهنجي زندگي جا مالڪ! اي منهنجي اڪيلائي جا ساٿي! اي دعائن جا ٻڌڻ وارا! تو پنهنجي هن فرمان سان فضل ۽ احسان ڪيو آهي:

يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ (پ 6 المائده 54) ترجمو ڪنزالايمان: اهي الله جا پيارا ۽ الله انهن جو پيارو هوندو.

۽ محبت ڪندڙ پنهنجي حبيب کي عذاب ناهي ڏيندو تنهن ڪري تون مالڪ بن دينار جي پيري کي دوزخ تي حرام فرمائي ڇڏ، يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تون دوزخين ۽ جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارن کي ڄاڻين ٿو، مالڪ بن دينار جو انهن مان ڪهڙو گهر آهي؟ ۽ مالڪ جو نڪاڻو ڪهڙو آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ائين ئي فجر ٿيڻ تائين دعائون ڪندا رهندا هئا ۽ عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪندا هئا.

(الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي)

# نفساني خواهشن جو عذاب

اي اهي شخص! جنهن کي محرومي ويهاري ڇڏيو آهي، هي توبهه ڪرڻ وارن جو قافلو آهي تون بہ انهن سان گڏ سفر ۾ شريڪ ٿي وڃ، تو وٽ تہ نہ لُٽڪَن جو خزانو آهي ۽ نہ ئي افسوس ڪرڻ واري دل آهي، آئون توکي اڪيلو بيوس ڏسي رهيو آهيان، اها پيري جي ڳِهنٽي روانگي جو اعلان ڪري رهي آهي، اي شخص! آخرت جي تياري ڪري وٺ، ڪيستائين حيلا بهانا ڪندو رهندين؟ ڪيستائين سُستي ڪندو رهندين؟ ڪيتري غفلت ڪندين؟ آئون قيامت جي ڏينهن توکي عذر وارو نٿو ڏسان، تنهنجي ملاقات جو گهر ويران آهي جڏهن تہ جدائي جو گهر آباد آهي، قدم وڌائي شايد توبهه سان ڪوتاهيون متجي وڃن ۽ سحري جي وقت هڪ اهڙو سجدو ڪر، جيڪو توکي قيامت جي دهشتن کان ڇوٽڪارو ڏياري، قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

وَ لِلّٰهِ یَسْجُدُ مَنْ فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ طَوْعًا وَّ كَرْهًا وَّ ظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ ۩[1] (پ 13 الرعد 15)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله جي واسطي ئي سجدو ڪن ٿا جيترا آسمانن ۽ زمين ۾ آهن خوشي سان چاهي مجبوري سان ۽ انهن جا پاڇا هر صبح ۽ شام.

ڪيڏا بهترين آهن اهي ماڻهو جن جون دليون محبوب جي ياد سان معمور رهنديون آهن، انهن جي دلين ۾ محبوب جي ياد کان سواءِ ڪنهن جي ياد جو ڪو حصو يا گنجائش ناهي، جيڪڏهن اهي ڳالهائيندا آهن تہ انهيءَ جو ئي ذڪر ڪندا آهن، جيڪڏهن چرپر ڪندا آهن تہ انهيءَ جي ئي حڪم سان ڪندا آهن، جيڪڏهن خوش ٿيندا

[1] هي سجدي جي آيت آهي ۽ آيتِ سجده پڙهڻ يا ٻُڌڻ سان سجدو واجب ٿي ويندو آهي. (بهارِ شريعت، ج 1، حصو 4، ص 38)

آهن تہ ان جي قرب تي ئي خوش ٿيندا آهن، جيڪڏهن ڊڄندا آهن تہ ان جي غضب کان ئي ڊڄندا آهن، محبوب جو ذڪر انهن جي غذا آهي ۽ انهن جا وقت الله عَزَّوَجَلَّ سان دعائون ڪرڻ ۾ گذرندا آهن، ان کان بغير انهن کي چين ناهي ايندو ۽ اهي ان جي رضا کان سواءِ هڪ لفظ بہ ناهن ڳالهائيندا.

## ڪجهہ شعر

حَيَاتِی مِنْکَ فِی رُوْحِ الْوِصَالِ ... وَصَبْرِی عَنْکَ مِنْ طَلَبِ الْمُحَالِ
وَکَیْفَ الصَّبْرُ عَنْکَ وَاَیُّ صَبْرٍ ... لِعَطْشَانَ عَنِ الْمَاءِ الزُّلَالِ
اِذَا لَعِبَ الرِّجَالُ بِکُلِّ شَیْئٍ ... رَأَیْتُ الْحُبَّ یَلْعَبُ بِالرِّجَالِ

**ترجمو:** (1) تنهنجي طرفان منهنجي زندگي حقيقي ملاقات ۾ آهي ۽ توسان تعلق ٽوڙي ڇڏڻ جو مطالبو مون کان (جو) ناممڪن جو طلب ڪرڻ آهي.

(2) تو کان سواءِ صبر ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو اُڃايل ماڻهو صاف مني خوشگوار پاڻي کان ڪيترو صبر ڪري.

(3) جنهن وقت ماڻهو هر شيء سان کيڏندا آهن (ان وقت) مون محبت کي ڏٺو تہ هو انهن ماڻهن سان کيڏندي رهندي آهي.

## پانهي جي توبهہ تي شيطان جي بدحواسي

رسولِ خدا، حبيبِ ڪبريا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: جڏهن ٻانهو چاليهہ ورهين جي عمر کي پهچي ۽ ان جي ڀلائي ان جي شرّ تي غالب نہ اچي تہ شيطان ان جي پيشاني چُمي چوندو آهي: آئون ان چهري تي قربان! جيڪو ڪڏهن فلاح حاصل نہ ڪندو. پوءِ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ان ٻانهي تي احسان فرمائي ۽ اهو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪري وٺي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ٻٽڪڻ کان بچائي وٺي ۽ جهالت جي اونداهين مان ڪڍي ڇڏي، تہ شيطان ملعون چوندو آهي: هاءِ افسوس! هن منهنجون اکيون ٺارڻ

جي لاءِ سڄي زندگي گمراهي ۾ گذاري پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي توبہ جي سبب ان کي جهالت جي اونداهين مان ڪڍي ڇڏيو.

## هڪ عالِم جو امتحان

منقول آهي تہ بغداد ۾ هڪ تمام وڏو عالم رهندو هو، ماڻهو علم حاصل ڪرڻ ۽ اصلاح جي شوق ۾ ان وٽ ايندا ويندا هئا. هڪ دفعي ان بيت **الله** جي حج ۽ روضہءِ رسول (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي زيارت جو ارادو ڪيو تہ پنهنجي شاگردن کي بہ گڏ هلڻ تي راضي ڪري ورتو ۽ انهن کان واعدو ورتو تہ اهي **الله** عَزَّوَجَلَّ تي توڪّل ڪندي هلندا، سفر جي دؤران جڏهن اهي ماڻهو هڪ گرجا گهر جي ويجهو پهتا تہ گرمي ۽ اُڃ جي شدّت کان بي حال ٿي چڪا هئا، شاگردن عرض ڪيو: اي اسان جا استاد محترم! اسان ڏينهن ٽڙو ٽيڻ تائين هن گرجا گهر جي سايي ۾ آرام ڪريون ٿا پوءِ انْ‌شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ وري سفر تي روانا ٿينداسين، استاد چيو: جيئن توهان جي مرضي.

اهڙي طرح اهي ماڻهو گرجا گهر ڏانهن هلڻ لڳا ۽ ان جي پٽ جي سايي ۾ ترسي پيا. گرمي کان بي حال ماڻهن کي ڇانو ملي تہ اهي جلد ئي ننڊ جي آغوش ۾ هليا ويا پر استاد نہ سُتو، هو انهن کي سمهندو ڇڏي وضو جي لاءِ پاڻي جي تلاش ۾ نڪري پيو. ان وقت ان جي ذهن ۾ صرف هڪ ئي خيال هو تہ ڪنهن طرح پاڻي ملي، اجا هو گرجا جي سايي ۾ پاڻي ڳولي رهيو هو تہ ان جي نظر هڪ گهٽ عمر واري ڇوڪريءَ تي پئي جيڪا چمڪندڙ سج وانگر خوبصورت هئي. ان تي نظر پوندي ئي شيطان ان استاد تي غالب آيو ۽ اها ڇوڪريءَ ان جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي وئي، هو وضو ۽ پاڻي کي وساري ان جي فڪر ۾ لڳي ويو، ان گرجا جو دروازو آهستي ڪڙڪايو تہ هڪ

راهب ٻاهر نڪتو ان پڇيو: تون ڪير آهين؟ هن پنهنجو تعارف ڪرايو ته آئون فلان عالم آهيان، راهب پڇيو: اي مسلمانن جا فقِيه ڇا گهرجي؟ جواب ڏنائين: اي راهب! مون ڪي گرجا جي ڇت تي هينئر هڪ ڇوڪريءَ ڏٺي آهي، اها تنهنجي ڇا ٿي لڳي؟ راهب چيو: اها منهنجي ڌيءُ آهي پر تون ان جي باري ۾ ڇو ٿو پڇين؟ استاد چيو: آئون چاهيان ٿو ته ان جي شادي تون مون سان ڪري ڇڏ. راهب چيو: اسان جي دين ۾ ائين ڪرڻ جائز ناهي جيڪڏهن جائز هجي ها ته آئون ان جي پڇڻ کان سواءِ ان کي تنهنجي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها حالانڪ مون پنهنجو پاڻ سان اهو عهد ڪيو آهي ته ان جي شادي ان جي ئي پسند سان ڪرائيندس، آئون ان کي تنهنجي باري ۾ ٻڌايان ٿو جيڪڏهن هو توکي پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿي ته آئون ان کي تنهنجي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيندس. استاد چيو: اها وڏي خوشي جي ڳالهه آهي مهرباني فرمائي ان وٽ وڃو ۽ پڇو.

اهو راهب پنهنجي ڌيءُ وٽ ويو ۽ سڄو قصو بيان ڪيائين. هيڏانهن هي استاد انهن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو، ان ڇوڪريءَ چيو: بابا سائين! اوهان منهنجو نڪاح ان سان ڪيئن ڪندؤ جڏهن ته آئون عيسائي آهيان ۽ هو مسلمان آهي، اهو انهيءَ صورت ۾ ممڪن آهي جو هو نصرانيّت ۾ داخل ٿئي. راهب پڇيو: جيڪڏهن هو نصراني ٿي وڃي ته ڇا تون ان سان شادي ڪندين؟ ڇوڪريءَ چيو: جي ها، ڪري وٺنديس.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ استاد جي بي چيني وڌندي پئي وئي، هيڏانهن ان جا شاگرد بي خبر سُتا پيا هئا. آخرڪار استاد ڇوڪريءَ ڏانهن متوجهه ٿي چيو: آئون دين اسلام ڇڏي نصراني ٿي ويو آهيان،

چوڪريءَ چيو: جڏهن تہ هي عزت ۽ وقار جي شادي آهي تنهنڪري زوجيّت جا حق ۽ مهر جي ادائيگي ضروري آهي تون حق ڪيئن ادا ڪندين؟ چاڪاڻ تہ آئون ڏسان ٿي تہ تون فقير آهين پوءِ بہ جيڪڏهن تون انهن خنزيرن کي پورو هڪ سال چارين تہ اهو ئي منهنجو مهر ٿيندو. ان چيو: نيڪ آهي پر منهنجو بہ هڪ شرط آهي تہ تون انهيءَ دوران پنهنجو چهرو مون کان نہ لِڪائيندين تہ جيئن آئون صبح شام ان کي ڏسندو رهان. چوڪريءَ چيو: مون کي منظور آهي، ان اها لٺ جنهن سان خطبو ڏيندو هو ڪٽي، خنزيرن ڏانهن ويو تہ جيئن لٺ جي ذريعي انهن کي چراگاهہ تائين وٺي وڃي.

جڏهن شاگرد ننڊ مان سجاڳ ٿيا تہ پنهنجي استاد کي ڳولڻ لڳا، جڏهن هو تمام گهڻي ڳولا جي باوجود نہ مليو تہ انهن راهب کان ان جي باري ۾ پڇيو تہ جواب ۾ ان سڄي ڪهاڻي ٻڌائي، اها افسوسناڪ خبر ٻڌي شاگردن ۾ واويلو مچي ويو، ڪي غش کائي ڪِري پيا ۽ ڪي آهون فريادون ڪرڻ لڳا. پوءِ انهن راهب کي چيو تہ هاڻي هو ڪٿي آهي؟ راهب ٻڌايو تہ هو خنزير چاري رهيو آهي. راوي چون ٿا تہ پوءِ اسين ان ڏانهن وياسين تہ ان کي انهيءَ لٺ سان ٽيڪ لڳائيندي ڏٺوسين جنهن جي سهاري هو خطبو ڏيندو هو، هو خنزيرن کي هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ کان روڪي رهيو هو. اسان ان کي چيو: اي اسان جا سردار! هي توتي ڪهڙي آزمائش اچي وئي؟ پوءِ اسان ان کي قرآن پاڪ، اسلام ۽ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون فضيلتون ياد ڏيارڻ لڳاسين ۽ ان کي قرآن ۽ حديث جا فرمان ٻڌايا تہ ان چيو: مون کان پري ٿي وڃو، توهان جيڪي ڪجهہ ياد ڏياري رهيا آهيو اهو آئون توهان کان وڌيڪ

ڄاڻان ٿو پر مون تي الله ربّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آزمائش نازل ٿي آهي. اسان ان کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيون پر ناڪام رهياسين. آخرڪار اسين ان جي حال تي افسوس ڪندي مڪي شريف ڏانهن روانا ٿياسين ۽ حج ادا ڪرڻ ڪانپوءِ واپس بغداد ڏانهن موٽڻ لڳاسين جڏهن اسان انهيءَ جڳهه تي پهتاسين تہ اسان هڪٻئي کي چيوسين: اچوتہ ڏسون، ان تي ڇا گذري، شايد هو شرمندو ٿي، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪري چڪو هجي ۽ پنهنجي حالت تي موٽي آيو هجي، اسان ان وٽ پهتاسين تہ ان کي انهيءَ ساڳي حالت تي ڏٺوسين هُو خنزيرن جي سار سنڀال ڪري رهيو هو اسان ان کي سلام ڪيو ۽ نصيحت ياد ڏياري ۽ قرآن پاڪ پڙهي ٻڌايو پر ان ڪو جواب نہ ڏنو، اسان هڪ دفعو وري افسوس ڪندي موٽي وياسين.

جڏهن اسان گرجا گهر کان ٿورو پري پهتاسين تہ اسان گرجي وٽان هڪڙي شخص کي پنهنجي طرف ايندي ڏٺو، اهو شخص رڙيون ڪري اسان کي رڪجڻ جو چئي رهيو هو، اسان بيهي رهياسين ويجهو اچڻ تي خبر پئي تہ اسان جا اُهي ئي استاد اسان ڏانهن اچي رهيا آهن جڏهن اهي اسان سان مليا تہ چيائون: آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪري چڪو آهيان ۽ پنهنجي اڳوڻي حالت کان رجوع ڪري چڪو آهيان، اها آزمائش منهنجي هڪ اهڙي خطا جي سبب هئي جيڪا منهنجي ۽ منهنجي ربّ جي وچ ۾ هئي ان منهنجي خطا جي سبب مون تي قهر نازل فرمايو هو، اها آزمائش جيڪا توهان ڏٺي اها انهيءَ سبب کان هئي، اسان ان تي ڏاڍا خوش ٿياسين ۽ بغداد موٽي آياسين ۽ اسان جا

استاد پهرين کان وڌيڪ عبادتن ۽ مجاهدن ۾ مصروف ٿي ويا.

هڪ ڏينهن اسان انهن جي گهر ديني علم حاصل ڪري رهيا هئاسين ته اسان هڪ عورت کي دروازو کڙڪائيندي ڏٺو ته اسان ٻاهر نڪري پڇيوسين: اي عورت! ڪهڙو ڪم آهي؟ ان چيو: آئون شيخ سان ملڻ چاهيان ٿي انهن کي چئو ته فلان راهب جي ڌيءَ اوهان جي هٿ تي مسلمان ٿيڻ لاءِ آئي آهي، ته شيخ ان کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني، ان گهر ۾ داخل ٿي چيو: اي منهنجا سردار! آئون اوهان جي هٿ تي مسلمان ٿيڻ آئي آهيان.

شيخ پڇيو: تنهنجو قصو ڇا آهي؟ ان شيخ کي ٻڌايو: جڏهن اوهان اُتان کان هليا آيا ته مون تي ننڊ جو غلبو طاري ٿيو ۽ آئون سمهي پيس، مون خواب ۾ حضرتِ علي بن ابي طالب كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي ڏٺو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائي رهيا هئا ته دينِ محمدي علٰي صاحبها الصّلوٰةُ وَالسّلام کان علاوه ڪو دين سچو ناهي. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن ٽي دفعا اها ڳالهه ارشاد فرمائي پوءِ فرمايائون: الله تعالٰي تنهنجي ذريعي پنهنجي هڪ ٻانهي کي آزمايو آهي. اهڙي طرح هاڻي آئون اوهان وٽ آئي آهيان ۽ اوهان جي سامهون گواهي ٿي ڏيان ته الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول آهن. شيخ ان عورت جي پنهنجي هٿ تي مسلمان ٿيڻ جي سبب ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ انهن ان سان دين محمدي موجب نڪاح ڪري ورتو.

جڏهن اسان انهن کان ان خطا جي باري ۾ پڇيو جيڪا انهن جي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ راز هئي ته انهن ٻڌايو: آئون ڪنهن جڳهه تان لنگهي رهيو هئس ته هڪ نصراني اچي مون سان چنبڙي پيو، مون ان کي چيو: توتي الله جي لعنت هجي مون کان پري ٿي وڃ.

ان پڇيو: ڇو؟ مون چيو: آئون توکان بهتر آهيان. نصراني مون ڏانهن متوجهه ٿي چيو: توکي ڪهڙي خبر تہ تون مون کان بهتر آهين ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ تنهنجو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ڪهڙو مقام آهي جو تون اها ڳالهہ ڪري رهيو آهين؟ پوءِ بعد ۾ مونکي خبر پئي تہ اهو نصراني مسلمان ٿي چڪو آهي ۽ ڪامل مسلمان ٿي عبادت گذار بڻجي چڪو آهي، جڏهن تہ مون کي منهنجي خطا جي سبب اها سزا ملي جيڪا توهان ڏسي چڪا آهيو.

نَسْأَلُ اللّٰهَ الْعَافِيَّةَ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ يعني اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان دنيا ۽ آخرت ۾ عافيّت جو سوال ڪريون ٿا.

**يا اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ!

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں
مدفن میرا محبوب کے قدموں میں بنادے

**يا رسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

مجھے ہریالے گنبد کے تلے قدموں میں موت آئے
سلامت لے کے جاؤں دین و ایماں یارسول اللّٰه

## دنيا جي محبت جو نقصان

اي توبهہ ڪرڻ وارؤ! اچو اسان پنهنجي گناهن تي روئي ونون، اهو روئڻ جو مقام آهي اچو پنهنجي محرومي جي باري ۾ آهہ و زاري ڪري ونون، شايد قربت جو زمانو ائين موٽي اچي جيئن پهرين هو. وارن جي اها سفيدي شهرن جي ويراني کان ڊيڄاري رهي آهي، اي پنهنجي جواني کان پيري تائين عبادت ۽ رياضت ۾ پوئتي رهجي وڃڻ وارا! قافلو روانو ٿي چڪو آهي، اي پوئتي رهجي وڃڻ تي پريشان ٿيڻ وارا! اي محرومي جي جهنگل ۾ حيران ۽ پريشان

ڦِرڻ وارا! تنهنجو ڏينهن رزق جي ڳولا ۾ ۽ رات غفلت جي ننڊ ۾ گذري ٿي، انهيءَ خساري جو حقيقي احساس توکي ان وقت ٿيندو جڏهن تنهنجي جواني ڪجهه نفعو ڏيڻ کان بغير توکان منهن موڙي ويندي ۽ پيري نقصان جي علاوه ٻيو ڪجهه نه ڏئي سگهندي، توبهه جي ڪناري تي ئي رڪجي وڃ ڇاڪاڻ ته گناهن جا سمنڊ وڏا طوفاني آهن، هاءِ! تو جواني جون بهارون ائين ئي غفلت ۾ گذاري ڇڏيون ۽ نافرمانين جي خزان ڇانئجي وئي آهي ته هاڻي تون پيري ۾ شرمندو آهين.

يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَ يُثۡبِتُ ۚۖ وَ عِنۡدَهٗۤ اُمُّ الۡكِتٰبِ ﴿۳۹﴾ (پ 13 الرعد 39)

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله جيڪي چاهي متائيندو ۽ ثابت رکندو آهي ۽ اصل لکيل انهيءَ وٽ آهي.

**شعر**

أَتَبۡنِي بِنَاءَ الۡخَالِدِيۡنَ وَ اِنَّمَا بَقَاؤُکَ فِيۡهَا لَوۡ عَقَلۡتَ قَلِيۡلُ

لَقَدۡ كَانَ فِيۡ ظِلِّ الۡاَرَاکِ مَقِيۡلٌ لِمَنۡ كُلَّ يَوۡمٍ يَقۡتَفِيۡهِ رَحِيۡلُ

**ترجمو:** (1) ڇا تون هميشه رهڻ وارن وانگر جڳهه ٺاهي رهيو آهين حالانڪ ان جڳهه ۾ تنهنجو قيام تمام ٿورو آهي جيڪڏهن تون ان ڳالهه کي سمجهين.

(2) جنهن کي هر ڏينهن رخصت (موت) جو خوف لڳل هجي، ان کي ته پيلُو (ڪيڙ) جي سايي ۾ منجهند جو آرام ڪافي آهي.

## آخرت جي زندگي کي ترجيح ڏيو

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي فرمائيندا هئا: اي ابنِ آدم! تنهنجي لاءِ هڪڙي دنياوي زندگي آهي ۽ هڪڙي آخرت جي، تنهن ڪري تون دنياوي زندگي کي آخرت جي زندگي تي ڪڏهن به ترجيح نه ڏجان ڇاڪاڻ ته خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن کي ڏٺو جو جن پنهنجن دنياوي زندگين کي آخرت جي زندگي

تي ترجيح ڏني تہ اهي ذليل ۽ رسوا تي هلاڪت ۾ مبتلا ٿي ويا. اي انسان! دنيا کي آخرت جي بدلي وڪڻي ڇڏ، ﭘﻬﻨﺠﻲ جهانن ۾ نفعو ماڻيندين ۽ آخرت کي دنيا جي عوض هرگز نہ وڪڻجان جو ﭘﻬﻨﺠﻲ ۾ نقصان لهندين، اي ابنِ آدم! جڏهن تنهنجي لاءِ آخرت جي ڀلائي ذخيرو ڪئي وڃي تہ دنيا جي ڪا تڪليف توکي نقصان نہ ڏئي سگهندي، اي انسان! دنيا هڪ سواري آهي جيڪڏهن تون ان تي سوار ٿيندين تہ هي توکي ڪڻندي ۽ جيڪڏهن تو ان کي ڪنيو تہ اها توکي ماري ڇڏيندي، اي انسان! تون جلد ئي موت جو شڪار ٿيڻ وارو آهين پوءِ توکي تنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو، تنهنڪري تون زندگي ۾ ئي آخرت جي تياري ڪري وٺ ڇاڪاڻ تہ توکي موت جي وقت ان جي اهميّت جو اندازو ٿي ويندو، اي انسان! دنيا ۾ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ دل نہ لڳاءِ ڪِتي تون هڪ چنبڙي وڃڻ واري شيء سان دل نہ لڳائي ويهين، اي انسان! تون بغاوت ۾ جيترو رستو طئي ڪيو آهي تنهنجي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي، هاڻي رڪجي وڃ.

## جنّتي حور جي قيمت

حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بصره جي ڪنهن گلي مان گذري رهيا هئا جو بادشاهہ جي هڪ ڪنيز (يعني ٻانهيءَ) سندن ويجهو ڪان گذري. اها سواري تي هئي ۽ ان سان گڏ ڪجهہ نوڪر بہ هئا، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنيان ڪان شور ٻڌو تہ مُڙي پوئتي ڏٺائون ۽ ان جي چمڪ ڏمڪ ڏسي چوڻ لڳا: اي ڪنيز! ڇا تنهنجو مالڪ توکي وڪڻندو؟ ڪنيز جڏهن اها ڳالهہ ٻُڌي تہ انهن ڏانهن نهاريو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي پراڻو جبو پاتل هو پر خوبصورت ۽ باوقار نظر اچي رهيا هئا. ان ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ نوڪرن کي سواري روڪڻ جو

حکم ڏنو. انھن سواري روڪي تہ ان ڪنيز حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَيْه ڏانھن متوجھ ٿي چيو: اي شيخ! ٿورو پنھنجي ڳالھ ورجاءِ، پاڻ رَحْمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: آئون پڇي رھيو آھيان تہ ڇا تنھنجو مالڪ توکي وڪڻندو؟ ڪنيز چيو: توتي افسوس آھي جيڪڏھن منھنجو آقا مون کي وڪڻ بہ چاھي تہ ڇا تو جھڙو شخص مون کي خريد ڪري سگھندو؟ پوءِ نوڪرن حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه کي گھيري ورتو تہ پاڻ فرمائڻ لڳا: منھنجو رستو نہ روڪيو آئون بہ اوھان سان گڏ ھلان ٿو.

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ان قافلي سان گڏ ان ٻانھي جي محل تائين پھچي ويا. محل جا درٻاري ان ڪنيز کي ڏسي اٿي بيٺا ۽ ان کي سواري تان لاٿائون. اھا ڪنيز محل ۾ داخل ٿي وئي جڏھن تہ حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَيْه دروازي تي بيھي رھيا. جڏھن ٻانھي پنھنجي آقا وٽ پھتي تہ ان چيو: اي منھنجا آقا! مون کي ھڪ مسڪين ۽ پوڙھو فقير مليو جنھن کي پراڻو ۽ ڦاٽل لباس پاتل ھو، جڏھن ان منھنجو حسن و جمال، منھنجي شان و شوڪت ۽ منھنجي نوڪرن کي ڏٺو تہ حيران ٿي ويو ۽ مون کي چوڻ لڳو: ڇا تنھنجو آقا توکي وڪڻندو؟ ڪنيز جو آقا اھا ڳالھ ٻڌي کِلڻ لڳو ۽ ان کان پڇيائين: اھو پوڙھو ڪِٿي آھي؟ ٻانھي چيو: آئون ان کي پاڻ سان گڏ وٺي آئي آھيان ۽ اھو ھِن وقت محل جي دروازي تي بيٺو آھي. آقا چيو: ان کي مون وٽ وٺي اچو.

جڏھن حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَيْه ان بادشاھ جي شاھي دربار جي دروازي تي پھتا تہ ڏٺائون تہ اھو ڪمرو ڪيترن ئي قسمن ۽ ڊيزائنن جي قالينن ۽ وھاڻن سان سينگاريل آھي ۽ محل جو

مالڪ ھڪ متانھين جڳھ تي ويٺل آھي، حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيھي ان ڏانھن ڏسڻ لڳا. ان شخص پڇيو: ڇا ٿيو اي شيخ! اندر اچو. حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه چيو: جيستائين تون ھي قالين نہ ڪٺندين ۽ ان جي فِتني کي مون کان پري نہ ڪندين، آئون اندر نہ ايندس. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بادشاھ جي دل ۾ انھن جو اھڙو رعب ۽ ھيبت وجھي ڇڏي جو ان قالين ۽ وھاڻا ڪڻڻ جو حڪم ڏنو، ايستائين جو سنگِ مر مر جو فرش نظر اچڻ لڳو، پوءِ اھو شخص ھڪڙي ڪرسي تي ويھي رھيو ۽ چيائين: اي شيخ! جتي چاھيو تشريف رکو، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيستائين تون ڪرسي تان لھي ھن فرش تي نہ ويھندين آئون نہ ويھندس، اھڙي طرح اھو شخص فرش تي ويھي رھيو ۽ حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ ان جي ويجھو تشريف فرما ٿيا. ان شخص چيو: پنھنجي حاجت ارشاد فرمايو. حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: ھينئر توھان جي ٻانھي جيڪا محل ۾ آئي آھي ڇا توھان ان کي وڪڻندا؟ اھو ٻڌي بادشاھ چوڻ لڳو: ڇا اوھان وٽ ان کي خريد ڪرڻ جي لاءِ پئسا آھي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پڇيو: ان جي قيمت ڇا آھي؟ ان شخص چيو ان جي حسن و جمال ۽ شان و شوڪت جي قيمت ھزارن ۾ آھي. حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: خدا جو قسم! منھنجي ويجھو تہ ان جي قيمت کجور جي ٻن ڳريل پراڻين ککڙين جي برابر آھي، ان جواب تي ان شخص جي کِل نڪري وئي، پردي ۾ موجود اھا ٻانھي ۽ ٻيا نوڪر بہ کِلڻ لڳا.

حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن حيرت منجھان پڇڻ لڳا: ڇو کِلي رھيا آھيو؟ ان شخص چيو: اوھان ان ٻانھيءَ جي قيمت ايتري

گهٽ چو لڳائي آهي؟ حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جن فرمايو: انهيءَ لاءِ جو ان ۾ تمام گهڻا عيب آهن. ان پڇيو: اوهان ان جي عيبن کي ڪيئن ٿا ڄاڻون؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جن فرمايو: آئون ان جا ايترا عيب ڄاڻان ٿو جيترا تون به نٿو ڄاڻين. ان چيو: انهن عيبن کان مون کي به آگاهه ڪريو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جن عيب ڳڻائڻ شروع ڪيا، اهڙي طرح فرمايائون: جيڪڏهن هي عطر نه لڳائي ته ان جي ڪپڙن مان ڌپ اچڻ لڳي، جيڪڏهن مسواڪ نه ڪري ته وات مان ڌپ اچڻ لڳي، جيڪڏهن غسل نه ڪري ته ميري گدلي ٿي وڃي، جيڪڏهن وارن ۾ ڦڻي نه ڏئي ته انهن ۾ جُونئون پئجي وڃن ۽ هي وار وِڪريل رکي ته ڪجهه عمر گذرڻ کان پوءِ هي پوڙهي نظر اچڻ لڳي، ان کي زڪام ۽ بخار به ٿيندو آهي. ٿُڪ، بلغم، مهينو ۽ پيشاب و پاخاني سان به ان جو واسطو پوي ٿو ۽ ان کان علاوه به هي گهڻين ئي مصيبتن ۽ آفتن جو شڪار آهي، هي توسان صرف ان لاءِ محبت ڪري ٿي جو هي توڪان نفعو وٺي ۽ تون ان کان نفعو وٺين باقي! اها تنهنجي وفادار ناهي ۽ نه ئي توسان محبت جي واعدي ۾ سچي آهي بلڪ توکان پوءِ جيڪو به ان جو آقا ٿيندو هي ان کي تو وانگر سمجهڻ لڳندي، پر آئون هڪ اهڙي ٻانهيءَ کي ڄاڻان ٿو جيڪا انهن تمام عيبن کان پاڪ آهي ان کي ڪافور جي خمير مان پيدا ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن ان جو لعاب (ٿُڪ) کاري پاڻي ۾ وڌو وڃي ته اهو مٺو ٿي پوي، جيڪڏهن هو ڪنهن مڙدي کي آواز ڏئي سڏي ته هو ڳالهائڻ لڳي، جيڪڏهن هوءَ پنهنجي ڪارائي سج تي ظاهر ڪري ته ان جي روشني جهڪي ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن ان جي ڪارائي رات جي اونداهي ۾ ظاهر ٿئي ته هر طرف ان جي روشني ڦهلجي وڃي،

جيڪڏهن پنهنجي ڪپڙن ۽ زيورن جو رخ آسمان ڏانهن ڪري ته سيني کي چمڪائي ڇڏي، جيڪڏهن ان جي وارن جي خوشبو زمين تي ڦهلجي وڃي ته زمين ۽ ان جي سيني شين کي مهڪائي ڇڏي اها معطر آهي، حسين آهي، نازنين آهي، بيشمار خوبين جو مجموعو آهي، ان مشڪ ۽ زعفران جي باغن ۾ پرورش پاتي آهي ۽ تسنيم (جنت جي هڪ نهر) جي چشمن مان شاداب ٿي آهي، اها ڪڏهن مايوس نه ٿيندي، ان جي رونق ختم نه ٿيندي، نه ان جو واعدو ٽٽندو، نه ئي ان جي محبت تبديل ٿيندي ۽ نه ئي ڪڏهن بدن ڪمزور ٿيندو.

اهو فرمائڻ کان پوءِ حضرتِ سيدنا مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ان شخص کان سوال ڪيو: اي ڏوڪي ۾ مبتلا ٿيڻ وارا! هاڻي تون ئي ٻڌاءُ ته انهن ٻنهي مان ڪهڙي ٻانهي وڌيڪ اهم آهي؟ ان چيو: خدا جو قسم! اها ئي ڪنيز عمده آهي جنهن جون صفتون اوهان بيان فرمايون، الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي، ان جي قيمت ڇا آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ٿورڙي ڪوشش، (اها هِن طرح جو) رات جي ڪنهن حصي ۾ سجاڳ ٿي، اخلاص سان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ٻه رڪعتون نفل نماز ادا ڪندو ڪر ۽ جڏهن تنهنجي سامهون کاڌو اچي ته بُکئي کي ياد ڪري رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان کي پنهنجي خواهش تي ترجيح ڏئي ڇڏيندو ڪر ۽ رستي تان گذرندي پٿر ۽ ڪنڊا هٽائي ڇڏيندو ڪر ۽ پنهنجي زبان سان سٺي گفتگو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندو ڪر ۽ زندگي ۾ ٿوري غذا تي قناعت ڪر ۽ دارِغفلت (يعني دنيا) کان پنهنجو توجهه هٽائي ۽ دنيا ۾ پڪي ارادي سان گڏ قناعت‌پسند زندگي اختيار ڪر، قيامت جي ڏينهن بي خوف ٿي ڪري اچ ۽ هميشه هميشه جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جو مهمان بڻجي وڃ.

اهي ڳالهيون ٻُڌي محل جي مالڪ پنهنجي ٻانهي کي سڏيو تہ
ان چيو: لَبَّيۡڪ منهنجا آقا! ان پڇيو تہ تو انهن جون ڳالهيون ٻڌيون؟
ڪنيز چيو: جي ها. پڇيائون: هي سچا آهن يا ڪوڙا؟ جواب ڏنو: خدا
جو قسم! هي بلڪل سچا آهن. اهو جواب ٻڌي آقا چوڻ لڳو: پوءِ تون
الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آزاد آهين ۽ منهنجي فلان فلان جائيداد توتي صدقو
آهي ۽ منهنجو هي گهر سڄي سامان سميت فقيرن ۽ مسڪينن تي
صدقو آهي. پوءِ ان هٿ ڊگهو ڪري دروازي جو پردو لاٿو ۽ ان سان
پنهنجو ستر ڍڪيو ۽ پنهنجو قيمتي لباس لاهي ڇڏيو. جڏهن ڪنيز
اهو سڄو معاملو ڏٺو تہ چوڻ لڳي: منهنجا آقا! توڪان پوءِ منهنجي
ڪا زندگي ناهي ۽ شان و شوڪت ڇڏي پنهنجي آقا سان گڏ ئي وڃڻ
جي درخواست گذار ٿي، حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن
انهن کي الوداع ڪيو ۽ انهن جي لاءِ دعا فرمائي. انهن پنهنجو رستو
ورتو ۽ حضرتِ سيدنا مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن پنهنجو رستو ورتو. پوءِ
اهي ٻئي مرڻ گهڙي تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف رهيا.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب
بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## لذتن جو خاتمو ۽ گناهن جو باقي رهجي وڃڻ

اي رستي کان اڻ ڄاڻ ۽ سامانِ سفر کان محروم شخص!
توکي سفر جي تياري ڪرڻ جي لاءِ مُنادي ڪڏهن جاڳائيندو؟ ۽
ڪڏهن تون مال ۽ اولاد کان عليحده ٿي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ
ٿيندين؟ خبردار! گذريل جواني موٽي نہ ايندي، الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم
فرمائي تون بِنا سواري ۽ سامان جي آخرت جو سفر طئي ڪيئن

ڪندين؟ رخصت جي وقت توکي شرمندگي ٿيندي، جڏهن تون سڪرات ۾ مبتلا ٿيندين تہ توکي پنهنجي جمع ڪيل مال مان خرچ ڪرڻ کان روڪيو ويندو، سڪرات جي وقت عيادت ڪرڻ وارن کي تو وٽ اچڻ کان روڪيو ويندو، پوءِ (روح نڪرڻ کانپوءِ توکي غسل ڏئي ۽) ڪفن پارائي ان سوڙهي ۽ اونداهي قبر ۾ دفنايو ويندو جنهن مان نڪرڻ جو ڪو رستو نہ هوندو، تنهنجي صبح حسرتن ۾ گذرندي ۽ شام جو توکي حشر جي ميدان جي طرف سڏيو ويندو، ان کان پوءِ دهشتون ئي دهشتون هونديون، جيڪڏهن تون عقل رکين ٿو تہ سمجهي وٺ آخرت جي تياري جي لاءِ توکي ٻيهر دنيا ۾ نہ موڪليو ويندو، نيڪين جي توشي کي غنيمت ڄاڻ، ڇاڪاڻ تہ گناهن جا انبار رسوائي جو سبب آهن. الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

ڪَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ﴿۲۰﴾ وَ تَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿۲۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي بلڪ اي ڪافرؤ توهان جلدي ملڻ واري کي دوست رکو ٿا ۽ آخرت کي ڇڏي ويٺا آهيو.

(پ 29 القيامة 20، 21)

## ڪجھ شعر

اِحْذَرْ دُنْيَاکَ وَ غِرَّتَهَا | وَاحْذَرْ اَنْ تُبْدِلَهَا طَلَبًا
تَبْغِيْ وُدًّا مِمَّنْ قَدَمًا | لَکَ قَدْ قَتَلَتْ اُمًّا وَاَبًا
وَعَلَى الْجِيْرَانِ فَقَدْ جَارَتْ | كُلًّا قَهَرَتْ اَوْلَتْ عَطَبًا
كَمْ مِنْ مَلِکٍ ذِیْ مَمْلَكَةٍ | قَدْ مَالَ لَهَا سُكْرًا وَّصَبًا
اَضْحٰى فِی اللَّحْدِ وَمَقْعَدُهُ | بِتُرَابِ اللَّحْدِ قَدِ احْتَجَبَا
اُطْلُبْ مَوْلَاکَ وَدَعْ دُنْيَاکَ | فَفِیْ اُخْرَاکَ تَرٰى عَجَبًا
كَمْ مِنْ قَصْرٍ قَدْ شُيِّدَ بِنَا | بِالْمَوْتِ وَهَا اَضْحٰى خَرِبًا
يَا طَالِبَهَا، لَا تَلْهُ بِهَا | كَمْ تَاهَ بِهَا مَلِکٌ غُصِبَا
اَيْنَ الْمَاضُوْنَ؟ لَقَدْ سَكَنُوْا | لَحْدًا فَرْدًا خَرِبًا تَرِبًا
كَانُوْا وَمَضَوْا ثُمَّ انْقَرَضُوْا | فَتَاَدَّبْ اَنْتَ بِهِمْ اَدَبًا

فَالْعُمْرُ مَضٰی وَالشَّیْبُ اَتٰی    وَالْمَوْتُ لِحِیْنِکَ قَدْ قَرُبَا
فَاَعِدَّ الزَّادَ فَمَا سَفَرٌ    عُمْرُ الْاَیَّامِ قَدِ انْتَھَا
بَادِرْ بِالتَّوْبِ وَ کُنْ فَطِنًا    لَاتَلْقَ بِجَرْیَتِکَ النَّصَبَا
فَلَعَلَّ اللہَ بِرَحْمَتِہٖ    یُلْقٰی بِالْعَفْوِ لَنَا سَبَبًا

**ترجمو:** (1) دنيا ۾ ان جي غفلت ۾ ڏوڪي کان بچ بلڪ ان جي چاهت جي اظهار کان بہ بچ.

(2) تون هن (دنيا) جي محبت کي طلب ڪرين ٿو جيڪا تنهنجي لاءِ پراڻي ٿي چڪي، باوجود ان جي جو اها تنهنجي ماءُ پيءُ کي هلاڪ ڪري چڪي آهي.

(3) ۽ تنهنجي پاڙي وارن تي بہ ان (دنيا) ظلم ڪيا، هر هڪ تي غالب ٿي وئي، آخرڪار انهن کي هلاڪ ۽ تباهہ ڪري ڇڏيائين.

(4) ڪيترائي شاهي شان و شوڪت وارا بادشاهہ ٿي گذريا آهن جن کي ان (دنيا) جو هميشہ نشو چڙهيو رهيو.

(5) انهن بہ قبر ۾ صبح ڪئي ۽ قبر جي مٽي انهن جي ويهڻ جي جڳهہ بڻجي وئي ۽ اهي ان ۾ لِڪي ويا.

(6) پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي رضا گهر ۽ دنيا کي ڇڏي ڏي، تون پنهنجي آخرت جي زندگي ۾ تعجب ۽ حيرت ۾ وجهڻ واريون نعمتون ڏسندين.

(7) ڪيترائي محل اهڙا آهن جن جون عمارتون تمام بلند ناهيون ويون هيون، اُهي بہ (رهڻ وارن) جي موت جي سبب ويران ٿي ويا.

(8) اي دنيا جا خواهشمند! دنيا تي عاشق نہ ٿي، جو ان تي غرور ڪرڻ وارن ڪيترن ئي بادشاهن کان اها کسي وئي آهي.

(9) ڪِٿي آهن گذريل ماڻهو؟ اهي بہ مٽي جي هنج ۾، ويران قبرن ۾ اڪيلا پيا آهن.

(10) اهي بہ ڪجهہ عرصو گذاري موت جو شڪار ٿي ويا پوءِ انهن جو نالو ۽ نشان بہ مٽجي ويو، تون بہ انهن کان خوب عبرت حاصل ڪر.

(11) عمر گذرندي پئي وڃي ۽ پيري اچي رهي آهي ۽ تنهنجي هلاڪت جي لاءِ موت ويجهو اچي پهتو آهي.

(12) توشو تيار ڪري وٺ هاڻي سفر ئي ڪيترو رهجي ويو آهي؟ زندگي جا

ڏينهن ٻه پورا ٿي چڪا آهن.

(13) توبهه ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪر، سمجهداري جو اظهار ڪر، پنهنجي گناهن جي سبب مشقت ۾ نه پئو.

(14) اميد آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت جي طفيل عفو ۽ درگذر فرمائي ڪري اسان کي ڇوٽڪارو عطا فرمائي.

## حلال ڪائڻ جون برڪتون

حضرتِ سيدنا ابوسليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون جبلن تان ڪاٺيون ڪري، اهي وڪڻي پنهنجو گذر سفر ڪندو هئس. آئون رزق جي ڳولا ۾ حلال ۽ حرام کي ضرور پيشِ نظر رکندو هئس. هڪ دفعي مون بصره جي ولين جي هڪڙي جماعت کي خواب ۾ ڏٺو، انهن ۾ حضرتِ سيدنا حسن بصري، حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار ۽ حضرتِ سيدنا فرقد سبخي رَحِمَهُمُ اللهُ تعالي به هئا. مون انهن کي عرض ڪيو: اي مسلمانن جا اماموْ! مون کي اهڙي حلال روزي ٻڌايو جنهن جو **الله** عَزَّوَجَلَّ کي حساب ڏيڻو نه پوي ۽ نه ئي مخلوق جو احسان کڻڻو پوي. انهن منهنجو هٿ وٺي ۽ مونکي طرطوس شهر کان مرج نالي ڳوٺ ۾ وٺي ويا اتي هڪ خُبّازِي (ويڪرن پنن واري هڪ ٻوٽي جيڪا سڄو سال ميوو ڏيندي آهي) هئي، ان ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون: ”هي آهي اها حلال شيء جنهن تي **الله** عَزَّوَجَلَّ توکان حساب نه وٺندو ۽ نه ئي توکي ان ۾ مخلوق جو احسان کڻڻو پوندو. حضرتِ سيدنا سليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون هڪ ڊگهي عرصي تائين ڪچي ۽ پڪي خبازي ڪائيندو رهيس ايستائين جو **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل کي پاڪ ڪري ڇڏيو، مون سوچيو جيڪڏهن جنّتين کي مون جهڙو دل عطا ٿي وڃي ته **الله** جو قسم! اهي خوش ٿي وڃن.

هڪ ڏينهن آئون شهر جي دروازي ڏانهن نڪتس، اتي مون

هڪ نوجوان کي شهر ۾ داخل ٿيندي ڏٺو، ڪانيون وڪڻڻ وارن ڏينهن جا ڪجهه سِڪّا مون وٽ رکيل هئا. مون سوچيو ته اهي سڪا ان پرديسي کي ڏئي ڇڏيان ته جيئن هي انهن کي پنهنجي ضرورتن ۾ استعمال ڪري. جڏهن هو منهنجي ويجهو آيو ته مون ان کي سڪا ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي کيسي ۾ اچا هٿ وِڌو ئي هو ته مون کي ان جا چپ چرپر ڪندي نظر آيا. يڪدم منهنجي آسپاس واري زمين سون ۽ چاندي ۾ بدلجي وئي جنهن جي چمڪ سان منهنجون اکيون اچرج ۾ پئجي ويون.

ڪن ڏينهن ڪانپوءِ آئون بيهر ان پاسي ويس ته مون انهيءَ نوجوان کي هڪ جڳهه تي ويٺل ڏٺو، ان جي سامهون پاڻي سان ڀريل هڪ پيالو رکيل هو، مون ان کي سلام ڪيو ۽ گفتگو ڪرڻ چاهي ته ان پاڻي سان ڀريل پيالو اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته وڌيڪ ڳالهائڻ نيڪين کي اهڙي طرح چُوسي ونندو آهي جهڙي طرح هي زمين پاڻي کي چُوسي وئي آهي، تنهنجي لاءِ ايتري ئي ڳالهه ڪافي آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عروج ۽ زوال

ڪوفي جا قاضي محمد بن غسّان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: عيدِ قربان جي ڏينهن آئون پنهنجي ماءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته مون اتي ڦاٽل ڳريل سڙيل ڪپڙا پاتل هڪ پوڙهي کي ڏٺو. مون کي ان جي ڳالهائڻ جو انداز ڏاڍو سٺو لڳو، مون پنهنجي ماءُ کان پڇيو: هي عورت ڪير آهي؟ فرمايائون: هي تنهنجي ماسيءَ عانيه آهي جيڪا هارون رشيد جي وزير جعفر بن يحيٰي برمڪي جي ماءُ آهي. مون

انهن کي سلام ڪيو تہ انهن منهنجي سلام جو جواب ڏنو، مون انهن جي خيريّت پڇي، پوءِ پڇيو: اوهان جي اها حالت ڇا جي ڪري ٿي آهي؟ تہ انهن فرمايو: پٽ اسان غفلت ۾ زندگي گذاري، وقت ضايع ڪرڻ ۾ لڳا رهياسين تہ زمانو اسان کان رُسي ويو. مون چيو: پنهنجي شان و شوڪت جو ڪو واقعو ٻڌايو، چوڻ لڳيون: چونہ! هڪ ننڍڙو واقعو ٻڌايان ٿي ان مان منهنجي شان و شوڪت جو اندازو لڳائي ونجان، اڄ کان ٿي سال پهرين قرباني جي عيد جي موقعي تي مون وٽ چار سؤ چُنيون هيون. منهنجي پٽ رسم جي طور تي مون وٽ هڪ هزار چار سؤ ٻڪرن ۽ ٿي سؤ ڍڳن جون منڊيون موڪليائين، زيور ۽ ڪپڙا وغيره ان کان علاوه هئا. ان جي باوجود منهنجو هي خيال هو تہ منهنجو پٽ نافرمان آهي ۽ اڄ هي حال آهي جو آئون توهان وٽ ٻن ٻڪرين جون کلون وٺڻ آئي آهيان تہ جيئن انهن جا ڪپڙا ناهيان. قاضي صاحب فرمائن ٿا: انهن جي زوال جي داستان ٻڌي آئون ڏاڍو غمگين ٿيس ۽ منهنجي اکين مان لُڙڪ جاري ٿي ويا، ان وقت مون وٽ جيڪي دينار هئا مون انهن کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيا.

**پيارا اسلامي ڀاءُ!**

ڏسي وٺ! دنيا ڪهڙي طرح منهن موڙيندي آهي ۽ ان جون نعمتون ڪهڙي طرح فنا ٿي وينديون آهن، دنيا جي ڌوکي کان وڌيڪ ڪو ڌوکو ناهي ۽ جيڪو ان جي بُرائي ڏسي ان سان تعلق ٽوڙي ڇڏي اهو سعادتمند آهي، دنيا جون مصيبتون تمام گهڻيون آهن، انهن مان هڪڙي مصيبت ٻانهي جي مال ۽ اولاد ۾ ايندي آهي ۽ ٻانهي کي اسلام کان پري ڪري ڪافر بڻائي ڇڏيندي آهي.

# گھاٽي جو سودو

هڪ بزرگ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمائن ٿا: آئون حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القَوِي وٽ وينو هئس ته ڪجهه ماڻهو هڪ مردي کي ڳِهليندي اُتان کان گذريا. حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القَوِي ان مُردي کي ڏسي بيهوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هوش ۾ آيا ته مون بيهوشي جو سبب پڇيو. پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: اهو مُردو ڪڏهن ته اعلٰي درجي جي عابدن ۽ زاهدن مان هو، مون عرض ڪيو: اي ابو سعيد! اسان کي ان جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: هي پنهنجي گهر کان نماز ادا ڪرڻ جي نيّت سان نڪتو ته رستي ۾ ان جي نظر هڪ عيسائي ڇوڪريءَ تي پئي ان کي ڏسي هي فتني ۾ پئجي ويو، ان ڇوڪري هن کي چيو: جيستائين تون منهنجي مذهب ۾ داخل نه ٿيندين آئون توسان نڪاح نه ڪنديس. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ان جي شهوت به وڌندي وئي، آخرڪار ان تي بدبختي غالب اچي وئي ۽ ان ڇوڪريءَ جي ڳالهه مڃي اسلام ڇڏي ڏنو ۽ عيسائي مذهب قبول ڪري ورتو، جڏهن ڇوڪريءَ کي ان ڳالهه جي خبر پئي ته ان چيو: اي فلاڻ! تو ۾ ڪا ڀلائي ناهي تو خسيس شهوت جي ڪري پنهنجو اهو دين ڇڏي ڏنو جنهن تي تو پنهنجي سڄي زندگي گذاري هئي پر آئون **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ابدي نعمتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عيسائيت ڇڏي رهي آهيان. پوءِ ان ڇوڪريءَ هي سورت مبارڪ تلاوت ڪئي:

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَ لَمْ يُوْلَدْ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾ (پ 30 الاخلاص)

**ترجمو ڪنزالايمان:** تون فرماءِ اهو اللّٰه آهي اهو هڪ آهي اللّٰه بي نياز آهي نه ان جو ڪو اولاد ۽ نه اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو ۽ نه وري ان جو ڪو ثاني ۽ (مٽ) آهي.

ماڻهن کي ان ڇوڪريءَ جي واتان قرآن ٻڌي وڏي حيرانگي ٿي، انهن پڇيو: ڇا تو اها سورت اڳ ۾ ياد ڪري ڇڏي هئي؟ ڇوڪريءَ جواب ڏنو: خدا جو قسم! هرگز نه، بلڪ آئون ته ان سورت جي باري ۾ ڪجهه نه ڄاڻندي هيس پر جڏهن هن شخص مون سان (نڪاح جي لاءِ) ضد ڪيو ته مون خواب ۾ ڏٺو ته آئون دوزخ ۾ داخل ٿي رهي آهيان ته اوچتو هن شخص کي منهنجي بدران دوزخ ۾ وڌو ويو، اهو خواب ڏسڻ کان پوءِ آئون بيحد خوفزده ٿيس ته حضرت سيدنا مالڪ عَلَيهِ السَّلام جن مون کي چيو: ڊڄ نه! الله عَزَّوَجَلَّ هن شخص کي تنهنجو فِديو بڻائي ڇڏيو آهي. پوءِ ڪنهن منهنجو هٿ وٺي مون کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏيو، مون جنّت ۾ هڪڙي جڳهه تي لکيل ڏٺو:

يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثۡبِتُ ۖۚ وَعِنۡدَهٗۤ اُمُّ الۡكِتٰبِ ﴿۳۹﴾ (پ 13 الرعد 39)

ترجموڪنزالايمان: الله جيڪي چاهي متائيندو ۽ ثابت رکندو آهي ۽ اصل لکيل انهيءَ وٽ آهي.

پوءِ مون کي سورت اخلاص سيڪاري وئي ۽ مون ان کي ياد ڪري ورتو، جڏهن آئون سجاڳ ٿيس ته اها سورت مون کي چڱي طرح ياد هئي.

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: اها عورت ته مسلمان ٿي وئي پر هي شخص مُرتد ٿيڻ جي سبب قتل ڪيو ويو، اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان عافيّت جا طلبگار آهيون.

مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی عزوجل

## دنيا جي ڌوکي کان بچڻ جو بيان

اي گناهہ ڪري توبهہ کان منهن موڙڻ وارا! ڇا توکي اندازو آهي تہ تنهنجا ڪيترا گناهہ لکجي چڪا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم ڪري، ڪوڙي اميد کي ڇڏي ڏي، مون کي تنهنجي عمر ضايع ٿيڻ تي افسوس آهي، اهلِ دل ڪِٿان کان ڪِٿي وڃي پهتا ۽ تون اڃا تائين پنهنجي خواهشن ۾ جڪڙيو پيو آهين، اسان تنهنجي خير خواهي ڪندي توکي نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا آهيون جڏهن تہ تون ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري رهيو آهين.

### ڪجهہ شعر

يَادَهْرُ مَا اَقْضَاکَ مِنْ مُتَلَوِّنٍ فِيْ حَالَتَيکَ وَمَا اَقَلَّکَ مُنْصِفًا
وَغَدَوْتَ لِلْعَبْدِ الْجَهُوْلِ مُصَافِيًا وَعَلَى الْکَرِيْمِ الْحُرِّ سَيْفًا مُرْهِفًا
دَهْرٌ اِذَا اَعْطٰى اِسْتَرَدَّ عَطَاءَهُ وَاِذَا اِسْتَقَامَ بِدَّا لَهُ فَتَحَرَّفَا
لَا اَرْتَضِيکَ وَاِنْ کَرُمْتَ لِاَنَّنِيْ اَدْرِيْ بِاَنَّکَ لَا تَدُوْمُ عَلَى الصَّفَا
مَادَامَ خَيْرُکَ يَازَمَانُ بِشَرِّهٖ اَوْلٰى بِنَا مَاقَلَّ مِنْکَ وَ مَا کَفٰى

**ترجمو:** (1) اي زمانا! تون پنهنجي ٻنهي حالتن ۾ ڪيترو رنگين آهين ۽ ڪيڏو گهٽ انصاف ڪرڻ وارو آهين؟

(2) تنهنجي صبح جاهل شخص سان محبت ڪندي ٿيندي آهي ۽ شريف عزت دار ماڻهو تي تيز تلوار ٻڻجي وڃين ٿو.

(3) زمانو جڏهن (ڪجهہ) عطا ڪندو آهي تہ پنهنجي عطا کي واپس بہ موٽائي وٺندو آهي ۽ جڏهن پنهنجي غير ضروري عطا کان رڪجي ويندو آهي تہ هڪڙي طرف تي ويندو آهي.

(4) آئون توکان راضي نہ ٿيندس باوجود ان جي جو تون بزرگي ڏيکارين ڇاڪاڻ تہ آئون ان ڳالهہ کان چڱي طرح خبروار آهيان تہ تون هميشہ هڪجهڙو نٿو رهين.

(5) اي زمانا! تنهنجي خير (ڀلائي) هميشہ ناهي رهندي تنهنجي شرّ جي سبب اسان لاءِ وڌيڪ بهتر اهو آهي تہ توکان ايترو حصو وٺون جيڪو گهٽ ۽ ڪافي ٿئي.

## دنيا کي ٺڪرائڻ وارا

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: آئون اهڙن نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهيس جن مان ڪن تي پنجاهه پنجاهه اهڙا سال گذري ويا جو انهن نه ڪڏهن پنهنجي لاءِ بستر وڇايا ۽ نه ڪڏهن آرام جي لاءِ چادرون ويڙهيون ۽ نه ئي ڪڏهن گهر مان کاڌو پچرايو، انهن مان ڪو هڪ ڳڙهه ئي کائيندو هو پر پوءِ به ان جي هي خواهش هوندي هئي ته ان ڳڙهه جي جڳهه پنهنجي وات ۾ پٿر وجهي ڇڏي ها، نه اهي دنيا ملڻ تي خوش ٿيندا هئا ۽ نه ان جي وڃڻ تي غمگين ٿيندا هئا، تون جنهن مٽي کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙين ٿو انهن جي ويجهو دنيا جي حقيقت ۽ حيثيت ان مٽي کان به گهٽ هئي. انهن جي بلڪل ويجهو حلال مال هئڻ جي باوجود جڏهن انهن مان ڪنهن کي چيو ويندو هو ته ان مان ڪافي هئڻ جيترو ٿورو ئي ڪٽي وٺو. جواب ملندو هو: خدا جو قسم! آئون ائين نٿو ڪري سگهان ڇاڪاڻ ته مون کي خوف آهي جيڪڏهن مون ان مان ٿورو به ڪٽي ورتو ته اهو منهنجي دل ۽ دين جي بگاڙ جو سبب بڻجي ويندو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خوشنصيب ڪنوار

حضرتِ سيدنا سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: منهنجي شادي ”ڪنده قبيلي“ جي هڪ عورت سان ٿي، جنهن جو نالو صواب هو. جڏهن آئون ڪنوار وٽ وڃڻ لڳس ته دروازي تي رُڪيس ۽ ان جو نالو وٺي ان کي سڏ ڪيم پر ان کو جواب نه ڏنو. مون وري ان کي سڏيو: اي فلاڻي! ڇا تون گونگي آهين (جو جواب نه پئي ڏين) يا

ٻوڙي آهين جو نتي ٻڌين؟ ان جواب ڏنو: اي صحابيءِ رسول! آئون نہ گونگي آهيان ۽ نہ ئي ٻوڙي پر نيون ڪنوارون ڳالهائڻ کان حياءُ ڪنديون آهن، جڏهن آئون اندر داخل ٿيس تہ ڏٺم تہ گهر ۾ پردا لڳل آهن، قيمتي سامان سجيل آهي ۽ ريشمي ڪپڙا موجود آهن، اهو ڏسي مون چيو: اي فلاڻي! ڇا تنهنجي گهر کي بخار ٿي پيو آهي تو ان کي ايترا ڪپڙا اوڍائي رکيا آهن يا وري خانهءِ ڪعبہ ڪنده قبيلي ۾ اچي ويو آهي؟ تہ ان جواب ڏنو: اهڙي ڳالهہ ناهي بلڪ ڪنوارون پنهنجي گهر کي سجائينديون آهن.

پوءِ مون ڪٽي جو نهاريو تہ نوڪر ماني ڪنيو سامهون بيٺا هئا، مون چيو: مون حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو نرم ۽ ملائم بستر تي سمهي ۽ شهرت جا ڪپڙا پائي ۽ عاليشان سواري تي سوار ٿئي ۽ دل کي وٽندڙ ڪاڏا کائي، اهو جنت جي خوشبو بہ نہ سونگهي سگهندو. منهنجي گهر واريءَ چوڻ لڳي: اي صحابيءِ رسول! آئون اوهان کي گواهہ بڻايان ٿي تہ هن گهر ۾ جيڪو ڪجهہ آهي سڀ راهِ خدا ۾ صدقو آهي ۽ منهنجا سڀ غلام راهِ خدا ۾ آزاد آهن، اوهان مون کي ٿوري ڪٽڪ آٽي ڏيو، آئون گهر جو ڪم ڪار بہ پاڻ ئي ڪري وٺنديس. مون ان کي چيو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي ۽ تنهنجي مدد ڪري. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## غفلت ۽ نفس جي خواهشن جو علاج

اي پنهنجي اصل نڪاڻي کان بي خبر شخص! اي گناهن ۾ تمام گهڻو مصروف ٿي ڪري دنيا ئي کي پنهنجو اصل نڪاڻو

سمجھڻ وارا! همّت وارا ماڻهو تہ توکان اڳ ڪدي ويا ۽ تون غفلت جو شڪار ٿي ويو آهين، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ شرمندگي جو تحفو کڻي حاضر ٿي ۽ پنهنجو سِرُ جهڪائي پنهنجي باغي هئڻ جو اقرار ڪر ۽ سحري جي وقت ائين دعا ڪر: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! آئون گنهگار، رحم جو طلبگار آهيان. ۽ نيڪ ماڻهن جي مشابهت اختيار ڪر جيتوڻيڪ جو تون نيڪ ناهين پر نيڪن جي مشابهت ڪندي انهن جهڙو بڻجي وڃ، پنهنجي گناهن تي لُڙڪ وهاءِ، رات ۾ عبادت جي لاءِ بيهي رھ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ توبهہ ڪر. پنهنجي زندگي مان ڪجهہ وقت آخرت جي لاءِ ڪڍ، دنيا جا کيل تماشا ڇڏي ڏي ۽ جيڪڏهن تون آخرت جو طلبگار آهين تہ دنيا کي طلاق ڏئي ڇڏ، اي ڏکيي ننڊ سمهڻ وارا! قافلو، روانو ٿي چڪو، سڄي قوم سفر ۾ محو آهي جڏهن تہ تون اڃا تائين ننڊ مان سجاڳ ناهين ٿيو.

## خلوت نشين بزرگ

حضرتِ سيدنا اياس بن قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي قوم جا سردار هئا. هڪ ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن پنهنجي ڏاڙهي ۾ هڪڙو اڇو وار ڏٺو تہ دعا گهري: يا الله عَزَّوَجَلَّ! آئون اوچتو ٿيڻ وارن حادثن کان تنهنجي پناھ گهران ٿو، مون کي خبر آهي تہ موت منهنجي انتظار ۾ آهي ۽ آئون ان کان بچي نٿو سگهان. پوءِ اهي پنهنجي قوم وٽ ويا ۽ فرمايائون: اي بنوسعد! مون پنهنجي جواني توهان تي وقف ڪري ڇڏي هئي، هاڻي توهين منهنجي پيري مون کي بخشي ڇڏيو. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي گهر تشريف وٺي آيا ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويا ايستائين جو سندن انتقال ٿي ويو. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ڪجهه شعر

اَمِنۡ بَعۡدِ شَيۡبٍ اَيُّهَا الرَّجُلُ الۡكَهۡلُ — جَهِلۡتَ وَمِنۡكَ الۡيَوۡمَ لَايَحۡسُنُ الۡجَهۡلُ
تَحَكَّمَ شَيۡبُ الرَّاۡسِ فِيۡكَ وَاِنَّمَا — تَمِيۡلُ اِلَى الدُّنۡيَا وَيَخۡدَعُكَ الۡمَطَلُ
دَعِ الۡمَطۡلَ وَالتَّسۡوِيۡفَ اِنَّكَ مَيِّتٌ — وَبَادِرۡ بِجِدٍّ لَايُخَالِطُهُ هَزَلُ
سَاَبۡكِيۡ زَمَانًا هَدَّنِيۡ بِفِرَاقِهِ — فَلَيۡسَ لِقَلۡبِيۡ عَنۡ تَذَكُّرِهِ شُغُلُ
عَجِبۡتُ لِقَلۡبِيۡ وَالۡكَرٰى اِذۡتَهَاجَرَا — وَقَدۡ كَانَ قَبۡلَ الۡيَوۡمِ بَيۡنَهُمَا وَصۡلُ
اَخَذۡتُ لِنَفۡسِيۡ حَتۡفَ نَفۡسِيۡ بِكَفِّهَا — وَاَثۡقَلۡتُ ظَهۡرِيۡ مِنۡ ذُنُوۡبٍ لَهَا ثِقۡلُ
وَبَارَزۡتُ بِالۡعِصۡيَانِ رَبًّا مُهَيۡمِنًا — لَهُ الۡمَنُّ وَالۡاِحۡسَانُ وَالۡجُوۡدُ وَالۡفَضۡلُ
اَخَافُ وَاَرۡجُوۡ عَفۡوَهُ وَعِقَابَهُ — وَاَعۡلَمُ حَقًّا اَنَّهُ حَكَمٌ عَدۡلُ

**ترجمو:** (1) اي پوڙها شخص! ڇا پيري اچڻ جي باوجود بہ تون جهالت ۾ مبتلا آهين؟ هاڻي (هن عمر) ۾ تنهنجي طرفان جهالت جو مظاهرو سنو ناهي.

(2) تنهنجو فيصلو تہ مٿي جي سفيدي ڪري ڇڏيو پر پوءِ بہ تون دنيا ڏانهن متوجهہ ٿئين ٿو ۽ ناپائيدار (دنيا) توکي ڌوکو ڏئي رهي آهي.

(3) ناپائيدار دنيا ۽ (ان تي) افسوس ڪرڻ ڇڏي ڏي، جو هڪ ڏينهن تون بہ مرڻ وارو آهين ۽ اهڙي مضبوط ارادي سان اُٿي وڃ جنهن ۾ ڪنهن بيهودگي جي ملاوت نہ هجي.

(4) آئون ان وقت تي روئندو رهندس جنهن مون کي ان (محبوب) جي جدائي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو، حالانڪ ان جي ياد کان دوري منهنجي دل جو مشغلو ناهي.

(5) آئون حيرت ۾ آهيان پنهنجي دل ۽ عبادت کان جو اهي ٻئي هڪٻئي کان جدا ٿي ويا حالانڪ اڄ کان پهرين تہ انهن ٻنهي (يعني عبادت ۽ دل) ۾ وڏو قرب هو.

(6) مون پاڻ کي عبادت کان روڪي هلاڪت اختيار ڪئي آهي ۽ پنهنجي پُٺ کي ڳرن گناهن سان وزني ڪري ڇڏيو آهي.

(7) ۽ نافرماني ڪري ڄڻ تہ مون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي چيلنج ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ هو انعام و احسان ۽ سخاوت و فضل وارو آهي.

(8) آئون ان جي پڪڙ کان ڊڄڻ سان گڏوگڏ ان جي عفو و درگذر جي اميد بہ رکان ٿو ۽ آئون ان ڳالهہ جو پختو يقين بہ رکان ٿو تہ اهو ئي انصاف فرمائڻ وارو حاڪم مطلق آهي.

## نصيحت

حضرتِ سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ القَوِي فرمائن ٿا: اي ابنِ آدم! تنهنجو اعمال نامو لکيو پيو وڃي ۽ توتي ٻہ محترم فرشتا نگهبان آهن، انهن مان هڪ تنهنجي ساڄي ڪلهي ۽ ٻيو کاٻي ڪلهي تي مقرر آهي، ساڄي طرف وارو تنهنجيون نيڪيون ۽ کاٻي طرف وارو فرشتو بديون لکندو آهي. هاڻي تون جيڪي چاهين عمل ڪر، ٿورو ڪر يا گهڻو، جڏهن تون دنيا مان موڪلائيندين تہ تنهنجو اعمال نامو ويڙهيو ويندو، پوءِ جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو تہ توکي قبر مان ڪڍي چيو ويندو:

اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْیَوْمَ عَلَیْكَ حَسِیْبًا ﴿۱۴﴾ (پ 15 بني اسرائيل 14)

ترجموڪنزالايمان: فرمايو ويندو تہ پڙهہ پنهنجو عمل نامو اڄ پنهنجي حساب ڪرڻ جي واسطي تون پاڻ ڪافي آهين.

**منهنجا پيارا اسلامي ڀاءُ!**

ان ربّ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن توکي پنهنجي نفس جو حساب ڪرڻ وارو بڻايو آهي، ان پورو عدل ڪيو آهي، اي ابنِ آدم! ياد رک تہ تون اڪيلو ئي مرندين ۽ اڪيلو ئي پنهنجي قبر ۾ داخل ٿيندين ۽ اڪيلو ئي قبر مان نڪرندين ۽ توکي اڪيلي ئي (پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻو پوندو، اي ابنِ آدم! جيڪڏهن سڀ ماڻهو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ڪرڻ لڳن پر تون ان جي نافرماني ڪرين تہ انهن جي اطاعت توکي ڪو نفعو نہ ڏيندي.

## دين ۾ دنيا جي ملاوٽ

حضرتِ سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الاكرم هڪ شخص سان مليا تہ انهن سندن کان پڇيو: اي ابو اسحٰق! اوهان جو ڪهڙو حال

آهي؟ پاڻ رَحْمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیْہ جن جواب ۾ هي شعر پڙهيا:

**عربي شعر**

نُرَقِّعُ دُنیَانَا بِتَمْزِیقِ دِیْنِنَا فَلَادِیْنُنَا یَبْقٰی وَلَا مَا نُرَقِّعُ
فَطُوْبٰی لِعَبْدٍ آثَرَ اللّٰہَ رَبَّہٗ وَجَادَ بِدُنْیَاہُ لِمَا یَتَوَقَّعُ

**ترجمو:** (1) پنهنجي دين کي نقصان پهچائي، اسان پنهنجي دنيا سنواريندا رهندا آهيون، ائين نہ اسان جو دين باقي رهندو آهي ۽ نہ ئي دنيا درست ٿيندي آهي.
(2) خوشخبري آهي ان ٻانهي جي لاءِ جنهن اللّٰه ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ (جي عبادت) کي ترجيح ڏني ۽ پنهنجي دنيا جي ذريعي آخرت کي سنواريو. (حلية الاولياء، الرقم 11198 ج 8 ص 10) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.
اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دنيا سان دل ڇو لڳايان؟

حضرتِ سيدنا عون بن عبدالله رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائيندا هئا: افسوس! آئون ڪيتري غفلت ڪريان ٿو؟ حالانڪ مون کان حساب و ڪتاب ۾ هرگز غفلت وارو ورتاءُ نہ ڪيو ويندو، منهنجي زندگي ڪيئن خوشگوار ٿي سگهي ٿي؟ حالانڪ منهنجي سامهون هڪ سخت تڪليف ده ڏينهن آهي، آئون عمل ۾ چستي جو اختيار نٿو ڪريان حالانڪ آئون نٿو ڄاڻان تہ منهنجي موت جو وقت ڪهڙو آهي، آئون دنيا ۾ ڪيئن خوش رهان؟ جڏهن تہ مون کي ان ۾ هميشہ ناهي رهڻو، مان ان کي ترجيح ڇو ڏيان؟ مون کان پهرين جنهن بہ دنيا کي ترجيح ڏني، دنيا ان کي نقصان رسايو، آئون ان کي ڇو پسند ڪريان؟ اها فنا ٿي، متجي ويندي، آئون ان جي لالچ ڇو رکان؟ ڄاڪاڻ تہ منهنجو گهر ۽ منهنجي سڪون جي جڳهہ تہ ڪنهن ٻي هنڌ آهي، آئون هن (دنيا جي وڃڻ) تي ڇو افسوس ڪريان؟ ڄاڪاڻ تہ خدا جو قسم! آئون نٿو ڄاڻان تہ منهنجي گناهن جي سبب مون سان

ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو. (حلية الاولياء 275 رقم 5593 ج 4 ص 285 بتصرف)

## چاليهه ڏينهن باهه نه ٻرندي هئي

حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: چاليهه چاليهه ڏينهن اهڙا گذري ويندا هئا جو نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر مبارڪ ۾ ڏيئو ۽ باهه نه ٻرندي هئي. پڇيو ويو: پوءِ اوهان ڪهڙي طرح گذارو ڪندا هئا؟ فرمايائون: ٻن ڪارين شين يعني پاڻي ۽ ڪجور تي. (بخاري رقم 6458، ج 4، ص 236 بتغير)

## ٽي خواهشون

حضرتِ سيدنا يوسف بن اسباط رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي گهرواريءَ سيدتنا عائشه بنت سليمان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْهَا فرمائن ٿيون ته يوسف بن اسباط رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جن مون کي چيو: آئون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ٽن شين جو طلبگار آهيان. مون پڇيو اهي ڪهڙيون آهن؟ فرمايائون: آئون چاهيان ٿو ته جڏهن مون کي موت اچي ته منهنجي ملڪيت ۾ ڪا شيءِ نه هجي ۽ مون تي ڪو قرض نه هجي ۽ نه ئي (ڪمزوري جي وجهه سان) منهنجي هڏين تي گوشت هجي، ۽ انهن جون اهي ٽئي خواهشون پوريون ٿيون. اهڙي طرح انهن مرض الموت ۾ مون کان پڇيو ته ڇا تو وٽ خرچ ڪرڻ جي لاءِ ڪا شيءِ موجود آهي؟ مون جواب ڏنو: "نه" پڇيو: تون ڇا ٿي چاهين؟ مون جواب ڏنو: هي خيمو بازار ۾ وڃي وڪڻڻ چاهيان ٿي. فرمايائون ته جيڪڏهن تون ائين ڪنديئن ته اسان جو حال ظاهر ٿي ويندو ۽ ماڻهو چوندا ته انهن پنهنجي مجبوري جي سبب خيمو وڪڻيو آهي.

پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْهَا فرمائن ٿيون ته اسان وٽ ٻڪري جو هڪ ٻچو هو جيڪو منهنجي پاءُ مونکي تحفي ۾ ڏنو هو. منهنجي گهر واريءَ

مون کي حڪم ڏنو تہ ان کي بازار ۾ وجي وڪڻي اچ. اهو ٻڪري جو ٻچو ڏهہ درهم ۾ وڪاميو، ان کان پوءِ انهن مون کي چيو: هڪ درهم جي منهنجي لاءِ خوشبو خريد ڪري اچ ۽ باقي سڄو مال راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏ، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جو انتقال ٿيو تہ انهن درهمن مان انهيءَ هڪ درهم کان سواءِ باقي ڪجهہ بہ نہ هو جنهن کي اسان خوشبو جي لاءِ بچائي رکيو هو. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي ڪوڙيون اميدون رکڻ وارا! وسوسن کان جان ڇڏائي وٺ! اي غافل ٿيڻ وارا! پنهنجي ڪاميابي جي لاءِ ڪڏهن سجاڳ ٿيندين ۽ آخرت جو طلبگار ٿيندين؟ اي دنيا ۾ رغبت رکڻ وارا! ان جدائي کي ڪڏهن ياد ڪندين جو جڏهن تون هر پياري کان جدا ڪيو ويندين؟ اي سخت دل ۽ غفلت ۾ سمهڻ وارا! جاڳي پئو.

**شعر**

اِنِّى بُلِيتُ بِاَرْبَعٍ مَا سُلِطُّ ... اِلَّا لِعَظْمِ بَلِيَّتِي وَ شِقَائِي

اِبْلِيسُ وَالدُّنْيَا وَنَفْسِي وَالْهَوٰى ... كَيْفَ التَّخَلُّصُ مِنْ يَدَىٰ اَعْدَائِي

**ترجمو:** (1) آئون چئن بلائن ۾ مبتلا ڪيو ويو آهيان، اهي منهنجي مصيبت ۽ بدبختي ۾ واڌاري جي سبب مون تي مقرر ڪيون ويون آهن.

(2) هڪڙي بلا شيطان، ٻي دنيا، ٽين نفس، چوٿين خواهشون، منهنجي انهن دشمنن کان مون کي ڪهڙي طرح ڇوٽڪارو ملندو؟

## آزمائش جي لذت

حضرتِ سيدنا عبدالاعلىٰ بن علي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَلِي فرمائن ٿا: آئون ڪنهن بزرگ جي ڳولا ۾ لبنان جي هڪ جبل تي چڙهيس، تہ جيئن انهن جا اخلاق اپنائي سگهان، الله عَزَّوَجَلَّ هڪڙي غار جي طرف

منهنجي رهنمائي فرمائي. مون اتي هڪ بزرگ کي ڏٺو جن جي پرسڪون چهري مان نور جون لاٽون نڪري رهيون هيون. مون انهن کي سلام ڪيو ته انهن بهترين انداز سان سلام جو جواب ڏنو، آئون انهن جي ويجهو وينو هئس ته زوردار تيز بارش شروع ٿي وئي. مون کي انهن جي اجازت کان سواءِ غار ۾ پناهه وٺڻ ۾ هٻڪ محسوس ٿي ته انهن پاڻ مون کي سڏي پناهه ڏني ۽ پنهنجي ويجهي پيل هڪ پٿر تي ويهاري ڇڏيو، انهن اهڙي ئي طرح جي هڪ (وڏي) پٿر تي نماز ادا ڪئي. مينهن ۾ جڳهه جي سوڙهه جي ڪري منهنجو ساهه مُنجهڻ لڳو. فرمائڻ لڳا: عبادت گذارن جي شرطن مان آهي ته اهي عاجزي ۽ فرمانبرداري اختيار ڪن. مون پڇيو ته محبت جي نشاني ڪهڙي آهي؟ فرمايائون: جڏهن دل نانگ وانگر وَر ڪائي ۽ شوق جي باهه ۾ سڙڻ لڳي ته سمجهي وٺ ته اها محبّت سان پريل آهي، جدائي کانسواءِ محبّت ڪرڻ وارو جنهن به مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو آهي اها ان جي لاءِ نعمت هوندي آهي ته هو محبوب کانسواءِ هر شيءِ کي بدلي ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي، ڇا توهان نٿا ڄاڻو ته حضرتِ سيدنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن پريشاني کي منهن ڏنو پر جڏهن ته انهن سان جدائي نه هئي، انهيءَ لاءِ اهي پريشانيون انهن لاءِ نعمت ۽ تحفو بڻجي ويون، پوءِ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن هي شعر پڙهيا:

**عربي شعر**

جَسَدٌ نَاحِلٌ وَدَمعٌ يَّفِيضُ وَهَوًى قَاتِلٌ وَّ قَلبٌ مَّرِيضُ
وَسِقَامٌ عَلَى التَّنَائِى شَدِيدٌ وَهُمُومٌ وَّحُرقَةٌ وَّمَضِيضُ
يَاحَبِيبَ القُلُوبِ قَلبِى مَرِيضٌ وَالهَوٰى قَاتِلِى وَدَمعِى يَفِيضُ
اِنْ يَّكُنْ عَاشِقٌ طَوِيلٌ بَلَاهُ فَبَلَائِى بِکَ الطَّوِيلُ العَرِيضُ

**ترجمو:** (1) جسم ڪمزور آهي ۽ ڳوڙها وهي رهيا آهن، نفس جون خواهشون

قاتل آهن ۽ دل مريض آهي.
(2) پري هجڻ جو مرض شديد آهي، فڪر ۽ جگر جي سوز جو شڪار آهيان ۽ مصيبت ۾ گهيريل آهيان.
(3) اي دلين جا محبوب! منهنجي دل بيمار آهي، نفس جي خواهش مون کي زخمي ڪري رهي آهي ۽ منهنجا لُڙڪ وهي رهيا آهن.
(4) جيڪڏهن عاشق جي آزمائش ڏکي هوندي آهي ته تنهنجي طرف منهنجي آزمائش به ڏاڍي ڏکي ۽ ڦهليل آهي.

**حضرتِ سيدنا عبدالاعليٰ** عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَلي **فرمائن ٿا: پوءِ انهن هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ زمين تي ڪري پيا، ڏسندي ئي ڏسندي انهن جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو، آئون جڏهن انهن جي ڪفن ۽ دفن جو انتظام ڪرڻ جي لاءِ ٻاهر نڪتس ته مون کي ڪو ڏسڻ ۾ نه آيو، آئون غار ۾ واپس اچي ويس ته (انهن کي اتي نه ڏٺو) مون انهن کي گهڻو ڳوليو پر اهي مون کي ڪِٿي نظر نه آيا. آئون حيرت جي حالت ۾ انهن جي باري ۾ سوچي ئي رهيو هئس ته هاتفِ غيب مان هڪ آواز آيو:**

رُفِعَ الْمُحِبُّ اِلَى الْمَحْبُوْبِ    وَفَازَبِالْبُغْيَةِ وَالْمَطْلُوْبِ

**ترجمو:** (1) محبت ڪندڙ کي محبوب ڏانهن کنيو ويو ۽ هو پنهنجي مقصود ۽ مطلوب ۾ ڪامياب ٿي ويو. (**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## مُحبّتِ الٰهي جي بنياد

**اي منهنجا ڀاءُ!**

آخرت کي دنيا جي بدلي ۾ وڪڻڻ وارو خساري ۾ آهي، جنهن شخص کي تون ڇڏي ويندي ان جي محبت کان بچي رهجان ڪِٿي تون ان کان وڇڙي وڃڻ تي پريشان نه ٿي وڃين. تقوٰي سان

دوستي ئي سچو ساٿ آهي، گناهن سان دوستي رکڻ وارو ڏوکي ۾ آهي، آخرت جو بدلو تمام تورو آهي ۽ اهو اخلاص سان پريل دل ۽ ذڪر ۾ مصروف رهڻ واري زبان آهي، جيڪڏهن تون پيرسن هئڻ جي باوجود غفلت جي ننڊ مان سجاڳ نہ ٿئين تہ ايترو سوچي ونجان تہ تون دنيا مان موڪلائڻ وارو آهين، تو روئڻ واري زبان ۽ سڄي رات جاڳڻ واريون اکيون ڇڏيون ۽ تهجُّد گذار ماڻهن وانگر عبادت ڪرڻ بہ ڇڏي ڏني، حالانڪ اهي تهجد گذار ماڻهو، آهہ وزاري واريون زبانون ۽ رات جاڳڻ واريون اکيون بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ نذر ڪري چڪا، انهن جا پهلو فقر و فاقي ۽ آهہ و زاري جي باوجود آرام ڏانهن مائل نٿا ٿين، جڏهن اهي سحري جي وقت جي هلڪي هلڪي خوشبودار هوا مان فرحت حاصل ڪري وڻندا آهن تہ خوشگوار فضا ڪان بي نياز ٿي ويندا آهن، اهي ماڻهو رات جاڳي ڪري استغفار ۾ مصروف رهندا آهن، انهن عبادت جي گهر کي آباد رکيو ۽ غفلت جي منزل کي ويران ڪري ڇڏيو.

## محبت جي علامت

حضرتِ سيدنا ذوالنّون مصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: مون سمنڊ جي ڪناري هڪ نوجوان کي ڏٺو، ان جو رنگ زرد هو جڏهن تہ چهري تي مقبوليّت جا انوار ۽ قرب و محبّت جا نشان ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. مون ان کي سلام ڪيو تہ ان سهڻي انداز ۾ سلام جو جواب ڏنو. مون پڇيو: محبت جي نشاني ڪهڙي آهي؟ جواب ڏنائين: در در جا ڌِڪا کائڻ، ماڻهن ۾ رسوا ٿيڻ، ننڊ نہ ڪرڻ ۽ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ کان دوري جو خوف رکڻ. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شعر

اَبْلَيْتَ مَنْ اَحْبَبْتَ يَاحُسْنَ الْبَلَا وَخَصَّصْتَ بِالْبَلْوٰى رِجَالًا خُشَّعًا
اَحْبَبْتَ بَلْوَاهُمْ وَطُوْلَ حَنِيْنِهِمْ وَ اَطَلْتَ ضُرَّهُمْ لِكَـيْ يَتَخَضَّعَا

**ترجمو:** (1) اي سنو آزمائڻ وارا! تون پنهنجي پسنديده ٻانهن کي آزمائش ۾ وجهندو آهين ۽ عاجزي ڪرڻ وارن کي آزمائش جي لاءِ خاص ڪري ونندو آهين.
(2) تون انهن جي آزمائش ۽ ڏکهي آهه و زاري کي محبوب رکين ٿو ۽ انهن جي تڪليف کي اجا وڌائي ڇڏيندو آهين ته جيئن اهي عاجزي ڪن.

**پيارا اسلامي ڀائرو!**

محبت جي منزل کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي رستا آهن ۽ انهن رستن ۾ ڪيتريون ئي منزلون آهن، شوق و ذوق سان جاڳو ته جيئن پنهنجو سفر طئي ڪري سگهو. پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان هميشه وڏي مرتبي واري محبت گهرندا ڪريو. **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مُقربين (يعني نيڪ ٻانهن) جي لاءِ ولايت جو در کولي رکيو آهي. ان دروازي مان خوشبو وارو اهڙي طرح گذرندو آهي جو ان جي نورانيّت (اسان جي) اکين کي حيران ڪري ڇڏيندي آهي. وجد جا پيالا ان جي سامهون گهمندا آهن ۽ اهي وڌيڪ طلب جي خواهش ۾ مبتلا رهندا آهن، دوستي جي فڪر جي نشي انهن کي مد هوش ڪيو ته چا ظاهر، چا لِڪل؟ سڀ انهن جي سامهون اچي ويو. انهن ان جام محبت مان خوب فيض پاتو ته انهن جا تمام احوال سُڪرجي رهجي ويا. گلستانِ محبت جي رهڻ وارن جي پُر سوز آواز انهن کي مست ڪري ڇڏيو ته اهي آهستي آهستي وجد ۾ اچي ويا. انهن جو ساقي انهن جو پنهنجو ئي محبوب آهي، انهن جي محفل رنگا رنگ گلن سان سجيل آهي. انهن جا غلام هوش ۾ اچي چڪا آهن جڏهن ته هي ماڻهو اجا تائين مدهوشي ۾ آهن. يقيناً ان مضبوط محبت جو هڪڙو

ڏُک سڄي دنيا جي بدلي بہ سستو آهي ۽ بيوقوف کان سواءِ ان کي ڪو نٿو چڱي سگهي ۽ بيوقوف بہ اهڙو جنهن جي بدبختي انتها کي پهچي چڪي هجي. پيارا اسلامي ڀاءُ! منهنجي نصيحتن کي قبول ڪري وٺ ۽ (توبھ جو) دروازو بند ٿيڻ کان پهرين ئي ان ڏانهن اڳرائي ڪر، اها محبت توکي هر لذّت کان بي نياز ڪري ڇڏيندي.

حضرتِ سيدنا آدم عَلَيهِ السَّلَام بہ انهيءَ ئي محبت جو جام پيتو هو ۽ ان تي ئي حضرتِ نوح عَلَيهِ السَّلَام جن آه و زاري ڪئي ۽ حضرتِ سيدنا زڪريا عَلَيهِ السَّلَام کي انهيءَ ئي محبت ۾ آري سان چيريو ويو هو، حضرتِ سيدنا ابراهيم خليل الله عَلَيهِ السَّلَام کي باهہ ۾ وڌو ويو تہ انهن کي باهہ جي تپش جو احساس نہ ٿيو، حضرتِ سيدنا موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جو شوق وڌيو تہ اهي عرض ڪرڻ لڳا تہ مون کي پنهنجي تجلي ڏيکار تہ جيئن آئون تنهنجي زيارت ڪري سگهان، حضرتِ سيدنا داوٗد عَلَيهِ السَّلَام کي سني آواز جو ڪيڏو سُرور حاصل ٿيو، حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جن جهنگلن ۾ رهڻ پسند فرمايو تنهنڪري نہ شهر ۾ گهر ناهيو نہ ڳوٺ ۾ ۽ اسان جي نبي مڪرم، شفيعِ مُعظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ انهيءَ ئي محبتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جو جام پيتو ۽ اڄ بہ جيڪا محبوب جي تعريف ٿيندي آهي ۽ ان تي فخر ڪيو ويندو آهي اهو انهيءَ ئي محبت جو بچيل حصو آهي.

پيارا اسلامي ڀاءُ! تنهنجي لاءِ سڄي ڪائنات جون راهون ڪليل آهن تون ان مان ان پاڪيزه محبت جي جام کي چونڊي وٺ جو ان جو هڪڙو قطرو اُڃ لاهڻ جي لاءِ آبِ ڪوثر جي مثل آهي، اهوئي جام محبّت حضرتِ صدّيق، فاروق، سعيد ۽ بين عشرهءِ مبشره عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي پيش ڪيو ويو تہ اهي سڀ ان کي پيئڻ لاءِ جمع ٿي ويا، پنهنجي

بزرگن جي نقشِ قدم تي هلندي پين امت جي نيڪ ماڻهن اهو ئي روحاني فڪر اپنايو. توهان بہ اهل صفہ جون خوبيون اپنايو، انهن جو ڪجهہ حصو توهان ڪي بہ نصيب ٿي ويندو، ان جي طلب ۾ رڪاوٽ بڻجڻ وارا حيلا ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن توهان ملامت جي راھ ڇڏي ڏني تہ توهان جو ڇا ويندو ۽ جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪيو تہ توهان جو ڪو عذر قبول نہ ڪيو ويندو. پنهنجي مالڪ جي حمد بيان ڪريو، خوشي مان جهومي وجد ڪيو، سڄي مخلوق توهان جي دوست بڻجي ويندي، محبوب جو قرب حاصل ٿيندو. پنهنجي دلين جي حفاظت ڪريو، جيڪڏهن توهان غيرالله تي نظر رکي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ کان پري ٿي ويا تہ توهان جو ڇا ٿيندو!!!

اي فقيرن جي جماعت! اهي ڳالهيون تہ توهان جي ٻُڌڻ جون هيون، اي احوال وارو! آئون توهان سان مخاطب آهيان، آئون اهي خوبيون توهان کي ٻڌائيندي، توهان سان گڏ هلي رهيو آهيان، اي توبهہ ڪرڻ وارن جي جماعت! ان قابل خوبي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نافرماني کان بچڻ توهان جي لاءِ ڪهڙو مشڪل آهي. جيڪڏهن توهان ان خطاب کان محروم رهيا ۽ خوشي ۾ نہ جهوميا تہ محرومي جي جهنگل ۾ ڀٽڪندا رهندا.

## محبت جي حقيقت

حضرتِ سيدنا ابوبڪر ورّاق عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الرَّزَّاق فرمائن ٿا: محبت جي حقيقت اها آهي تہ محبت ڪندڙ هر وقت محبوب جو ديدار ڪندو رهي چاڪاڻ تہ غير ۾ مصروف ٿيڻ محبت لاءِ رڪاوٽ آهي، محبت جو بنياد ڪامل اطاعت ۽ يقين آهي. اهي ئي بہ شيون آهن جيڪي انسان کي جنّت ۾ پرهيزگارن جي درجي ۾ پهچائي ڇڏينديون آهن.

**شعر**

أُحِبُّ الصَّالِحِينَ وَلَسْتُ مِنْهُمْ وَاَطْلُبُ اَنْ اَنَالَ بِهِمْ شَفَاعَهْ
وَاَكْرَهُ مَنْ بِضَاعَتُهُ الْمَعَاصِى وَلَوْ كُنَّا سَوَاءً فِى الْبِضَاعَةْ

**ترجمو:** (1) آئون نيڪن (وليّن) سان محبت ڪريان ٿو حالانڪ آئون انهن مان ناهيان ۽ انهن ماڻهن جي مرتبي تائين پهچڻ جي لاءِ سفارش جو طلبگار آهيان.
(2) آئون ان ڪي ناپسند ڪريان ٿو جنهن جي زندگي جي پونجي گناهه هجن، جيتوڻيڪ اسان ان پونجي (گناهه) ۾ برابر آهيون.

## رضاءِالٰهي عَزَّوَجَلَّ جو خواهشمند

حضرتِ سيدنا ذوالنون مصري عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ القَوِي فرمائن ٿا: اسان هڪ ويران جهنگل مان گذري رهيا هئاسين جو اسان کي هڪ نوجوان نظر آيو، ان جي چهري جي رنگت ڦڪي هئي ۽ بدن ڏٻرو ٿي چڪو هو، ان جي پيشاني تي عبادت جو نور چمڪي رهيو هو، ڳلن تي قبوليّت جا نشان چمڪي رهيا هئا، چهري تي عبادت ۽ مجاهدي جا نشان ظاهر هئا، شڪل و صورت مان محبوبيت ۽ مشاهدو واضح هو. ان کي ٻه پراڻا ڪپڙا پاتل هئا، بدن تي هڪ اُن جو جُبّو ٻه هو جنهن جون ٻانهون ۽ دامن ڦاٽل هو، ان جي هڪڙي ٻانهن تي هي لکيل هو:

اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾ (پ 15 بني اسرائيل 36)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دل سمورن کان پڇا ٿيڻي آهي.

جڏهن ته ٻي تي هي لکيل هو:

يَوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَ اَيْدِيْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۴﴾ (پ 18 النور 24)

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن انهن تي شاهدي ڏينديون سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير، جو ڪجهه ڪندا هئا.

دامن تي لکيل هو ته نه وڪامجي نه خريد ڪيو وڃي، سيني

تي لکيل هو:

وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ﴿۱۶﴾ (پ 26 ق 16)

ترجمو ڪنزالايمان: دل جي رڳ کان بہ ان کي وڌيڪ ويجها آهيون.

پُنيءَ تي لکيل هو :

يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى مِنْكُمْ خَافِيَةٌ﴿۱۸﴾ (پ 29 الحاقة 18)

ترجموڪنزالايمان: ان ڏينهن توهان سمورا پيش ٿيندا جو توهان مان ڪا لڪي ويندڙ جان لڪي نہ سگهندي.

ان جي مٿي تي لکيل هو:

حُبُّ مَوْلَائِی بَلَائِی حَيْثُ مَوْلَائِی دَوَائِی

**ترجمو:** منهنجي مولٰي جي محبت جيتوڻيڪ هڪ آزمائش آهي، پر ان سان گڏ دوا ۽ علاج پڻ آهي.

حضرتِ سيدنا ذوالنون رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ان جي لباس کان وڌيڪ صاف سترا ڪپڙا ڪِتي نہ ڏٺا. آئون ان جي ويجهو ويس ۽ سلام ڪيو تہ ان جواب ۾ چيو: وعليڪ السلام يا ذوالنون! مون پڇيو: منهنجا ڀاءُ! توهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟ ان جواب ڏنو: منهنجي باطن کان حقيقتون توهان جي ضمير جي خزاني تي ظاهر ٿيون تہ ان حق توهان جي ارادي جي غيبن (لکيل حالتن) ۾ توهان جي معرفت جي صفائي جو مشاهدو ڪيو ۽ بنهي هڪٻئي سان ڳالهايو تہ انهيءَ ئي مون کي ٻڌايو تہ توهان ذوالنون مصري آهيو. مون پڇيو: اي منهنجا ڀاءُ! محبت جي شروعات ڪيئن ٿيندي آهي؟ ان پنهنجي ٻانهہ تي لکيل آيت جي طرف اشارو ڪيو ۽ چوڻ لڳو: هي جيڪو توهان ڏسي ۽ پڙهي رهيا آهيو، ان کي پيشِ نظر رکڻ سان محبت جي شروعات ٿيندي آهي. مون پڇيو: ڀاءُ! محبت جي انتهاء ڪِتي ٿيندي آهي؟ ان چيو: اي ذوالنون! اللهعَزَّوَجَلَّ اهڙو محبوب آهي جنهن جي

محبت جي ڪا انتهاء ناهي ۽ ان جي سامهون عاجزي ۽ انڪساري ڪان بغير محبت ڪرڻ ممڪن ناهي. مون پڇيو: اي منهنجا ڀاءُ! دنيا کان بي رغبتي آخرت جي طلب ۾ ٿيندي آهي يا مولٰي جي رضا جي لاءِ؟ جواب ڏنائين: هڪ مخلوق ڪان بي مخلوق جي طلب ۾ تعلق ٽوڙي ڇڏڻ ته خساري جي ڳالهه آهي، ان دنيا جي مخلوق کان بي رغبتي فقط **الله** عَزَّوَجَلَّ ئي جي لاءِ هئڻ گهرجي، اي ذوالنون! قديم محبوب يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ان جي مخلوق يعني جنت تي راضي ٿيڻ گهٽ همّت واري ٻانهي جو ڪم آهي، زهد جو مطلب **غيرالله** کان پاسو ڪرڻ، ولين جي ڳولا ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نشانين جو مشاهدو آهي، جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن غير کي چاهيندو ان جو مطلوب ان جو محبوب بڻجي ويندو، تنهنڪري جڏهن ڪا مخلوق پاڻ جهڙي ئي مخلوق تي راضي ٿئي ته مشابهت ان جو مقصود بڻجي ويندي آهي (يعني هي پاڻ جهڙي مخلوق کي پنهنجو مقصود بڻائي وٺي ٿو) اي ذوالنون! اهو شخص خساري ۾ آهي جنهن لذّت ۽ آرام ڇڏيو، دنيا کان منهن موڙيو ۽ پوءِ قربِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪنهن بي شيء تي راضي ٿي ويو ۽ ان انهيءَ خوف کان نفس کي مشقت ۾ وجهي ڪري دنيا کي ترڪ ڪيو ته جيئن ان جو ٺڪاڻو جهنم نه بڻجي ۽ اها اميد رکي هئي ته جنّت ان جو ٺڪاڻو بڻجي.

حضرتِ سيدنا ذوالنون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون انهن کان پڇيو: اي ڀاءُ! توهان هن ويران جهنگل ۾ ڪاڏي ۽ ضرورت جي سامان کانسواءِ ڪيئن رهو ٿا؟ ته ان جواب ڏنو: اي بيڪار شخص! جيڪو توکي پنهنجي حال جي خبر نه ڏي ۽ پنهنجي راز جي معاملي ۾ تو کان بيخوف نه ٿئي، اِهو سوال ان جي سامهون ڪا حيثيت نٿو رکي.

پوءِ ان پنهنجو ساڄو پير زمين تي هنيو ته اتان گيهه ۽ ماکي جو هڪ چشمو ڦٽي پيو ته اسان ٻنهي ان مان کاڌو. پوءِ انهن کاٻو پير زمين تي هنيو ته ماکي کان وڌيڪ مٺو ۽ برف کان وڌيڪ ٿڌو چشمو ڦٽيو ته انهن ان مان پاڻي پيتو پوءِ انهن ٻنهي چشمن تي ريتي وڌي ته اها زمين پهرين وانگر هموار ٿي وئي ڄڻ ته اُتي ڪو چشمو ئي نه هو. پوءِ اهو مون کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو آئون انهن ڪرامتن کي ڏسي دير تائين روئندو رهيس. (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## اللّٰه تعالٰي سان محبت ڪرڻ وارا

اي غفلت جي ننڊ ۾ جکڙجي رهڻ وارا! اي مهلت جي نشي ۾ مست ٿيڻ وارا! اي واعدو ٽوڙڻ وارا! ياد ڪر ته تو اوّل زماني ۾ ڪنهن سان عهد ڪيو هو؟ تنهنجي اڪثر عمر حيلن بهانن ۾ گذري وئي، توکي چوٽڪاري جي طرف سڏيو پيو وڃي ۽ تون سُستي ڪري رهيو آهين، عمر گهٽجڻ جي باوجود اها غفلت ڇا جي آهي؟ ڇا تون موت جي وقت ٻاڏائي ڳوڙها ڳاڙيندين. اي منهنجا اسلامي ڀاءُ! ڪيترو نه سٺو ٿئي ها جيڪڏهن تون پنهنجا طور طريقا ڇڏين ها ته تنهنجي ڪوشش ڪامياب ٿي وڃي ها، پر توکي ڪهڙي طرح ترغيب ڏياري وڃي؟

اي توبهه ڪرڻ وارن جي صحبت کان پري رهڻ وارؤ! ٻُڌو! اللّٰه تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَا مِنْ غَآىِٕبَةٍ فِی السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اِلَّا فِیْ كِتٰبٍ مُّبِیْنٍ ﴿۷۵﴾ (پ 20 النمل 75)

ترجموڪنزالايمان: ۽ آسمان ۽ زمين ۾ ڪو به غيب نه آهي مگر سمورو هڪ بيان ڪندڙ ڪتاب ۾ آهي.

# شکرگذار دولتمند

هڪ مالدار ڪثرت سان شڪر ادا ڪندو هو، جڏهن ان جي هڪ مراد پوري نہ ٿي تہ هو ناشڪري ڪندي گناهن ۾ پئجي ويو. پر خدا عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون ان کان ختم نہ ٿيون ۽ ان جي حالت ۾ ڪا تبديلي نہ آئي، ان عرض ڪيو: ياربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي فرمانبرداري تہ بدلجي وئي پر نعمتون ختم نہ ٿيون؟ تہ ان هاتفِ غيب مان هڪ آواز ٻُڌو: اي شخص! اسان وٽ ملاقات جي ڏينهن جي وڏي قدر و منزلت (عزت) آهي، اسان تنهنجي خاطر ان کي محفوظ رکيو جڏهن تہ تو ان کي ضايع ڪري ڇڏيو.

**شعر**

سَاَتْرُکُ مَابَيْنِي وَبَيْنَکَ وَاقِفًا فَاِنْ عُدْتَّ عُدْنَاوَالْوِدَادُسَلِيْمُ

تُوَاصِلُ قَوْمًا لَا وَفَاءَ بِعَهْدِهِمْ وَ تَتْرُکُ مِثْلِي وَالْحِفَاظُ قَدِيْمُ

ترجمو: (1) اسان پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ قائم تعلق کي ٽوڙيون ٿا، جيڪڏهن تون رجوع ڪري وننديں اسان جي رحمت بہ تنهنجي طرف متوجهہ ٿي ويندي، محبت (وري) قائم ٿي ويندي.

(2) تون اهڙي قوم سان ناتو جوڙين ٿو جنهن جا واعدا پورا نٿا ٿين ۽ مون جهڙي سان ٽوڙين ٿو جيڪو هميشہ کان عهد کي پورو ڪرڻ وارو آهي.

# بهترين همسفر

هڪ شخص حضرتِ سيدنا حاتم اصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي عرض ڪيو: مون کي ڪو اهڙو همسفر ٻڌايو جنهن جي صحبت جون برڪتون لُٽيندي آئون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي سگهان ڇاڪاڻ تہ مون حج جي سفر جو ارادو ڪري ڇڏيو آهي، تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: اي ڀاءُ! جيڪڏهن تون صحبت چاهين ٿو تہ قرآن پاڪ جي تلاوت کي پنهنجو هم نشين بڻائي وٺ ۽ جيڪڏهن ساٿي چاهين

تو تہ ملائڪن کي پنھنجو ساٿي ٻڌائي وٺ ۽ جيڪڏھن دوست چاھين تو تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنھنجي دوستن جي دلين جو مالڪ آھي ۽ جيڪڏھن سفر جي لاءِ سامان چاھين تو تہ اللّٰہ تعالٰي تي يقين سڀ کان بھترين سامان آھي ۽ ڪعبة اللّٰہ کي پنھنجو سامھون تصوّر ڪندي خوشي سان ان جو طواف ڪر .

## آزمائش مٿان آزمائش

حضرتِ سيدنا عطا سُلَيمي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الغنِي جن حضرتِ سيدنا عمر بن يزيد سَلَمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي چيو: مون کي نصيحت فرمايو؟ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن فرمايو: اي احمد! شيطان ۽ نفس جي خواھشن جي موجودگي ۾ دنيا آزمائش جي مٿان آزمائش آھي ۽ حساب و ڪتاب جي سبب آخرت بہ تمام وڏو امتحان آھي، افسوس انھن ماڻھن تي آھي جيڪو انھن ٻنھي (يعني دنياوي آزمائش ۽ آخرت جي امتحان) ۾ ڪمزور آھن. تنھنڪري! تون ڪيستائين راند روند ۾ مصروف رھندين حالانڪ ملڪ الموت عَلَیۡہِ السَّلَام تنھنجي انتظار ۾ آھن ۽ ھڪ لمحي جي لاءِ بہ توکان غافل نٿا ٿين جڏھن تہ ملائڪ تنھنجا ساھ ڳڻي رھيا آھن، حضرتِ سيدنا عطا سليمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: اھا ڳالھ ارشاد فرمائي حضرتِ سيدنا عمر بن يزيد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ غش ڪائي ڪري زمين تي تشريف وٺي آيا. **اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اي ڪاري اعمال نامي وارا! لُڙڪَن سان پنھنجو اعمال نامو ڌوئي وٺ ۽ تھجد گذارن وٽ حاضر ٿي ھٿ ٻڌي عرض ڪر تہ آئون رستو ڀٽڪي قافلي وارن کان ڪٽجي ويو آھيان، اھو ڏک ۽ رنج جو مقام آھي، ڪيستائين پنھنجي لُڙڪن کي روڪيندين، ھي سوز و

رقّت جي مجلس ۾ رجوع جو وقت آهي.

اسلامي ڀائرو! اڳتي وڌو ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن کي سمجهو، اللّٰه تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

فَسَتَذْكُرُوْنَ مَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ ؕ وَ اُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ (۴۴)
(پ 24 المومن 44)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ اجهو اهو وقت اچڻ وارو آهي، جيڪو مان اوهان کي چئي رهيو آهيان ان کي ياد ڪندؤ ۽ مان پنهنجو ڪم اللّٰه جي حوالي ڪريان ٿو، بيشڪ اللّٰه ٻانهن کي ڏسي ٿو

مَا الذَّنْبُ لِیْ فِیْمَا مَضٰی سَالِفًا — الذَّنْبُ لِلدَّهْرِ وَسُوْءِ الْقَضَا
فَامْنُنْ وَجُدْ بِالصَّفْحِ عَنْ مُذْنِبٍ — مُعْتَرِفٍ بِالذَّنْبِ فِیْمَا مَضٰی
قَدْ ظَلَّ مِنْ خَوْفِكَ فِیْ حَیْرَةٍ — فِیْ قَلْبِهٖ مِنْكَ لَهِیْبُ الْفَضَا
اِنْ كَانَ لِیْ ذَنْبٌ فَلِیْ حُرْمَةٌ — تُوْجِبُ لِیْ مِنْكَ جَمِیْلَ الرِّضَا

**ترجمو:** (1) گذريل ڏينهن ۾ منهنجو ڪو ڏوهه ناهي اهو سڀ زماني جي (حالتن) جي ڪوتاهي ۽ تقدير جي خرابي آهي.

(2) يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تون پنهنجو فضل فرماءِ ۽ گناهن کي مٽائي هن گناهگار کي سُترو ڪري ڇڏ جيڪو گذريل تمام گناهن جو اقرار ڪري ٿو.

(3) هي ٻانهو هميشه تنهنجي خوف (جي تصوّر) ڪان حيرت جي عالم ۾ آهي (۽) ان جي دل جي سڄي فضاء تنهنجي ڊپ ڪان باهه جي لپيٽ ۾ آهي.

(4) حالانڪ آئون قصوروار آهيان پر (ايمان جي سبب) منهنجي عزت بہ تہ آهي جيڪا تنهنجي ذات ڪان بهترين رضا جي طلبگار آهي.

## هڪ عورت جي نصيحت

حضرتِ سيدنا اصمعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون هڪ بيابان مان گذري رهيو هئس جو اوچتو مون کي هڪ چنڊ وانگر چمڪندڙ چهري واري عورت نظر آئي، آئون ان جي ويجهو ويس ۽ سلام ڪيو تہ ان سني انداز ۾ سلام جو جواب ڏنو مون چيو: اي ڇوڪريءَ! منهنجو تن من تنهنجي طرف متوجهه آهي، ان هڪدم چيو: پر آئون

تنهنجي طرف بلڪل متوجهه ناهيان، جيڪڏهن توکي منهنجو حسن وڻين ويو آهي ته پنيان ڏس، توکي مون کان وڌيڪ حسين عورت نظر ايندي، جڏهن مون پنيان مُڙي ڏٺو ته مون کي ڪير نظر نه آيو. هن مون تي ڪاوڙ ڪندي چيو: اي ڪوڙا! مون کان پري ٿي وڃ، جڏهن مون پري کان توکي ڏٺو هو ته سمجهي وئي هيس ته تون ڪو عارف (يعني نيڪ ٻانهو) آهين ۽ جڏهن مون توسان ڳالهايو ته آئون سمجهيس ته تون ڪو عاشق آهين ۽ هاڻي خبر پئي ته تون نه نيڪ آهين نه ئي عاشق آهين جو تون منهنجي محبّت جي دعوٰي به ڪرين ٿو ۽ منهنجي قربت حاصل ڪرڻ کان بغير مون کان علاوه ڪنهن ڏانهن ڏسين به ٿو. پوءِ هو مون کان پري هلي وئي ۽ نظر پري آسمان ڏانهن ڏسڻ کان پوءِ وڏي آواز سان چوڻ لڳي: آه! آه! الٰهي عَزَّوَجَلَّ! ملاقات جي چاهت مون کي ماڻهن کان اجنبي ڪري ڇڏيو، افسوس! جدائي جي خوف مون کي بيقرار ڪري ڇڏيو آه! ملاقات کان پهرين جدائي تي افسوس! پوءِ هو اهي شعر پڙهڻ لڳي:

**عربي شعر**

حُبّی فِی ذِی الْقِفارِ شَرّدَنِی — آہ مِنَ الْحُبِّ ثُمَّ آہ

خَوفُ فِرَاقِ الْحَبِیبِ اَزْعَجَنِی — آہ مِنَ الْخَوفِ ثُمَّ آہ

شَبَّہَ حَالِی بِتَاجِرٍ غَرِقٍ — نَجَامِنَ الْبَحْرِ ثُمَّ تَاہ

**ترجمو:** (1) مون کي بيانن جي مالڪ جي محبت ليڙ ليڙ ڪري ڇڏيو آهي، آه! محبت ۾ وري آه.

(2) مون کي محبوب جي جدائي جي خوف بي چين ڪري رکيو آهي، ان خوف کان آه وري آه.

(3) منهنجو حال ان ٻڏڻ واري واپاري وانگر آهي جيڪو سمنڊ (جي تڪليفن) کان بچي ته ويو پوءِ به حيران ۽ پريشان رهيو.

# هڪڙو ديوانو

حضرتِ سيدنا سالم رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون حضرتِ سيدنا ذوالنون مصري رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه سان گڏ لبنان جي هڪ جبل تان گذري رهيو هئس تہ اوچتو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن مون کي فرمايو: اي سالم! منهنجي موٽڻ تائين انهيءَ ئي جڳهہ بيٺو رهجان. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ٽن ڏينهن تائين مون کان جدا رهيا، جڏهن مون کي بُک لڳندي هئي تہ آئون جار ۽ ٻوٽا کائي، حوض جو پاڻي پي وٺندو هئس، جڏهن ٽي ڏينهن گذري ويا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه مون وٽ آيا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جو رنگ بدليل هو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن تي مدهوشي جي ڪيفيّت طاري هئي مون عرض ڪيو: اي ابو الفيض! ڇا خطرناڪ جانورن اوهان کي روڪي ورتو هو؟ فرمايائون: مون سان انساني خوف جي ڳالهہ نہ ڪر، آئون ان جبل جي هڪ غار ۾ داخل ٿيس تہ مون ان ۾ هڪ شخص کي ڏٺو ان جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار اڇا ۽ وڪريل هئا، ائين لڳي رهيو هو جيئن هو قبر مان نڪتو هجي، هو نماز پڙهي رهيو هو. مون ان کي سلام ڪيو تہ ان مون کي سلام جو جواب ڏنو ۽ چيو: نماز پڙهہ. پوءِ هو نماز جي لاءِ بيهي رهيو ۽ وچين جي نماز ادا ڪرڻ تائين رڪوع ۽ سجدا ڪندو رهيو. پوءِ محراب واري پاسي هڪڙي پٿر سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيو ۽ مون سان ڪا ڳالهہ نہ ڪيائين تہ مون ڳالهائڻ جي ابتداء ڪندي چيو: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي مونکي ڪا نصيحت ڪريو جنهن مان آئون نفعو حاصل ڪريان ۽ منهنجي لاءِ دعا ڪريو تہ انهن مون کي فرمايو: اي پُٽ! **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جنهن کي پنهنجي قرب سان مٿانهون ڪندو آهي ان کي چار خصلتون عطا فرمائيندو آهي: (1) خاندان کان بغير عزّت عطا

فرمائيندو آهي (2) بنا سکڻ جي علم عطا فرمائيندو آهي (3) مالداري کان بغير غناء عطا فرمائيندو آهي (4) ۽ ساٿين کان بغير محبّت عطا فرمائيندو آهي. پوءِ انهن وڏي رڙ ڪئي ۽ ٽن ڏينهن تائين بيهوش رهيا، آئون سمجهيس ته سندن انتقال ٿي چڪو آهي پوءِ جڏهن اهي هوش ۾ آيا ته ويجهي هڪ چشمي مان وضو ڪيائون ۽ پنهنجي رهجي ويل نمازن جي باري ۾ پڇيائون ته مون انهن کي نمازن جو تعداد ٻڌايو، انهن اهي نمازون قضا ڪيون پوءِ مون کي فرمايائون:

اِنَّ ذِكْرَالْحَبِيْبِ هَيَّجَ قَلْبِیْ ثُمَّ حُبُّ الْحَبِيْبِ اَذْهَلَ عَقْلِیْ

**ترجمو:** محبوب جي ياد منهنجي دل کي بيقرار ڪري ڇڏيو پوءِ (اُن) محبوب جي محبت منهنجي عقل کي ختم ڪري ڇڏيو.

پوءِ فرمائڻ لڳا: مخلوق جي ملاقات سان مون کي وحشت ٿيندي آهي ۽ آئون ربّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر سان محبت رکندو آهيان هاڻي تون سلام ڪري مون وٽان هليو وڃ. مون عرض ڪيو: اللهعَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي آئون وڌيڪ نصيحت جي اميد تي ٽن ڏينهن تائين اوهان وٽ ترسيل آهيان ته انهن ارشاد فرمايو: پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪنهن سان محبت نه ڪر ۽ پنهنجي محبت جو بدلو نه گهر چاڪاڻ ته الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارا عابدن جا سرتاج ۽ زاهدن جي لاءِ منزل جو نشان آهن ۽ اهي ئي الله عَزَّوَجَلَّ جا پسنديده ۽ معزّز ٻانها آهن. ان کان پوءِ هو هڪڙي دانهن ڪري ڪِري پيا مون انهن کي لوڏيو ته انهن جو انتقال ٿي چڪو هو، ٿوري ئي دير کانپوءِ جبل تان عابدن جي هڪ جماعت لٿي، انهن هن کي غسل ڏنو ۽ ڪفن پارائي جنازي (نماز) ادا ڪرڻ کان پوءِ انهن هن کي دفن ڪري ڇڏيو، مون انهن کان پڇيو: ان بزرگ جو نالو ڇا آهي؟ انهن

ٻڌايو: انهن جو نالو حضرت شيبان المصاب رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آهي.

حضرتِ سيدنا سالم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن مون شام وارن کان انهن جي باري ۾ پڇيو تہ انهن ٻڌايو: ها اهو هڪ ديوانو هو جيکو ٻارن جي ايذائڻ جي ڪري هليو ويو هو، مون پڇيو: ڇا توهان کي انهن جي ڪا ڳالهہ ياد آهي؟ تہ انهن چيو: ها! جڏهن اهي بيقرار ۽ بي چين ٿيندا هئا تہ چوندا هئا جيڪڏهن آئون تنهنجي خاطر ديوانو نہ ٿيان تہ ڪنهن جي خاطر ٿيان. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## محبت ڪرڻ وارن جون علامتون

**منهنجا اسلامي ڀاءُ!**

اهي ماڻهو ڪيترا تہ خوش قسمت آهن جن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي قرب جي نعمت عطا فرمائي آهي. انهن جي خوبي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ٿي آهي، **الله تعالیٰ** انهن کي وسوسن جي خطرن کان محفوظ فرمائي ڇڏيو ۽ انهن جي دلين جي سرحدن کي پنهنجي حمايت جي محافظن جي ذريعي نفس جي خواهشن جي مٿي کان محفوظ رکيو. انهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم کي قبول ڪيو ۽ ان کي سر اکين تي رکي ان جي ادائيگي جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ قبر جي اونداهي ۽ آخرت جي سفر جي لاءِ عملن جو سامان تيار ڪيو.

اي بيڪار شخص! ڇا اونداهي ميدان ۾ غافل رهڻ وارن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون ملي سگهن ٿيون، **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن کي پنهنجي رضا جو پروانو عطا فرمائي ۽ انهن کي فرمايو: سلڇڻن دوستن کي خوش آمديد.

اللّٰه تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ

(پ 4 ال عمران 110)

ترجموكنزالايمان: توهان پلا آهيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون.

## ڪجهه شعر

اَيَانَفْسُ تُوْبِى قَبْلَ اَنْ يَنْكَشِفَ الْغِطَا ... وَاُدْعٰى اِلٰى يَوْمِ النُّشُوْرِوَاُجْزَعُ
فَلِلّٰهِ عَبْدٌ خَائِفٌ مِّنْ ذُنُوْبِهِ ... تَكَادُ جُشَاهُ مِنْ اَسًى تَتَقَطَّعُ
اِذَا جَنَّهُ اللَّيْلُ الْبَهِيْمُ رَاَيْتَهُ ... وَ قَدْ قَامَ فِى مِحْرَابِهِ يَتَضَرَّعُ
يُنَادِىْ بِذُلٍّ يَا اِلٰهِىْ وَ سَيِّدِىْ ... وَمَنْ يَّهْرُبُ الْعَاصِىْ اِلَيْهِ وَيَفْزَعُ
قَصَدْتُكَ يَاسُؤْلِىْ وَ مَالِىْ مُشَفَّعٌ ... سِوٰى حُسْنِ ظَنِّىْ حِيْنَ اَرْجُوْوَاَطْمَعُ
فَجُدْ لِىْ بِعَفْوٍ وَامْحُ ذَنْبِىْ وَنَجِّنِىْ ... مِنَ النَّارِ يَا مَوْلٰى يَضُرُّ وَ يَنْفَعُ
بِهٰذَا يُنَالُ الْمُلْكُ وَالْفَوْزُ فِىْ غَدٍ ... وَيُجْزٰى نَعِيْمًا دَائِمًا لَيْسَ يُقْطَعُ

ترجمو: (1) اي نفس! توبهه ڪري وٺ ان کان پهرين جو راز کلي وڃي ۽ قيامت جي ڏينهن گهرائي گهبراهٽ ۾ وڌو وڃي.

(2) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو اهو ٻانهو جيڪو پنهنجي گناهن تي شرمندو ۽ خوفزده آهي ويجهو آهي جو ڏک سان ان جي دل ڦاٽي پوي.

(3) جڏهن ان کي اونداهي رات لڪائي ونندي آهي ته تون ان کي ڏسندين ته هو پنهنجي عبادت گاهه ۾ بينو ٻاڏائي رهيو هوندو.

(4) عاجزي سان عرض ڪريان ٿو: اي منهنجا خدا، منهنجا مالڪ! هي گنهگار ڪنهن جي بارگاهه ۾ وڃي ۽ ڪنهن سان فرياد ڪري؟

(5) اي منهنجا مطلوب! تون ئي منهنجو مقصود آهين ۽ جنهن وقت آئون اميد ۽ خواهش ڪندو آهيان ته سواءِ حسنِ ظن جي پنهنجي شفاعت جي لاءِ ڪو بيو عمل نٿو ڏسان.

(6) اي مولٰي! تون ئي نفعي ۽ نقصان جو مالڪ آهين، عفو ڪر ۽ منهنجي گناهن کي مِٽائي ڇڏ ۽ مون کي باهه (دوزخ) کان بچائي وٺ.

(7) انهيءَ رحمت جي سبب هميشه جي بادشاهي ۽ قيامت ۾ ڪاميابي ملي سگهي ٿي ۽ ڪڏهن نه ختم ٿيڻ واريون دائمي نعمتون ڏنيون وينديون.

# حرم جون دعائون

علامہ فضل جوهري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه احرام ٻڌي مکي جي حرم ۾ خانۂ ڪعبہ ڏانهن چهرو ڪري بيٺا ۽ وڏي آواز سان چوڻ لڳا: اي مراقبي ۽ معرفت جي موت مرڻ وارؤ! اي اُنس و محبت جي تلوارن سان شهيد ٿيڻ وارؤ! اي خوف ۽ تمنا جي باهہ ۾ سڙڻ وارؤ! اي مشاهدي ۽ ملاقات جي سمنڊ ۾ غرق رهڻ وارؤ! هي محبوب جو شهر آهي، محبت ڪرڻ وارا ڪِٿي آهن؟ هتي قربت جا راز آهن، پر ان جا خواهشمند ڪِٿي آهن؟ هي محبت جو ملڪ ۽ ان جي بهار جا نشان آهن، ان جو ارادو ڪرڻ وارا ڪٿي آهن؟ هي التجاء جي گهڙي آهي ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ جو وقت آهي، پر روئڻ وارا ڪٿي آهن؟ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ دانهن ڪري بيهوش ٿي ويا پوءِ جڏهن ڪجهه دير ڪانپوءِ هوش ۾ آيا تہ چوڻ لڳا:

**عربي شعر**

مُذْ تَبَدّٰى لِنَاظِرِیْ        بَلْبَلَ الشَّوْقُ خَاطِرِیْ
حَاضِرٌ غَيْرُ غَائِبٍ        سَاكِنٌ فِی الضَّمَائِرِ
هُوَ كَنْزِیَ الَّذِیْ بَدَا        فِی الرُّسُوْمِ الدَّوَائِرِ

**ترجمو:** (1) جڏهن (خانہ ڪعبہ) منهنجي نظرن جي سامهون اچي ويو تہ منهنجي دل ۾ شوق پڙڪي اُٿيو.

(2) اهو (شوق) موجود آهي، لڪيل ناهي (چاڪاڻ تہ) اهو تہ دلين ۾ آباد آهي.

(3) اهو منهنجو اهو خزانو آهي جيڪو تيزي سان اچڻ وارين مصيبتن ۾ (مون تي) ظاهر ٿيو.

راوي چون ٿا: مون انهن جي ويجهو وڃي عرض ڪيو: حضور! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارن جون علامتون ڪهڙيون آهن؟ فرمايائون: محبت ڪرڻ وارن کي رات جي اونداهي ۾ اللّٰه

عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ خاص فرحت حاصل ٿيندي آهي انهن جي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هڪ خوشي هوندي آهي، پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي محبت انهن کي آرام جي لذّت کان پري ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي محبت انهن کي پوري ڪائنات کان جدا ڪري ڇڏيندي آهي، اهي ننڊ کي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان دعائون ڪرڻ تي ترجيح ناهن ڏيندا ۽ نہ ئي ان جي ڪلام تي ڪنهن جي ڪلام کي اهميّت ڏيندا آهن، جيڪو ان جي سڃاڻ رکي تہ اهو ئي ان کي سڃاڻي سگهي ٿو، جيڪو ان جي لذّت ماڻي ٿو، اهو ئي ان جي لذّت کي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ان جو دوست اهو ئي ٿيندو آهي جيڪو ان سان راضي رهندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجاهِ النّبِيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پاڪ آهي اها ذات جنهن مخلوق تي فنا ٿيڻ لازم ڪري ڇڏيو آهي تنهنڪري ان جي ويجهو بادشاھ ۽ غلام ٻئي برابر آهن، اهو باقي رهڻ وارو ۽ قديم آهي يعني ڪائنات جي پيدائش کان پهرين بہ اڪيلو ئي هو ان ڪائنات ۾ جيڪو چاهيو اهو ئي ڪيو، هر هڪ چاهي اهو نيڪ هجي يا بد، گمراھ هجي يا هدايت يافتہ، ان جي بارگاھ جو محتاج آهي. الله تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو:

يَسْــَٔلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ﴿۲۹﴾ (پ 27 الرحمٰن 29)

ترجموڪنزالايمان: انهيءَ جا سوالي آهن جيترا بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهن هر ڏينهن اهو هڪ ڪم سان آهي.

اهو وڏو سخي آهي هر هڪ کي ان جي ئي عطا ڍڪي رکيو آهي (تہ بدڪار ڪيڏانهن ڀڄندو) گهر تي ويل جي نقصان جو عوضو ڪير ڏيندو؟ قضا ڪيترا دفعا ضامن سان وڙهي چڪي ۽ ڪيترن ئي ڏڪاريل ماڻهن کي ان جي بارگاھ ۾ حاضري جي اجازت ملي ۽

گنهگار ماڻهو، خوش نصيب ٻانهن جي قسمت کان ڪيتري قدر غافل آهن حالانڪ انهن گنهگارن مان ڪي بدبخت آهن ۽ ڪي نيڪ بخت.

**شعر**

اِحدٰی وَسِتُّوْنَ لَوْمَرَّت عَلٰی حَجَرٍ     لَکَانَ مِنْ حُکْمِهَااَن یَّخْلُقَ الْحَجَرُ
تُؤَمِّـلُ النَّـفْسُ آمَالًا لِتَبْلُغَهَا     کَاَنَّهَا لَاتَرٰی مَا یَصْنَعُ الْقَـدَرُ

**ترجمو:** (1) ڪنهن پٿر تي به جيڪڏهن ايڪهٺ سال گذري وڃن ته اهو پٿر به تتل پراڻو ٿي چورائيندو.

(2) پنهنجي اميدن تائين پهچڻ جي لاءِ نفس وڏيون خواهشون ڪري رهيو آهي حالانڪ نتو ڄاڻي ته تقدير ڇا ڪرڻ واري آهي.

## دعا جي برڪت

حضرتِ سيدنا ابواسحاق جيلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون حضرتِ سيدنا علي بن عبدالحميد غضائري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته مون انهن کي سڀ کان وڌيڪ عبادت گذار ۽ ڪثرت سان مجاهدو ڪرڻ وارو ڏٺو. اهي ڏينهن رات نماز ادا ڪندا رهندا هئا تنهنڪري آئون انهن جي نماز کان فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس پر منهنجي انهن سان ملاقات نہ ٿي سگهي ته مون انهن کي چيو: اسان پنهنجي ماءُ پيءُ، زال ٻارن ۽ پنهنجي شهر کي ڇڏي اوهان وٽ آيا آهيون تنهنڪري اوهان ٿوري دير جي لاءِ نماز کان فارغ ٿي اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جو عطا ڪيل علم سيکاريو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: مون کي هڪ صالح بزرگ حضرتِ سيدنا سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دعا آهي، آئون سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ دروازو ڪڙڪايو ته دروازو کولڻ کان پهرين مون انهن کي هي دعائون ڪندي ٻڌو: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! جيڪو شخص مون کي تنهنجي بارگاه ۾ دعائون ڪرڻ کان غافل ڪرڻ لاءِ آيو آهي تون ان کي پنهنجي محبّت

۾ مصروف ڪري، مون کان غافل ڪري ڇڏ. جڏهن آئون حضرتِ سيدنا سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاهه مان واپس موٽيس ته نماز ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ منهنجي پسنديده مصروفيّت بڻجي وئي، ان لاءِ آئون ان نيڪ بزرگ جي دعا جي برڪت سان انهن ڪمن کان علاوه ڪنهن شيءِ جي لاءِ واندو نتو ٿيان.

حضرتِ سيدنا ابواسحاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون انهن جي ڳالهين ۾ غور ڪيو ته مون کي انهن جون ڳالهيون غمگين دل ۽ بي وس ڪرڻ واري بيقراري مان نڪرندي نظر آيون ۽ اهي لڳاتار لڙڪ وهائي رهيا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي حڪمت سان روحن جي نرمي ۽ جسمن جي سختي کي جمع فرمايو، ڏينهن ۽ رات کي زماني جي لاءِ مددگار بڻايو جيڪي بِنا وارن ۽ پرَن جي فناء جي لاءِ اڏامي رهيا آهن ۽ محبت ڪرڻ وارن جي روحن کي محبت جو پيالو پياريو، الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي لاءِ ان جي خوبي آهي جنهن ان کي هر خوشي سان شيرين بڻايو، انس ۽ محبت جي مجلس انهن جي لاءِ عبادت جو سرور پيدا ڪيو. تنهنڪري انهن پيالن جي بدران ان کي مٺڪن مان پيتو، اونداهي جي گلستان کي تهجّد جي گلن ۽ ڪَليَن سان سجايو ۽ هر صبح جي شروعات الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر سان ڪئي، تنهنڪري اهي صبح شام جي شربت ۽ پاڪيزه خوشبو وارا پيالا پيئندا آهن، آزمائش جي صورت ۾ انهن جون دليون صبر جي زبان سان چونديون آهن: ان (جي محبت) کان سواءِ ڪو چارو ناهي. الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي پنهنجي رضا جي خلعت سان معزز فرمايو ۽ انهن کي

شوق ۽ فرحت جي مجلس ۾ ويهاريو، انهن ڪائنات تي نظر ڪئي ته انهن کي ان کان سواءِ ڪجهه نظر نه آيو، انهن جي محبت ۾ مدهوشي جي سبب انهن تي ڪو الزام ناهي، معرفت جي نور انهن جي اکين کي ڍڪي رکيو آهي انهن مان ولي توحيد جي زبان ۾ پڪاريندا آهن:

**عربي شعر**

يَااَعَزَّ النَّاسِ عِنۡدِیۡ — كَيۡفَ حَتّٰى خُنۡتَ عَهۡدِیۡ
سَوۡفَ اَشۡكُوۡلَكَ حَالِیۡ — فَعَسٰى شِكۡوَایَ تُجۡدِیۡ
اَنۡتَ مَوۡلَایَ تَرَانِیۡ — وَدُمُوۡعِیۡ فَوۡقَ خَدِّیۡ
اَقۡطَعُ اللَّيۡلَ اُقَاسِیۡ — مَا اُقَاسِیۡ فِيۡهِ وَحۡدِیۡ

**ترجمو:** (1) اي ماڻهن ۾ معزز بڻجڻ وارا! منهنجي بارگاه ۾ تنهنجي ڪهڙي حالت آهي جو تو مون سان ڪيل واعدي ۾ خيانت ڪئي.
(2) (بانهو دعائون ڪندو آهي) آئون جلد ئي تنهنجي بارگاه ۾ پنهنجي حالت جي فرياد ڪندس اميد آهي منهنجي فرياد رسي ٿيندي.
(3) تون منهنجو مولٰي عَزَّوَجَلَّ آهين تون منهنجي هن حالت کي به ڏسي رهيو آهين ته منهنجا لڙڪ منهنجي ڳلن تي وهي رهيا آهن.
(4) آئون رات عبادت جي مشقت ڪٽيندي گذاريان ٿو ۽ آئون ان مشقت ۾ اڪيلو ناهيان.

## سمنڊ جي ڪناري تي عبادت ڪرڻ وارو

حضرتِ سيدنا ذوالنون مصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: هڪ دفعي سفر جي دؤران مونکي شديد اُڃ لڳي ته آئون پاڻي جي ڳولا ۾ سمنڊ جي ڪناري جو رُخ ڪيو، اوچتو مون هڪ شخص کي ڏٺو جنهن حياء ۽ نيڪ ڪمن کي پنهنجو لباس بڻائي رکيو هو، آه و زاري، آهُن ۽ فريادن جي قميص پائي رکي هئي. هو سمنڊ جي ڪناري تي نماز ادا ڪري رهيو هو، جڏهن ان سلام ڦيريو ته آئون ان جي ويجهو

ويس ۽ ان کي سلام ڪيو تہ ان چيو: اي ذوالنون! توتي بہ سلامتي هجي. مون پڇيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي، اوهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟ ان جواب ڏنو تہ منهنجي دل مان معرفت جو ڪرڻو توهان جي دل جي نورِ محبّت جي سطح تي ظاهر ٿيو تہ منهنجي روح رازن جي حقيقتن جي ذريعي توهان جي روح کي سڃاڻي ورتو ۽ منهنجو باطن الله عزيز ۽ جبّار عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۾ توهان جي باطن سان محبت ڪرڻ لڳو. مون پڇيو: آئون اوهان کي اڪيلو ڏسي رهيو آهيان. جواب ڏنائون: **الله**عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان محبت رکڻ اصل ۾ وحشت آهي ۽ ان کان علاوه ڪنهن تي ڀروسو ڪرڻ ذلت جو سبب آهي. مون پڇيو: ڇا اوهان موجن جي هن سيلاب ۽ جوش کي نٿا ڏسو؟ فرمايائون: ڇا توهان جي اُڃ ان کان وڌيڪ ناهي؟ مون چيو: ها! تہ انهن پنهنجي ويجهو ئي هڪڙي جڳهہ تي پاڻي جي موجودگي جو ٻڌايو، پوءِ جڏهن آئون پاڻي پي موٽيس تہ مون انهن کي وڏي آواز سان روئندي ڏٺو مون چيو: **الله**عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي اوهان کي ڪهڙي ڳالهہ روئاريو؟

فرمايائون: اي ابوالفيض! **الله** عَزَّوَجَلَّ جا ڪجهہ ٻانها اهڙا بہ هوندا آهن جن کي ان پنهنجي محبّت جو اهڙو تہ پيالو پياريو آهي جنهن انهن کان آرام جي لذّت کسي ورتي آهي، مون چيو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي مون کي **الله** عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارن جون علامتون ٻڌايو؟ فرمايائون: هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي عبادت ۾ مخلص ٿيا تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن کي ولايت سان خاص فرمائي ڇڏيو ۽ اهي **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهيا تہ ان انهن تي دلين جو نور کولي ڇڏيو، مون پڇيو: محبّت جي علامت ڪهڙي آهي؟ فرمايائون:

الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪرڻ وارو حيرت کي قرار اچڻ تائين ڏک جي سمنڊ ۾ غرق رهندو آهي، مون پڇيو: معرفت جي علامت ڪهڙي آهي؟ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جو ولي معرفت جي موجودگي ۾ (پنهنجي زبان سان) جنّت جو طلبگار ناهي ٿيندو ۽ نه ئي جهنم کان پناهه گهرندو آهي اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي معرفت حاصل ڪري وٺندو آهي ته ان کان سواءِ ڪنهن کي وڏو ناهي سمجهندو. پوءِ انهن هڪ زوردار دانهن ڪئي ۽ انهن جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو مون انهن کي انهيءَ جڳهه دفنائي ڇڏيو جتي انهن جو انتقال ٿيو هو پوءِ آئون واپس موٽي آيس. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجاہِ النّبیِّ الاَمین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## گناهن جي ازالي جو طريقو

منهنجا پيارا اسلامي ڀاءُ!

گناهن جي مير کي لڙڪن جو پاڻي ئي ڌوئي سگهي ٿو، گناهن جي ڍبڻ مان اهو ئي نڪري سگهي ٿو، جيڪو گهڙي ڪن جي لاءِ پنهنجي دل کي متوجهه ڪري ڏسي وٺي، شايد اهو نصيحت جي اثر کان موٽي اچي. آئون ڪيستائين تنهنجي سامهون نصيحت جا صحيفا پڙهان، جيتوڻيڪ آئون توکي ان تي غورو فڪر ڪرڻ وارو نٿو سمجهان، پر گناهن جو ڏينهن ڪيترو منحوس آهي ۽ فرمانبرداري جو ڏينهن ڪيترو پسنديده آهي ۽ هر سعادت جي گهڙي ۾ توبهه ڪرڻ وارن جو ساٿ گهر پنهنجي محبوب ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ نيڪين جا تازا پيغام موڪل ۽ انهن جي مقبول ٿيڻ جي تمنا ڪر چاڪاڻ ته تقوٰي جو ڏيئو ئي رستي جي رهنمائي ڪري ٿو، ڪيترا ماڻهو غفلت جي اونداهين ۾ ڀٽڪي چڪا آهن ۽ پنهنجي

دل جي موت، اکين جي روشني ختم ٿيڻ ۽ رڪاوٽن جي ڪثرت تي رُنا، جڏهن زماني، پيري ۽ ڪمزوري جي نصيحت توتي اثر انداز ناهي ٿيندي تہ تون ڇا ڪندين؟

منهنجا اسلامي ڀاءُ! اللّٰه جو قسم! جلد کان جلد توبهہ ڪري وٺ ۽ حساب جي ڏينهن کان پهرين ئي پاڻ کي سڌي رستي تي هلاءِ.

**ڪجهہ شعر**

مَااعْتِذَارِیْ وَاَمْرُرَبِّیْ عَصَیْتُ ۔ حِیْنَ تُبْدٰی صَحَائِفِیْ مَا اَتَیْتُ

مَا اعْتِذَارِیْ اِذَا وَقَفْتُ ذَلِیْلًا ۔ قَدْ نَهَانِیْ مَا اَرَانِیْ انْتَهَیْتُ

یَاغَنِیًّا عَنِ الْعِبَادِ جَمِیْعًا ۔ وَعَلِیْمًا بِکُلِّ مَا قَدْ سَعَیْتُ

لَیْسَ لِیْ حُجَّةٌ وَلَا لِیْ عُذْرٌ ۔ فَاعْفُ عَنْ زَلَّتِیْ وَمَا قَدْ جَنَیْتُ

**ترجمو:** (1) آئون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني ڪري چڪس، جڏهن اعمال نامو منهنجي ڪرتوتن کي ظاهر ڪري ڇڏيندو ان وقت مون وٽ ڪو حيلو نہ هوندو.

(2) جڏهن آئون ذلّت ۽ رسوائي جي حالت ۾ بيٺو هوندس مون وٽ ڪو حيلو نہ هوندو، بيشڪ منهنجي (ربّ عَزَّوَجَلَّ) مون کي انهن ڪمن کان منع ڪيو هو (پر) مون نہ ڇڏيا.

(3) اي تمام ٻانهن کان بي نياز! ۽ منهنجي سيني ڪمن جو علم رکڻ وارا.

(4) مون وٽ نہ ڪا حجت آهي ۽ نہ حيلو، تون منهنجي خطائن ۽ گناهن کان درگذر فرماءِ.

## معافي جا طلبگار

حضرت سيدنا علي بن يحيٰ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون ڪجهہ عرصو عسقلان شهر جي هڪ اهڙي بزرگ جي صحبت ۾ گذاريو جيڪي تمام گهڻو روئيندا، ڪثرت سان عبادتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ڪندا هئا ۽ ڪامل ادب ڪرڻ وارا هئا. رات جو تهجد ۽ ڏينهن جو نيڪ عملن ۾ مصروف رهندا هئا. آئون انهن کي اڪثر دعائن ۾ (عبادت ۾

ڪوتاهي تي) عذر پيش ڪندي ۽ استغفار ڪندي ٻڌندو هئس. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هڪ ڏينهن لڪام جبل جي هڪ غار ۾ داخل ٿيا، مون ڏٺو تہ شام جو ان جبل جا رهواسي ۽ درويشن سان محبت رکندڙ ماڻهو انهن وٽ آيا ۽ انهن کان دعائون ڪرائيندا رهيا، صبح جي وقت جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان غار مان واپسي جو ارادو ڪيو تہ انهن ماڻهن مان هڪ شخص بيهي عرض ڪيو: حضور! مون کي ڪا نصيحت فرمايو؟ فرمايائون: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عذر پيش ڪندو ڪر ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تنهنجو حيلو قبول ڪري ورتو تہ تون مغفرت جي ڪاميابي حاصل ڪندين ۽ توکي جنّت جي اعلٰي درجن ڏانهن وٺي ويندو جتي تون پنهنجي خواهشن ۽ آرزوئن جي مطابق رهي سگهندين. پوءِ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن روئڻ لڳا ۽ هڪ دانهن ڪري اُتان ڪان نڪري آيا، ان کانپوءِ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن ڪجهہ ڏينهن زنده رهيا پوءِ سندن جو وصال ٿي ويو. هڪ رات مون انهن کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇا ڪئي: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڇا معاملو فرمايو؟ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن فرمايو: منهنجو محبوب عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهہ کان پاڪ آهي تہ ڪو گنهگار ان جي بارگاهہ ۾ حيلو پيش ڪري مغفرت چاهي ۽ هو ان کي نامراد موٽائي ڇڏي ۽ ان جو حيلو قبول نہ فرمائي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجو عذر قبول فرمائي ورتو ۽ منهنجا گناهہ بخشي ڇڏيا ۽ لڪام جبل وارن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرمائي ورتي. **اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لَاشَيْئَ اَعْظَمُ مِنْ ذَنْبِیْ سِوٰی اَمَلِیْ ... فِیْ حُسْنِ عَفْوِکَ عَنْ جُرْمِیْ وَعَنْ عَمَلِیْ
فَاِنْ یَّکُنْ ذَا وَذَا فَالذَّنْبُ قَدْعَظُمَا ... فَاَنْتَ اَعْظَمُ مِنْ ذَنْبِیْ وَمِنْ زَلَلِیْ

**ترجمو:** (1) منهنجا گناهہ تمام وڏا آهن، پر منهنجي اها اميد ان کان بہ وڌيک آهي تہ تون منهنجي گناهہ ۽ ڪارن عملن جي معاملي ۾ پنهنجي حُسنِ عفو کان ڪم وٺندين.

(2) اي (الله عَزَّوَجَلَّ) تنهنجو شان ڏاڍو بلند ۽ اعليٰ آهي ۽ منهنجو گناهہ باوجود ان جي جو وڏو سهي پر تنهنجي بارگاهہ تہ منهنجي گناهن ۽ خطائن کان گهٽي ئي اعليٰ ۽ عظيم آهي.

## نماز جو طريقو

حضرتِ سيدنا يوسف بن عاصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سامهون حضرتِ سيدنا حاتم اصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ان ڳالهہ جو ذڪر ٿيو تہ حاتم اصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ماڻهن سان زهد ۽ اخلاص جي باري ۾ گفتگو ڪندا آهن تہ حضرتِ سيدنا يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجن ساٿين کي فرمايو: اسان کي انهن وٽ وٺي هلو تہ جيئن اسان انهن کان انهن جي نماز جي ڪيفيّت جي باري ۾ سوال ڪريون، جيڪڏهن اهي ڪامل طريقي سان ادا ڪندا آهن تہ نيڪ آهي، ٻي صورت ۾ اسان انهن کي زهد ۽ اخلاص جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏينداسين. جڏهن اهي ماڻهو حضرتِ حاتم اصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن وٽ پهتا تہ حضرت يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن چيو: اي حاتم! اسان اوهان کان اوهان جي نماز جي باري ۾ پڇڻ جي لاءِ آيا آهيون، حاتم اصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي معاف فرمائي، ڪهڙي شيء جي باري ۾ پڇڻ آيا آهيو، نماز جي معرفت جي باري ۾ يا ان جي ادائيگي جي طريقي جي باري ۾؟ تہ حضرتِ سيدنا يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجن ساٿين ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون: حاتم اسان جي معلومات ۾ ايترو اضافو ڪري ڇڏيو جو اسان ان باري ۾ سوچي بہ نٿي سگهياسين.

پوءِ حضرتِ سيدنا حاتم اصم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي چيو: اوهان اسان

ڪي سڀ ڪان پهريان نماز جي ادائيگي جي باري ۾ ٻڌايو. حضرتِ سيدنا حاتم اصم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: جڏهن نماز جو وقت ٿئي ته ان جي تياري شروع ڪري ڇڏيو ۽ محاسبي سان گڏ نماز لاءِ بيهو ۽ سنّت طريقي سان نماز جي شروعات ڪريو ۽ تعظيم سان تڪبير چئو ۽ ترتيل سان قراءت ڪريو، خشوع سان رڪوع ۽ خضوع سان سجدا ادا ڪريو، سڪون سان سجدي مان مٿو کڻو ۽ اخلاص سان تشهد پڙهو ۽ رحمت سان سلام چئو. حضرتِ سيدنا يوسف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن چيو: اهو ته هو ادائيگي جو طريقو، نماز جي معرفت ڇا آهي؟ فرمايائون: جڏهن توهان نماز پڙهڻ لڳو ته سمجهي وٺو الله عَزَّوَجَلَّ توهان ڏانهن متوجهه آهي تنهنڪري توهان به ان ڏانهن متوجهه ٿي وڃو جنهن جي توجهه توهان ڏانهن آهي ۽ دل جي گهرائي سان اها ڳالهه ڄاڻي وٺو ته الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ويجهو ۽ توهان تي قادر آهي پوءِ جڏهن توهان رڪوع ڪريو ته اها اميد نه رکو ته مٿو کڻي به سگهنداسين ۽ جڏهن رڪوع مان مٿو کڻو ته سجدو ڪرڻ جي اميد نه رکو ۽ جڏهن توهان سجدو ڪري وٺو ته بيهڻ جي اميد نه رکو ۽ جنّت کي پنهنجي ساڄي طرف ۽ دوزخ کي کاٻي طرف جڏهن ته پل صراط کي پنهنجي پيرن هيٺ سمجهو جڏهن توهان ائين ڪري وٺندا ته توهان ڪامل نمازي بڻجي ويندا. حضرتِ سيدنا يوسف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي ساٿين ڏانهن متوجهه ٿيا ۽ انهن سان فرمايائون: اُٿو اسان پنهنجي گذريل زندگي جون سيئي نمازون وَرائي پڙهون.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي اهي شخص! جنهن جي دل مري چڪي آهي ته بدن جي

زندگي کي کھڙي شيءِ نفعو ڏئي سگھي ٿي جڏھن ته تون چڱائي ۽ برائي ۾ فرق نٿو ڪري سگھين. پيري توکان جواني کسي ورتي ته تنھنجا لڙڪ ۽ ڏک کھڙي ڪم جا، جڏھن دل تقوٰي سان خالي ٿي وڃي ته روئي روئي حوض پرڻ به نفعو نه ڏيندو، اي جدائي جا ماريل! صلح جو اھو ئي وقت آھي اڳتي وڌ شايد تنھنجو ڏک ختم ٿي وڃي.

## ھڪ يھودي جو اسلام قبول ڪرڻ

حضرتِ سيدنا عاصم بن محمد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: منھنجو ڪاتيدار ھڪ يھودي ھو، مون ان کي مکي شريف ۾ باڏائيندي ۽ عاجزي سان گڏ دعا گھرندي ڏٺو ته ان جي حسنِ اسلام مونکي حيرت ۾ وجھي ڇڏيو، مون ان کان اسلام (ايمان) آڻڻ جو سبب پڇيو ته ان چيو: آئون ابواسحاق ابراھيم آجري نيشاپوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سِرَن جي بڻي جي باھ کي پڙڪائي رھيا ھئا، آئون انھن سان پنھنجي قرض جو تقاضو ڪرڻ ويو ھئس، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن مون کي فرمايو: مسلمان ٿي وڃ ۽ ھن باھ کان ڏڄ جنھن جو ٻارڻ ماڻھو ۽ پٿر آھن، مون چيو: اي ابواسحاق! توکي منھنجي اسلام نه آڻڻ تي ڪھڙي تڪليف آھي تون به ته دوزخ ۾ ويندين، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: شايد تنھنجي مراد **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ھن قول مان آھي:

وَاِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توھان مان ڪو به اھڙو نه آھي جنھن جو گذر دوزخ تي نه ٿئي.

(پ 16 مريم 71)

مون چيو: ھا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن مونکي فرمايو: مونکي پنھنجا ڪپڙا ڏي، مون پنھنجو ڪپڙو ڏنو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن منھنجي ڪپڙي کي پنھنجي ڪپڙي ۾ ويڙھي ٻئي ڪپڙا تندور ۾

وجهي چڙيا، پوءِ ڪجهه دير ڪان پوءِ وجد ۾ اچي ويا ۽ وڏي آواز سان روئندي تندور ۾ ٽپو ڏنائون، تندور مان باھ جي پڙڪڻ جو آواز اچي رهيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن برندڙ تندور جي وچ مان اهي ڪپڙا ڪنيا ۽ بني جي ٻئي دروازي مان نڪري آيا ۽ انهن جي انهيءَ عمل مونکي خوفزده ڪري ڇڏيو هو، اهڙي طرح آئون حيرت سان ڊوڙندو، انهن وٽ آيس ته ڏٺم انهن جي هٿ ۾ ڪپڙن جي ڳنڍڙي صحيح سلامت اهڙي ئي طرح موجود هئي جهڙي باھ ۾ وجهڻ کان پهرين هئي، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ڳنڍڙي کي کوليو ته منهنجو ڪپڙو مڪمل طور تي انهن جي ڪپڙي ۾ ويڙهيل هئڻ جي باوجود سڙي ڪوئلو ٿي چڪو هو جڏهن ته انهن جو ڪپڙو پورو صحيح سلامت هو ۽ ان کي باھ ڇُهيو به نه هو پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ان آيت مان اها ئي مراد آهي. مون پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي اها ڪرامت ڏسي يڪدم انهن جي هٿ تي اسلام قبول ڪري ورتو. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**منهنجا اسلامي ڀائرو!**

ولين جي احوال جون خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي هونديون آهن جنهن انهن جي دلين ۾ نور ۽ حڪمت جا چشما جاري ڪيا ۽ انهن جي بي حرڪت وجود کي حرڪت ڏني ۽ انهن کي جهڪيل تاري وانگر جهڪائي ڇڏيو ۽ انهن جي روحن جي شيشي کي تمام گهڻو صاف ڪيو ۽ انهن جي لاءِ محبت جو شراب وهايو ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جا حڪم ٻڌڻ جي لاءِ انهن جي ٻڌڻ جي قوتن کي خوش ذوق (سنو شوق ڪندڙ) بڻايو، انهن تي حمايت جي بارش ڪئي ته انهن کي

سجاڳي ننڊ کان پياري ٿي وئي، انهن مان ڪجھ ديوانا ۽ سرشار (خوشي ۾ مست) آهن ۽ انهن جو هر ڏينهن پنهنجي محبوب سان گڏ عيد آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سچي رات سمهڻ واري جي مقابلي ۾ انهن جي اڪيلائي جي رات کي ڏکھو ڪري ڇڏيو تنهنڪري اهي ماڻهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۾ فنا ٿي وڃڻ واري نفس جو شوق رکن ٿا ۽ محروم آهي اهو شخص جنهن جو ڏينهن بدبختي ۾ گذرندو آهي ۽ رات ننڊ ۾ ۽ زندگي دنياوي سامان جي سلسلي ۾ ڊُڪ ڊوڙ ۾ ڪٽجندي آهي چاڪاڻ تہ انهيءَ ئي مصروفيّت ۾ اصل فساد آهي، ان پنهنجي زندگي غفلت ۾ گذاري ۽ پيري ۾ گذريل وقت تي روئي ٿو جيڪو ڪڏهن واپس موٽڻ وارو ناهي، اي گنهگارؤ! روحن جي جسم کان جدا ٿيڻ کان پهرين ئي آخرت جي تياري ڪري وٺو.

## شانِ ولايت

حضرتِ سيدنا يوسف بن حسن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ آئون شام ملڪ جي طرف سفر ڪري رهيو هئس اوچتو منهنجي سامهون هڪڙي رڪاوٽ اچي وئي تہ مون رستو بدلائي ورتو، آئون هڪ صحرا ۾ پهتس تہ مون کي اتي هڪ گِرجا گھر نظر آيو، آئون ان جي ويجهو پهتس تہ مون هڪڙي راهب کي ان گِرجي مان پنهنجو مٿو ٻاهر ڪيندي ڏٺو، ان مونکي چيو: اي شخص! ڇا تون پنهنجي ساٿي جو نڪاڻو ڏسڻ چاهين ٿو؟ مون چيو: منهنجو ساٿي ڪير آهي؟ ان چيو: هِن وادي ۾ هڪڙو شخص تنهنجي دين تي آهي ۽ زماني جي فتنن کان اڪيلائي اختيار ڪري هتي رهائش اختيار ڪئي آهي، مون کي ان جي گفتگو سني لڳندي آهي. مون ان کان پڇيو: توکي ان سان ڳالھ ٻولھ کان ڪنهن روڪيو آهي جڏهن تہ تون ان جي ويجهو

رهين ٿو؟ ان چيو: مون کي منهنجي ڪجهه دوستن هتي روڪي رکيو آهي جن کان مون کي قتل جو خوف آهي پر جڏهن توهان ان وٽ وڃو تہ منهنجو سلام چئي ڇڏجو ۽ منهنجي لاءِ دعا ڪرائجو.

حضرتِ سيدنا حسن بن يوسف رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ آئون ان بزرگ جي طرف روانو ٿي ويس، مون ڏٺو تہ هڪ شخص آهي جنهن جي چوڌاري درندا جمع آهن. جڏهن ان بزرگ مون کي ڏٺو تہ منهنجي ويجهو اچي ويا، اتي مون کي ڪجهہ ماڻهن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا پر انهن مان ڪو نظر نہ اچي رهيو هو، مون ڪنهن چوڻ واري جو آواز ٻڌو جيڪو چئي رهيو هو: هي ڪير فضول شخص اچي ويو آهي جنهن عاملن جي مقام کي لتاڙي ڇڏيو، پوءِ مون هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو نگاهون جهڪائي نرم گفتگو ڪندو هو، ان تي هيبت ۽ وقار ڇانيل هو. مون ان کي هي دعا گهرندي ٻُڌو: اي اللهعَزَّوَجَلَّ! تو مون کي جيڪا پنهنجي معرفت عطا فرمائي آهي ۽ پنهنجي محبت سان گڏ مون کي خاص ڪيو آهي ان تي تنهنجو شڪر آهي، تنهنجي تمام نعمتن ۽ آزمائشن تي تنهنجو شڪر آهي، اي اللهعَزَّوَجَلَّ! پنهنجي رضا جي لاءِ پنهنجي حڪم سان منهنجي درجي کي نيڪن جي درجن تائين بلند فرمائي ڇڏ ۽ مون کي ولين جي درجي تائين پهچائي ڇڏ.

ان کان پوءِ ان هڪ زوردار دانهن ڪري چيو: آه! ان کان سواءِ منهنجو ڪير آهي؟ پوءِ اهي بزرگ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا انهن جي هيبت سان منهنجي زبان بند ٿي وئي جڏهن انهن کي هوش آيو تہ مون کي فرمايائون: هليو وڃ الله عَزَّوَجَلَّ توکي تقوٰي ۽ پرهيزگاري سان مالامال فرمائي. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# محبتِ الٰهي

اي توبهہ ۾ دير ڪندي پيري جي چائنٺ ۾ داخل ٿيڻ وارا! اي پنهنجي جواني کي غفلت ۾ وڃائڻ وارا! اي پنهنجي بدعملي جي سبب خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ مان ڌِڪارجي وڃڻ وارا! تون جواني ۾ غافل رهئين، جيڪڏهن پيري ۾ بہ ائين ئي توبهہ کان محروم رهئين تہ ڪڏهن خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندين؟ اهو دوستن جو طريقو تہ ناهي، تنهنجو ظاهر تہ آباد آهي پر افسوس تنهنجو باطن برباد ۽ ويران آهي، ڪيترين نافرمانيون، مخالفتون، رياڪاريون تون ڪري چڪين جن جي سبب تنهنجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ پردا آڙ ٻڌجي ويا، تو پنهنجي زندگي جا بهترين ڏينهن گناهن ۾ گذاري ڇڏيا. آخر اصلاح جي طرف ڪڏهن ايندين؟ چاڪاڻ تہ پيري کان پوءِ وارا (فضول) ڪم راند روند آهن تہ ٿوري وقت ۾ تون ڪيئن صحيح ٿي سگهين ٿو؟ جيڪڏهن تون پنهنجي گذريل عمر ۾ نيڪين کي اڳيان موڪلين ها تہ تنهنجو حساب هلڪو ٿي وڃي ها. هاڻي اهو ڪيئن هلڪو ٿيندو جڏهن تہ تو پنهنجي زندگي غفلت ۽ دنياوي سامان جمع ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي، جڏهن پيري موت کان ڊيڄاريو ۽ تو سفر جو سامان اڳتي نہ موڪليو تہ تون ڪهڙو جواب ڏيندين؟ ڪاش ڪير مون کي سمجهائي تہ گنهگارن کي پنهنجي زندگي ڪيئن سُني لڳندي آهي:

وَ لَوْ تَرٰۤى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا فَوْتَ وَ اُخِذُوْا مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍۙ﴿۵۱﴾
(پ 22 سبا 51)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جي ڪنهن طرح تون ڏسين جڏهن اهي گهٻرائجي ويندا پوءِ ڀڄي بچي نہ سگهندا ۽ هڪ ويجهي جاءِ کان پڪڙيا ويندا.

## مسجد ۾ غيبت ڪرڻ وارن جي توبھ

حضرتِ سيدنا محمد بن واسع رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مون مسجد ۾ ڪجھ نوجوانن کي ڏٺو جيڪي غيبت ۽ گمراھي ۾ مشغول ھئا، تہ مون انھن کي چيو: ڇا توھان مان ڪو پنھنجي دوست جي مخالفت ڪرڻ پسند ڪندو تہ ھو ان کي ڇڏي ڪنھن ٻي کي دوست بڻائي. نوجوان چوڻ لڳا: نہ. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: (پوءِ ٻہ) اللهعَزَّوَجَلَّ جي گھر ۾ ويھي ان جي حڪم جي مخالفت ڪري رھيا آھيو ۽ ماڻھن جي غيبت ڪري رھيا آھيو. نوجوانن چيو: اسان توبھ ڪريون ٿا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: منھنجا ڀائرو! ھو توھان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ آھي ۽ توھان جو دوست آھي جڏھن توھان ان جي نافرماني ڪندا ۽ ٻيا ماڻھو ان جي فرمانبرداري ڪندا تہ توھان کي نقصان ٿيندو ۽ ٻيا ماڻھو فائدو ڪٽي ويندا تہ پوءِ ڇا اھو توھان کي ناپسند نہ گذرندو؟ نوجوانن عرض ڪيو: جي ھا! ناپسند گذرندو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: ۽ جيڪو ان جي حڪم جي نافرماني ڪندو تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جيڪڏھن چاھي تہ ان کي عذاب ۾ مبتلا فرمائيندو تہ ڇا توھان پنھنجي جواني تي غيرت نہ کائيندا تہ توھان ڪھڙي طرح جھنّم ۾ سڙي رھيا آھيو ۽ عذاب ۾ مبتلا آھيو ۽ ٻيا ماڻھو جنّت ۾ ثواب جو مزو ماڻين، نوجوانن عرض ڪيو: جي ھا. پوءِ انھن ماڻھن توبہ ڪري الله عَزَّوَجَلَّ سان دل لڳائي ورتي. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### ڪجھ شعر

اَلَا فَاسۡلُکۡ اِلَی الۡمَولٰی سَبِيلًا ۔۔۔ وَلَا تَطۡلُبۡ سِوَی التَّقۡوٰی دَلِيلًا

وَسِرۡ فِيۡهَا بِجِدٍّ وَانۡتِهَاضٍ ۔۔۔ تَجِدُ فِيۡهَا الۡمُنٰی عَرَضًا وَطُوۡلًا

وَلَا تَرْكَنْ اِلٰى الدُّنْيَا وَعَوِّلْ ... عَلٰى مَوْلَاکَ وَاجْعَلْهُ وَكِيْلًا
وَاِنْ اَحْبَبْتَ اَنْ تَعْتَزَّ عِزًّا ... يَدُوْمُ فَكُنْ لَهُ عَبْدًا ذَلِيْلًا
وَوَاصِلْ مَنْ اَنَابَ اِلَيْهِ وَاقْطَعْ ... وِصَالَ الْمُسْرِفِيْنَ تَكُنْ نَبِيْلًا
وَلَا تُفْنِ شَبَابَکَ وَاغْتَنِمْهُ ... وَمَثِّلْ بَيْنَ عَيْنَيْکَ الرَّحِيْلَا
وَلَا تَصِلِ الدُّنْيَا وَاهْجُرْ بَنِيْهَا ... عَلٰى طَبَقَاتِهِمْ هَجْرًا جَمِيْلًا
وَعَامِلْ فِيْهِمُ الْمَوْلٰى بِصِدْقٍ ... يَضَعْ لَکَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْقَبُوْلَا

**ترجمو:** (1) ٻُڌ! مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي ٻڌايل رستي تي هل ۽ تقوٰي کي ئي رهنما ٻڻاءِ.
(2) خوب جدوجهد ۽ محنت سان ان رستي تي هل تون انهيءَ ۾ پنهنجا مقصد ماڻي وٺندين.
(3) دنيا تي شيدائي نہ ٿي پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو رک ۽ (پنهنجي ڪمن ۾ انهيءَ کي ئي ڪارساز (قادر مطلق) سمجھ.
(4) جيڪڏهن تون هميشہ رهڻ واري عزت کي محبوب رکين ٿو تہ ان جو عاجز ۽ انڪساري واري طبعيت جو ٻانهو ٻڻجي وڃ.
(5) انهن ماڻهن سان جوڙ جيڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ ڏانهن موٽي آيا ۽ حد کان وڌڻ وارن سان تعلق ٽوڙ تہ تون صاحبِ فضيلت ٿي ويندين.
(6) پنهنجي جواني کي برباد نہ ڪر ان جي قدر ڄاڻ ۽ آخرت جي سفر کي پنهنجي پيشِ نظر رک.
(7) دنيا سان تعلق نہ ڳنڊ هر طرح جي دنيادارن سان خوب چڱي طريقي سان الڳ ٿي وڃ.
(8) ماڻهن سان انهن جي آقا وانگر نيڪ ورتاءُ ڪر **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي دلين ۾ تنهنجي مقبوليّت رکي ڇڏيندو.

## ديني سخاوت

حضرتِ سيدنا يزيد بن حباب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: منهنجو گذر حمدونہ مجنونہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا وٽان ٿيو جيڪي هڪ جڳهہ تي اُن جو هڪ جُبّو پائي وينيون هيون جنهن جي ٻانهن تي مَس سان هي شعر لکيل هو:

سَلَبَ الرُّقَادَ عَنِ الْجُفُونِ تَشَوُّقِیْ فَمَتَی اللِّقَاءُ یَاوَارِثَ الْاَ مْوَاتِ

**ترجمو:** منهنجي شوق جي شدّت اکين مان ننڊ کي پري ڪري ڇڏيو اي موت عطا فرمائڻ وارا! تو سان ملاقات ڪڏهن نصيب ٿيندي.

مون انهن کي سلام ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جن سلام جو جواب ڏنو پوءِ فرمايائون: ڇا تون يزيد بن حباب نه آهين؟ مون چيو: جي ها، پر اوهان ڪيئن سڃاتو، فرمايائون: مون لِڪيل رازن جي معرفت سان تعلق رکيو ته جبّار جي فرشتي جي ٻڌائڻ سان مون تو کي سڃاتي ورتو. پوءِ فرمايائون: آئون توکان هڪڙو سوال پُڇان ٿي. مون چيو: پُڇو. ته فرمايائين: سخاوت ڇا آهي؟ مون چيو: خرچ ڪرڻ ۽ ورهائڻ. فرمايائين: اها ته دنياوي سخاوت آهي، ديني سخاوت ڇا آهي؟ مون چيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ جلدي ڪرڻ. فرمايائين: ڇا اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ کان خير جا طلبگار آهيون؟ مون چيو: جي ها! هڪڙي نيڪي جي بدلي ڏھ جا طلبگار آهيون. فرمايائين: اي يزيد! اطاعت ۾ جلدي اها ته ناهي بلڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ اڳتي وڌڻ اهو آهي ته عبادت ڪندي وقت تون پنهنجي دلي ڪيفيّت کان بي خبر رهين جڏهن ته تون ان کان هڪڙي شيءِ جي بدلي ٻي شيءِ جو طلبگار آهين. پوءِ هي شعر پڙهيا:

حَسْبُ الْمُحِبِّ مِنَ الْحَبِیْبِ بِعِلْمِهٖ اَنَّ الْمُحِبَّ بِبَابِهٖ مَطْرُوْحُ
فَاِذَا تَقَلَّبَ فِی الدُّنْیَا فَفُؤَادُهٗ بِسِهَامِ لَوْعَاتِ الْهَوٰی مَجْرُوْحُ

**ترجمو:** (1) محبت ڪندڙ جي لاءِ ايتري ئي ڳالھ ڪافي آهي جو ان جو محبوب ڄاڻي ٿو ته محب ڪي منهنجي دروازي تي وڌو ويو آهي.

(2) جڏهن محبت ڪندڙ دنيا جي خرابين ۾ پئجي وڃي ته ان جي دل خواهشن جي مرض جي تيرن سان چٽجي ويندي. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# حور سان نڪاح

حضرتِ سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن هڪ دفعي اها آيت سڳوري تلاوت فرمائي:

وَ اتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۲۸۱﴾ (پ 3 البقرة 281)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ الله ڏانهن موٽندؤ ۽ هر جان کي سندس ڪمائيءَ جو بدلو پورو پورو ڏنو ويندو ۽ انهن سان ظلم نه ٿيندو.

پوءِ فرمايائون: هي اُها ئي نصيحت آهي جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي فرمائي آهي ۽ ان جو مطلب اهو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جو ولي ماڪي جي نهر وٽ ٽيڪ لڳائي وينو هوندو، حورون ان کي پيالا ڏئي رهيون هونديون ۽ اهي بِئي نعمت ۽ خوشي ۾ هوندا، حورون چونديون: اي الله جا دوست! ڇا تون ڄاڻين ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو نڪاح تو سان ڪڏهن ڪيو هو؟ هو چوندو ته نه، آئون نٿو ڄاڻان. هوءَ چوندي: هڪ ڏينهن سخت گرمي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ توکي اُڃ جي شدّت جي حالت ۾ ڏٺو ته ملائڪن جي سامهون توتي فخر ڪندي فرمايو: اي منهنجا فرشتؤ! منهنجي هن ٻانهي ڏانهن ڏسو جنهن پنهنجي لذّت جي خواهش، زال ۽ کائڻ پيئڻ کي منهنجي انعامن جي خواهش ڪندي ڇڏي ڏنو آهي، آئون توهان کي گواهه بڻايان ٿو ته مون ان کي بخشي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجي مغفرت فرمائي، مون کي تنهنجي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيو هو. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو!

انهن دين جي بزرگن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تعالٰي جي خوبي الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي لاءِ

آهي، جنهن انهن کي پنهنجي محبت سان عزت وارو ڪيو ته صحيح دل رکڻ وارا ماڻهو انهن جي ويجهو اچي ويا، انهن کي پنهنجي دعائن ۾ لذّت عطا فرمائي ته انهن مان هر هڪ ان جي محبت ۾ سرشار ٿي ويو، انهن جي دلين کي پنهنجي محبّت سان پري چڏيو ته انهن جي سچي رات ان ئي محبت ۾ ڪٽجڻ لڳي، انهن جي دلين کي نفس جي خواهشن کان پاڪ ڪيو ويو ته انهن مان دنيا جي محبّت ختم ٿي وئي ۽ آخرت جي محبت گهر ڪري وئي، اهي ڪنهن حال ۾ به **الله** عَزَّوَجَلَّ جي غير کي نٿا سڃاڻن، انهن نعمتن سان لطف وٺڻ وارا خوش نصيب آهن ۽ اهي نعمتون به سعادت واريون آهن.

## ڪجھ شعر

لِلصَّالِحِينَ كَرَامَاتٌ وَّ اَسْرَارٌ ... لَهُمْ مِنَ اللهِ تَخْصِيصٌ وَ آثَارُ
صَفَتْ قُلُوبُهُمْ لِلّٰهِ وَ اتَّصَفَتْ ... بِالصِّدْقِ وَاكْتَنَفَتْ بِالنُّورِ اَنْوَارُ
وَاسْتَغْرَقَتْ كُلَّ وَقْتٍ مِّنْ زَمَانِهِمْ ... فِىْ طَاعَةِ اللهِ اَوْرَادٌ وَّاَذْكَارُ
صَامُوْا النَّهَارَ وَقَامُوْا اللَّيْلَ مَاسَئِمُوْا ... حَتّٰى تَعَرَّتْ عَلَى الظَّلْمَاءِ اَسْحَارُ
خَلَوْا بِهِ وَرِوَاقُ اللَّيْلِ مُنْسَدِلٌ ... حَتّٰى لَهُمْ قَدْ تَجَلَّتْ مِنْهُ اَنْوَارُ
طُوْبٰى لَهُمْ فَلَقَدْ طَابَتْ حَيَاتُهُمْ ... وَشُرِّفَتْ لَهُمْ فِىْ النَّاسِ اَقْدَارُ
فَازُوْا مِنَ اللهِ بِالزُّلْفٰى وَاَسْكَنَهُمْ ... جَنَّاتِ عَدْنٍ فَنِعْمَ الدَّارُ وَالْجَارُ

**ترجمو:** (1) نيڪ ڪم ڪرڻ وارن جي لاءِ عزتون ۽ خاص پوشيده راز آهن، انهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان خصوصيتون ۽ نشانيون (ڪرامتون) عطا ٿيون آهن.

(2) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ انهن جون دليون گناهن جي مٽي، گند کان پاڪ ٿي سچائي جي خوبي رکڻ واريون ٿي ويون ۽ معرفت جي نور سان دل جا انوار چمڪڻ لڳا.

(3) ۽ هو پنهنجي زندگي ۾ هر گهڙي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ ان جي ياد ۾ مشغول رهن ٿا.

(4) اهي ڏينهن کي روزي ۽ رات کي قيام (عبادت) ۾ گذاريندا آهن، بيزار ناهن ٿيندا ايستائين جو اونداهي (رات) تي سحر (صبح) ظاهر ٿي ويندي آهي.

(5) جڏهن رات پنهنجا پردا وجهي ڇڏيندي آهي تہ اهي ماڻهو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اڪيلائي اختيار ڪندا آهن ايستائين جو ان جا انوار ۽ تجليون انهن تي روشن ٿي ويندون آهن.

(6) خوشخبري آهي انهن جي لاءِ جو انهن جي زندگي درست ٿي وئي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ انهن جي عزت وڌائي وئي.

(7) اهي ماڻهو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي قرب جي سبب ڪامياب ٿي ويا ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهن کي جنتِ عدن ۾ ترسايو تہ ڪهڙو ئي سنو نڪاڻو ۽ پاڙو آهي.

## ڪرامت

حضرتِ سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرَم مڪي پاڪ جي ڪنهن جبل تي پنهنجي ساٿين سان گڏ ڳالهہ ٻولهہ ۾ مصروف هئا تہ اوچتو پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جن فرمايو: جيڪڏهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ولين مان ڪو ولي هِن جبل کي چوي تہ پنهنجي جڳهہ بدلائي تہ هي پهاڙ ضرور پنهنجي جڳهہ بدلائيندو، ان دؤران اهو جبل لُڏڻ لڳو، حضرتِ سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرَم جن ان کي ٺُڏو هڻي فرمايو: بيهي رهو! آئون تہ صرف پنهنجي ساٿين کي مثال ڏئي رهيو هئس.

(حلية الاولياء الرقم 11179 ج 8 ص 4)

اهڙي ئي طرح حضرتِ سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرَم هڪڙي دفعي سمنڊ جو سفر فرمائي رهيا هئا تہ طوفاني هوائون هلڻ لڳيون. پر حضرتِ سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرَم (وهاڻي تي) مٿو رکي سمهي رهيا تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جا ساٿي چوڻ لڳا: ڇا اوهان نہ پيا ڏسو تہ اسان ڪيتري شديد آزمائش ۾ آهيون. فرمايائون: ڇا هي شدّت آهي؟ ساٿين عرض ڪيو: جي ها! فرمايائون: اها شدّت ناهي بلڪ شدّت تہ ماڻهن جو محتاج هئڻ آهي، پوءِ عرض ڪيائون: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! تو پنهنجي قدرت تہ اسان کي ڏيکاري، هاڻي اسان کي

پنهنجو ڪرم ۽ ڏيکار ته پوءِ سڄو سمنڊ زيتون جي پيالي وانگر (ساڪن) ٿي ويو. (حلية الاولياء 1394 رقم 11185 ج 8 ص 5 بتغير)

سنڌن باري ۾ منقول آهي: پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجن ساٿين سان گڏ ڪنهن رستي تان گذري رهيا هئا جو هڪ شينهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي ساٿين جي سامهون اچي ويو. انهن گهبرائجي عرض ڪيو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه شينهن سان مخاطب ٿي فرمايو: اي شينهن! جيڪڏهن توکي اسان جي باري ۾ ڪو حڪم مليو آهي ته انهيءَ حڪم تي عمل ڪر، ٻي صورت ۾ اسان جو رستو ڇڏي ڏي. اهو شينهن پنهنجو پُڇ لوڏڻ لڳو ۽ پوءِ اتان ڪان ڀڄي ويو، سنڌن ساٿي اهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا. (حليةالاولياء، رقم 11182،ج 8 ص 5 بتصرف)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کا یا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمت گاروں کی سرکار کا عالم کیا ہوگا

## ولين جا حالات

اي بغير توشي جي سفر ڪرڻ وارا! منزل تمام پري آهي جڏهن ته تنهنجي اک خشڪ ۽ دل لوهه کان وڌيڪ سخت آهي، جڏهن تون هر نئين اچڻ واري ڏينهن ۾ گناهن جي سمنڊ ۾ غرق رهندو آهين ته مصيبت جو توکان وڌيڪ حقدار ڪير هوندو؟ افسوس! جواني توکي سجاڳ ڪري نه سگهي ۽ نه ئي پيري توکي خوفزده ڪري سگهي، حيف ته ان ڳالهه تي آهي جو تنهنجي وارن جي سفيدي ۽ توکي گناهن کان روڪي نه سگهي، مون کي تنهنجي ڪاميابي تمام مشڪل نظر اچي رهي آهي، فڪرِ آخرت ڪرڻ وارن کي ڏس

تہ اهي ڪتي پُڳا آهن؟ اهي آرام ده بستري ڪي ويڙهي روئڻ ۽ آخرت جي فڪر ۾ لڳي ويا، انهن جي ڳلن تي وهندڙ لڙڪن نشان وجهي ڇڏيا، اي گهٽ همت وارا! اي ڏڪاريل! تنهنجو شمار محبت ڪرڻ وارن ۽ عاشقن ۾ ڇو نہ ٿيو.

## ڪجھ شعر

لِاَمرٍ مَا تَغَيَّرَتِ اللَّيَالِىُ — وَاَنْتَ عَلَى الْبَطَالَةِ لَا تُبَالِى
تُبِيْتُ مُنَعَّمًا فِىْ خَفْضِ عَيْشٍ — وَتُصْبِحُ فِىْ هَوَاكَ رَخِىَّ بَالِ
اَلَمْ تَرَ اَنَّ اَثْقَالَ الْخَطَايَا — عَلَى كَتِفَيْكَ اَمْثَالَ الْجِبَالِ
اَتَكْسِبُ مَا اكْتَسَبْتَ وَلَا تُبَالِى — فَهَلْ هُوَ مِنْ حَرَامٍ اَوْ حَلَالِ
اِذَامَا كُنْتَ فِى الدُّنْيَا بَصِيْرًا — كَفَفْتَ النَّفْسَ عَنْ طُرُقِ الضَّلَالِ
اَلَا بِاَبِىْ خَلِيْلٍ بَاتَ يُحْيِى — طَوِيْلَ اللَّيْلِ بِالسَّبْعِ الطِّوَالِ
بِقَلْبٍ لَا يَفِيْقُ عَنِ اضْطِرَابٍ — وَجَفْنٍ لَا يَكُفُّ عَنِ انْهِمَالِ
اَرَى الْاَيَّامَ تَنْقُلُنَا وَ شِيْكًا — اِلَى الْاَجْدَاثِ حَالًا بَعْدَ حَالِ
سَاَقْنَعُ مَاحَيِيْتُ بِشَطْرِ بُرٍّ — اُشَيِّعُهُ بِرِيٍّ مِنْ زُلَالِ
اِذَا كَانَ الْمَصِيْرُ اِلَى هَلَاكٍ — فَمَا لِىْ وَالتَّنَعُّمُ ثُمَّ مَا لِىْ؟
اَمَّالِىْ عِبْرَةٌ فِيْمَنْ تُفَانِىْ — عَلَى الْاَيَّامِ مِنْ عَمٍّ وَّخَالِ
كَاَنَّ بِنِسْوَتِىْ قَدْ قُمْنَ خَلْفِىْ — وَنَعْشِىْ فَوْقَ اَعْنَاقِ الرِّجَالِ
يُعَجِّلْنَ الْمَسِيْرَ وَلَسْتُ اَدْرِىْ — لِدَارِ الْفَوْزِ اَمْ دَارِ النَّكَالِ
يَبِيْدُ الْكُلُّ مِنَّا دُوْنَ شَكٍّ — وَيَبْقَى اللهُ رَبِّىْ ذُوالْجَلَالِ

**ترجمو:** (1) راتيون ڪنهن ڪم جي ڪري بدلجنديون ناهن پوءِ بہ تون بيڪار ڪمن ۾ مشغول آهين ۽ توکي انهيءَ جي پرواھ بہ ناهي.

(2) تون خوشحال زندگي جي رات نعمتن ۾ گذارين ٿو ۽ نفساني خواهشن ۾ مطمئن ٿي صبح ڪرين ٿو.

(3) جبلن جي مثل تنهنجي ڪلهن تي موجود گناهن جو وزن ڇا توکي نظر نٿو اچي.

(4) جيڪو چاهين ٿو ڪرين ٿو ۽ انهيءَ شيءِ جي پرواھ نٿو ڪرين تہ حرام مان

آهي يا حلال مان.

(5) جيڪڏهن دنيا ۾ تون صاحبِ نظر هوندين تہ پنهنجي نفس ڪي گمراهي جي رستن کان بچائي وٺندين.

(6) ٻڌا! سيدي حضرت ابوخليل ڏکهي رات بہ ست وڏيون سورتون پڙهڻ ۾ گذاري ڇڏيندا هئا.

(7) (انهن سورتن ڪي) پڙهڻ وقت انهن جي دل بيتاب ۽ اکيون اشڪبار هونديون هيون.

(8) آئون ڏسي رهيو آهيان تہ زندگي جا ڏينهن اسان ڪي لمحو بہ لمحو تيزي سان قبرن ڏانهن منتقل ڪري رهيا آهن.

(9) ڪٿڪ جي جنهن مقدار سان زندگي باقي رهي، آئون انهيءَ تي قناعت ڪري انهيءَ ڪي بهترين پاٿي سان نرم ڪري وٺندس.

(10) جڏهن آخرڪار مرڻو ئي آهي تہ منهنجو ۽ عيش عشرت واري زندگي جو ڪهڙو واسطو؟

(11) جا چاچن ۽ مامن جي زماني جي هٿان هلاڪت، مون لاءِ ڪا عبرت نہ آهي؟

(12) (مون ڪي سمجهڻ گهرجي) جڻ مون کان پوءِ منهنجون عورتون بيڻل جو بيڻل ئي رهجي ويون ۽ منهنجو جنازو ماڻهن جي ڪلهن تي آهي.

(13) مونکي جلدي جلدي (قبر ڏانهن) وني وڃي رهيا آهن ۽ مون ڪي خبر ناهي منهنجو نڪاڻو جنّت ٿيندو يا دوزخ.

(14) بيشڪ اسان مان هر هڪ فنا ٿي ويندو، فقط منهنجو رب الله ذوالجلال باقي رهندو.

## عاجزي

حضرتِ داوٗد طائي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي هڪ شاگرد جو بيان آهي: هڪ دفعي آئون سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مون کان پڇيو: ڪيئن اچڻ ٿيو؟ مون عرض ڪيو: زيارت لاءِ حاضر ٿيو آهيان. پاڻرَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: تون مون سان ملڻ آئين، اها سٺي ڳالهہ آهي پر اهو تہ ڏس تہ تنهنجو اهو ڪم مون لاءِ ڪيترو نقصان ده

آهي جڏهن مونکي اهو چيو ويندو: تون ڪير تيندو آهين جو تنهنجي زيارت ڪئي وڃي، ڇا تون عبادت گذار هئين؟ ڇا تون دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ وارن مان هئين؟ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي نفس کي دڙڪا ڏيندي چوڻ لڳا: جواني ۾ تون بدڪار هئين، اڌوُت عمر ۾ تون ڌوڪيباز ٿي وئين ۽ جڏهن پوڙهو ٿئين ته رياڪار بڻجي وئين، خدا جو قسم! رياڪار فاسق کان به بدتر آهي. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه دعا گهرڻ لڳا: اي زمين و آسمان جا خدا عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي طرفان مون کي اهڙي رحمت عطا فرماءِ جيڪا منهنجي جواني جي اصلاح ڪري ۽ مون کي هر برائي کان بچاءِ ۽ صالحين جي بلند مقامن ۾ منهنجو ٺڪاڻو بلند ڪر. **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو!**

انهن اوليائن جا مقام ۽ انهن جون ڪرامتون ڀڏو جنهن کي مولا عَزَّوَجَلَّ پنهنجي لاءِ خاص فرمايو ۽ پنهنجي فضل سان ڏکي ڇڏيو.

## شينهن جي اطاعت

حضرتِ عبدالله بن عبدالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي حضرتِ سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرتِ شيبان راعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان گڏ حج جي ارادي سان نڪتا. رستي ۾ انهن کي هڪ شينهن نظر آيو ته حضرتِ سفيان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهن کي چوڻ لڳا: هن شينهن کي ڏس هي اسان جو رستو روڪي رهيو آهي ۽ ماڻهن کي ڊيڄاري رهيو آهي، حضرتِ شيبان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: ڊڄو نه. جڏهن شينهن حضرتِ شيبان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ڪلام ٻڌو ته پنهنجو پڇ لوڏيندو انهن وٽ آيو. حضرتِ شيبان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ان جو ڪن پڪڙي ان کي

مروڙيو تہ هو پنهنجو پچ لوڏڻ لڳو ۽ پٺ ڦيري هليو ويو. حضرتِ سفيان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پڇيو: اي شيبان! ڇا اها شهرت نہ آهي؟ فرمايائون: اي سفيان! نہ، هي نمائش نہ آهي جيڪڏهن مون کي شهرت جو خوف نہ هجي ها تہ آئون مکي شريف تائين پنهنجو سامان انهيءَ تي رکي کڻي وڃان ها. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تبرڪ جي مِٺاڻ

حضرتِ عبدالرحمٰن بن ابوعباد مکي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان وٽ هڪ بزرگ تشريف وٺي آيا جن جي ڪنيّت ابو عبداللّٰه هئي. آئون سحري جي وقت زم زم شريف جي کوھ تي پهتس تہ ڏٺم، اهي بزرگ پنهنجي ڇهري تي ڪپڙو رکيو تشريف وٺي اچي رهيا آهن. کوھ تي پهچي انهن آبِ زمزم ڪڍيو ۽ پيئڻ لڳا تہ آئون انهن جو اوبر حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيس. جڏهن مون ان کي پيتو تہ اهو ماکي مليل پاڻي هو، مون انهيءَ کان سنو پاڻي ڪڏهن نہ پيتو هو. پاڻي پيئڻ کانپوءِ جڏهن مون انهن سان ملڻ چاهيو تہ هو هليا ويا هئا. اڳين رات جڏهن سحري جو ٽائيم ٿيو تہ آئون وري زمزم جي کوھ تي حاضر ٿيس ۽ ڏٺم تہ اهي بزرگ بہ مسجد جي دروازي مان پنهنجي منهن تي ڪپڙو وجهي تشريف وٺي اچي رهيا آهن، اهي وري کوھ تي آيا ۽ پاڻي ڪڍي پيئڻ لڳا. آئون انهن جو اوبر پيئڻ لاءِ اڳيان وڌيس تہ انهيءَ کي لذيذ ۽ بهترين ستّو محسوس ڪيم. جڏهن ٽين رات تي تڏهن بہ اهي تشريف وٺي آيا ۽ پاڻي ڪڍڻ لڳا. مون انهن جي اوڍيل چادر پنهنجي هٿ تي ويڙهي ۽ مون جڏهن انهن جو بچيل زمزم پيتو تہ ڏٺم تہ اهو کنڊ مليل کير آهي، مون ان جهڙي

لذيذ شيءِ کڏهن نہ پيتي هئي، مون انهن کي التجا ڪئي: اي شيخ! اوهان کي انهيءَ بيت الحرام جو واسطو! ٻڌايو اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: منهنجي ڳالهہ راز ۾ رکندين؟ مون چيو: جي ها، فرمايائون: آئون سفيان ثوري (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) آهيان. اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اهي پاڪيزه هستيون اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي ئي عبادت ڪن ٿيون. انهن پاڻ کي محبتِ اِلٰهي ۾ فنا ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو هر وقت انهيءَ جا ئي مشتاق رهندا آهن. هن دنيا جي بادشاهي کي پيرن جي زنجير ٻڌجڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ انهن تي غيرت فرمائيندي انهن کي غيرن کان لڪائي ڇڏيو ۽ انهن کي تسليم و رضا جي سَنَد عطا فرمائي ۽ شربتِ اِلهام پياريو.

ڪاش! ڪو هجي ها جيڪو گنهگار تي پردو وجهي ڇڏي ها تہ جيئن هو ان ڪريم جي در تي موٽي اچي ها ۽ اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي انهيءَ رحمت جي ڪري ان جي ويجهو ٿي وڃي تہ جيڪا گنهگارن لاءِ خاص آهي تہ جيئن اطاعت ۾ رهجي وڃڻ وارن جي گهٻراهٽ ختم ٿي وڃي، انهيءَ ڪري اللهُ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوبِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذريعي هي پيغام موڪليو آهي:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝۵۳ (پ 24 الزمر53)

ترجموڪنزالايمان: تون فرماءِ اي منهنجا اهي ٻانهوءَ جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي اللہ جي رحمت کان نا اميد نہ ٿيو، بيشڪ اللہ سمورا گناهہ بخشي ٿو بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

**شعر**

اَلَاقِفْ بِبَابِ الْجُوْدِ وَاقْرَعْهُ نَادِمًا تَجِدْهُ مَتٰى مَا جِئْتَهٗ غَيْرَ مُرْتَجٖ
وَقُلْ عَبْدُ سُوْءٍ خَوَّفَتْهُ ذُنُوْبُهٗ فَمَدَّ اِلَيْكُمْ ضَارِعًا كَفَّ مُرْتَجٖ

**ترجمو** (1) ٻڌا! جود و ڪرم واري بارگاهه ۾ حاضر ٿي وڃ ۽ ندامت جي صدا ڏي تون جڏهن حاضر ٿيندين ان ڪي تڙي ڇڏيندڙ نہ لهندين.
(2) ۽ عرض ڪر! هي اهو گنهگار ٻانهو آهي جنهن کي گناهن خوفزده ڪري ڇڏيو آهي ۽ هي وڏي عاجزي ۽ انڪساري سان اميد جو دامن ڦهلائي بارگاهہ ۾ حاضر آهي.

## سُئي ملي وئي

صحابيءِ رسول حضرتِ سيدنا ابو ريحانہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي باري ۾ مروي آهي تہ اهي سمنڊ ۾ سفر جي دؤران ڪجهہ سبي رهيا هئا تہ انهن جي سُئي ڪِري پئي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن عرض ڪيو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! آئون توکي انهيءَ وقت تائين قسم ڏيندو رهندس جيستائين تون مونکي منهنجي سُئي نہ موٽائي ڏين. انهن جي سُئي ملي وئي ۽ انهن هٿ وڌائي وٺي ورتي.

پوءِ جڏهن سمنڊ ۾ طوفان آيو ۽ ٻيڙي وارا ڏاڍا پريشان ٿي ويا تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ سمنڊ کي فرمائڻ لڳا: بيهي رهہ تون تہ هڪ حبشي غلام وانگر آهين. سمنڊ رڪجي ويو ايستائين جو زيتون وانگر ٿي ويو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## انعاماتِ الٰهي

اي منهنجا ڀاءُ!

تو پنهنجي زندگي راند روند ۾ وڃائي ڇڏي جڏهن تہ ٻيا ماڻهو پنهنجون مرادون ماڻي ويا ۽ تون انهن کان پوئتي رهجي

وئين، پيا ته بخشش حاصل ڪري ويا جڏهن ته تون نفساني خواهشن ۽ تنگدستي جي خوف ۾ مبتلا رهئين، ڇا تو ڪڏهن ٻڌو آهي ته (مرڻ کانپوءِ) فلان موتي آيو ۽ ان توبهه ڪري ورتي.

اي اهي شخص، جنهن وٽ خوش بختي جو وقت موجود آهي! ته پوءِ نفساني خواهشن جي چنبي مان ڪڏهن جان ڇڏائيندين ۽ ڪڏهن پنهنجي عزت واري، خوبين واري مولا عَزَّوَجَلَّ ڏانهن رجوع ڪندين؟ اي مسڪين! ڪاش تون توبهه ڪرڻ وارن جي غم کي ڏسي وٺين ها ۽ خوف رکڻ وارن جي وعيد جي هولناڪي سان تيڻ واري بيقراري کي ڏسي وٺين ها جِن پنهنجي اکين جي ٺڏاڻ کي نماز، زڪوٰة ۽ دنيا سان بي رغبتي ۾ رکيو، جڏهن ته بدبختن پنهنجيون جوانيون غفلت ۾ ۽ پيري حِرص ۽ وڏين اميدن ۾ برباد ڪري ڇڏي، تو نه پنهنجي جواني جو فائدو حاصل ڪيو ۽ نه ئي پنهنجي پيري ۾ رجوع، اي پنهنجي جواني ۽ پيري برباد ڪرڻ وارا!

الله تعالىٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَوْ تَرٰۤى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا فَوْتَ وَاُخِذُوْا مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿۵۱﴾ (پ 22 سبا 51)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جي ڪنهن طرح تون ڏسين جڏهن اهي گهٻرائجي ويندا پوءِ ڀڄي بچي نه سگهندا ۽ هڪ ويجهي جاءِ کان پڪڙيا ويندا.

## ڪجهه شعر

عَمِلْتُ عَلَى الْقَبَائِحِ فِیْ شَبَابِیْ — فَلَمَّا شِبْتُ عُدْتُ اِلَى الرِّيَاءِ
فَلَا حِيْنَ الشَّبَابِ حَفِظْتُ دِيْنِیْ — وَلَا حِيْنَ الْمَشِيْبِ طَبَبْتُ دَائِیْ
فَشَابٌّ عِنْدَ مَصْغَرِهٖ غَوِیٌّ — وَشَيْخٌ عِنْدَ مَكْبَرِهٖ مُرَائِیْ
قَضَاءٌ سَابِقٌ فِیْ عِلْمِ غَيْبٍ — فَيَا لِلّٰهِ مِنْ سُوْءِ الْقَضَاءِ

**ترجمو:** (1) آئون جواني ۾ گناهن ۾ لڳيو رهيس جڏهن پيري طاري ٿي ته ريا ۾ پئجي ويس.

(2) نہ جواني جي حالت ۾ پنهنجي دين جي حفاظت ڪري سگهيس ۽ نہ ئي پيري ۾ مرضِ گناهہ جو علاج ڪري سگهيس.
(3) آئون اهو جوان آهيان جيڪو ننڍي عمر ۾ گمراهہ ٿي ويو ۽ آئون اهو پوڙهو آهيان جيڪو پيري ۾ رياڪار بڻجي ويس.
(4) پردهءِ غيب ۾ تقدير جو فيصلو ٿي چڪو اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئون بري تقدير کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو.

## حِڪمت ڀريو جواب

اميرالمؤمنين حضرتِ سيدنا عمربن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ حضرتِ سيدنا حذيفہ بن يمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان ملاقات ڪئي تہ انهن کي فرمايائون: اي حذيفہ! تو صبح ڪيئن ڪئي؟ عرض ڪيائين: اي اميرالمؤمنين! مون ان طرح صبح ڪئي جو فتني سان محبت ڪريان ٿو ۽ حق کي ناپسند ڪريان ٿو ۽ اهو چوان ٿو جيڪو پيدا ناهي ٿيو ۽ انهيءَ ڳالهہ جي گواهي ڏيان ٿو جنهن کي مون ڏٺو ناهي ۽ بغير وضو جي صلوٰة پڙهان ٿو ۽ مون وٽ زمين تي هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ آسمانن ۾ نہ آهي. سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهيءَ ڳالهہ تي تمام غضبناڪ ٿيا ۽ انهن جي پڪڙ جو ارادو فرمايائون پر پوءِ انهن جي نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان صحبت يعني صحابيّت جو خيال آيو تہ رڪجي ويا. ايتري ۾ حضرتِ سيدنا عليُّ المرتضٰي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم اتان کان گذريا تہ اميرالمؤمنين سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جي چهري تي غضب جا آثار ملاحظہ فرمايائون تہ پڇڻ لڳا: اي امير المؤمنين! اوهان کي ڪهڙي ڳالهہ غضبناڪ ڪري ڇڏيو آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن پورو قصو ٻڌايو تہ مولا علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن فرمايو: اوهان کي هن سان ناراض نہ ٿيڻ گهرجي ڇو تہ هن جو قول تہ آئون فتني سان

محبت ڪريان، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هِن فرمان جي تاويل آهي:

اِنَّمَاۤ اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ؕ (پ 28 التغابن 15)

ترجموڪنزالايمان: توهان جو مال ۽ توهان جا ٻار امتحان ئي تہ آهن.

۽ هن جي ان قول ”آئون حق کي ناپسند ڪريان ٿو“ ۾ حق مان مراد موت آهي جنهن کان ڪنهن کي ڇوٽڪارو ڪونهي ۽ نہ ئي ڪو انهيءَ کان بچي سگهي ٿو ۽ هن جي ان قول ۾ ”اها ڳالهہ چوان ٿو جيڪا پيدا نہ ڪئي وئي“ مان مراد قرآن پاڪ آهي جو هي قرآنِ پاڪ پڙهن ٿا ۽ قرآن مخلوق ناهي ۽ انهن جي هن قول ”انهيءَ ڳالهہ جي گواهي ڏيان ٿو جنهن کي مون ڏٺو ناهي“ جو مطلب هي آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي تصديق ڪريان ٿو حالانڪ انهيءَ کي ڏٺو ناهي ۽ هن جي انهيءَ قول ”بغير وضو جي صلوٰة پڙهان ٿو“ جو مطلب هي آهي تہ هي نبيءِ مڪرم، نورِ مُجسّم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بغير وضو جي درود پاڪ پڙهن ٿا، هن جي انهيءَ قول ”مون وٽ زمين تي اهڙي شيءِ آهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ آسمانن ۾ نہ آهي“ مان مراد زال ۽ ٻار آهن جو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ انهن مان ڪا شيءِ ناهي. حضرتِ سيدنا عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: اي ابو الحسن! اللّٰه توکي ڪيتري ذهانت عطا فرمائي آهي بيشڪ توهان منهنجو هڪ تمام وڏو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هڪ تاجر جي توبهہ

دمشق جو هڪ شخص جنهن جو نالو ابو عبدالرّب هو ۽ هو پوري دمشق ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار هو، هڪ دفعي هو سفر لاءِ روانو ٿيو تہ هن کي هڪ ندي جي ڪناري ڪنهن چراهگاهہ ۾ رات

ٿي وئي تہ هو اتي ئي ترسي پيو. انهيءَ کي چراهگاهہ جي هڪ پاسي کان هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڪو ڪثرت سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪري رهيو هو، هو شخص انهيءَ آواز جي تلاش ۾ نڪتو تہ ڏٺائين تہ هڪ شخص ٽڏي ۾ ويڙهيل آهي، هن انهيءَ شخص کي سلام ڪيو ۽ ان کان پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ ان شخص جواب ڏنو: هڪ مسلمان آهيان، هن دمشقي ان کان پڇيو: اوهان اها ڪهڙي حالت ٺاهي آهي؟ ان جواب ڏنو: اها نعمت آهي جنهن جو شڪر ڪرڻ مون تي واجب آهي، دمشقي چيو: تون ٽڏي ۾ ويڙهيل آهين اها ڪهڙي نعمت آهي؟ ان چيو: **الله** تعالٰي مون کي پيدا فرمايو، منهنجي تخليق کي بهتر ڪيو ۽ منهنجي پيدائش و پرورش کي اسلام ۾ رکيو ۽ منهنجي عضون کي تندرست ڪيو ۽ جن شين جو ذڪر مون کي ناپسند آهي انهن کي لڪايو تہ جيڪو مون وانگر شام ڪندو هجي انهيءَ کان وڌيڪ نعمت ۾ ڪير هوندو؟

اهو دمشقي چوي ٿو تہ مون ان کي چيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي، اوهان مون سان گڏ هلڻ پسند فرمائيندا، اسان اتي ئي اوهان جي ويجهو ندي جي ڪناري ترسيل آهيون؟ انهيءَ شخص چيو: چو؟ هن چيو: انهيءَ لاءِ جو اوهان ڪجهہ ڪاڌو وغيره کائي وٺو ۽ اسان اوهان جي خدمت ۾ ڪجهہ اهڙيون شيون پيش ڪريون جيڪي اوهان کي ٽڏي ۾ ويڙهجڻ کان بي نياز ڪري ڇڏين. ان چيو: مون کي انهن شين جي ڪا ضرورت نہ آهي. اهو چئي ان مون سان گڏ هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ آئون واپس موٽي آيس. (انهيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪانپوءِ) مان پاڻ کي حقير سمجهڻ لڳس، مون (پنهنجي دل ۾) چيو: مون دمشق ۾ پاڻ کان وڌيڪ مالدار ڪونہ ڏٺو پوءِ بہ آئون

وڏيڪ جي تلاش ۾ آهيان، پوءِ مون بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! آئون تنهنجي بارگاهه ۾ پنهنجي هن حال کان توبهه ڪريان ٿو، ائين مون توبهه ڪري ورتي ۽ ڪنهن کي ڪا خبر نه پئي، جڏهن صبح ٿي ته ماڻهن سفر جي تياري شروع ڪئي ۽ منهنجي سواري مون وٽ وٺي آيا ته مون اهو سوچي انهيءَ جو رخ دمشق طرف ڦيري ڇڏيو جو جيڪڏهن وري آئون تجارت ۾ مصروف ٿي ويس ته آئون توبهه ۾ سچو نه آهيان، منهنجي قوم انهيءَ تبديلي جو سبب پڇيو ته مون انهن کي پنهنجي توبهه جي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيو، انهن مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ جي لاءِ اصرار ڪيو پر مون انڪار ڪري ڇڏيو.

راوي چون ٿا ته دمشق پهچڻ کان پوءِ ان شخص پنهنجو مال راهِ خدا ۾ صدقو ڪري ڇڏيو ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويو. جڏهن انهن جو انتقال ٿيو ته انهن وٽ ڪفن جي قيمت کان علاوه ڪجهه به موجود نه هو. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**شعر**

ذَكَرَ الْوَعِيْدَ فَطَرْفُهُ لَا يَهْجَعُ — وَجَفَا الرُّقَادَ فَبَانَ عَنْهُ الْمَضْجَعُ
مُتَفَرِّدًا بِغَلِيْلِهِ يَشْكُو الَّذِیْ — مِنْهُ الْجَوَانِحُ وَ الْحَشَا يَتَوَجَّعُ
لَمَّاتَيَقَّنَ صِدْقَ مَا جَاءَتْ بِهِ الْ — آيَاتُ صَارَ اِلَى الْاِنَابَةِ يَسْرَعُ
فَجَفَا الْاَحِبَّةَ فِیْ مَحَبَّةِ رَبِّهِ — وَسَمَا اِلَيْهِ بِهِمَّةٍ مَّا يُقْلِعُ
وَ تَمَتَّعَتْ بِوِدَادِهٖ اَعْضَاؤُهُ — اِذْ خَصَّهَا مِنْهُ بِوُدٍّ يَّنْفَعُ
كَمْ فِی الظَّلَامِ لَهُ اِذَا نَامَ الْوَرٰی — مِنْ زَفْرَةٍ فِیْ اِثْرِهَا يَتَوَجَّعُ
وَيَقُوْلُ فِیْ دَعْوَاتِهٖ يَا سَيِّدِیْ — اَلْعَيْنُ يُسْعِدُهَا دُمُوْعٌ رُجَّعٌ
اِنِّیْ فَزِعْتُ اِلَيْكَ فَارْحَمْ عَبْرَتِیْ — وَاِلَيْكَ مِنْ ذُلِّ الْخَطِيْئَةِ اَفْزَعُ

مَنْ ذَا سِوَاکَ يُجِيْرُنِی مِنْ زَلَّتِی يَا مَـنْ لِعِزَّتِهِ اَذِلُّ وَ اَخْضَـعُ
فَامْنُنْ عَلَیَّ بِتَوْبَةٍ اَحْيَابِهَا اِنِّی بِمَا اجْتَرَمَتْ يَدَایَ مَرَوَّعُ
قُلْ اَتَصْبِرُ عَنْکَ يَامَنْ حُبُّهُ فِی الْجَارِحَاتِ سَقَامُهُ يَتَسَرَّعُ
کَيْفَ اصْطِبَارُ مُتَيَّمٍ فِی حُبِّهِ قَدَمًا لِکَاْسَاتِ الْهَوٰی يَتَجَرَّعُ
لَاحَتْ وَعَنْ صِدْقِ الْمَحَبَّةِ مَابَدَتْ لِلنَّاظِرِيْنَ نُجُوْمُ لَيْلٍ تَطْلُعُ
مَا الْفَوْزُ اِلَّا فِی مَحَبَّةِ سَيِّدِهِ فِيْهَا الْمُحِبُّ اِذَا تَوَاضَعَ يُرْفَعُ

**ترجمو:** (1) انهيءَ کي (گناهن جي) سزا ياد آئي تہ انهن جي اک نہ ستي ۽ هن ننڊ کي پاڻ کان پري ڪيو تہ انهيءَ جي آرامگاهہ بہ انهيءَ کان جدا ٿي وئي.
(2) هو پنهنجي اڄ ۾ اڪيلو آهي جنهن جي شڪايت پاسا ڪن ٿا ۽ آنڊا تڪليف ۾ مبتلا آهن.
(3) جڏهن آيتن جي آنڊل احڪامن جي سچائي جو يقين ڪري ورتو تہ تيزي سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرف رجوع ڪرڻ وارو ٿي ويس.
(4) هن پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۾ دوست رشتيدارن سان رشتا ٽوڙي ڇڏيا ۽ اهڙي توجهہ سان ان ذاتهن متوجهہ ٿيو جيئڪا غير جي محبت ختم ڪري ڇڏي ٿي.
(5) هن جي عضون محبتِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ مان خوب فيض حاصل ڪيو جو تہ هن پنهنجن عضون کي نفعي بخش محبت سان خاص ڪيو هو.
(6) هن تي ڪيترين ئي اونداهي راتيون گذريون جڏهن ماٺهو گهري ننڊ ۾ هوندا هئا تہ هي ان اونداهي ۾ درد مان آهہ و زاري ڪندو رهندو هو.
(7) هو پنهنجي دعائن ۾ عرض ڪندو آهي: اي منهنجا آقا! وهندڙ لڙڪ اک کي خوشبخت بڻائي رهيا آهن.
(8) بيشڪ آئون تنهنجي پناهہ ۾ آيس تون منهنجي اشڪباري تي رحم فرما ۽ گناهن جي ذلّت کان بہ تنهنجي ئي پناهہ طلب ڪريان ٿو.
(9) اي اها ذات! جنهن جي عزّت واري بارگاهہ لاءِ آئون عاجزي و انڪساري ڪريان ٿو توکان سواءِ ڪير مون کي خطائن کان بچائڻ وارو آهي.
(10) تون مون تي احسان ڪندي منهنجي توبهہ قبول فرما تہ جيئن انهيءَ جي سبب سڪون واري زندگي گذاريان جو تہ آئون پنهنجي هٿان ڪيل گناهن کان خوف ۾ مبتلا آهيان.

(11) اي اها ذات جنهن جي محبّت منهنجي نس نس ۾ سمايل آهي دردِ محبت وڌندو پيو وڃي هاڻي ملاقات نہ ٿيڻ تي صبر نٿو ٿي سگهي. (يعني مون کي موت ڏئي پنهنجي ديدار جو شرف عطا فرما)

(12) تنهنجي محبت ۾ غرق ٿي وڃڻ وارو اهو شخص جيڪو ڊگهي عرصي تائين شهوتن جا جام پيئندو رهيو هجي هاڻي انهيءَ کي تنهنجي ملاقات جي بغير ڪيئن صبر ٿي سگهي ٿو.

(13) محبت جي صداقت ائين ظاهر ٿي وئي جيئن ڏسڻ وارن لاءِ رات ۾ تارا ظاهر ٿي وڃن ٿا.

(14) آقا سان محبت ۾ ڪاميابي آهي، انهيءَ راهِ محبت ۾ محبّ جڏهن بہ عاجزي ڪري ٿو انهيءَ کي بلنديون ئي نصيب ٿين ٿيون.

## اک عطا ڪري ڇڏي

حضرتِ سيدنا قتاده بن نعمان انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جيڪي مشهور تير انداز هئا، غزوهءِ بدر ۽ اُحد ۾ شريڪ ٿيا، غزوهءِ اُحد ۾ تير لڳڻ سبب سندن اک نڪري پئي، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ انهيءَ اک کي هٿ ۾ کڻي سرڪارِ مدينہ قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ مدني حبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي قتاده! هي ڇا آهي؟ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اهو ئي آهي جيڪي توهان ملاحظ فرمائي رهيا آهيو. نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي فرمايو: جيڪڏهن تون چاهين تہ صبر ڪر تہ تنهنجي لاءِ جنّت هوندي ۽ جيڪڏهن چاهين تہ آئون توکي اها اک موٽائي ڏيان ۽ تنهنجي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريان تہ تون ان ۾ ڪا ڪمي نہ محسوس ڪندين. عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! خدا جو قسم! بيشڪ جنّت تمام وڏي جزا ۽ تمام وڏي عطا آهي پر آئون

پنهنجي گهروارين سان بہ محبّت رکان ٿو ۽ مون کي انهيءَ ڳالھ جو ڊپ آهي جو اهي مون کي ڪتي اهو چئي نہ نڪرائي ڇڏين: هي نابين آهي. آئون چاهيان ٿو تہ اوهان مون کي هي اک بہ موٽائي ڏيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان منهنجي لاءِ جنّت جو بہ سوال ڪريو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي قتاده! آئون ائين ئي ڪندس. پوءِ مدني حبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها اک پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ ڪٽي، ان کي ان جي جڳھ تي لڳائي ڇڏيو تہ اها اک پهرين کان بهتر ۽ خوبصورت ٿي وئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ انهن لاءِ جنّت جي دعا فرمائي.

جڏهن ان جا پٽ حضرتِ سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي زماني ۾ انهن وٽ حاضر ٿيا تہ حضرتِ سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان کان پڇيو اي جوان! تون ڪير آهين؟ انهن جواب ڏنو:

اَنَا ابْنُ الَّذِیْ سَالَتْ عَلَی الْخَدِّ عَیْنُہٗ فَرُدَّتْ بِکَفِّ الْمُصْطَفٰی اَحْسَنَ الرَّدِّ
فَعَادَتْ کَمَا کَانَتْ بِاَحْسَنِ حَالِـهَا فَیَا حُسْنَ مَا عَیْنٍ وَیَا حُسْنَ مَـارَدِّ

ترجمو: (1) آئون انهيءَ صاحب جو فرزند آهيان جنهن جي اک ڳل تي وهي آئي تہ دستِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي بهترين انداز سان ان جي جڳھ تي موٽائي ڇڏيو.

(2) بس اها اک پهرين کان ڪيترا دفعا وڌيڪ سني حالت ۾ اچي وئي، بس هي اک ۽ اک موٽائڻ وارا ڪيترا نہ سنا هئا.

حضرتِ سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: وسيلي جي ذريعي اسان تائين پهچڻ وارن کي گهرجي تہ انهن ئي جهڙن ماڻهن جي وسيلي سان ايندا ڪن. (الاستيعاب قتادة بن النعمان ج 3 ص 338)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# تائبين ۽ صالحين جون علامتون

**پيارا اسلامي ڀائرو!**

توبھ ڪرڻ وارا اڪيلائپ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ويران ھنڌن ڏانھن اھڙي طرح ڀڄندا آھن جھڙي طرح خوفزده انسان دارالامان (يعني امن واري جڳھ) ڏانھن ڀڄندو آھي، اھي ماڻھو سحري جي وقت لڙڪ وھائي سڪون حاصل ڪندا آھن. سجدن انھن جي پيشانين تي معرفت جا نشان لڳايا آھن، اھي ماڻھو سڄي رات عبادت ۾ مصروف رھندا آھن پوءِ جڏھن باک ڦٽندي آھي تہ انھن جي اکين مان لڙڪن جا ريلا وھي نڪرندا آھن، پوءِ جڏھن فجر طلوع ٿيندي آھي تہ ھي مشاھدن ۾ گم ٿي ويندا آھن ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي وڏائي بيان ڪندا آھن.

آئون انھن چمڪندڙ تارن، مضبوط ارادا رکڻ وارن ۽ جوانن تي قربان وڃان. (ھي اسان کي صدا ڏين ٿا تہ) اڪيلائپ اختيار ڪريو، آخرت ۾ اسان توھان جا ڀاڙيسري بڻجنداسين، اسان مال و اسباب، ٻار ٻچا ۽ وطن ڇڏي ڏنا، نفساني خواھشون ڇڏي ڏنيون آھن. اسان فاني دنيا ويران ڪري ڇڏي آھي، ھاڻي اھا ھڪ عرصي کان وٺي اسان جي ڳولا ۾ آھي پر اسان ھن کي اھڙي طلاق ڏني آھي جنھن ۾ رجوع ممڪن ناھي. گھر ۽ گھروارن کي پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيو آھي ۽ محبتِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ جو جام پي ورتو آھي، ڪاش! اسان کي انھيءَ جا ڪجھ ڍڪ اجا ملي وڃن.

اھي حضرات ڏينھن ۾ روزو رکن ٿا، دل کي تقويٰ سان آباد رکن ٿا ۽ زبان کي ذڪر سان معمور رکن ٿا. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قرب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ھڪٻئي کان اڳرائي حاصل ڪرڻ چاھين ٿا. انھيءَ جدوجھد ۾ ڪنھن جون آھون نڪري وڃن ٿيون، ڪو مدھوش

تي وجي ٿو، ڪو شوق ۾ ديوانو ٿي محبت ۾ غرق ٿي وڃي ٿو، ڪنهن تي وجد غالب اچي وڃي ٿو ته هو اُج جي ڪري بيهوش ٿي ڪِري پوي ٿو، خوف انهن کي بيحال ۽ شب بيداري انهن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، هر ڏينهن انهن کي نئين بيچيني هوندي آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جي ياد انهن کان وطن ڇڏايو آهي، اهي ماڻهو تلاوتِ قرآن ڪرڻ وقت انهيءَ ۾ غور ڪندا آهن. جڏهن اهي توڪّل جي درجن تي فائز ٿيا ته انهن جي چيلهه جهڪي پئي، خواهشاتِ نفساني کي وڪڻي اهي تقدير جي فيصلي تي راضي ٿي ويا. خوش آمديد اهڙن بهادرن کي جن جا پاسا بسترن کان جدا رهندا آهن ۽ جيڪي غمگين لهجي ۾ قرآن پڙهندا آهن جڏهن خوف انهن تي غالب آيو ته جهنّم جي خوف کان بيهوش ٿي ويا.

انهن مان ڪي خالص جامِ محبت پيتو ته انهن جي فڪر ۾ اضافو ٿي ويو ۽ ڪن جو شوق وڌيو ته انهن شوق جا گهڻا روپ ڏٺا. ڪيترن ئي پنهنجا گهر ويران ڪري ڇڏيا ۽ ڪيترائي اولاد کان پري ٿي ويا، توهان انهن کي جهنگلن جي ويرانن ۾ مدهوشي جي عالم ۾ ڏسندؤ انهن جون دليون خوف ۾ هونديون جڏهن ته ظاهر رنج ۽ غم سان پريل هوندو ۽ اهي زبانِ حال سان چوندا هوندا: اسان کي زندگي جو نه ڪو غم آهي نه ڪڏهن ٿيندو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي لاءِ پردا ڪٽي ڇڏيا ۽ انهن جي سِرن تي ولايت جو تاج سجائي ڇڏيو ۽ انهن جي مجلسن کي جلوهءِ حق جي خوشبو سان معطر ڪري ڇڏيو. اي فقراء جي جماعت! بارگاهِ الفت ۾ حاضري ڏيڻ ۾ اڳڀرائي ڪريو ۽ انهن ماڻهن جي قربت اختيار ڪري ونو، انهن جي گفتگو مان سرور حاصل ڪريو انهن جي مختلف حالتن جو مشاهدو ڪريو، دنيا ئي ۾

محبوب جو جلوو حاصل ڪري وٺندؤ.

اي نوجوانو! خداعَزَّوَجَلَّ جي ان مقرّب ٻانهن جي زندگي ڪيتري پاڪيزه آهي جن انهيءَ شرابِ محبت کي پيتو ۽ انهيءَ جي ڪيفيت کي لِڪائي رکيو. توهان انهن ماڻهن کي عشق، وجدانيّت، خوف و اميد ۽ حيرانگي جي حالت ۾ ڏسندا چو ته انهن جي محبوب انهن جي دلين تي تجلي فرمائي انهن کي دنيا ڏانهن مائل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ انهن تي مهرباني فرمائيندي ارشاد فرمايو: اي منهنجا ٻانهو! توهان تي ڪو خوف ناهي، اڄ توهان امان ۾ آهيو توهان منهنجي خاطر جيڪي تڪليفون برداشت ڪيون آئون انهن جو قدر ڄاڻان ٿو، ڪيتريون اکيون جاڳي رهيون آهن ۽ ڪيتريون دل شوق سان بيقرار آهن. جلد ئي پنهنجو ديدار ڪرائيندس ۽ توهان اهڙيون نعمتون حاصل ڪندا جنهن جو خيال ڪنهن انسان جي دل ۾ نه آيو ۽ توهان کي پنهنجي رضا سان نوازيندس، توهان لاءِ جنّت ۾ محفلون سجائيندس ۽ توحيد جو خالص جام پياريندس چوته آئون حنّان و منّان آهيان.

ٻڌو ٻڌو پيارا اسلامي ڀائرو! شوق رکڻ وارا ڪٿي آهن شرابِ محبت ته هتي آهي ۽ محبت جا پيالا ڀريل آهن.

اي نافرماني ۾ عمر وڃائڻ وارا! تون نيڪ ۽ برگذيده ٻانهن ۾ ڪيئن شامل ٿي سگهين ٿو. وقت تبديل ٿيڻ کان پهرين ئي اطاعت ۾ اڳڀرائي حاصل ڪر، ٻي صورت ۾ پڇتائڻ رهجي وڃڻ جي صورت ۾ گهڻو نقصان ڀرائيندين، پنهنجي فائدي جي لاءِ ڪم ڪر ۽ بيڪار بهانا ڇڏي ڏي، جيڪو توتي ملامت ڪري انهيءَ ڏانهن توجهه نه ڏي ۽ جيڪو شڪايت ڪري انهيءَ جي ڳالهه نه ٻڌ ۽ جيڪو توکي نصيحت ڪري ان جي اطاعت ڪر، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

فَمَنۡ اُوۡتِیَ كِتٰبَهٗ بِیَمِیۡنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ یَقۡرَءُوۡنَ كِتٰبَهُمۡ وَ لَا یُظۡلَمُوۡنَ فَتِیۡلًا ﴿۷۱﴾ وَ مَنۡ كَانَ فِیۡ هٰذِهٖۤ اَعۡمٰی فَهُوَ فِی الۡاٰخِرَةِ اَعۡمٰی وَ اَضَلُّ سَبِیۡلًا ﴿۷۲﴾ (پ 15 الاسراء 71، 72)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جنهن کي سندس عمل نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو پوءِ اهي ماڻهو پنهنجو لکيو پڙهندا ۽ ڌاڳي برابر بہ انهن سان ظلم نہ ڪيو ويندو. ۽ جيڪو هن حياتيءَ ۾ انڌو ٿيو اهو آخرت ۾ بہ انڌو رهندو ۽ اڃان وڌيڪ گمراه.

## حضرتِ سيدنا علي سان محبت

حضرتِ سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي عصر جي نماز پڙهائي تہ پهريون رڪوع ايترو ڊگهو فرمايائون جو اسان کي گمان ٿيو تہ شايد رڪوع مان متو متي نہ ڪٽندا، پوءِ جڏهن پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رڪوع مان متو ڪنيو تڏهن اسان بہ رڪوع مان متو ڪنيو. نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو رخِ انور محراب کان هڪ طرف ڦيري فرمايو: منهنجو ڀاءُ ۽ چاچي جو پٽ علي بن ابو طالب ڪٿي آهي؟ حضرتِ سيدنا علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ آخري صفن مان عرض ڪيو: لَبَّيۡڪ! آئون حاضر آهيان يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي ابو الحسن! منهنجي ويجهو اچ. پوءِ حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ سندن ويجهو اچي ويهي رهيا، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ابوالحسن! ڇا تو اڳين صف جا اهي فضائل نہ ٻڌا آهن جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ٻڌايا آهن؟ عرض ڪيائون: جو نہ يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ارشاد فرمايو: پوءِ ڪهڙي شيءِ توکي پهرين صف ۽ تڪبيرِاولٰي کان پري ڪري ڇڏيو، ڇا حسن ۽ حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي محبّت توکي مشغول ڪري ڇڏيو هو؟ عرض ڪيائون: انهن جي محبّت الله تعالٰي جي

محبّت ۾ ڪيئن رڪاوٽ وجهي سگهي ٿي. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰەُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پوءِ ڪهڙي شيءِ توکي روڪي رکيو؟ عرض ڪيائون: جڏهن حضرتِ سيّدنا بلال رَضِیَ اللّٰەُ تَعَالٰی عَنْهُ اذان ڏني آئون انهيءَ وقت مسجد ئي ۾ هئس ۽ ٻه رڪعتون ادا ڪيون پوءِ جڏهن حضرتِ سيدنا بلال رَضِیَ اللّٰەُ تَعَالٰی عَنْهُ اقامت چئي تہ آئون اوهان سان گڏ تڪبيرِ اولٰي ۾ شامل هئس. پوءِ مون کي وضو ۾ شڪ ٿيو تہ آئون مسجد مان نڪري، حضرتِ فاطمہ رَضِیَ اللّٰەُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر هليو ويس ۽ وجي حسن و حسين (رَضِیَ اللّٰەُ تَعَالٰی عَنْهُما) کي سڏيم پر ڪنهن بہ منهنجي سڏ جو جواب نہ ڏنو تہ منهنجي حالت انهيءَ عورت وانگر ٿي وئي جنهن جو ٻار گم ٿي ويو هجي يا هندي ۾ اُبرڻ واري داڻي جهڙي ٿي وئي، آئون پاڻي تلاش ڪري رهيو هئس تہ مون کي پنهنجي ساڄي پاسي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ سائي رومال سان ڍڪيل سون جو پيالو منهنجي سامهون آيو، مون رومال هٽايو تہ انهيءَ ۾ کير کان وڌيڪ سفيد، ماکي کان وڌيڪ منو ۽ مکڻ کان وڌيڪ نرم پاڻي موجود هو. مون نماز لاءِ وضو ڪيو پوءِ رومال سان آلاڻ صاف ڪئي ۽ پيالي کي ڍڪي ڇڏيو، پوءِ مون پنيان مُڙي ڏنو تہ مون کي ڪو نظر نہ آيو نہ ئي مون کي اهو معلوم ٿي سگهيو تہ هي پيالو ڪنهن رکيو ۽ ڪنهن کنيو؟

اللّٰه جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰەُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏيندي مسڪرائيندي جواب ارشاد فرمايو: مرحبا! مرحبا! اي ابوالحسن! ڇا تون ڄاڻين ٿو: توکي پاڻي جو پيالو ۽ رومال ڪنهن ڏنو هو؟ عرض ڪيائون: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا رسول صَلَّی اللّٰەُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻن ٿا. ارشاد فرمايائون: پيالو تہ وٺ جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلام کڻي آيو ۽ انهيءَ ۾ حظيرة القدس جو پاڻي هو ۽ رومال

توکي حضرتِ سيدنا ميڪائيل عَلَيهِ السَّلام ڏنو هو، حضرتِ سيدنا اسرافيل عَلَيهِ السَّلام مون کي رکوع مان مٿو کڻڻ کان روڪي رکيو، ايستائين جو تون انهيءَ رکعت ۾ اچي ملي وئين، اي ابو الحسن! جيڪو توسان محبّت ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ سان محبت ڪندو ۽ جيڪو توسان بغض رکندو الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو.”

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هڪ يهودڻ جو قبولِ اسلام

هڪ دفعي رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي جُهرمٽ ۾ تشريف فرما ٿيا ته هڪ يهودي عورت پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ روئندي حاضر ٿي ۽ هي شعر پڙهڻ لڳي:

بِاَبِی اَفدِيکَ يا نُورَ الفَلکِ ... لَيتَ شَعرِی اَیُّ شَيئٍ قَتَلَکَ
غِبتَ عَنِّی غَيبَةً مُّوحِشَةً ... اَتُرٰی ذِئبٌ يَهُودِیٌّ اَکَلَکَ
اِنْ تَکُنْ مَيِّتًا فَمَا اَسرَعَ مَا ... کَانَ فِی اَمرِ اللَّيَالِی اَجلَکَ
اَو تَکُنْ حَيًّا فَلَابُدَّ لِمَن ... عَاشَ اَنْ يَّرجِعَ مِنْ حَيثُ سَلَکَ

**ترجمو:** (1) اي منهنجا چنڊ (يعني منهنجا پٽ) منهنجو پيءُ توتي فدا، ڪاش! مون کي تنهنجي قاتل جو علم هجي ها.

(2) تنهنجو مون کان ائين لڪي وڃڻ وحشتناڪ آهي، ڇا توکي يهودي بگهڙ کائي ويو آهي.

(3) جيڪڏهن تون فوت ٿي چڪو آهين ته راتورات ۾ تنهنجو اهو مري وڃڻ ڪيتري قدر جلد ٿيو آهي.

(4) جيڪڏهن تون زنده آهين ته توتي لازم آهي ته جتان ڪان هليو هئين زنده هوندي اوڏانهن ئي واپس موٽي اچ.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کان پڇيو: اي عورت توکي

ڪهڙو صدمو پهتو آهي؟ عرض ڪرڻ لڳي: يا محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجو پار منهنجي سامهون ڪيڏي رهيو هو تہ اوچتو غائب ٿي ويو ۽ ان جي بغير منهنجو گهر ويران ٿي ويو آهي.

اللّٰه جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي ذريعي تنهنجي پار کي موٽائي تہ ڇا تون مون تي ايمان آڻيندينءَ. عورت چيو: جي ها! مون کي انبياءِ ڪرام حضرتِ سيدنا ابراهيم، حضرتِ سيدنا اسحاق ۽ حضرتِ سيدنا يعقوب عَلَيهِمُ السَّلام جي حق تي هجڻ جو قسم! آئون ضرور ايمان آڻيندس.

رحمةٌ للعٰلمين، شفيع المذنبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ رڪعتون ادا ڪيون پوءِ دير تائين دعا گهرندا رهيا، جڏهن دعا مڪمل ٿي تہ پار پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آڏو موجود هو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پار کان پڇيو: تون ڪٿي هئين؟ چيائين: آئون پنهنجي ماءُ جي سامهون ڪيڏي رهيو هئس تہ اوچتو (عفريت نالي) هڪ ڪافر جِنّ منهنجي سامهون آيو ۽ مون کي سمند ڏانهن کڻي ويو، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا گهري تہ اللّٰه تعالٰي هڪ مؤمن جِنّ کي اُن تي مسلّط ڪري ڇڏيو جيڪو جسامت ۾ ان کان وڏو ۽ طاقتور هو، انهيءَ مونکي ڪافر جِن کان کسي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ هاڻي آئون پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون حاضر آهيان، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحمت نازل فرمائي. اها عورت اهو واقعو ٻڌندي ئي ڪلمو شهادت پڙهي مسلمان ٿي وئي.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# زنا جو انجام

پيارا اسلامي ڀائرو!
ياد رکو تہ زنا ڪبيره گناھ آھي ۽ زاني دنيا ۽ آخرت ۾ بدبخت آھي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنھنجي پاڪ ڪتاب ۾ ڪيترين ئي جڳھين تي انھيءَ کان ممانعت فرمائي آھي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا تَقۡرَبُوا الزِّنٰۤی اِنَّہٗ کَانَ فَاحِشَۃً ؕ وَ سَآءَ سَبِیۡلًا ﴿۳۲﴾ (پ 15 الاسراء 32)

ترجموڪنزالايمان: ۽ بدڪاري جي قريب نہ وڃو بيشڪ اھا بي حيائي آھي ۽ نھايت ئي بُري واٽ.

ھڪ ٻي جڳھ تي ارشاد ٿئي ٿو:

وَ الَّذِیۡنَ ہُمۡ لِفُرُوۡجِہِمۡ حٰفِظُوۡنَ ۙ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰۤی اَزۡوَاجِہِمۡ اَوۡ مَا مَلَکَتۡ اَیۡمَانُہُمۡ فَاِنَّہُمۡ غَیۡرُ مَلُوۡمِیۡنَ ۚ﴿۶﴾ فَمَنِ ابۡتَغٰی وَرَآءَ ذٰلِکَ فَاُولٰٓئِکَ ہُمُ الۡعٰدُوۡنَ ۚ﴿۷﴾ (پ 18 المومنون 5، 6، 7)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اھي جيڪي پنھنجي شرم گاھن جي حفاظت ڪندا آھن. مگر پنھنجين زالن يا شرعي ٻانھين تي جيڪي انھن جي ھٿ ملڪيت آھن (انھن سان) انھن تي ڪا ملامت نہ آھي پوءِ جيڪو انھن پن کان سواءِ ڪجھ پيو گھري تہ اھي حد کان لنگھندڙ آھن.

## زاني مؤمن نٿو رھي

رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد آھي:
زاني جڏھن زنا ڪري ٿو تہ مؤمن نٿو رھي، يعني زاني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان پري ۽ ان جي عذاب جو حقدار ٿي ويندو آھي.
(صحيح مسلم، رقم 57 ص 48)

## زنا جي اجازت گھرڻ وارو نوجوان

ھڪ نوجوان رحمۃٌ للعٰلمين، شفيع المذنبين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چا

توهان مون کي زنا جي اجازت ڏيو ٿا؟ انهيءَ تي اتي موجود صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ان نوجوان کي دڙڪا ڏنا تہ حسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هن کي ڇڏي ڏيو. پوءِ انهيءَ نوجوان کي فرمايائون: منهنجي ويجهو اچو. هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ويجهو حاضر ٿيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان پڇيو: تون ان ڳالھ کي پسند ڪرين ٿو تہ ڪو تنهنجي ماءُ سان اهڙو ڪم ڪري؟ ان عرض ڪيو آئون اوهان تي قربان وڃان يقينًا آئون انهيءَ ڳالھ کي پسند نٿو ڪريان. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهڙي طرح ماڻهو بہ اهو پسند نٿا ڪن تہ انهن جي ماءُ سان ڪو اهڙو ڪم ڪري. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان پڇيو: ڇا تون پنهنجي ڌيءَ لاءِ اها ڳالھ پسند ڪرين ٿو؟ ان عرض ڪيو: نہ. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهڙي طرح ماڻهو بہ پنهنجي ڌيئرن جي باري ۾ اها ڳالھ پسند نٿا ڪن. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي ڀيڻ، ماسي، ڦُڦي جي باري ۾ اهو ئي سوال ڪيو تہ هو انڪار ڪندو رهيو ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا رهيا: اهڙي طرح ماڻهو بہ اها ڳالھ پسند نٿا ڪن.

پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ ان نوجوان جي سيني تي رکي دعا فرمائي: اَللّٰهُمَّ طَهِّرْ قَلْبَه، وَاغْفِرْ ذَنْبَه، وَحَصِّنْ فَرْجَه يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! هن جي دل کي پاڪ فرما، هن جو گناھ معاف فرما ۽ هن جي شرمگاھ جي حفاظت فرما. ان کان پوءِ اهو نوجوان زنا کي سخت ناپسند ڪرڻ لڳو. (المعجم الکبير رقم 7679 ج 8 ص 163،162)

## شيطان جو لشڪر

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن عورت کي پيدا ڪيو ويو تہ ابليس ان کي چيو: تون منهنجو اڌ لشڪر آهين، تون منهنجي رازگاه آهين، تون منهنجو اهڙو تير آهين جو جنهن کي آئون جڏهن بہ هلائيندس نشاني تي لڳندو. (اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 92)

انهيءَ لاءِ تہ پيارا اسلامي ڀاءُ! (اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) شيطان جي تيرن کان بچندو رهہ.

## زاني تي لعنت وسندي آهي

نور جي پيڪر، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: زنا ڪبيره گناهن مان تمام وڏو گناهہ آهي ۽ زاني تي قيامت تائين الله عَزَّوَجَلَّ، ملائڪن ۽ سڀني انسانن جي لعنت وسندي آهي ۽ جيڪڏهن هو توبهہ ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ هن جي توبهہ قبول فرمائي ونندو. (رواه النسائي رقم 4876، ص 2403)

## مؤمن ۽ منافق جي سُڃاڻ

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مؤمن جي نشاني هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ نماز ۽ روزي ۾ انهيءَ جو دل لڳائي ڇڏي ۽ منافق جي علامت هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي پيٽ ۽ شرمگاهہ جي تسڪين کي ان جي خواهش بڻائي ڇڏي.

## تنگدستي جو سبب

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: زنا تنگدستي پيدا ڪندو آهي ۽ چهري جو نور ختم ڪندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: مون فيصلو ڪيو آهي تہ آئون زاني کي تنگدست ڪري ڇڏيان جيتوڻيڪ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ سهي.

(ڪنزالعمال، رقم 13018، ج 5، ص 126)

يقينًا زنا مال کي ختم ڪري ڇڏي ٿو ۽ چهري جي نور کي ختم ڪري ڇڏي ٿو ۽ زاني کي هميشہ جي لاءِ دوزخ جو حقدار بڻائي ڇڏي ٿو.

## شرڪ کانپوءِ سڀ کان وڏو گناهہ

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ سيدنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو: جڏهن ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو تہ شرڪ کان پوءِ ان جو ڪو گناهہ زنا کان وڏيڪ نہ هوندو ۽ اهڙي طرح اهو شخص جيڪو پنهنجي نطفي کي حرام رحم ۾ رکي ٿو اهو بہ ائين ئي آهي، قيامت جي ڏينهن زاني جي شرمگاهہ مان اهڙي پيپ نڪرندي جو جيڪڏهن انهيءَ مان هڪ قطرو زمين جي سطح تي وڌو وڃي تہ ان جي بدبو جي ڪري سڄي دنيا وارن جو جيئڻ مشڪل ٿي وڃي. (ڪنزالعمال، رقم 12990 ج 5 ص 125 بتصرفِ)

## دوزخ ۾ سڙڻ جو سبب

سرڪار مدينہ، راحت قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: زنا کان بچندا رهو ڇوتہ هي جسم جي تازگي کي ختم ڪري ڇڏي ٿو ۽ ڏکهي محتاجي جو سبب آهي ۽ آخرت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي، حساب جي سختي ۽ هميشہ جي لاءِ جهنّم ۾ سڙڻ جو سبب آهي. (شعب الايمان، رقم5475، ج 4، ص379)

### ڪجھ شعر

يَامَنْ عَصَى اللهَ فِي الشَّبَابِ وَقَدْ ... اَدْرَكَهُ الشَّيْبُ رَاقِبِ اللهَ

صُحُفُكَ بِالسَّيِّئَاتِ قَدْ مُلِئَتْ ... بِاَيِّ وَجْهٍ تَرَاكَ تَقْرَأُهَا

اَعْدِدْ جَوَابًا اِذَا سُئِلْتَ غَدًا ... وَ قَرَّبَ النَّارَ مِنْكَ مَوْلَاهَا

يَامَعْشَرَ الْمُسْلِمِيْنَ كَمْ رَجُلٍ ... تَلُوْمُهُ النَّارُ حِيْنَ يَصْلَاهَا

**ترجمو:**(1) اي الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ جواني گذارڻ وارا، تنهنجي پيري اچي

وئي هاڻي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حقن جي پاسداري ڪري وٺ.

(2) تنهنجو اعمال نامو گناهن سان پرجي چڪو آهي انهيءَ گناهن سان ڀريل اعمالنامي کي ڪيئن پڙهندين.

(3) سڀاڻي قيامت ۾ جڏهن سوال ڪيا ويندا ۽ مولٰي عَزَّوَجَلَّ دوزخ کي تنهنجي ويجهو ڪري ڇڏيندو (انهيءَ وقت جي لاءِ) جوابن جي تياري ڪري وٺ.

(4) اي مسلمانن جا گروهہ! ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا جڏهن جهنم ۾ داخل ٿيندا تہ اهو انهن کي ملامت ڪندو هوندو.

## دوزخي تابوت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: پنهنجي ٻانهي يا ٻانهِيءَ کي زنا ڪندي ڏسي، الله عَزَّوَجَلَّ کي سڀ کان وڌيڪ غيرت ايندي آهي، خدا جو قسم! جيڪڏهن تون اهي ڳالهيون ڄاڻي وٺين جن کي آئون ڄاڻان ٿو تہ گهٽ کلين ۽ وڌيڪ روئين، ٻُڌي وٺ! تہ دوزخ ۾ باهہ جي تابوت ۾ ڪجهہ ماڻهو قيد هوندا جو جڏهن اهي راحت گهرندا تہ انهن جي لاءِ تابوت کوليا ويندا ۽ جڏهن انهن جا شعلا دوزخين تائين پهچندا تہ اهي گڏجي فرياد ڪندي چوندا: يا الله عَزَّوَجَلَّ! انهن تابوت وارن تي لعنت فرما، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي عورتن جي شرمگاهن تي حرام طريقي سان قبضو ڪندا هئا. (صحيح البخاري، رقم 5221، ج 3، ص 469)

## جنّت ۾ داخلا کان محروم

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن جنّت کي پيدا فرمايو تہ انهيءَ کي فرمايو: ڪلام ڪر. هن چيو جيڪو مون ۾ داخل ٿيندو اهو سعادتمند آهي. الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! تو ۾ (8) قسم جا ماڻهو داخل نہ ٿيندا: شراب جو عادي، زنا

تي اصرار ڪرڻ وارو، چغل خور، ديُّوث، (ظالم) سپاهي، ڪدڙو ۽ رشتيداري ٽوڙڻ وارو ۽ اهو شخص جيڪو خدا جو قسم کڻي ٿو تہ فلاڻ ڪم ضرور ڪندس پوءِ اهو ڪم نٿو ڪري.

(اتحاف السادة المتقين، ج 9 ص 345، 346)

زنا جو اصرار ڪرڻ واري مان مراد هميشہ زنا ڪرڻ وارو ناهي، اهڙي طرح شراب جي عادي مان مراد هي ناهي تہ جيڪو هميشہ شراب پيئندو رهي بلڪ مراد هي آهي تہ جڏهن هن کي شراب ميّسر هجي تہ هو پي وڃي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف جي ڪري شراب پيئڻ کان نہ رڪجي اهڙي طرح جڏهن ان کي زنا جو موقعو ملي تہ انهيءَ کان توبهہ نہ ڪري ۽ نہ ئي پنهنجي نفس کي انهيءَ بري خواهش پوري ڪرڻ کان روڪي، بيشڪ اهڙن ماڻهن جو ٺڪاڻو جهنم ئي آهي.

## نڪاح جي پيشڪش

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي ٻارن کي فرمائيندا هئا: جڏهن توهان نڪاح ڪرڻ چاهيو تہ توهان جو نڪاح ڪرائي ڇڏيندس ڇوتہ ٻانهو جڏهن زنا ڪندو آهي تہ انهيءَ جي دل مان ايمان نڪري ويندو آهي ۽ انهيءَ جو ايمان باقي ناهي رهندو.

## زنا جي ابتداءِ انتها

حضرت سيدنا لقمان حڪيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي پٽ کي فرمايو: ”پٽ! زنا کان بچي رهجان ڇوتہ ان جي ابتدا خوف ۽ انتها ندامت آهي انهيءَ جو انجام جهنّم جي وادي آثام آهي.“

**شعر**

يَامَنْ خَلَا بِمَعَاصِيْ اللهِ فِيْ الظُّلَمِ ۔۔۔ فِيْ اللَّوحِ يُكْتَبُ فِعلُ السُّوءِ بِالْقَلَمِ
بِهَا خَلَوْتَ وَ عَيْنُ اللهِ نَاظِرَةٌ ۔۔۔ وَ اَنْتَ بِالْاِثْمِ مِنْهُ غَيْرُ مُكْتَتِمِ
فَهَلْ اَمِنْتَ مِنَ الْمَوْلٰى عُقُوْبَتَهُ ۔۔۔ يَامَنْ عَصَى اللهَ بَعْدَ الشَّيْبِ وَالْهَرَمِ

**ترجمو:** (1) اي اهي شخص جيڪو اونداهي ۾ لِڪي الله عَزَّوَجَلَّ جون نافرمانيون ڪرين ٿو، قلمِ قدرت سان اعمالنامي ۾ برو عمل لکيو پيو وڃي.
(2) تنهائيون نافرمانين ۾ گذاري رهيو آهي جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات ڏسي رهي آهي، تون گناهہ ڪندي ان کان لڪي نٿو سگهين.
(3) اي جواني ۽ پيري گذارڻ ڪانپوءِ بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪرڻ وارا! ڇا تون الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان بيخوف ٿي ويو آهين.

## زنا کان بچڻ وارو

بني اسرائيل جي هڪ شخص ڪنهن ٻئي شهر جي عورت سان نڪاح ڪيو ۽ ان کي وٺي اچڻ لاءِ پنهنجي قابلِ اعتماد ساٿي کي ان ڏانهن موڪليو. انهيءَ شخص کي ان جي نفس ورغلايو ۽ هن عورت سان بدڪاري جي خواهش ظاهر ڪئي تہ ان وقت هن پنهنجي نفس کي ڊيڄاريو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان پناهہ گهري تہ الله عَزَّوَجَلَّ هن کي نفساني خواهش ترڪ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

تَوَقَّ نَفۡسَکَ لَا تَاۡمَنۡ غَوَائِلَهَا فَالنَّفۡسُ اَخۡبَثُ مِنۡ سَبۡعِيۡنَ شَيۡطَانًا

**ترجمو:** پاڻ کي پنهنجي نفس کان بچاءِ، انهيءَ جي هلاڪتن کان بي پرواهہ نہ ٿجان، ڇوتہ نفس ستر شيطانن کان وڌيڪ خطرناڪ آهي.

## پنجاهہ هزار حورن سان نڪاح

حضرتِ سيدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ۽ سيدنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي: بني اسرائيل ۾ هڪ عبادت گذار شخص هو جيڪو ماڻهن کان جدا رهي عبادت ڪندو هو، هو وڏي عرصي تائين پنهنجي عبادت گاهہ ۾ عبادت ڪندو رهيو. بادشاهہ صبح شام هن وٽ حاضر ٿيندو هو ۽ هن کان حاجت وغيره پڇندو هو تہ هو جواب ۾ چوندو هو: الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي حاجت کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو. الله عَزَّوَجَلَّ هن جي عبادتگاهہ وٽ هڪ انگورن جي ول پيدا ڪئي جنهن ۾ روز

انگور ٽيندا هئا. جڏهن هن عابد کي اُڃ لڳندي هئي ته هو پنهنجو هٿ وڌائيندو هو ته ان مان پاڻي نڪرندو هو ان کي پيئندو هو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ مغرب جي وقت هڪ حسين و جميل عورت هن عابد وٽان گذري ته هن کي سڏ ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! عابد جواب ۾ لَبَّيْڪ چيو ته عورت پڇيو: ڇا تو کي تنهنجو ربّ ڏسي رهيو آهي؟ عابد چيو: هُوَاللهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ اَلْحَیُّ الْقَيُّومُ اَلْعَالِمُ بِمَا فِی الصُّدُوْرِ وَبَاعِثُ مَنْ فِیْ الْقُبُوْر يعني منهنجو ربّ الله عَزَّوَجَلَّ آهي هو قهّار آهي بي مثال آهي حيُّ و قيوم آهي دلين جا راز ڄاڻي ٿو ۽ قبرن ۾ دفن ٿيل ماڻهن کي اٿارڻ وارو آهي. عورت چيو: شهر مون کان پري آهي (يعني مونکي پناهه ڏي) عابد چيو: متي اچي وڃ. جڏهن اها عورت عبادت گاهه ۾ داخل ٿي ته پنهنجا ڪپڙا لاهي برهنه ٿي وئي ۽ عابد کي دعوتِ گناهه ڏيڻ لڳي. عابد پنهنجون نظرون جهڪائي ورتيون ۽ عورت کي چيو: تون برباد ٿيئن پنهنجو جسم ڍڪ. عورت چيو: جيڪڏهن اڄ رات تون مون مان فائدو وٺي وٺندين ته تنهنجو ڇا ويندو، ته هن عابد پنهنجي نفس کان پڇيو: تون ڇا ٿو چوين؟ نفس چيو: خدا جو قسم! آئون ته انهيءَ موقعي مان ضرور فائدو ڪڻندس. عابد پنهنجي نفس کي چيو: تون برباد ٿيئن، تون گندرف جو لباس ۽ باهه جا ٽانڊا چاهين ٿو ۽ منهنجي ايتري عرصي جي عبادت ضايع ڪرڻ چاهين ٿو، ڇا تون نٿو ڄاڻين ته زاني جي بخشش نه ٿيندي ۽ انهيءَ کي منهن ڀر دوزخ ۾ اڇلايو ويندو، دوزخ جي باهه ڪڏهن نه وسامندي ۽ نه ئي فنا ٿيندي مون کي انديشو آهي ته اللهعَزَّوَجَلَّ توتي اهڙو غضب فرمائيندو جو پوءِ ڪڏهن به توسان راضي نه ٿيندو.

جڏهن ان جي نفس هن کي وڌيڪ ورغلايو ته هن عابد چيو:

آئون توکي دنيا جي هلڪي باھ تي پيش ڪريان ٿو جيڪڏهن تو ان ڪي برداشت ڪري ورتو تہ توکي اڄ رات ان عورت مان فائدو وٺڻ ڏيندس. پوءِ هن ڏئي ۾ تيل پريو ۽ هن جي شعلي کي وڏو ڪيو؟ اها عورت بہ اهي ڳالهيون ٻڌي رهي هئي ۽ عابد جو عمل ڏسي رهي هئي. پوءِ ان عابد پنهنجو هٿ شعلي تي رکيو تہ هن هٿ نہ ساڙيو تہ باھ کي چيائين: ڇا ٿيو اٿئي، ساڙين ڇو نٿي؟ تہ باھ هن جو آڱوٺو ساڙي ڇڏيو پوءِ هن جون آڱريون ۽ پوءِ هن جو هٿ ساڙي ڇڏيو، اهو ڏسي عورت هڪ زوردار دانهن ڪئي ۽ دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي.

هن عابد ان عورت کي ان جي ئي ڪپڙن سان ڍڪي ڇڏيو، جڏهن صبح ٿي تہ ابليس ملعون رڙيون ڪري ماڻهن کي چوڻ لڳو: عابد فلاڻ شخص جي فلاڻ ڌيءَ سان زنا ڪري، ان کي قتل ڪري ڇڏيو آهي، بادشاھ پنهنجي لشڪر ۽ رعايا سان گڏ سوار ٿي آيو، جڏهن هو عبادتخاني جي ويجهو پهتو تہ رڙ ڪري عابد کي سڏ ڪيائين. عابد سڏ جو جواب ڏنو تہ بادشاھ پڇيو: فلاڻ جي ڌيءَ ڪٿي آهي؟ عابد چيو: اها مون وٽ ئي آهي. بادشاھ چيو انهيءَ کي مون ڏانهن موڪل. عابد چيو اها مري وئي آهي. بادشاھ چيو: جڏهن هو زنا تي راضي نہ ٿي تہ تو ان کي قتل ڪري ڇڏيو؟ پوءِ ان عورت کي اتان کنيو ويو ۽ عابد کي قيد خاني ۾ وڌو ويو، اهي ماڻهو زاني کي آري سان ڪٽي ڇڏيندا هئا، انهيءَ عابد جو هٿ ٻانهن ۾ لڪيل هو، هو انهن کي پنهنجو قصو نہ ٻڌايو. پوءِ ان جي مٿي تي آرو رکيو ويو ۽ جلادن کي چيو ويو تہ آرو هلايو تہ انهن آرو هلائي ڇڏيو، جڏهن آرو هن جي دماغ تي پهتو تہ هن جي وات مان آھ نڪتي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جبرائيل عَلَيهِ السَّلام کي موڪليو: هن کي چئو تہ هي ڪجھ

نہ ڳالهائي، آئون هن کي ڏسي رهيو آهيان منهنجو عرش ڪٽڻ وارا ۽ آسمانن تي رهندڙ فرشتا روئي رهيا آهن، مون کي پنهنجي عزّت و جلال جو قسم! هن ٻي دفعي جيڪڏهن آه ڪڍي تہ آئون آسمانن کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيندس. هن مرڻ دم تائين نہ ئي ڪا آه ڪڍي نہ ئي ڪا ڳالهہ ڪئي، جڏهن ان جو وصال ٿي ويو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ عورت جي روح کي واپس موٽايو تہ ان چيو: خدا جو قسم! هي مظلوم هو هن زنا نہ ڪيو هو آئون اجا تائين ڪنواري ئي آهيان. پوءِ هن ماڻهن کي سچو واقعو ٻڌايو تہ انهن عابد جو هٿ ڏنو تہ اهو عورت جي بيان مطابق سڙيل هو. انهن ماڻهن چيو: جيڪڏهن اسان کي خبر هجي ها اسان ڪڏهن بہ انهيءَ کي نہ چيريون ها.

جڏهن اهو عابد بہ ٽڪڙا ٿي زمين تي ڪري پيو تہ اها عورت بہ پنهنجي پوئين حالت ۾ موٽي وئي، ماڻهن انهن ٻنهي جي لاءِ قبر کوٽي تہ قبر مان مشڪ عنبر ۽ ڪافور جي خوشبو اچڻ لڳي. جڏهن اهي جنازو ادا ڪرڻ جي لاءِ انهن وٽ پهتا تہ آسمان تان هڪ منادي انهن کي ندا ڏني: ترسو! پهرين ملائڪن کي جنازو پڙهڻ ڏيو. پوءِ انهن ماڻهن انهن جو جنازو پڙهيو ۽ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهن جي قبر تي ياسمين جو ٻوٽو ڦٽايو ۽ انهن ماڻهن ان جي قبر تي هڪ تختو رکيل ڏٺو انهيءَ تي لکيل هو:

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم وارو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پنهنجي ٻانهي ۽ ولي جي لاءِ: مون پنهنجي عرش جي هيٺان هڪ منبر لڳايو ۽ پنهنجن ملائڪن کي جمع ڪيو آهي، جبرائيل عَلَيهِ السَّلام خطبو ڏنو ۽ مون پنهنجن فرشتن کي گواهہ ٺهرايو تہ مون فردوس جون پنجاهہ هزار حورون تنهنجي

نڪاح ۾ ڏنيون ۽ آئون پنهنجي فرمانبردار ۽ ڏڄڻ وارن پانهن سان ائين ئي پيش ايندو آهيان. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عورت جي محاسن ڏانهن نگاھ ڪرڻ ابليس جي زهر مان ٻريل تيرن مان هڪ تير آهي ۽ جيڪو شخص حرام شين کان پنهنجي اکين جي حفاظت نٿو ڪري قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باھ جون سرائيون ڦيريون وينديون.

## عبادت جي حلاوت

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ آهي: عورت جي محاسن ڏانهن نظر ڪرڻ شيطان جي زهر ۾ ٻريل تيرن مان هڪ تير آهي، جيڪو شخص پنهنجي اکين جي حفاظت ڪندو الله تعالٰي ان کي اهڙي عبادت جي توفيق عطا فرمائيندو جنهن جي مناس هو پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو.

(المعجم الڪبير رقم 10362 ج 10 ص 173)

## جهنم کان آزاد ٿيڻ واريون اکيون

الله تعالٰي حضرتِ سيدنا موسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: اي موسٰي! مون ٽن قسم جي اکين کي جهنم تي حرام فرمائي ڇڏيو آهي، هڪ اها اک جيڪا راھ خدا ۾ پهرو ڏيندي آهي، ٻين اها اک جيڪا الله تعالٰي جي حرام ڪيل شين کان رڪجي وڃي ٿي ۽ ٽين اها اک جيڪا منهنجي خوف ۾ روئي ٿي، ۽ لڙڪن کان سواءِ هر شيءِ جي هڪ جزا آهي ۽ لڙڪ جي جزا رحمت، مغفرت ۽ جنت ۾ داخلي ڪانسواءِ ڪجھ به ناهي.

# خاموش رهڻ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ دفعي حضرتِ سيدنا ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي نہ ڏٺو تہ انهن جي باري ۾ پڇيو تہ عرض ڪيو ويو: اهي بيمار آهن، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيادا انهن وٽ تشريف وٺي ويا. جڏهن انهن وٽ پهتا تہ فرمايائون: اي ڪعب! توکي مبارڪ هجي. حضرتِ سيدنا ڪعب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي سندن والده چيو: اي ڪعب! توکي جنّت مبارڪ هجي. نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هي الله تعالٰي بابت قسم ڪائيندڙ عورت ڪير آهي؟ حضرتِ سيدنا ڪعب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ عرض گذار ٿيا: منهنجي والده آهي. فرمايائون: اي ڪعب جي ماءُ! توکي ڪهڙي خبر شايد ڪعب ڪا غير ضروري (يعني فضول) ڳالهہ ڪئي هجي يا ٻڌي هجي. (تاريخ بغداد رقم 2339 ج 5 ص 28)

# عبادت جا 9 حصا

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: عبادت جا ڏهہ حصا آهن جن مان 9 حصا خاموشي ۾ ۽ هڪ حصو ماڻهن کان پري ڀڄڻ ۾ آهي.

(مسندالفردوس ج 4 ص 86 الحديث 4962 بتصرف)

”حڪمت“ ۾ آهي تہ عبادت جو 90 فيصد حصو خاموشي ۾ آهي. حضرتِ سيدتنا مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جڏهن هي باس باسي تہ ڪنهن سان نہ ڳالهائينديس ۽ پنهنجي زبان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ روڪي رکنديس. الله عَزَّوَجَلَّ هڪ ٻي سمجهہ ٻار جي زبان کولي ڇڏي ۽ انهيءَ کي حضرتِ سيدتنا مريم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جي ڪري ڳالهائڻ سيکاريو، تنهنڪري جيڪو شخص دنيا ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجي زبان جي

حفاظت ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي موت جي وقت  ڪلمو شهادت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات جي وقت ان جي زبان ڪولي ڇڏيندو ۽ جنهن پنهنجي زبان کي مسلمانن جي عزت پامال ڪرڻ ۾ ملوث ڪيو ۽ انهن جي پوشيده (لڪيل) ڳالهين کي ڄاڻڻ ۾ لڳو رهيو الله تعالٰي ان جي زبان کي موت جي وقت ڪلمي شهادت کان روڪي ڇڏيندو. (يعني انهيءَ کي ڪلمو شهادت پڙهڻ جي توفيق نصيب نہ ٿيندي)

## وڌيڪ ڳالهائڻ واري جون غلطيون بہ وڌيڪ

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: جنهن جو ڳالهائڻ وڌيڪ هوندو ان جون غلطيون بہ وڌيڪ هونديون ۽ جنهن جون غلطيون وڌيڪ هونديون انهيءَ جا گناهہ وڌيڪ هوندا ۽ جنهن جا گناهہ وڌيڪ هوندا جهنّم ان جو وڌيڪ حقدار هوندو. (مجمع الزوائد، الحديث 18172 ج 10 ص 542)

## وات ۾ پٿر رکندا هئا

انهيءَ لاءِ اميرالمؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي وات ۾ پٿر رکندا هئا تہ جيئن انهيءَ جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي (فضول) گفتگو ڪرڻ کان روڪي سگهن.

(المعجم الاوسط رقم 6541 ج 5 ص 47)

## سڀ کان افضل عمل

حضرت سيدنا معاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو: ڪهڙو عمل سڀ کان افضل آهي؟ ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زبان مبارڪ ٻاهر ڪڍي ان تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو. (يعني زبان جي حفاظت ڪرڻ سڀ کان افضل ڪم آهي) (ابن ابي الدنيا رقم 8، ج 7، ص 31،30)

## وڌيڪ گفتگو باعثِ هلاڪت آهي

اميرالمؤمنين حضرتِ سيدنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي پٽ حضرتِ سيدنا امام حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي فرمايو: پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکو ڇو ته وڌيڪ گفتگو ڪرڻ ۾ انسان جي هلاڪت آهي.

## پنهنجي زبان قابو ۾ رکو

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جن هڪ ڏينهن ماڻهن کي خطاب ڪندي ارشاد فرمايو: توهان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: اي ابن آدم! تون ماڻهن کي ته نيڪ ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏين ٿو پر پنهنجو پاڻ کي ڇڏي ڏين ٿو، اي ابن آدم! تون ماڻهن کي ته نصيحت ڪرين ٿو جڏهن ته پنهنجو پاڻ کي وسارين ٿو، اي ابن آدم! تون مون کي سڏين ٿو پوءِ به مون کان پري ڀڄين ٿو جيڪڏهن ائين ئي آهي جيئن تون چوين ٿو ته پنهنجي زبان کي قابو ۾ رک ۽ پنهنجي گناهن کي ياد رک ۽ پنهنجي گهر ۾ وينو رهه.

## عقلمند ڪير؟

حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي صحيفن ۾ آهي: عقلمند ماڻهو تي لازمي آهي ته هو پنهنجي زماني تي نظر رکڻ وارو هجي، پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو هجي ۽ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪرڻ وارو هجي. (الترغيب والترهيب، حديث 4405 ج 3 ص 417)

## دل جي سختي جو سبب

حضرتِ سيدنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا: جيڪڏهن تون پنهنجي دل ۾ سختي يا بدن ۾ سستي يا پنهنجي رزق ۾ محرومي ڏسين ته يقين ڪري وٺ ته تو کا فضول گفتگو ڪئي آهي.

## سلامتي جو نسخو

حضرتِ سيدنا لقمان حڪيم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو: پٽ! جيڪو رحم ڪري ٿو انهيءَ تي رحم ڪيو وڃي ٿو ۽ جيڪو خاموش رهي ٿو اهو سلامت رهي ٿو ۽ جيڪو سنو ڪم ڪري ٿو اهو غنيمت حاصل ڪري ٿو ۽ جيڪو برا ڪم ڪري ٿو اهو گنهگار ٿئي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي زبان کي قابو ۾ نٿو رکي اهو پشيمان ٿئي ٿو.

**ڪجھ شعر**

اِحۡفَظۡ لِسَانَکَ اَیُّهَا الۡاِنۡسَانُ لَا یَقۡتُلَنَّکَ اِنَّـهُ ثُعۡبَانُ
کَمۡ فِیۡ الۡمَقَابِرِمِنۡ قَتِیۡلِ لِسَانِهٖ کَانَتۡ تَهَابُ لِقَائَهُ الشِّجۡعَانُ

**ترجمو:** (1) اي انسان! پنهنجي زبان جي نگهباني ڪر، هي توکي ڪٿي هلاڪت ۾ نہ وجهي ڇڏي، بيشڪ هي وڏو نانگ آهي.

(2) پنهنجي زبان جي هلاڪتن سان ڪيترا ماڻهو مري قبرن ۾ مدفن آهن ۽ هاڻي (قبر جا) خطرناڪ نانگ انهن کي ڏيجاري رهيا آهن.

## جسم جي عضون جي فرياد

منقول آهي روزانو سڀ عضوا زبان کي چوندا آهن: توکي الله جو قسم! تون سڌي رهجان چوتہ جيڪڏهن تون سڌي رهئين تہ اسان بہ سڌا رهنداسين جيڪڏهن تون ٽيڙي ٿي وئين تہ اسين بہ ٽيڙا ٿي وينداسين. (جامع ترمذي رقم 2415 ج 4 ص 183)

## زبان کي قيد ڪري وٺو

ڪن دانائن جو چوڻ آهي: پاڻ کي ضايع ڪرڻ ۽ قيد ٿيڻ کان پهرين پنهنجي زبان کي قابو ڪري ونو چاڪاڻ تہ زبان کان وڌيڪ ڪا شيءِ قيد جي مستحق ناهي ڇوتہ هي غلطيون وڌيڪ ڪري ٿي ۽

جواب ڏيڻ ۾ جلد بازي کان ڪم وٺي ٿي.

## حڪمت سان پريل گفتگو جو سبب

ڪي دانا چون ٿا: فضول ڳالھ ڇڏي ڏيڻ گفتگو ۾ حڪمت پيدا ڪري ٿي، پريشان نظري ڇڏي ڏيڻ خشوع ۽ خشيت (يعني عاجزي ۽ خوف) پيدا ڪري ٿي، فضول شيءِ کائڻ کان پرهيز ڪرڻ عبادت ۾ مناس پيدا ڪري ٿي، گهڻو کلڻ ڇڏي ڏيڻ رعب پيدا ڪري ٿو ۽ حرام ۾ رغبت نہ ڪرڻ محبت پيدا ڪري ٿو، ماڻھن جي عيبن جي جستجو ڇڏي ڏيڻ عيبن جي اصلاح جو سبب آھي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ وهم ڪي ڇڏي ڏيڻ، شڪ، شرڪ ۽ نفاق کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.

**شعر**

اَلصَّمتُ نَفعٌ وَالْكَلَامُ مُضِرَّةٌ — فَلَرُبَّ صَمتٍ فِي الْكَلَامِ شِفَاءُ

فَإِذَا اَرَدْتَّ مِنَ الْكَلَامِ شِفَاءً — لِسَقَامِ قَلْبِكَ فَالْقُرآنُ دَوَاءُ

**ترجمو:** (1) خاموشي نفع بخش ۽ (فضول) گفتگو نقصان ده آھي، گفتگو کان پرهيز ئي ۾ اڪثر فائدو هوندو آھي.

(2) جڏھن تون گفتگو سان پنھنجي قلبي مرض جي شفا جو ارادو ڪرين تہ تلاوتِ قرآن مجيد انهيءَ جي بهترين دوا آھي.

**منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو!**

ياد رکو! ماڻھن جي عيبن جي جستجو ۽ انهن جي برائين جي ڳولا ڪرڻ برائين ۽ رازن کي کولڻ جو دروازو کولي ٿي. جڏھن تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنھنجي پاڪ ڪتاب ۾ انهيءَ کان منع فرمايو آھي الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَلَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ عيب تلاش نہ ڪريو ۽ هڪ ٻي جي گلا نہ ڪريو.

(پ 26 الحجرات 12)

تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ ماڻهن جي عيبن کي ڇڏي ڪري پنهنجي عيبن جي اصلاح ۾ مشغول ٿي وڃو ۽ مڪ وانگر نه بڻجو جيڪا جسم جي ڪنهن صحيح حصي تي ناهي ويهندي بلڪ زخم واري حصي تي پيپ چوسڻ لاءِ ويهندي آهي ڇو جو جيڪو شخص پنهنجا عيب وساري، ماڻهن جا عيب تلاش ڪندو آهي ۽ انهن جي برائين جي ڳولا ۾ لڳو پيو هوندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ تي اهڙي شخص کي مسلّط فرمائيندو آهي جيڪو هن کي بدنام ڪرڻ جي لاءِ ان جا عيب تلاش ڪندو آهي ۽ انهيءَ جا لڪيل معاملا ٻين تي ظاهر ڪندو آهي. تنهنڪري عقلمند ۽ سعادتمند اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي عيبن تي نظر رکي ۽ ٻين جي عيبن تان نگاهه ڦيري ڇڏي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي علاوه هر شيءِ کان غافل ٿي وڃي.

## پنج ڳالهيون

حديث قدسي ۾ آهي: الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدنا موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو: اي موسٰي (عَلَيۡهِ السَّلَام)! مون توريت شريف کي پنجن ڳالهين تي ختم ڪيو آهي جيڪڏهن تون انهن تي عمل ڪندين تڏهن ئي توريت جو علم توکي نفعو ڏيندو. اي موسٰي (عَلَيۡهِ السَّلَام)! انهن مان پهرين ڳالهه هي آهي ته مون تنهنجي لاءِ جيڪو رزق مقرر ڪيو آهي جيستائين منهنجي خزاني ۾ گهٽتائي نه ڏسين (جنهن جو تصوّر ئي نٿو ڪري سگهجي) انهيءَ حصي تي ڀروسو ڪر، اي موسٰي (عَلَيۡهِ السَّلَام) ٻين ڳالهه هي آهي ته جيستائين منهنجي حڪومت کي ختم ٿيندي نه ڏسين ونين (جنهن جو تصوّر ئي نٿو ڪري سگهجي) ته دنياوي حڪمران کان نه ڊڄ، اي موسٰي (عَلَيۡهِ السَّلَام) ٽين ڳالهه هي آهي ته جيستائين تون پنهنجو پاڻ کي خلافِ اولٰي کان خالي نه ڏسين ڪنهن جي عيبن جي ڳجهه ۾

نہ پوجان، اي موسٰي (عَلَيْهِ السَّلَام) چوٿين ڳالھ هي آهي تہ جيستائين تنهنجو روح تنهنجي جسم ۾ رهي، شيطان سان جنگ ڪرڻ نہ ڇڏجان، اي موسٰي (عَلَيْهِ السَّلَام) پنجين ڳالھ هي آهي تہ منهنجي عتاب کان بيخوف نہ رهجان جيتوڻيڪ تون پنهنجو پاڻ کي جنّت ۾ ڏسين.

## عيب تي عار نہ ڏياريو

دانا فرمائن ٿا: اي منهنجا ياءُ! ڪنهن کي ان جي عيب تي عار نہ ڏيار جو تہ ڊپ آهي جو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي عافيت ڏئي توکي انهيءَ ۾ مبتلا نہ فرمائي ڇڏي ۽ جنهن فاسق جو فسق ظاهر هجي، ان جي پرده پوشي نہ ڪر ۽ نہ ئي ان جي، جيڪو سرِّعام گناھ ڪندو هجي ۽ پنهنجو گناھ لڪائيندو نہ هجي.

## پرده پوشي جو انعام

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو شخص پنهنجي ڪنهن ياءُ جي پوشيده (لڪيل) معاملي تي خبروار ٿئي پوءِ انهيءَ جي پرده پوشي ڪري تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو. (مجمع البحرين رقم 2402 ج 2 ص 365)

## پريشاني ختم ٿيڻ جو سبب

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ڪنهن مسلمان کان خريد ڪيل شيءِ واپس وٺي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي پريشاني دور فرمائيندو. (صحيح ابن حبان، رقم 5008 ج 7 ص 243)

## شرابي نوجوان جي توبهہ

امام اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پاڙي ۾ هڪ شرابي نوجوان رهندو هو. امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه رات جو ڪتابن جو مطالعو ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جي لاءِ شب بيداري فرمائيندا هئا. پاڻ

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ انهيءَ شرابي جي وچ ۾ هڪ ديوار آڙ هوندي هئي اهو نوجوان شراب پيئندو ۽ هي شعر پڙهندو هو:

سَـأُنْشِدُهُمْ اِذَا مَاهُمْ جَفَوْنِي     اَضَاعُوْنِيْ وَاَيَّ فَتًى اَضَاعُوْا

ترجمو: اهي جڏهن بہ مون تي ظلم ڪن تا آئون انهن کي اهو ئي چوندو آهيان: توهان مون کي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ افسوس! ڪهڙي زبردست نوجوان کي ضايع ڪري ڇڏيو.

هو ان شعر کي دهرائيندو رهندو هو، امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي هن ڪلام سان مانوس ٿي ويا هئا، هڪ ڏينهن امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ جو آواز نہ ٻڌو تہ فجر لاءِ ويندي وقت انهيءَ جي باري ۾ معلوم ڪيائون تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ٻڌايو ويو تہ ڪوتوال هن کي نشي جي حالت ۾ ڏٺو تہ جيل ۾ وجهي ڇڏيو آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فجر ادا ڪرڻ کانپوءِ ڪوتوال جي گهر ويا ۽ ان جو دروازو کڙڪايو ۽ پنهنجي اچڻ جي خبر موڪلي تہ ڪوتوال هڪدم متي اگهاڙو پيرين اگهاڙو ٻاهر نڪتو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هٿ چمي عرض ڪرڻ لڳو: يا سيدي! آئون ڪڏهن کان ايترو معزّز ٿيو آهيان جو اوهان پاڻ هلي آيا آهيو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: منهنجي هڪ پاڙيسري کي گذريل رات قيد ڪيو ويو آهي آئون انهيءَ لاءِ آيو آهيان، ڪوتوال چيو: يا سيدي! آئون اوهان کي گواهہ ٻڌايان ٿو تہ مون هن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ گذريل رات جيترن کي بہ قيد ڪيو ويو آئون سيني کي آزاد ڪريان ٿو.

پوءِ جڏهن امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه واپس موٽيا تہ اهو شخص پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان گڏ هو پاڻ هن ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون: اي منهنجا ياءُ! ڇا اسان توکي ضايع ڪيو؟ ۽ ڇا اسان تنهنجي انهيءَ قول ”انهن مون کي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ افسوس! ڪهڙي زبردست

نوجوان کي ضايع ڪري ڇڏيو” جي رعايت ڪندي اسان تنهنجي حق جي پاسداري نہ ڪئي؟ اهو ڇوڻ لڳو: خدا جو قسم! اوهان مون کي ضايع ناهي ڪيو بلڪ منهنجي رعايت ڪئي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي پاڙيسيرين جي طرفان سٺي جزا ڏئي ۽ آئون اوهان کي گواهہ بڻائيندي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪريان ٿو، پوءِ هو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پيروي ڪرڻ لڳو ۽ مرڻ گهڙي تائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول رهيو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# غيبت ۽ چغلخوري جي مذمت

## دنيا ۽ آخرت جي مقبوليّت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو: اي ابوهريره! جيڪڏهن تون هي ڳالهہ پسند ڪرين تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ توکي مقبول بڻائي تہ تون پنهنجي زبان کي مسلمانن جي معاملات ۾ ڳالهائڻ کان روڪي رک.

## غيبت ڪرڻ وارو روزيدار ناهي

نور جي پيڪر، سيني نبيّن جي سروَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: جيڪو ڏينهن جي وقت ماڻهن جو گوشت کائڻ ۾ لڳو رهيو ان روزو نہ رکيو. (المصنّف لابن ابي شيبة، الحديث 13، ج 2، ص 423)

## سڀ کان وڌيڪ ناپسند

حضرتِ سيدنا عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: هر طعن و تشنيع ڪرڻ وارو ۽ لعنت وجهڻ وارو شخص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي سڀ کان

وڏيڪ ناپسند آهي. (ڪتاب الزهد لابن مبارڪ رقم 680، ص 237)

## فرشتن جي لعنت

حضرتِ سيدنا سعيد بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن ڪنهن مسلمان کي ان جي نالي کانسواءِ ڪنهن لفظ (يعني انهيءَ کي بري نالي) سان سڏيو ان تي فرشتا لعنت وجهندا آهن.
(الجامع الصغير، رقم 8666، ج 6 ص 163)

## اڻ ڏٺل نيڪيون

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: ٻانهي کي قيامت جي ڏينهن جڏهن انهيءَ جو اعمال نامو ڏنو ويندو ته هو ان ۾ اهڙيون به نيڪيون ڏسندو جيڪي هن ڪڏهن به نه ڪيون هونديون، هو عرض ڪندو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! اهي ڪٿان آيون؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: تنهنجي بيخبري ۾ ماڻهن تنهنجي غيبت ڪئي هئي، اهي نيڪيون انهيءَ سبب توکي مليون آهن.
(ڪنزالعمال رقم 8044 ج 3 ص 236)

## رحمت کان محرومي

حضرتِ سيدنا حاتم اصم عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الاکرم فرمائن ٿا: جنهن مجلس ۾ ٽي ڳالهيون ٿينديون آهن اتان کان رحمت ڦيري ويندي آهي: (1) دنيا جو ذڪر (2) کل مذاق (3) ماڻهن جي عزّت خراب ڪرڻ.

پيارا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي، ڄاڻي وٺو! چغلخوري دين و دنيا کي برباد ڪري ٿي، دلين کي بدلائي ٿي، دشمني پيدا ڪري ٿي، خونريزي ۽ نااتفاقي جو باعث بڻجي ٿي. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَ لَا تُطِعۡ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيۡنٍ ﴿۱۰﴾ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِيۡمٍ ﴿۱۱﴾ مَّنَّاعٍ لِّلۡخَيۡرِ مُعۡتَدٍ اَثِيۡمٍ ﴿۱۲﴾ عُتُلٍّۭ بَعۡدَ ذٰلِكَ زَنِيۡمٍ ﴿۱۳﴾
(پ 29 القلم 10 کان 13)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اهڙي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڳالهہ نہ ٻُڌ جيڪو وڏو قسمي ذليل. گهڻو طعنا هڻندڙ وڏو چغلخور. خير کان گهڻو روڪڻ وارو حد کان لنگهندڙ گنهگار و بد خوف ان کان وڌيڪ هي تہ سندس اصل ۾ رولو.

## غيبت ڇا آهي؟

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان غيبت جي باري ۾ سوال ڪيو ويو: غيبت ڇا آهي؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: غيبت هي آهي تہ تون پنهنجي ڀاءُ جي غير موجودگي ۾ ان ۾ موجود ڪنهن عيب جو تذڪرو ڪرين ۽ جيڪڏهن تون ڪنهن اهڙي عيب جي ان ڏانهن منسوب ڪرين جيڪو هن ۾ نہ هجي تہ بيشڪ تو هن تي بهتان هنيو. (جامع الترمذي رقم 1941 ج 3 ص 375)

## بدترين ماڻهو

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: چغلخوري ڪرڻ وارا ۽ دوستن ۾ جدائي وجهڻ وارا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو بدترين ماڻهو آهن.
(المسند للامام احمد بن حنبل الحديث 18020 ج 6 ص 291)

## چغلخور جنّت ۾ نہ ويندو

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: چغلخور جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو. (صحيح مسلم رقم 105 ص 66)

## چغلخوري جو وبال

اللّٰه جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي: جيڪو ٻن ماڻهن جي وچ ۾ چغلخوري

ڪندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي قبر ۾ اهڙي باھ مسلّط ڪندو جيڪا هن کي قيامت تائين ساڙيندي رهندي ۽ هن تي هڪ وڏو نانگ مسلّط فرمائي ڇڏيندو جيڪو هن جي جهنّم ۾ داخل ٿيڻ تائين ان کي ڏنگيندو رهندو. (رواه الکناني في تنزيہ الشريعة الخ رقم 101 ج 2 ص 313)

## دشمني ڪرائڻ جو انجام

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ آهي: جنهن ٻن شخصن جي وچ ۾ دشمني ڪرائي ان پنهنجو ٺڪاڻو جهنّم ۾ بڻايو ۽ جنهن انهن ۾ صلح ڪرايو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي آهي ته انهيءَ کي جنّت ۾ داخل فرمائي.

## چغلخور تنهنجي بہ چغلي هڻندو هوندو

ڪنهن دانا جو قول آهي: چغلخوري دلين ۾ دشمني پيدا ڪندي آهي ۽ جنهن تنهنجي چغلي ڪئي بيشڪ انهيءَ توکي گار ڏني ۽ جيڪو تنهنجي سامهون ڪنهن جي چغلي ڪري ٿو اهو تنهنجي بہ چغلي ڪندو هوندو. چغلخور جنهن جي سامهون چغلي ڪري ٿو، انهيءَ جي لاءِ ڪوڙ ٿو ڳالهائي ۽ جنهن جي چغلي ڪري ٿو انهيءَ سان بدديانتي ڪري ٿو.

اِحفَظْ لِسَانَکَ لَاتُؤْذِیْ بِهِ اَحَدًا مَنْ قَالَ فِی النَّاسِ عَيْبًا قِيْلَ فِيْهِ بِمِثْلِهِ

**ترجمو:** پنهنجي زبان جي حفاظت ڪر ان جي ذريعي ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏي، جو جيڪو شخص ماڻهن تي عيب لڳائي ٿو،انهيءَ تي بہ عيب لڳايا وڃن ٿا.

## ڳوٺاڻي عورت جي نصيحت

امام اصمعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون هڪ ڳوٺاڻي عورت کي ڏٺو جيڪا پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي چئي رهي هئي: پٽ! عمل جي توفيق اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي ۽ آئون توکي نصيحت تي

ڪريان تہ چغلي ھٽڻ کان بچندو رھجان چو تہ ھي ٻن قبيلن ۾ دشمني ڪرائيندي آھي، دوستن کي جدا ڪري ڇڏيندي آھي ۽ ماڻھن جي عيبن جي ڳولا ۾ رھڻ کان بچ جو ڪٿي تون بہ عيب دار نہ ٿي وڃين، عبادت ۾ ڏيکاءُ ۽ مال خرچ ڪرڻ ۾ بخل کان بچندو رھ ۽ ٻين جي انجام کان سبق حاصل ڪجان ۽ ماڻھن جو جيڪو عمل توکي سنو لڳي انھيءَ تي عمل ڪجاء ۽ انھن ۾ جيڪو ڪم توکي برو لڳي انھيءَ کان بچندو رھجان چو تہ ماڻھو کي پنھنجا عيب نظر ناھن ايندا، پوءِ اھا عورت خاموش ٿي وئي تہ مون چيو: اي ڳوناٺي عورت! توکي خدا جو قسم! وڌيڪ نصيحت ڪر. ھن پڇيو: اي شھري! ڇا توکي ھڪ ڳوناٺيءَ جون ڳالھيون سٺيون لڳيون آھن؟ مون چيو: خدا جو قسم! سٺيون لڳيون آھن. ھن چيو: پٽ! ڏوڪي ڏيڻ کان بچندو رھجان چو تہ تون ماڻھن سان جيڪي معاملا ڪرين ٿو ڏوڪو ڏيڻ ان ۾ سڀ کان برو آھي، سخاوت، علم، عاجزي ۽ حياء کي اپنائي وٺ ۽ ھاٽي آئون توکي خدا عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿي، توتي سلامتي ھجي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توتي رحم ڪري. خبردار! غيبت ڪرڻ حالتِ اسلام ۾ ٽيھ (30) دفعا زنا ڪرڻ کان بہ سخت گناھ آھي.

ڪن علماء رَحِمَھُمُ اللّٰہُ تعالٰي فرمائن ٿا: غيبت وضو ٽوڙي ڇڏي ٿي ۽ روزيدار جو روزو بہ غيبت ڪرڻ سان ٽٽي وڃي ٿو. (پر صحيح قول ھي آھي تہ غيبت ڪئي تہ روزو نہ ويو جيتوڻيڪ غيبت جي سبب کان روزي جي نورانيّت ختم ٿي ويندي آھي.) (بھارِشريعت حصو 5 ص 58)

۽ ڪجھ فقھاءِ ڪرام رَحِمَھُمُ اللّٰہ تعالٰي فرمائن ٿا: غيبت ڪرڻ جي صورت ۾ ٻيھر وضو ڪيو وڃي. (يعني ٻيھر وضو ڪرڻ مستحب آھي)
(بھارِ شريعت حصو 2 ص 13)

## غيبت ڪرڻ واري جو مثال

منقول آهي: غيبت ڪرڻ وارو انهيءَ شخص وانگر آهي جنهن هڪ مَنجنيق (توپ) لڳائي هجي ۽ انهيءَ جي ذريعي پنهنجون نيڪيون ساجي، کابي ۽ اولهه اوير جي طرف اڇلائي ڇڏي.

## سڀ کان پهرين جهنّم ۾ داخل ٿيڻ وارو

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدنا موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: جيڪڏهن ڪو شخص غيبت ڪندي مري ته ڪڏهن تون پسند فرمائين ٿو ته آئون تنهنجي دشمن جي مقابلي ۾ تنهنجي مدد ڪريان. عرض ڪيائين: اهو ڪيئن؟ (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ) فرمايو: توکي ماڻهن جي غيبت کان بچائي (پوءِ فرمايو) غيبت ۽ چغلخوري کان توبهه ڪري مرڻ وارو سڀ کان آخر ۾ جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪو انهن بنهي گناهن تي رهي مرندو اهو سڀ کان پهرين دوزخ ۾ داخل ٿيندو.

## ڏهه پسنديده خصلتون

حضرت سيدنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! ڪهڙو عمل سڀ کان افضل ۽ تو وٽ سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي؟ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي سليمان! اهي ڏهه خصلتون آهن انهن مان هڪ هي به آهي ته تون منهنجي هر ڀانهي جو تذڪرو ڀلائي ئي سان ڪر ۽ نه ڪنهن جي غيبت ڪر ۽ نه ڪنهن جي عيب جوئي ڪر. پاڻ عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! باقي ست شيون مون سان بيان نه ڪر ڇوته مون کي انهن ٽن ڳالهين ئي بيقرار ڪري ڇڏيو آهي. (ڪتاب الزهد لابن مبارڪ، رقم 471، ص 161، بتصرف)

حضرتِ سيدنا عطا سُليمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: عذابِ قبر جا ٽي حصا آهن هڪ عذاب جو حصو پيشاب جي سبب، هڪ حصو

غيبت جي سبب ۾ هڪ حصو چغلخوري جي سبب ٿئي ٿو.

انهيءَ ڪري اي منهنجا اسلامي ڀاءُ! عزّت خراب ڪرڻ ۽ ڪنهن جي ان عيب تي غيبت ڪرڻ کان بچندو رهه جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ ۾ پيدا فرمايو آهي ڇو ته الله عَزَّوَجَلَّ هن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ توکان وڌيڪ هن تي قادر آهي جيڪڏهن هو چاهي ته هن کي ختم ڪري بدلو وٺي ها.

## حڪمتِ الٰهي

منقول آهي ته حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪنهن ندي وٽان گذريا ته هڪ ٻار کي ان ندي ۾ ڪيڏندي ڏٺو انهن سان گڏ هڪ نابين ٻار به هو جنهن کي هُو پاڻي ۾ غوطا ڏئي، هيڏانهن هوڏانهن پيچي ويندا هئا ۽ هو انهن کي تلاش ڪندو رهندو هو پر ڪامياب نه ٿيندو هو، حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان جي باري ۾ غور و فڪر ڪرڻ لڳا پوءِ پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ انهيءَ ٻار جي بصارت موٽائڻ جي دعا ڪئي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان ٻار جي بينائي (اکين جي روشني) عطا فرمائي. جڏهن هن اکيون کوليون ۽ ٻارن کي ڏٺو ته هڪ ٻار کي جهلي انهيءَ سان چنبڙي پيو ۽ ان کي ايتري قدر غوطا ڏنائين جو هو مري ويو پوءِ ٻئي کي جهليائين ۽ ان کي به غوطا ڏئي قتل ڪري ڇڏيائين، اهو ڏسي ٻيا ٻار ڀڄي ويا. حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اهو معاملو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا ۽ عرض ڪيائون: يا اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ! اي منهنجا آقا و مولٰي! تون ان جي تخليق کي وڌيڪ سڃاڻڻ وارو آهين پوءِ انهيءَ ٻار کي ساڳي حالت تي موٽائڻ ۽ ان معاملي جي ڪفايت جي دعا گهري. الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي وحي نازل فرمائي: آئون توکان

وڏيڪ ڇاڻان ٿو پوءِ بہ تون منهنجي حڪم ۽ تدبير جي سامهون آئين. حضرتِ سيدنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سجدي ۾ ڪِري پيا.

ياد رکو! هن ڪائنات ۾ جيڪو بہ ڪم ٿئي ٿو انهيءَ ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ۽ تدبير شاملِ حال هوندي آهي.

## بُري صحبت جو انجام

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جي لاءِ گڏجي ويهڻ وارن ۽ گناهہ تي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ وارا گڏ ٿيندا، پوءِ اهي گوڏن ڀر ويهندا ۽ هڪٻئي کي ڪتن وانگر چڪ هڻندا ۽ پٽيندا، هي اهي بدنصيب هوندا جيڪي بغير توبهہ جي دنيا مان رخصت ٿيا هوندا.

## مرڻ واري جي نصيحت

فقيہ ابو الحسن علي بن فرحون قرطبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”الزاهر“ ۾ فرمائن ٿا: منهنجا هڪ چاچا هئا جنهن جو 555 هجري تي فاس شهر ۾ انتقال ٿيو، مون ان کي مرڻ کانپوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو منهنجي گهر تشريف وٺي آيا آهن تہ آئون سندن لاءِ اٿي بيٺس ۽ دروازي جي ويجهو ٿي ان سان مليس سلام ڪيو پوءِ هو گهر ۾ داخل ٿيا ۽ آئون هن جي پٺيان پٺيان داخل ٿيس، جڏهن هو ڪمري جي اندر تشريف وٺي آيا تہ ديوار سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيا، آئون بہ انهن جي سامهون ويهي رهيس مون سندن رنگ بدليل ڏٺو تہ پڇيو: چاچا جان! اوهان کي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان ڇا مليو؟ فرمايائون: پٽ! مهربان کان مهرباني کانسواءِ ڇا ملندو؟ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ غيبت کان علاوه هر شيءِ ۾ مون سان نرمي فرمائي، جڏهن کان مون دنيا ڇڏي آهي اڃا تائين غيبت جي ڪري قيد آهيان، اڃا تائين منهنجو اهو گناهہ

معاف ناهي ٿيو، پٽ آئون توکي نصيحت ٿو ڪريان تہ غيبت ۽ چغلخوري کان بچندو رهجان ڇوتہ مون برزخ ۾ ئي غيبت کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ تي پڪڙ يعني پڇا ڳاڇا ٿيندي ناهي ڏٺي، اهو ڇئي هو مون کان موڪلائي هليو ويو.

**شعر**

يَمُوتُ كُلُّ الْاَنَامِ طُرًّا | مِنْ صَالِحٍ كَانَ اَوْ خَبِيْثٍ
فَمُسْتَرِيْحٌ وَّمُسْتَرَاحٌ | مِنْهُ كَمَا جَاءَ فِي الْحَدِيْثِ

**ترجمو :** (1) هر انسان کي مرڻو آهي چاهي نيڪ هجي يا بد.
(2) مرڻ وارو يا تہ راحت لهڻ وارو هوندو يا ماڻهو (انهيءَ جي موت مان راحت ماڻيندا) جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي.

## غيبت جي سبب عمل ڇَٽ ٿي ويا

حضرتِ سيدنا سعيد بن جبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن ٻانهي کي آندو ويندو ۽ انهيءَ کي اعمال نامو ڏنو ويندو تہ هو ان ۾ پنهنجون نمازون، روزا ۽ ٻيا نيڪ عمل نہ ڏسندو تہ عرض ڪندو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! هي ڪنهن ٻئي جو اعمال نامو آهي، مون تہ تمام گهڻيون نيڪيون ڪيون هيون، اهي هن ۾ داخل ناهن. هن کي چيو ويندو: تنهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ نہ غلطي ڪري ٿو نہ ئي ڀلجي ٿو تنهنجا نيڪ عمل ماڻهن جي غيبت ڪرڻ جي سبب ڇَٽ ٿي ويا.

اي منهنجا ڀاءُ! غيبت ۽ چغلخوري کان بچندو رهہ ڇو تہ اهي ٻئي گناه دين جي لاءِ نقصان پهچائڻ وارا آهن ۽ عاملن جا عمل برباد ڪري ڇڏين ٿا، مسلمانن ۾ عداوت (نفرت) وجهن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي پناه ۾ رکي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# غيبت جي سزا

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد حقيقت بنياد آهي: مسلمان جي قتل، ان جي مال ۽ ان جي عزّت کي الله عَزَّوَجَلَّ حرام قرار ڏنو آهي. (صحيح مسلم رقم 2564، ص 1387)

دل ۾ غيبت ڪرڻ بہ اهڙي ئي طرح حرام آهي جهڙي طرح زبان سان حرام آهي، پر جڏهن تہ ڪنهن جي سڃاڻپ جي لاءِ ضروري هجي ۽ ان کان بغير سڃاڻڻ ناممڪن هجي.

## غيبت جي وصف

سرڪارِ مدينہ قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيبت جي جيڪا وصف بيان فرمائي آهي، اها هي آهي: پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي شيءِ جي ذريعي ياد ڪر جو جيڪڏهن هو ٻُڌي وٺي يا اها ڳالهہ ان کي پهچي تہ ان کي ناپسند لڳي جيتوڻيڪ تون ان ۾ سچو هجين يلي ان جي ذات ۾ ڪو نقص (خامي) بيان ڪرين يا ان جي عقل ۾ يا ان جي ڪپڙن ۾ يا ان جي فعل يا قول ۾ ڪا گهٽتائي بيان ڪرين يا ان جي دين يا ان جي گهر ۾ ڪو نقص (عيب) بيان ڪرين يا ان جي سواري يا ان جي اولاد، ان جي غلام يا ان جي ٻانهي ۾ ڪو عيب بيان ڪرين يا ان سان تعلق رکندڙ ڪنهن بہ شيءِ جو (برائي سان) تذڪرو ڪرين ايستائين جو تنهنجو اهو چوڻ تہ ان جي آستين يا دامن ڊگهو آهي سڀ غيبت ۾ داخل آهن.

## ڪمزور شخص

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون هڪ شخص جو ذڪر ان انداز ۾ ڪيو ويو تہ هو ڪيڏو ڪمزور آهي

تہ الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزّہٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان ان جي غيبت ڪئي.
(مسند ابي يعلٰي حديث 6125 ج 5 ص 362)

## نندي قد واريءَ

حضرتِ سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جن حضرت سيدتنا صفيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڏانهن اشارو ڪري انهن کي نندي قد واريءَ چيو تہ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي عائشہ! توهان انهن جي غيبت ڪئي آهي. عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا انهن جو قد ننڍو ناهي؟ فرمايائون: توهان ان جي سڀ کان بُري شيءِ جو ذڪر ڪيو.

غيبت زبان جي ئي ذريعي ناهي ٿيندي بلڪ ڪنهن جو تذڪرو اهڙي شيءِ سان ڪرڻ جو جيڪڏهن اها ڳالهہ ذڪر ڪيل شخص تائين پهچي يا اهو پاڻ ان کي ٻُڌي تہ ان کي بُرو لڳي، چاهي اها هٿ جي ذريعي هجي يا پير جي ذريعي، اشاري جي ذريعي هجي يا حرڪت جي ذريعي، تعريض (يعني اشارن، ڪناين) ۾ هجي يا قِصي جي صورت ۾، اهي تمام صورتون غيبت ۾ داخل آهن، الله ربّ العزت ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ (پ 26 الحجرات 12)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو جو پنهنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت کائي، اهو توهان کي نہ وڻندو.

هڪ ٻي جڳهہ تي ارشاد فرمايو:

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۙ ﴿۱﴾ (پ 30 الهمزة 1)

ترجمو ڪنزالايمان: خرابي آهي ان جي واسطي جيڪو ماڻهن جا مُنهن تي عيب ڪڍي پر پُٺ گلا ڪري.

ان جي تفسير ۾ هڪ قول هي بہ آهي تہ ان مان مراد ماڻهن تي طنز ۽ ملامت ڪرڻ وارو شخص آهي چاڪاڻ تہ اهو ئي ماڻهن جو گوشت کائي ٿو.

## ننهن سان چهرا روڙڻ وارا

نبيّن جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: معراج جي رات منهنجو گذر هڪ اهڙي گروهہ وٽان ٿيو جيڪي پنهنجي ننهن سان پنهنجا چهرا روڙي رهيا هئا مون کي ٻڌايو ويو تہ هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي ماڻهن جون غيبتون ڪندا هئا. (ابو داوٗد ، رقم 4878، ج 4 ص 353)

## نيڪيون ضايع ڪرڻ واري

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: باهہ خشڪ ڪاٺين کي ايتري تيزي سان ناهي ساڙيندي جيتري تيزي سان غيبت ٻانهي جون نيڪيون ختم ڪري ڇڏيندي آهي. (ابنِ ابي الدنيا رقم 54 ج 4 ص 356 مفهوماً)

## قبوليّت جا شرط

حضرتِ عبدالملڪ بن حبيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ شخص حضرتِ سيدنا معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي عرض ڪيو: مون کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻُڌل ڪا حديث ٻُڌايو تہ حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو تہ نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: اي معاذ! آئون توهان کي هڪڙي ڳالهہ ٻڌايان ٿو جيڪڏهن توهان ان کي ياد ڪري ورتو تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي نفعو ڏيندو ۽ جيڪڏهن ان کي ضايع ڪري ڇڏيندا ۽ ياد نہ رکندا تہ قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توهان جي حجّت ختم ٿي

ويندي. پوءِ ارشاد فرمايائون: اي معاذ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آسمان ۽ زمين پيدا فرمائڻ کان پهرين ست فرشتا پيدا فرمايا پوءِ هر آسمان تي هڪ فرشتي کي پهريدار مقرر فرمايو. ٻانهي جا عمل لکڻ وارا فرشتا ان جا صبح کان شام تائين جا عمل آسمانن تائين کڻي ويندا آهن، انهن جو نور سج جي نور جهڙو هوندو آهي ايستائين جو جڏهن اهي آسمانِ دنيا تي پهچندا آهن ته انهن جي عملن کي پاڪيزه ۽ ڪثير تعداد وارو ٻڌائي پيش ڪندا آهن ته مقرر ٿيل فرشتو انهن فرشتن کي چوندو آهي: اهي عمل ان ٻانهي جي وجي منهن تي هڻو، آئون غيبت تي نگران آهيان، منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي حڪم ڏنو آهي ته ماڻهن جي غيبت ڪرڻ واري جي عمل کي اڳتي نه وڌڻ ڏيان جو اهي ڪنهن ٻئي فرشتي وٽ پهچي. پوءِ اهي فرشتا ٻانهي جا نيڪ عمل کڻي اُڏامن ٿا ۽ ان کي وڌائي پيش ڪندا آهن ايستائين جو جڏهن اهي ٻئي آسمان تي پهچندا آهن ته مقرر ٿيل فرشتو انهن کي چوندو آهي: بيهي رهو! عمل ڪرڻ واري جي منهن تي اهي عمل هڻو چاڪاڻ ته ان انهن جي ذريعي دنيا جي مال جو ارادو ڪيو هو، منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي حڪم ڏنو آهي ته آئون ان جو عمل اڳئين فرشتي تائين نه وڃڻ ڏيان چاڪاڻ ته اهو شخص ماڻهن جي مجلسن ۾ انهن تي فخر ڪندو هو. پوءِ فرمايائون: ملائڪ ڪنهن ٻانهي جا عمل کڻي اُڏامن ٿا ۽ ٽئين آسمان تي پهچي وڃن ٿا ته آسمان تي مقرر ٿيل فرشتو انهن کي چوندو آهي بيهي رهو! اهي عمل ان ڪرڻ واري جي منهن تي هڻو چاڪاڻ ته آئون تڪبُّر تي نگران فرشتو آهيان، منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مونکي حڪم ڏنو آهي ته آئون ان جو عمل ٻئي فرشتي تائين نه وڃڻ ڏيان چاڪاڻ ته هي

شخص ماڻهن تي تڪبُّر ڪندو هو.

وڏيڪ فرمايائون: محافظ فرشتا ڪنهن ٻانهي جا عمل مثلاً نماز، تسبيح، حج ۽ عمرو وغيره کڻي اُڏامندا آهن، اهي عمل تارن وانگر چمڪدار هوندا آهن ايستائين جو اهي چوٿين آسمان تائين پهچي ويندا آهن تہ اتي مقرر فرشتو انهن کي چوندو آهي: بيهي رهو! ۽ اهي عمل ان ٻانهي جي منهن تي هڻو، آئون خود پسندي تي نگران فرشتو آهيان، منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي حڪم ڏنو آهي تہ آئون ان جي عمل کي ٻئي مقرّر فرشتي تائين نہ وڃڻ ڏيان ڇاڪاڻ تہ اهو شخص جڏهن ڪو عمل ڪندو هو تہ ان جي سبب خودپسندي ۾ مبتلا ٿي ويندو هو، فرشتا ڪنهن ٻانهي جي نماز، روزي، صدقي، زڪوٰة، حج ۽ عمري وغيره جهڙا عمل کڻي اُڏامن ٿا ايستائين جو جڏهن اهي پنجين آسمان تي پهچندا آهن تہ ڏسندا آهن تہ اهو پهرين رات جي ڪنوار وانگر سينگاريل آهي، اتي مقرر فرشتو انهن کي چوندو آهي: بيهي رهو! اهي عمل ان ٻانهي جي منهن تي هڻو ۽ انهن جو بوجهہ ان جي ڪنڌ تي وجهي ڇڏيو، آئون حسد تي نگران فرشتو آهيان ڇاڪاڻ تہ هي علم جي طالب سان حسد ڪندو هو پر ان جهڙو عمل نہ ڪندو هو ۽ جيڪو بہ ان کان عبادت ۾ وڌندو هو، هي ان تي حسد ڪندو هو منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مونکي حڪم ڏنو آهي تہ آئون ان جو عمل ٻئي فرشتي تائين نہ پهچڻ ڏيان، ۽ ڪي فرشتا ڪنهن ٻانهي جي نماز روزا، زڪوٰة ۽ حج و عمري جهڙا عمل کڻي جڏهن ڇهين آسمان تي پهچندا آهن تہ ان تي مقرر فرشتو انهن کي چوندو آهي: بيهي رهو! اهي عمل ان ٻانهي جي منهن تي هڻو ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهن مان ڪنهن کي مصيبت يا تڪليف پهچندي هئي

تہ ھي نہ ڪنھن انسان تي رحم ڪندو ھو نہ ئي ڪنھن مسڪين تي قياس ڪندو ھو بلڪ ان جي مصيبت تي خوشي جو اظھار ڪندو ھو، آئون رحمت جو فرشتو آھيان ۽ منھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي حڪم ڏنو آھي تہ آئون ان جو عمل ٻئي فرشتي تائين نہ پھچڻ ڏيان.

فرشتا ڪنھن ٻانھي جي نماز، روزو، صدقي، جھاد ۽ تقويٰ جھڙا عمل کڻي ايندا آھن جن جو آواز ماکي جي مکين وانگر ۽ انھن جي چمڪ سج جھڙي ھوندي آھي ۽ انھن سان گڏ ٽي ھزار فرشتا ھوندا آھن جڏھن اھي ستين آسمان تي پھچندا آھن تہ ان تي مقرر فرشتو انھن کي چوندو آھي: بيھي رھو! اھي عمل ان ٻانھي جي منھن تي ھڻو ۽ ان جي دل تي تالو لڳائي ڇڏيو چاڪاڻ تہ آئون کو اھڙو عمل پنھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پيش ٿيڻ نہ ڏيندو آھيان جيڪو منھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنھن غير جي لاءِ ڪيو ويو ھجي چاڪاڻ تہ اھو ٻانھو پنھنجي عمل سان فقھاء جي ويجھو بلندي، عالمن جي ويجھو تذڪرا ۽ ماڻھن ۾ شھرت جو ارادو ڪندو ھو منھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي حڪم ڏنو آھي تہ آئون ان جو عمل ٻئي فرشتي تائين نہ پھچڻ ڏيان چاڪاڻ تہ ھر اھو عمل جيڪو خالص **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ نہ ھجي اھو رياء آھي ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ رياڪار جو عمل قبول ناھي فرمائيندو. ڪي فرشتا ڪنھن ٻانھي جي نماز، زڪوٰة، عمري، حسنِ اخلاق، خاموشي، ذڪراللّٰه جھڙا عمل کنيا آھن ۽ ستن آسمانن جا فرشتا بہ گڏ تي ويندا آھن ۽ تمام پردا ڪٽي ڇڏيا ويندا آھن ۽ اھي **اللّٰه** جَلَّ جلالہ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ان ٻانھي جي نيڪ عملن ۾ اخلاص جي گواھي ڏيندا آھن تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انھن کي فرمائيندو آھي: توھين منھنجي ٻانھي جا عمل لکڻ تي مقرر آھيو جڏھن تہ آئون ان

جي دل جو نگهبان آهيان، ان انهن عملن سان منهنجو ارادو نہ ڪيو هو بلڪ ڪنهن غير جي ارادي سان اهي عمل ڪيا هئا، تنهنڪري ان تي منهنجي ۽ زمين و آسمان وارن جي لعنت آهي. سڀ فرشتا عرض ڪندا آهن: جڏهن ان تي تنهنجي لعنت آهي تہ اسان جي بہ لعنت آهي، ۽ سيئي آسمان وارا چوندا آهن ان تي **الله** جي لعنت آهي تہ اسان جي بہ لعنت آهي ۽ ستئي آسمان ۽ انهن تي رهڻ وارا ان تي لعنت وجهندا آهن.

حضرتِ سيدنا معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو: يارسول **الله** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جا مقبول رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهيو، آئون تہ معاذ آهيان. **الله** جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجي پيروي ڪريو جيتوڻيڪ توهان جو عمل گهٽ ئي ڇو نہ هجي ۽ قرآن جي محافظن (يعني عالم، قاري ۽ حافظ) جي معاملي ۾ پوڻ کان پنهنجي زبان قابو ۾ رکو ۽ پنهنجا گناهہ ڪٺو، بين جا گناهہ پنهنجي ڳچي ۾ نہ وجهو ۽ انهن کي بُرو ڀلو چئي پاڻ کي پاڪ ظاهر نہ ڪريو ۽ انهن کي بُرو نہ چئو ۽ آخرت جي معاملي ۾ دنيا کي پيشِ نظر نہ رکو ۽ پنهنجي مجلس ۾ ماڻهن تي تڪبُّر نہ ڪريو ڪٿي ماڻهو توهان جي بداخلاقي کان نہ ڊڄڻ لڳن ۽ غير جي موجودگي ۾ ڪنهن سان ڪِل پوڳ نہ ڪريو ۽ ماڻهن تي وڏائي اختيار نہ ڪريو ڪٿي اوهان کان دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نہ کسيون وڃن ۽ پنهنجي زبان سان ماڻهن جو گوشت نہ ڇنيو، ڪٿي دوزخ جا ڪتا قيامت جي ڏينهن توهان کي دوزخ ۾ چيري ڦاڙي نہ ڇڏين.

**الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَّالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا ﴿۲﴾ (پ 30 النازعات 2)
ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهن جو جيڪي نرمي سان بند کولن.

اي معاذ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ! ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ ان آيت مان ڇا مراد آهي؟ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ان مان مراد ڪير آهن؟ فرمايائون: اهي جهنّم جا ڪتا آهن جيڪي گوشت ۽ هڏيون پٽي ويندا. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ايترا عمل ڪرڻ جي طاقت ڪنهن ۾ آهي جو دوزخ جي ڪتن کان ڪير ڇوٽڪارو ماڻي سگهي ٿو؟ فرمايائون: اي معاذ! اهي عمل ان شخص جي لاءِ آسان آهن جنهن جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ آسان فرمائي ڇڏي. راوي چون ٿا: مون ان حديث جي سبب حضرتِ سيدنا معاذ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان وڌيڪ قرآن جي تلاوت ڪرڻ وارو ڪنهن کي نہ ڏٺو. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# خاموشي جا فائدا

## ڪامل مسلمان ڪير؟

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ هدايت نشان آهي: ڪامل مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿن کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن. (صحيح مسلم رقم 41، ص 41)

## مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي

نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي نہ ان تي ظلم ڪندو آهي ۽ نہ ئي ان کي اڪيلو ڇڏيندو آهي.

(صحيح مسلم رقم 2580 ص 1394)

نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مسلمان فرد واحد وانگر آهن جڏهن ان جي مٿي ۾ تڪليف ٿئي ته بخار ۽ بي آرامي ۾ سڄو جسم ان جو شريڪ ٿي ويندو آهي. (صحيح مسلم، رقم 2586، ص 1396)

## سلامتي جو اصول

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه، فيض گنجينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو سلامت رهڻ چاهي ته ان کي گهرجي، خاموش رهڻ کي لازم ڪري. (شعب الايمان رقم 4937، ج 4، ص 241)

## هر گفتگو جو حساب ٿيندو

حضرت سيدنا معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اسان کان اسان جي گفتگو جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ٿيندي؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي ابنِ جبل! تنهنجي ماءُ توتي روئي، ماڻهن کي انهن جي زبان جون خطائون ئي منهن ڀر دوزخ ۾ وجهنديون.
(ابنِ ماجه رقم 3973 ج 4 ص 343 بتصرف)

## چڱي ڳالهه کان سواءِ ڪجهه به نه ڳالهايو

حضرتِ عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کان پڇيو ويو: اسان کي اهڙو عمل ٻڌايو، جنهن کي ڪرڻ سان اسان جنت ۾ داخل ٿي وڃون. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جن ارشاد فرمايو: ڪڏهن نه ڳالهايو، عرض ڪيو ويو: اسان ائين نٿا ڪري سگهون. فرمايائون: (پوءِ) چڱي ڳالهه کانسواءِ ڪجهه به نه ڳالهايو.

## شيطان تي غالب اچڻ جو طريقو

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سنئي ڳالھ ڪانسواءِ پنھنجي زبان کي روڪي رکو، اھڙي طرح اوھان شيطان تي غالب اچي ويندا. (الترغيب والترھيب، رقم 29، ج 3، ص 341)

## ڳالھائڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو

نبيءِ اڪرم، شفيعِ مُعظم، شاھِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ھر ڳالھائڻ واري زبان تي نگھبان آھي تنھنڪري عقلمند کي گھرجي تہ ڳالھائڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي.

(ڪتاب الزھد لابن المبارڪ، الحديث 367 ص 125 بتصرف)

## چڱي ڳالھ يا خاموشي

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزّہٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آھي: جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ قيامت جي ڏينھن تي ايمان رکي تہ ان کي گھرجي تہ سنئي ڳالھ ڪري يا خاموش رھي.

(صحيح مسلم رقم 48 ص 44)

رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ان ٻانھي تي رحم فرمائي جيڪو سنئي ڳالھ ڪري تہ يا خاموش رھي تہ. (الزھد لابن المبارڪ رقم 380 ص 128 بتصرف و ڪشف الخفاء رقم 1372 ج 1 ص 377)

## اڪثر خطائن جو سبب

رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد پاڪ آھي تہ ماڻھو کان اڪثر خطائون ان جي زبان جي سبب ٿينديون آھن.

(شعب الايمان رقم 4933 ج 4 ص 240، 241)

## عقلمند ۽ جاھل جي ڪلام ۾ فرق

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزّہٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن جو فرمانِ ذيشان آهي تہ عقلمند جي زبان ان جي دل جي تابع هوندي آهي تنهنكري جڏهن هو ڳالهائڻ جو ارادو كندو آهي تہ پنهنجي دل سان مشورو كندو آهي جيكڏهن اها ڳالهہ ان جي حق ۾ بهتر هوندي آهي تہ هو ڳالهائيندو آهي ۽ جيكڏهن ان جي لاءِ نقصانكار هوندي آهي تہ ڳالهائڻ كان ركجي ويندو آهي ۽ جاهل جي دل ان جي زبان جي تابع هوندي آهي انهيءَ لاءِ ان جي دل ۾ جيكو ايندو آهي اهو ڳالهائيندو رهندو آهي.

(الزهد لابن المبارك رقم 390، ص 131 بتصرف)

## هكڙي ڳالهہ جو نتيجو

سركارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد پاك آهي: ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي هك ڳالهہ كندو آهي ۽ ان كي گمان بہ ناهي هوندو تہ اها ڳالهہ ان كي كيستائين پهچائي ڇڏيندي پر الله عَزَّوَجَلَّ ان جي سبب قيامت تائين ان جي لاءِ پنهنجي رضا لكي ڇڏيندو آهي. (الموطا للامام مالك الحديث 1899 ج 2 ص 464 بتصرف)

حضور نبيءِ كريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ماڻهو لاپرواهي جي سبب كا اهڙي ڳالهہ چئي ڇڏيندو آهي جيكا ان كي جهنّم جي باهہ ۾ كِرائي ڇڏيندي آهي ۽ ماڻهو كا ڳالهہ چوندو آهي جنهن كي هو اهميّت ناهي ڏيندو پر الله عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهہ جي سبب ان كي جنت تائين بلند فرمائي ڇڏيندو آهي.

(الموطا لامام مالك ، الخ ،رقم 1899،ج2، ص 464 بتصرف)

**منهنجا پياءُ!**

عُجب يعني خود پسندي جي آفت كان بچندا رهو چاكاڻ تہ اها آفت هر صورت ۾ بُري آهي چاهي جان تي هجي يا قول و فعل تي ۽ پنهنجي قول و فعل كان ڏوكو نہ كائو.

چاڪاڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو :

فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿۳۲﴾
(پ 27 النجم 32)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واڪاڻ نہ ڪيو اهو خوب ڄاڻي ٿو جيڪي پرهيزگار آهن.

## هلاڪ ڪرڻ واريون ٽي شيون

سيني نبيّن جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ آهي: ٽي شيون هلاڪت ۾ وجهي ڇڏينديون آهن. (1) حرص ۽ طمع ۾ گم رهڻ (2) نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ (3) ٻانهي جو پنهنجو پاڻ تي فخر ڪرڻ.

(المعجم الاوسط حديث 5754 ج 4 ص 212)

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي: جيڪڏهن توهان گناه نہ ڪريو تہ مون کي توهان تي گناه کان سخت ترين شيءِ خودپسندي جو خوف آهي.

(الترغيب والترهيب رقم 43 ج 3 ص 358 بتصرف)

حضرتِ سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان پڇيو ويو: ماڻهو گنهگار ڪڏهن ٿيندو آهي؟ فرمايائون: جڏهن هو پاڻ کي نيڪ سمجهندو آهي.

حضرتِ سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ هلاڪت ٻن شين ۾ آهي: (1) مايوسي (2) خودپسندي.

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن ٻنهي آفتن کي ان ڪري جمع فرمايو جو مايوس ماڻهو پنهنجي مايوسي جي ڪري سعادت جي حصول کان محروم رهندو آهي جڏهن تہ خودپسند ماڻهو هي گمان رکندي سعادت جي حصول جي ڪوشش ناهي ڪندو جو هو انهيءَ کي حاصل ڪري چڪو آهي.

حضرتِ سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا جي باري ۾ مروي آهي، هڪ ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ارشاد فرمايو: آئون پختہ علم وارن مان آهيان ۽ هڪ دفعي ارشاد فرمايائون: مون کي وجائڻ کان پهرين ئي مون کان جيڪي ڪجھ پڇڻ چاهيو تا پڇي وٺو. پوءِ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي گهر ڏانهن موٽيا تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتي کي ماڻهو جي صورت ۾ موڪليو، ان سندن گهر جو دروازو کڙڪايو تہ حضرتِ سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا باهر تشريف وٺي آيا تہ فرشتي چيو: اي ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا! ننڍڙي ماڪوڙي جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو تہ انهيءَ جو روح ان جي جسم جي اڳئين حصي ۾ هوندو آهي يا پٺئين حصي ۾؟ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کو جواب نہ ڏئي سگهيا پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ دروازو بند ڪري پنهنجي نفس کي سمجهائڻ لڳا تہ آئنده ڪڏهن بہ علم جي دعويٰ نہ ڪجان.

بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَفَوۡقَ كُلِّ ذِىۡ عِلۡمٍ عَلِيۡمٌ ﴿۷۶﴾
(پ 13 يوسف 76)

ترجموڪنزالايمان: ۽ هر علم واري کان مٿي هڪ علم وارو آهي.

## حُسنِ ڪلام بهتر آهي يا حُسنِ عمل؟

هڪ نحوي حضرتِ ابن شمعون واعظ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي مجلس ۾ حاضر ٿيو، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ تارڪ دنيا هئا. ان نحوي پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي گفتگو ۾ لغت ۽ عربي قانونن جون ڪجھ غلطيون محسوس ڪيون تہ ان پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي مجلس ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ انهيءَ ڏي خط موڪليو: آئون توکي خودپسندي جو شڪار ڏسان ٿو تون دروازي جي پنيان رهجي وڃڻ تي راضي ٿي ويو آهين ڇا تو کنهن عارف جو هڪ اديب وٽ موڪليل هي خط ناهي پڙهيو جنهن ۾

هن لکيو هو: جيڪو پنهنجي قولن جي مضبوطي تي اعتماد ڪري ٿو اهو افعالن ۾ غلطيون ڪري ويهي ٿو، تون پنهنجون سڀ حاجتون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پيش ڪري ڇڏين ها، پنهنجي آواز کي برائين کان محفوظ ڪري وٺين ها، پنهنجي نفس کي بري خواهشن کان بچائي وٺين ها، موت جي ساهمي کي پنهنجي سامهون لڳائي وٺين ها ڇا تون نٿو ڄاڻين ته ٻانهي کان قيامت جي ڏينهن هي نه پڇيو ويندو: تون ڳالهائڻ ۾ فصيح و اديب ڇو نه هئين، بلڪ هن کي هي ڇيو ويندو ته تون گناهه ڇو ڪندو هئين؟

**پيارا اسلامي ڀاءُ!**

گفتگو ۾ فصاحت و سلاست هئڻ قابلِ فخر ڳالهه ناهي بلڪ عملن ۾ هميشگي هئڻ گهرجي.

**شعر**

وَلَاحِنٍ فِـی الْفِعَالِ ذُوزَلَلٍ حَتّٰی اِذَا جَـاءَ قَـوْلُـهٗ وَزَنَـهٗ
قَالَ وَقَـدْ اَكْسَبَـهٗ لَفْـظُهٗ تِيْهًا وَّعَجَبًا اَخْطِئَنْ يَا لُحَنَهْ
قُلْتُ اَخطَأَ الَّذِیْ يَقُوْمُ غَدًا وَلَا يَـرٰی فِیْ كِتَابِـهٖ حَسَنَهْ

**ترجمو:** (1) عملن ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارو غلطي ڪري رهيو آهي ايستائين جو جڏهن ان جي (پنهنجي) ڳالهه اچي ٿي ته انهيءَ کي حتمي (پڪو) سمجهي ٿو.

(2) آهه! اهو جنهن کي لفظن جي جادوگري جڪڙي رکيو آهي غرور خود پسندي ۾ اچي چوي ٿو: اي خطاڪار! اجا غلطيون ڪر.

(3) آئون چوان ٿو اهو شخص تمام وڏو خطاڪار آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن اهڙي حال ۾ بيهندو جو ان کي پنهنجي اعمال نامي ۾ نيڪي نظر نه ايندي.

## عاجزي

هڪ شخص حضرت منصور سُليمي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڏڪهي نماز پڙهندي ۽ سُني طريقي سان عبادت ڪندي ڏٺو جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه

نماز کان فارغ ٿيا تہ ان کي فرمايائون: منهنجي عبادت ڏسي ڌوکو نہ کائجان ڇوتہ ابليس ملعون هزارين سال اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي پوءِ بہ هو مردود ٿي ويو.

انسان جي نيڪ بختي جي هڪ علامت هي بہ آهي تہ هو پنهنجي نفس کان عاجزي ۽ پنهنجي سيني افعالن ۽ قولن ۾ ڪوتاهي جو اقرار ڪرائي.

## هلاڪ ڪرڻ وارا چار لفظ

چيو وڃي ٿو: چار لفظ ماڻهو کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندا آهن: آئون، اسان، منهنجو، مون وٽ.

## خودپسندي جو نقصان

اللّٰه جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي: گناه تي پشيمان ٿيڻ وارو ائين آهي جڻ تہ ان گناه ڪيو ئي نہ هجي، پشيمان ٿيڻ وارو رحمت جو انتظار ڪندو آهي جڏهن تہ خودپسندي ڪرڻ وارو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جو منتظر هوندو آهي. (شعب الايمان رقم 7178، ج 5، ص 436 راوه ابن عدي في الضعفاء ج 8، ص 180)

## سيدنا ابو درداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نصيحت

حضرتِ سيدنا ابو درداء رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪڏهن تون ماڻهن تي تنقيد ڪندين تہ اهي بہ توتي تنقيد ڪندا ۽ جيڪڏهن تون انهن کي ڇڏي بہ ڏيندين تہ اهي توکي نہ ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن تون انهن کان ڀڄي ويندين تہ بہ اهي توکي جهلي ونندا. تنهنڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو مفلسي جي ڏينهن جي لاءِ پنهنجي زندگي ۾ عزّت وقف ڪري ڇڏي ۽ مؤمن جو ڪاوڙ کي پيئڻ کان وڌيڪ ڪو

ڏُک اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو وڏيک پسنديده ناهي، انهيءَ کري عفو ۽ درگذر کان کم وٺندو کر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توکي عزّت عطا فرمائيندو ۽ يتيم جي آھ ۽ مظلوم جي بددعا کان بچندو رھ چو تہ اھي (ٻئي) راتو رات عرش تائين پهچي وڃن ٿيون جڏھن تہ ماڻھو ستا پيا ھوندا آھن.

## سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي نصيحت

حضرتِ سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: سڀ کان وڏو گناھ ڪوڙ ڳالهائڻ آھي ۽ مؤمن کي گار ڏيڻ فسق (يعني بدکاري) آھي ۽ انهيءَ سان وڙھڻ ناشکري آھي ۽ ان جي مال جي حرمت ان جي خون جي حرمت وانگر آھي ۽ جيکو معافي چاھيندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي معاف فرمائيندو ۽ جيکو ڪاوڙ تي قابو رکندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي اجر عطا فرمائيندو ۽ جيکو مغفرت چاھيندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي بخشي ڇڏيندو ۽ جيکو کنهن مصيبت تي صبر کندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کان بهتر بدلو عطا فرمائيندو.

## انکساري جو انعام

حضرتِ سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏھن حضرتِ موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الواح (يعني تختين) کي ڪٽي انهن تي نظر وڌي تہ عرض ڪيائين: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! تو مون کي اھڙي بزرگي سان سرفراز فرمايو آھي جو مون کان پهرين کنهن کي ان بزرگي تي سرفراز نہ فرمايو آھي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن ڏانهن وحي فرمائي: چا تون ڄاڻين ٿو تہ مون توسان ائين چو ڪيو آھي؟ عرض ڪيائين: آئون نٿو ڄاڻان، فرمايائين: ان کري جو مون پنهنجي ٻانهن جي دلين تي نظر فرمائي تہ تنهنجي دل کان وڌيک کنهن کي انکساري کرڻ وارو نہ ڏٺو، تنهنکري

اِنِّیۡ اصۡطَفَیۡتُکَ عَلَی النَّاسِ بِرِسٰلٰتِیۡ وَ بِکَلَامِیۡ ۫ۖ فَخُذۡ مَاۤ اٰتَیۡتُکَ وَ کُنۡ مِّنَ الشّٰکِرِیۡنَ ﴿۱۴۴﴾ (پ 9 الاعراف 144)

ترجموڪنزالايمان: مون توکي ماڻهن مان چونڊيو رسالتن ۽ پنهنجي ڪلام سان پوءِ وٺ جيڪي مون توکي عطا فرمايو ۽ شڪر وارن مان ٿيءُ.

اي موسيٰ (عَلَیهِ السَّلام)! جيڪو منهنجي عظمت جي سامهون جهڪي پوي، منهنجي مخلوق تي وڏائي نہ چاهي، پنهنجي دل تي منهنجي خوف کي لازم ڪري وٺي، پنهنجو ڏينهن منهنجي ذڪر ۾ گذاري ۽ منهنجي خاطر پنهنجي زبان کي نفساني خواهشن کان روڪي تہ آئون بہ ان ڏانهن توجه فرمائيندو آهيان.

## غصو پيئڻ جو انعام

نبيّن جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ آهي: مؤمن جو ڪاوڙ کي پي وڃڻ کان وڌيڪ ڪو ڍڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ وڌيڪ پسنديده ناهي ۽ جيڪو غصو نافذ ڪرڻ جي قدرت جي باوجود غصو پي وڃي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل کي امن ۽ ايمان سان ڀري ڇڏيندو. (سنن ابن ماجہ، رقم 1186، ج 4، ص 463)

## غلام آزاد ڪري ڇڏيو

امام جعفر صادق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جي هڪ غلام هڪ طشت ۾ سندن هٿ ڌورائيندي انهن تي پاڻي وهايو تہ اهو پاڻي سندن ڪپڙن تي بہ وڃي ڪريو، امام جعفر صادق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ان کي تيز نظرن سان ڏٺو تہ غلام هي چوڻ لڳو: منهنجا آقا! وَالۡکٰظِمِیۡنَ الۡغَیۡظَ (۽ غصو پيئڻ وارا) (اجا ايترو ئي چئي سگهيو هو تہ) پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: مون پنهنجو غصو پي ورتو، غلام وري چيو: وَالۡعَافِیۡنَ عَنِ النَّاسِ ؕ (۽ ماڻهن سان درگذر ڪرڻ وارا) پاڻ فرمايائون: مون توکي معاف ڪيو. غلام عرض

ڪيو: وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ﴿۱۳۴﴾ (۽ نيڪ ماڻهو الله جا محبوب آهن) (پ 4، آل عمران: 134) تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: وڃ، تون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آزاد آهين ۽ منهنجي مال مان هڪ هزار دينار تنهنجا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قرآن جو حافظ ڪيئن هجي؟

حضرتِ سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: قرآن جي حافظ کي گهرجي تہ هو پنهنجي رات جي سبب سڃاتو وڃي جڏهن تہ ماڻهو ستل هجن ۽ ڏينهن جي سبب سڃاتو وڃي جڏهن تہ ماڻهو کائي پي رهيا هجن ۽ ڏکايل هجي جڏهن تہ ماڻهو خوش هجن ۽ هو روئي رهيو هجي جڏهن تہ ماڻهو کِلي رهيا هجن ۽ هي خاموش هجي، جڏهن ماڻهو هڪبئي سان وڙهي رهيا هجن ۽ هو خشوع ۾ هجي ۽ جڏهن تہ ماڻهو مغرور هجن، قرآن جي حافظ ۾ اهي خوبيون بہ هئڻ گهرجن جو هو بداخلاق نہ هجي، غافل نہ هجي، گوڙ نہ ڪري، نہ سخت مزاج هجي ۽ نہ ڏِڪارڻ وارو هجي.

## پنج ڳالهين کي بهتر سمجهو

ڪن بزرگن فرمايو: پنهنجي زندگي ۾ پنج شين کي بهتر ڄاڻو.

(1) جيڪڏهن موجود هجو سڃاتا نہ وڃو.

(2) جيڪڏهن غائب هجو تہ ڳوليا نہ وڃو.

(3) جيڪڏهن حاضر رهو تہ توهان سان مشورو نہ ڪيو وڃي.

(4) جيڪڏهن توهان ڪا ڳالهہ چئو تہ ان کي قبول نہ ڪيو وڃي.

(5) جيڪڏهن توهان ڪو سٺو عمل ڪري ويهو تہ خود پسندي ۾ مبتلا نہ ٿي وڃو.

وڏيڪ پنج شين جي وصيّت ڪن ٿا.

(1) جيڪڏهن توهان تي ظلم ٿئي ته توهان ظلم نه ڪريو.

(2) جيڪڏهن توهان جي تعريف ڪئي وڃي ته توهان خوش نه ٿيو.

(3) جيڪڏهن توهان جي برائي بيان ڪئي وڃي ته توهان پريشان نه ٿيو.

(4) جيڪڏهن توهان کي نه مڃيو وڃي ته توهان ڪاوڙ ۾ نه اچو.

(5) جيڪڏهن توهان سان دوکو ڪيو وڃي ته توهان دوکو نه ڏيو.

## وياج، چوري، بي ايماني ۽ شراب نوشي جو عذاب

**پيارا اسلامي ڀاءُ!**

ڄاڻي وٺ! وياج هلاڪت ۾ وجهڻ وارن گناهن مان هڪ آهي ۽ اهو اونداهي رات ۾ ڪنهن جبل تي ماڪوڙي جي رِڙهڻ کان به وڌيڪ لڪيل آهي ۽ وياج جو سڀ کان ننڍڙو گناهه اهو آهي ته وياج وٺڻ وارو پنهنجي ماءُ سان زنا ڪرڻ واري وانگر آهي ۽ ماءُ سان زنا ڪرڻ غير عورت سان زنا ڪرڻ کان ستر درجا وڌو گناهه آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰۤوا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۷۸﴾

(پ 3 البقرة 278)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارو اللّٰه کان ڊڄو ۽ ڇڏي ڏيو جيڪو وياج باقي رهجي ويو آهي جيڪڏهن مسلمان آهيو.

هڪ ٻي جڳهه ارشاد فرمائي ٿو:

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْۤا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو وياج کائيندا آهن قيامت جي ڏينهن انهيءَ ماڻهو وانگر اُٿندا جنهن کي جن (آسيب) ڇُهي مخبوط بڻايو هجي، اهو ان لاءِ جو انهن چيو

وَ اَحَلَّ اللّٰهُ الْبَیْعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَ اَمْرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ عَادَ فَاُولٰٓىٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِیْهَا خٰلِدُوْنَ (۲۷۵)

(پ 3 البقرة 275)

تہ بيع بہ تہ وياج وانگر ئي آهي ۽ الله حلال ڪيو بيع کي ۽ حرام ڪيو وياج کي، سو جنهن وٽ سندس ربّ جي طرفان نصيحت آئي ۽ اهو مڙي ويو تہ ان ڪي حلال آهي جيڪي اڳي وٺي چڪو ۽ ان جو ڪم خدا جي حوالي آهي ۽ جيڪو هاڻي اهڙي حرڪت ڪندو تہ اهو دوزخي آهي اهي ان ۾ گهڻو عرصو رهندا.

## وياج جي هڪ درهم جو عذاب

سرڪارِ ابدِ قرار، شفيعِ روزِ شمار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: وياج جو هڪ درهم الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ڇٽيهہ دفعا زنا ڪرڻ کان بہ وڌيڪ سخت آهي.

(المسند للامام احمد بن حنبل، حديث رقم 22016 ج 8 ص 223)

حضرتِ سيدنا سمره بن جندب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ دفعي فجر جي نماز ادا فرمائي تہ پنهنجو رخ انور اسان ڏانهن ڪري فرمايائون: ڇا توهان مان ڪنهن کو خواب ڏٺو آهي؟ اسان عرض ڪيو: جي نہ! يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پوءِ حضور نبيءِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن (معراج جو واقعو ذڪر فرمائيندي) وياج جي باري ۾ ٻڌايو تہ اسان هلندي هلندي خون جي هڪ نهر تي پهتاسين، ان ۾ هڪڙو شخص بيٺو هو ۽ نهر جي ڪناري تي بہ هڪ شخص بيٺو هو، جنهن جي سامهون پٿر پيا هئا. نهر ۾ موجود شخص ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ ٻاهر بيٺل شخص ان جي منهن تي هڪ پٿر تي هنيو ۽ ان کي ان جي جڳهہ واپس پهچائي ٿي ڇڏيو پوءِ جڏهن بہ اهو شخص ٻاهر نڪرڻ لڳندو تہ اهو شخص ان جي

منهن تي پٿر هٽندو تہ هو واپس پنهنجي جڳهہ موٽي ويندو هو. مون ان شخص جي باري ۾ پڇيو تہ مون کي ٻڌايو ويو: اهو وياج کائو آهي، ان سان قيامت تائين اهڙي ئي طرح ڪيو ويندو.

(صحيح البخاري، رقم 7047، ج 4، ص 425 )

## وياج کائڻ واري جي غذا

حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام جن عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو شخص وياج کائيندو هجي ۽ ان کان توبهہ نہ ڪري تہ ان جي سزا ڪهڙي آهي؟ ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي موسيٰ عَلَيهِ السَّلام! آئون ان کي قيامت جي ڏينهن ٿوهر جي وڻ مان کارائيندس. (ٿوهر دوزخين جي غذا آهي ان جي ڪڙواهٽ ۽ عذاب جي سختي جي حالت اها آهي جو جيڪڏهن ان جو هڪڙو قطرو زمين تي اڇلائجي تہ دنيا وارن جي زندگي تلخ (بد مزه) ٿي وڃي.

اَيَا ذَاالَّذِی قَلبُہُ مَیِّتٌ ۔۔۔ بِاَکلِ الرِّبَا اِزدَجِر وَ انتَبِہ
فَکَم نَائِمٍ نَامَ فِی غِبطَۃٍ ۔۔۔ اَتَتہُ الْمَنِیَّۃُ فِی نَومَتِہ
وَ کَم مِن مُقِیمٍ عَلٰی لَذَّۃٍ ۔۔۔ دَھَتہُ الْحَوَادِثُ فِی لَذَّتِہ
وَکَم مِن جَدِیدٍ عَلٰی ظَھرِھَا ۔۔۔ سَیَأتِی الزَّمَانُ عَلٰی جِدَّتِہ

**ترجمو:** (1) اي اهي شخص جنهن جي دل وياج کائي مري چڪي آهي! جاڳي ڏي ۽ غفلت کان سجاڳ ٿي.

(2) ڪيترائي سمهڻ وارا ماڻهو خوشي خوشي ننڊ ڪري رهيا هوندا آهن، انهي ننڊ جي حالت ۾ انهن کي موت اچي ويندو آهي.

(3) ۽ ڪيترائي لذت پرست ماڻهو اهڙا آهن جن کي انهن جي لذت جي خطرن مصيبتن ۾ گهيري ڇڏيو آهي.

(4) ۽ ڪيترائي نوان نوان گناهہ ان جي پُٺ تي لڏيل آهن، جلد ئي ان جي انهي حالت ۾ (موت جو) وقت اچي ويندو.

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي لاريب ڪتاب قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ٘ وَّ لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۱۶۸﴾
(پ 2 البقرة 168)

ترجموڪنزالايمان: اي انسانؤ ڪائو جيڪي زمين ۾ حلال پاڪ آهن ۽ شيطان جي پيرن تي نہ هلو بيشڪ اهو اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

## حرام ڪائڻ واري جي عبادت نا مقبول

نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد پاڪ آهي: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو هڪ فرشتو هر ڏينهن ۽ رات ۾ بيت المقدس جي ڇت تي ندا ڪندو آهي: جنهن حرام کاڌو تہ جيستائين اهو حرام ان جي گهر مان نہ نڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ نہ ان جي فرض عبادت قبول فرمائيندو نہ ئي نفل ۽ جيڪڏهن اهو انهيءَ حال ۾ مري ويو تہ آئون ان کان بري آهيان (اتحاف السادة المتقين ج 6 ص 452)

**الله** جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: امانتن کي پنهنجن گهرن مان ڪڍي ڇڏيو ۽ انهن کي انهن جي مالڪن جي حوالي ڪيو پوءِ جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪيو تہ توهان جا عمل قطعي توهان کي نفعو نہ پهچائي سگهندا ۽ نہ ئي گهر ۾ حرام جي موجودگي جي صورت ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوڻ توهان کي نفعو ڏئي سگهندو.

## وياج جو گناهہ معاف نہ ٿيندو

سرڪارِ مدينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن حلال جو هڪڙو درهم ڪمايو ۽ ان کي حلال جڳهہ تي خرچ ڪيو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ وياج ۽ حرام خوري کان علاوه ان جا سڀ گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو.

## حلال جي خواهش فرض آهي

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: حلال جي طلب ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (يعني ايمان آڻڻ ڪانپوءِ حلال جي طلب ڪرڻ)

(الطبراني في الاوسط رقم 8610، ج 6، ص 231)

## حرام سان پلجڻ وارو جهنّم جو حقدار

سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن حرام جو هڪ گرهه کاڌو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي چاليهه ڏينهن جون نمازون قبول نه فرمائيندو ۽ هر اهو گوشت جنهن جي واڌ ويجهه حرام سان ٿئي اهو دوزخ جو وڌيڪ حقدار آهي.

(اتحاف السادة المتقين ج 6 ص 452)

## حرام مال ڇڏي ڪري مرڻ جو نتيجو

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن حرام مال ڪمايو الله عَزَّوَجَلَّ نه ان جو صدقو قبول فرمائيندو، نه غلام آزاد ڪرڻ، نه حج ڪرڻ ۽ نه ئي عمرو ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ ان جي تعداد جي مطابق گناهه آهن ۽ ان جي موت کانپوءِ جيڪو حرام مال بچي ويو، اهو ان جي لاءِ جهنّم جو سامان ٿيندو.

(اتحاف السادة المتقين ج 6 ،ص 456 ، بتصرف)

## حرام جي هڪ درهم جو اثر

حضور نبيءِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن ڪو شخص ڏهن درهمن مان هڪ ڪپڙو خريد ڪري ۽ ان ۾ حرام جو هڪ درهم به هجي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين ان جو ڪو عمل قبول نه فرمائيندو جيستائين (اهو) هڪ درهم ان جي مالڪ کي

نہ موٽائي ڏئي. (المسند للامام احمد بن حنبل الحديث 5736 ج 2 ص 416 بتصرف)

**اللّٰه** جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيستائين ان ڪپڙي مان ڪجهہ بہ باقي رهندو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جو ڪو عمل قبول نہ فرمائيندو.

(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 5736، ج 2، ص 416)

سرڪارِ مدينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: حرام يا شراب سان واڌ ويجهہ حاصل ڪرڻ وارو گوشت ۽ رت جنت ۾ داخل نہ ٿيندو آهي.

(المسند للامام احمد، رقم 14448، ج 5 ص 64)

## حرام مال کان توبهہ

سرڪارِ ابد قرار، شافع روزِ شمار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن حرام مال ڪائڻ وارا ماڻهو ستر دفعا بہ خدا عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ شهيد ٿي وڃن تڏهن بہ انهن جي شهادت انهن جي توبهہ نہ بڻجي سگهندي چاڪاڻ تہ حرام مال جي توبهہ اها آهي تہ اهو مال مالڪ کي موٽايو وڃي يا ان کان پنهنجي استعمال جي لاءِ حلال ڪيو وڃي. (يعني معاف ڪرايو وڃي)

## حلال ڪائڻ جون برڪتون

رسولِ اڪرم، نبيءِ مُحتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن چاليهہ ڏينهن تائين حلال کاڌو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي دل کي مُنوّر فرمائي ڇڏيندو ۽ ان جي زبان تي حڪمت جا چشما جاري فرمائي ڇڏيندو ۽ دنيا و آخرت ۾ ان جي رهنمائي فرمائيندو.

(اتحاف السادة المتقين ج 6 ص 450)

## دعا جي قبوليت جو نسخو

الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن تون مون کان دعا جو ارادو ڪرين تہ پنهنجي پيٽ کي حرام غذا کان محفوظ رک ۽ ائين عرض ڪر: اي قديم احسان ۽ وسيع فضل وارا! اي وسيع رحمت وارا! تہ آئون تنهنجو سوال پورو فرمائي ڇڏيندس.

## پرهيزگاري جي اهميّت

حضرتِ سيدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ارشاد فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان ايترا روزا رکو جو سُڪي ڪمان وانگر ٽيڙها ٿي وڃو ۽ ايتريون نمازون پڙهو جو ڪِلي وانگر سُڪي وڃو تڏهن بہ توهان جا عمل ڪامل پرهيزگاري کان سواءِ قبول نہ ٿيندا.

ڪن علم وارن جو قول آهي: دنيا جي حلال شين تي حساب آهي ۽ حرام تي عذاب آهي ۽ حرام هڪ اهڙي بيماري آهي جنهن جو علاج فقط اهو ئي آهي تہ ٻانهو حرام ڪائڻ کان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پناھ گهري.

**شعر**

أُشَبِّهُ مَنْ يَّتُوْبُ عَلٰى حَرَامٍ — كَبِيْضٍ فَاسِدٍ تَحْتَ الْحَمَامِ
يَطُوْلُ عِنَاؤُهُ فِىْ غَيْرِ شُغْلٍ — وَآخِرُهُ يَقُوْمُ بِلَا تَمَامٍ
إِذَا كَانَ الْمُقَامُ عَلٰى حَرَامٍ — فَلَا مَعْنٰى لِتَطْوِيْلِ الْقِيَامِ

**ترجمو:** (1) جيڪو شخص حرام کي ڇڏڻ کان بغير توبھ ڪري آئون ان کي ڪبوتري جي هيٺان پيل خراب بيضي وانگر سمجهان ٿو.

(2) جو ان (ڪبوتري) جي ٿڪ بيڪار ڪمن ۾ وڃڻدي رهندي آهي ۽ آخرڪار اها ناڪام ٿي ڪري اُٿي ويندي آهي.

(3) جڏهن حرام تي ئي اڙيو رهڻو آهي تہ ڊگهين ڊگهين عبادتن جو ڪهڙو فائدو.

## حلال کائڻ جي اهمیّت

حضرتِ سيدنا يحيٰي بن معاذ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: اطاعت الله عَزَّوَجَلَّ جي خزانن ۾ لڪيل آهي ۽ ان جي ڪُنجي دعا آهي ۽ حلال کائڻ ان ڪنجي جا ڏندا آهن، جيڪڏهن ڪنجي ۾ ڏندا نہ هوندا تہ دروازو بہ ڪونہ کلندو ۽ جڏهن خزانو نہ کلندو تہ ان جي اندر لڪيل فرمانبرداري تائين ڪيئن پهچي سگهبو. تنهن ڪري پنهنجي گِرهہ جي حفاظت ڪريو ۽ پنهنجي کاڌي کي پاڪيزه بڻايو تہ جيئن جڏهن توهان کي موت اچي تہ برن عملن جي ڪارڻ جي جڳهہ نيڪ عملن جو نور توهان جي سامهون ظاهر ٿئي ۽ پنهنجي عضون کي حرام کائڻ جي گناهہ کان روڪي رکو تہ جيئن اهي هميشہ رهڻ وارين نعمتن مان لذت ماڻي سگهن. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِیْٓــٴًـا بِمَاۤ اَسْلَفْتُمْ فِی الْاَیَّامِ الْخَالِیَةِ﴿۲۴﴾

(پ 29 الحاقة 24)

ترجموڪنزالايمان: کائو ۽ پيئو خوشگوار انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

۽ جيڪو حرام کائڻ کان پرهيز نہ ڪري تہ ڏکيو عرصي تائين بکيو رهڻ کان پوءِ ٿوهر جو ڪڙو ۽ گرم ميوو کائيندو تہ اهو کهڙو بدترين کاڌو هوندو ۽ ان جو نقصان ڪيڏو شديد هوندو جو اهو دل کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو ۽ جگر کي چيري وجهندو، بدن کي ڦاڙي ڇڏيندو ۽ جيئڻ مشڪل ڪري ڇڏيندو.

## هڪڙي گِرهہ جو اثر

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون هڪ آيت مبارڪ پڙهندو هئس تہ ان ۾ منهنجي لاءِ علم جا ستر دروازا کوليا

ويندا هئا پوءِ جڏهن مون مالدارن جو مال ڪاڏو ۽ ان کان پوءِ جڏهن مون اها آيت پڙهي تہ ان ۾ منهنجي لاءِ علم جو هڪ دروازو بہ نہ کُليو.

## منهنجا اسلامي ڀائرو!

حرام غذا هڪ اهڙي باهہ آهي جيڪا فڪر جي چربي پگهاري ڇڏيندي آهي ۽ حلاوتِ ذڪر واري لذت ختم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سچي نيتن جا لباس ساڙي ڇڏيندي آهي ۽ حرام سان ئي اکين جي روشني جو انڌوپن پيدا ٿيندو آهي. تنهن ڪري حلال مال جمع ڪريو ۽ ان کي وچٿري انداز ۾ خرچ ڪريو پاڻ بہ حرام کان بچو ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ ان کان بچايو ۽ حرام خورن جي صحبت ۾ نہ ويهو ۽ انهن جو ڪاڏو کائڻ کان بچندا رهو ۽ جنهن جي روزي جو ذريعو حرام هجي، ان جي صحبت اختيار نہ ڪريو جيڪڏهن توهان پنهنجي پرهيزگاري ۾ سچا آهيو تہ نہ ئي ڪنهن کي حرام جو رستو ڏسيو جو جيڪڏهن هو ان کي کائي وٺي تہ ان جو حساب توهان کان ورتو ويجي ۽ نہ ئي حرام جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن جي مدد ڪريو چاڪاڻ تہ مددگار بہ عمل ۾ شامل ئي هوندو آهي. ياد رکو! حلال کائڻ سان ئي عمل مقبول ٿيندا آهن، فاقي ۽ تنگدستي کي لڪائڻ ۽ اڪيلائي ۾ روئي روئي آهون ڀرڻ کي عملن جي قبوليّت ۽ حلال رزق ڪمائڻ جي سلسلي ۾ انتهائي اهم مقام حاصل آهي.

## يتيم جو مال کائڻ

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

إِنَّ الَّذِيْنَ يَأْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَأْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَ سَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿۱۰﴾ (پ 4 النسا 10)

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ جيڪي يتيمن جو مال ناحق کائن ٿا، اهي تہ پنهنجي پيٽ ۾ خالص باهہ ئي ڀرن ٿا، ۽ اجهو جيئي هٽندڙ باهہ ۾ ويندا.

هڪ ٻي جڳهہ ارشاد ٿيو آهي:

وَ لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَ اَوْفُوْا بِالْعَهْدِ ۚ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْــٴُـوْلًا ﴿۳۴﴾ (پ 15 الاسراء 34)

ترجموڪنزالايمان: ۽ يتيم جي مال جي ويجهو نہ وڃو مگر ان واٽ سان جيڪا وڌيڪ چڱي آهي ايستائين جو اهو پنهنجي جواني کي پهچي ۽ واعدو پورو ڪريو بيشڪ واعدي بابت پڇا ٿيڻي آهي.

## ماپ تور ۾ ڪمي

پيارا اسلامي ڀائرو! جيستائين ٿي سگهي ان گناهہ کان بچندا رهو ڇاڪاڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هن فرمان ۾ توهان کي ان کان پاسو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾ (پ 12 هود 85)

ترجموڪنزالايمان: ماپ ۽ طور انصاف سان پوري ڪريو ۽ ماڻهن کي انهن جون شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو ۽ زمين ۾ فساد ڦهلائيندي نہ ڦرو.

هڪ ٻئي مقام تي ارشاد ٿيو:

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ﴿۲﴾ وَ اِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ﴿۳﴾ (پ 30 المطففين 1 کان 3)

ترجموڪنزالايمان: گهٽ توريندڙ جي واسطي ويل آهي. اهي جڏهن ٻين کان مئي وٺن تہ پورو وٺن. ۽ جڏهن انهن کي مئي يا توري ڏين تہ گهٽ ڪري ڏين.

منهنجا اسلامي ڀاءُ! مسلمانن جي ڪنهن حق کي ڦٻائڻ تي خوش نہ ٿجان ڇاڪاڻ تہ بي ايماني جي موجودگي ۾ برڪت ناهي رهندي ۽ ٿورڙو حرام تمام گهڻي حلال کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اي ڀاءُ! جيڪڏهن توهان هڪڙي درهم جي بي ايماني ڪندا تہ شيطان ملعون توهان سان ستر درهمن جي بي ايماني ڪندو.

## منافق جون ٽي نشانيون

نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد حقيقت بنياد آهي: ٽي ڳالهيون اهڙيون آهن جو جنهن ۾ هونديون، اهو منافق هوندو باوجود ان جي جو نماز، روزي جو پابند ئي هجي: (1) جڏهن ڳالهہ ڪري تہ ڪوڙ ڳالهائي (2) جڏهن واعدو ڪري تہ خلاف ورزي ڪري (3) جڏهن امانت ان جي حوالي ڪئي وڃي تہ خيانت ڪري. (صحيح مسلم رقم 59، ص 50)

## ٻاهہ جا ٻہ جبل

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون پنهنجي هڪ پاڙي واري سان ملڻ ويس جيڪو ڪٽڪ وڪڻندو هو. جڏهن آئون ان جي سيراندي وينس تہ ان کي هَر هَر اهو چوندي ٻُڌم: ٻاهہ جا ٻہ جبل، ٻاهہ جا ٻہ جبل. جڏهن مون ان جي زال کان ان جي باري ۾ پڇيو تہ ان چيو: هن وٽ ٻہ تارازيون هيون جڏهن هي ڪنهن کان ڪٽڪ خريد ڪندو هو تہ ان کي وڏي تارازي ۾ ماپيندو هو ۽ جڏهن ڪنهن کي وڪڻندو هو تہ ننڍي تارازي ۾ وزن ڪري وڪڻندو هو، تڏهن آئون سمجهيس تہ اُهي ئي ٻہ تانو ان کي ٻاهہ جي جبلن جي صورت ۾ نظر اچي رهيا آهن.

## پاڻي جي ڪجھ قطرن جو عذاب

ڪنھن ڳوٺ ۾ ھڪ ڪير وڪڻندڙ رھندو ھو، اھو کير ۾ پاڻي ملائيندو ھو، ھڪڙي دفعي سيلاب آيو ۽ ان جو مال (ڏڳا ڍور وغيره) لوڙھي ويو تہ ھو روئيندي چوڻ لڳو تہ سڀ قطرا ملي سيلاب بڻجي ويا جڏھن تہ قضاء ان کي ندا ڏئي رھي ھئي:

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ يَدٰكَ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۱۰﴾
(پ 17 الحج 10)

ترجموڪنزالايمان: ھيءِ ان جو بدلو آھي جيڪي تنھنجي ھٿن اڳي موڪليو ۽ الله پانھن تي ظلم نہ ڪندو آھي.

ياد رکو! چوري ۽ ڌوڪو ھلاڪت ۾ وجھڻ وارا ۽ دين جي لاءِ شديد نقصان رسائيندڙ گناھ آھن.

## ڇھ جھنمي

المناجات ۾ آھي تہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدنا موسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي ارشاد فرمايو: ڇھ ماڻھو جھنّم ۽ منھنجي غضب ۾ آھن: (1) جنھن جي عمر ڏکي ۽ اخلاق بُرا ھجن (2) گنھگار عالم (3) توبھ ڪرڻ کان سواءِ مرڻ وارو (4) ڪنھن مؤمن کي ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ وارو (5) مسلمان جو حق ڦباڻڻ وارو ۽ (6) ان جو حق ڪاٽڻ وارو.

## ڌوکي باز اسان مان ناھي

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنھن اسان سان ڌوکو ڪيو، اھو اسان مان ناھي.

(صحيح مسلم، رقم 101، ص 65)

## ڇھ جملا

منقول آھي تہ بيت المقدس جي ھڪ ٽڪري تي ڇھ جملا لکيل ھئا: ﴿1﴾ ھر گنھگار وحشت ۾ مبتلا ٿيندو ﴿2﴾ ھر نيڪ ڪم

ڪندڙ مانوس هوندو ﴿3﴾ هر ڊِنل شخص پڄي ويندو ﴿4﴾ هر اميدوار طلب ڪندو ﴿5﴾ هر قناعت پسند غني هوندو ﴿6﴾ هر لالچي فقير هوندو.

## ڪوڙو قسم کڻڻ

نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قسم کڻڻ وارو يا ته قسم ٽوڙي ڪري گنهگار ٿيندو يا پنهنجي قسم تي شرمندو ٿيندو. (السن الکبري للبيهقي حديث 19839 ج 10 ص 54)

هڪ دفعي سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي وٽان گذريا، اهي صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي غلام کي ماري رهيا هئا جڏهن سرڪار ابد قرار، شفيع روزِ شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن غلام جون دانهون فريادون ٻڌيون ته ان وٽ تشريف وٺي آيا، ان صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن نبيءِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏنو ته رڪجي ويا ان تي الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هن توکي الله عَزَّوَجَلَّ جو واسطو ڏنو ته ٻه تو ان کي معاف نه ڪيو، مون کي ڏسي چو رڪجي وئين؟ صحابي سڳوري عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون اوهان کي گواهه بڻايان ٿو ته هي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آزاد آهي، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي فرمايو: جيڪڏهن تون ائين نه ڪرين ها ته دوزخ تنهنجو چهرو ساڙي ڇڏي ها. (مسلم الحديث 1659، ص 905)

تمام گهڻا قسم کڻڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي کان بچو، چاڪاڻ ته الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ
(پ 2 البقرة 224)

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله کي پنهنجن قَسمن جو نشانو نه بڻايو.

## ڪوڙي قسم جي سزا

اسرائيليات ۾ آهي تہ حضرت موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن عرض ڪيو: ياربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو تنهنجي نالي جو ڪوڙو قسم کڻي ان جي ڪهڙي سزا آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: آئون ان جي زبان کي باهہ جي ٻن شعلن جي وچ ۾ وجهي ڇڏيندس، عرض ڪيائين: ياربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو ڪوڙي قسم جي ذريعي ڪنهن مسلمان جو مال لُٽي، ان جي ڪهڙي سزا آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: آئون جنت مان ان جو حصو ختم ڪري ڇڏيندس.

## عظمتِ خداوندي کان اڻ ڄاڻ

نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد پاڪ آهي: الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ان ڳالهہ جو حڪم ڏنو آهي تہ آئون عرش کي کڻڻ وارن مان هڪ فرشتي جو ذڪر ڪريان، ان جا پير هيٺين زمين ۾ جميل آهن ۽ ان جي ڳچي عرش سان مليل آهي، اهو پنهنجو متو کڻي، عرض ڪري ٿو: يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تون ڪيترو عظيم آهين. الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: جيڪو منهنجي نالي جو ڪوڙو قسم کڻي ٿو اهو منهنجي عظمت کي نٿو ڄاڻي.

(الحاڪم الخ، الحديث 883، ج 5، ص 422)

## شراب نوشي

شراب پيئڻ ڪبيره گناهن مان سڀ کان وڏو گناهہ آهي. الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا هئا: جيڪو شخص شراب جو هڪڙو ڍُڪ پيئندو ان جي ستن ڏينهن جون نمازون ۽ روزا قبول نہ ٿيندا.

(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 6655، ج 2، ص 589)

# ڏھ خراب عادتون

ياد رکو! شراب نوشي ۾ ڏھ بريون خصلتون آھن:

﴿1﴾ اھو ٻانھي جي عقل ۾ خرابي پيدا ڪندو آھي، اھڙي طرح ھو ٻارن جي لاءِ تماشو ۽ مذاق ٻڻجي ويندو آھي، امام ابن ابي الدنيا رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ھڪ شرابي کي پيشاب ڪندي ڏٺو ھو پنھنجي منھن تي پيشاب ڪري رھيو ھو ۽ چئي رھيو ھو: يا الٰھي عَزَّوَجَلَّ! مون کي ڪثرت سان توبھ ڪرڻ وارن ۽ پاڪيزه رھڻ وارن ۾ شامل فرماءِ.

وڏيڪ فرمائن ٿا: مون نشي ۾ مدھوش ھڪ شخص کي ڏٺو جنھن الٽي ڪئي ھئي ۽ ڪتو ان جو منھن چٽي رھيو ھو تہ اھو نشو ڪرڻ وارو ان کي چئي رھيو ھو: اي منھنجا آقا! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي وليّن جيتري بزرگي عطا فرمائي.

﴿2﴾ اھو مال کي ضايع ۽ برباد ڪندو آھي ۽ تنگدستي جو سبب ٻڻجندو آھي جيئن حضرتِ سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن دعا گھري: يا الٰھي عَزَّوَجَلَّ! اسان کي شراب جي باري ۾ واضح حڪم ارشاد فرماءِ جو تہ ھي مال کي برباد ۽ عقل کي ختم ڪري ڇڏيندو آھي.

﴿3﴾ اھو ڪيني ۽ دشمني جو سبب آھي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ وَ يَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ عَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿۹۱﴾

(پ 7 المائدة 91)

ترجموڪنزالايمان: شيطان تہ اھو گھري ٿو توھان ۾ وير ۽ دُشمني وجھي ڇڏي شراب ۽ جُوا جي ذريعي ۽ توھان کي اللّٰه جي ياد ۽ نماز کان روڪي پوءِ ڇا توھان مُڙي ويا.

جڏهن اها آيت مبارڪ نازل ٿي ته حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن عرض ڪيو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! اسان ڇڏي ڏنو.

﴿4﴾ شراب ڪاڏي جي لذت ۽ درست ڳالهائڻ کان شرابي کي محروم ڪري ڇڏيندو آهي.

﴿5﴾ ڪڏهن ڪڏهن شراب، شرابي جي زال کي ان تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هو زنا ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ان جي صورت اها ٿيندي آهي جو شرابي نشي ۾ بدمست ٿي اڪثر طلاق ڏئي ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن لاشعوري طور تي قسم ٽوڙي ڇڏيندو آهي ته پنهنجي حرام ڪيل زال سان زنا ڪري ويهندو آهي.

ڪن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو قول آهي: جنهن پنهنجي ڌيءَ ڪنهن شرابي جي نڪاح ۾ ڏني ڄڻ ان پنهنجي ڌيءَ کي زنا جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو.

﴿6﴾ اهو هر برائي جي ڪنجي آهي ۽ شرابي کي گهڻن ئي گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. حضرتِ سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي باري ۾ مروي آهي: پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن پنهنجي خطبي ۾ ارشاد فرمايو: اي ماڻهؤ! شراب نوشي کان بچندا رهو ڇاڪاڻ ته اها تمام برائين جي جڙ آهي.

﴿7﴾ شراب نوشي جو ستون نقصان هي آهي ته اهو شرابي کي بدڪارين جي مجلس ۾ وٺي ويندو آهي پنهنجي بدبو سان ان جي لکندڙ ملائڪن کي ايذاءُ ڏيندو آهي.

﴿8﴾ اهو شرابي تي آسمانن جا دروازا بند ڪري ڇڏيندو آهي چاليهه ڏينهن تائين نه ان جو ڪو عمل مٿي پهچندو آهي نه ئي دعا.

﴿9﴾ شراب نوشي شرابي تي اَسّي ڪوڙا واجب ڪري ڇڏيندو آهي

تنهنڪري جيڪڏهن هو دنيا ۾ ان سزا کان بچي به ويو ته آخرت ۾ مخلوق جي سامهون ان کي ڪوڙا هنيا ويندا.

﴿10﴾ اهو شرابي جي جان ۽ ايمان کي خطري ۾ وجهي ڇڏيندو آهي انهيءَ ڪري مرندي وقت ايمان جي کسجي وڃڻ جو خوف رهندو آهي.

## شراب جي نحوست

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون هڪ شخص کي نزع جي حالت ۾ ڏٺو جڏهن هن کي ڪلمهءِ طيّب جي نصيحت ڪئي ويندي هئي ته اهو چوندو هو: پاڻ به پيو ۽ مون کي به پياريو، حضرتِ سيدنا ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: جڏهن شرابي مري وڃي ته ان کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ مون کي ڪنهن جڳهه قيد ڪري ان جي قبر کوٽيو جيڪڏهن ان کي قبلي کان ڦِريل نه ڏسو ته مون کي قتل ڪري ڇڏجو.

**منهنجا اسلامي ڀائرو!**

اها ته شرابي جي دنياوي سزا آهي ۽ آخرت جي سزا ته ڳڻپ کان ٻاهر آهي، ان کي ٻڙڪندڙ پاڻي پياريو ويندو، زقوم کارايو ويندو، دوزخ ۾ دوزخين جو پيپ پياريو ويندو ۽ هو اهڙن ئي گهڻن عذابن ۾ مبتلا ٿيندو. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي پناهه ۾ رکي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# نماز نہ پڑهڻ

صحت ۽ تندرستي جي باوجود نماز نہ پڑهڻ واري جي لاءِ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جيڪي عذاب تيار ڪري رکيا آهن، انهن جي باري ۾ هڪ روايت ۾ آهي، حضرتِ سيدنا **عبداللّٰه** بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُما فرمائن ٿا: **اللّٰه** جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ڪافر ۽ مؤمن جي وچ ۾ فرق نماز ڇڏڻ آهي، تندرستي جي باوجود نماز ڇڏي ڏيڻ واري کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ پندرهن قسمن جي عذابن ۾ مبتلا فرمائيندو.

انهن ۾ ڇهہ عذاب دنيا ۾، ٽي موت جي وقت، ٽي قبر ۾ ۽ ٽي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات جي وقت ملندا.

دنيا ۾ ملڻ وارا عذاب هي آهن: (1) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي عمر مان برڪت ڪٽي ڇڏيندو (2) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي رزق مان برڪت ڪٽي ڇڏيندو (3) ان جي چهري مان ڀلائي جو نور مٽجي ويندو (4) ان جو ڪو نيڪ عمل قبول نہ ٿيندو (5) ان جي ڪا دعا قبول نہ ٿيندي (6) ان جو اسلام ۾ ڪو حصو نہ هوندو.

عرض ڪيو ويو: يا رسول **اللّٰه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! موت جي وقت ملڻ وارا عذاب ڪهڙا آهن؟ فرمايائون: ذليل ۽ رسوا ٿي مرندو، اها خبر نہ هوندي تہ ڪهڙي دين تي مئو آهي، بُکيو اُڃايل مرندو جيڪڏهن ان کي سيني دريائن جو پاڻي پياريو وڃي تڏهن بہ پيٽ نہ ڀربو.

عرض ڪيو ويو: يا رسول **اللّٰه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! قبر ۾ ملڻ وارا عذاب ڪهڙا آهن؟ فرمايائون: ان جي قبر ۾ تنگي ۽ اونداهي هوندي، منڪر نڪير جي سوالن جي جوابن ۾ پريشان ٿيندو.

عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ وقت ڪهڙا عذاب ٿيندا؟ فرمايائون: جڏهن هو الله عَزَّوَجَلَّ سان ملندو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان تي غضبناڪ ٿيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دوزخ جي ويل نالي وادي ۾ عذاب ڏيندو. (ڪتاب الڪبائر 24، 25)

الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۙ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۙ (پ 30 الماعون 4، 5)

ترجموڪنزالايمان: انهن نمازين جي واسطي جيڪي پنهنجي نماز کان غافل ويٺا آهن.

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد پاڪ آهي: منهنجي امت جا ڏهه ماڻهو اهڙا آهن جن کان الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿئي ٿو ۽ انهن تي لعنت فرمائي ٿو ۽ انهن جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن انهن جي باري جهنم جو حڪم فرمائيندو.

عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪهڙا آهن؟ فرمايائون: انهن مان پهريون شخص پوڙهو زاني آهي، ٻيون ظالم بادشاهه، ٽيون شراب جو عادي، چوٿون زڪوٰة نه ڏيڻ وارو، پنجون ڪوڙي گواهي ڏيڻ وارو، ڇهون ماڻهن جي چغل خوري ڪرڻ وارو، ستون پنهنجي ماءُ پيءُ کي غصي منجهان ڏسڻ وارو، انون پنهنجي زال کي طلاق ڏئي حرام طريقي سان پاڻ وٽ رکڻ وارو، نائون ظلم جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ ڏهون تندرستي جي باوجود نماز نه پڙهڻ وارو.

حضرتِ سيدنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان تندرستي جي باوجود نماز ڇڏي ڏيڻ واري جي باري ۾ پڇيو ويو: ڇا ان جي توحيد

قبول ٿيندي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: جنهن جي نماز ناهي ان جي توحيد ناهي، جنهن جي نماز ناهي، ان جي زڪوٰة ناهي ۽ جنهن جي نماز ناهي ان جو ڪو روزو ناهي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو :

فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِہِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوۃَ وَ اتَّبَعُوا الشَّہَوٰتِ فَسَوۡفَ یَلۡقَوۡنَ غَیًّا ﴿۵۹﴾ (پ 16 مريم 59)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.

ان آيت ۾ غَيُّ مان مراد دوزخ جي هڪڙي وادي آهي جنهن ۾ صرف بي نمازي ئي داخل ٿيندا.

حضرتِ سيدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن ٻانهي کان سڀ کان پهرين نماز جي باري ۾ سوال ٿيندو جيڪڏهن ان جون نمازون قبول ٿي ويون ته ٻيا عمل به قبول ڪيا ويندا ۽ تندرستي جي باوجود نماز ڇڏي ڏيڻ وارو جڏهن ٿانوَ مان ڳِره کڻي ٿو ته اهو ڳِره چوي ٿو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا دشمن مون کي اهڙي وات جي طرف کڻي ورتو اٿئي جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر نٿو ڪري ۽ تندرستي جي باوجود نماز ڇڏي ڏيڻ واري جي چهري کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪارو فرمائي ڇڏيندو آهي. ان جا اخلاق گهٽ ڪري ڇڏيندو آهي ان جي رزق مان برڪت کڻي ڇڏيندو آهي، ان جي ڪپڙن ۾ جونئون پيدا ڪندو آهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کان ناراض هوندو آهي، ان جا پاڙي وارا ان سان بُغض رکندا آهن ۽ وقت جو بادشاه ان تي ظلم ڪندو آهي تندرستي جي باوجود نماز نه پڙهڻ واري جي گواهي مقبول ناهي، ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز ناهي ته ان کي ڪاڌي ۾ شريڪ ڪري يا

ان سان پنهنجي ڌيءُ جو نڪاح ڪري ڇڏي ۽ نہ ئي ان سان گڏ هڪڙي ڇِت جي هيٺان ويهي. (شايد ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو عذاب نہ اچي وڃي ۽ اهو بہ بي نمازي سان گڏ عذاب ۾ گرفتار ٿي وڃي)

تندرستي جي باوجود نماز قضا ڪرڻ وارو جڏهن قيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان جي پيشاني تي هي ٽي جملا لکيل هوندا: (1) اي الله عَزَّوَجَلَّ جا حق ضايع ڪرڻ وارا (2) اي غضبِ الٰهي جا حقدار (3) جهڙي طرح تو الله عَزَّوَجَلَّ جا حق ضايع ڪيا اهڙي طرح اڄ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان بہ مايوس ٿي وڃ.

مروي آهي جهنم بي نمازي کي چوندو آهي: تون منهنجو دوست آهين ڪاش! الله عَزَّوَجَلَّ توکي مون سان (جلدي) ملائي ڇڏي ۽ آئون تو کان نماز جو بدلو وٺان تون نماز جو دشمن آهين انهيءَ لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ توتي غضبناڪ آهي.

۽ جنّت ان کي چوندي آهي: اي خدا جا دشمن! تو الله عَزَّوَجَلَّ جي امانت کي ضايع ڪيو، ان جي فرض جي ادائيگي ۾ سُستي ڪئي، آئون توتي حرام آهيان ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ وارا مون ۾ جتي چاهين قيام ڪن، منهنجون نهرون جاري آهن، پکي خوشي مان ٻولي رهيا آهن ۽ منهنجو نور چئني طرف ڦهلجي چڪو آهي ۽ منهنجون حورون سينگارجي چڪيون آهن.

تَمَّتْ بِالْخَيرِ

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ وَحْدَه وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى مَنْ لَّانَبِىَّ بَعْدَه

# ماخذومراجع


| | | |
|---|---|---|
| 1 قرآن مجید | کلامِ باری تعالیٰ | ضیاءالقرآن پبلیکیشنز لاہور |
| 2 کَنْزُالْاِیْمَانِ فِیْ تَرجَمَۃِ الْقُرْاٰن | اعلیٰحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | ضیاء القرآن پبلیکیشنز |
| 3 صَحِیْحُ الْبُخَارِی | امام محمد بن اسماعیل بخاری متوفّٰی ۲۵۶ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| 4 صحیح مسلم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشیری متوفّٰی ۲۶۱ھ | دار ابن حزم بیروت |
| 5 سُنَن الترمذی | ابوعیسیٰ محمد بن عیسیٰ ترمذی متوفّٰی ۲۷۹ھ | دار الفکر بیروت |
| 6 سُنَنُ اَبِي دَاوٗد۔ | امام ابو داؤد سلیمان بن اشعث متوفّٰی ۲۷۵ھ | دار احیاء التراث العربی |
| 7 سُنَنُ النسائی | امام ابو عبد الرحمن بن احمد شعیب نسائی ۳۰۳ھ | دار السلام ریاض |
| 8 سُنَنُ ابنِ ماجۃ | ابو عبد اللہ محمد بن یزید القزوینی متوفّٰی ۲۷۳ھ | دار الفکر بیروت |
| 9 المؤطّا للامام مالک | امام مالک بن انس اصبحی متوفّٰی ۱۷۹ھ | دار المعرفہ بیروت |
| 10 اَلْمُسْنَدُ لِلاِمَامِ اَحْمَد | امام احمد بن حنبل متوفّٰی ۲۴۱ھ | دار الفکر بیروت |
| 11 المسند لابی یعلی | شیخ الاسلام ابو یعلیٰ احمد الموصلی متوفّٰی ۳۰۷ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 12 المستدرک للحاکم | ابو عبد اللہ محمد بن عبد اللہ نیشاپوری متوفّٰی ۴۰۵ھ | دار المعرفہ بیروت |
| 13 اَلْمُعْجَمُ الْکَبِیْر | امام سلیمان بن احمد طبرانی متوفّٰی ۳۶۰ھ | دار احیاء التراث العربی |
| 14 اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط | امام سلیمان بن احمد طبرانی متوفّٰی ۳۶۰ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| 15 شُعَبُ الْاِیْمَان۔ | امام احمد بن حسین بیہقی متوفّٰی ۴۵۸ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| 16 سنن الکبریٰ للبیہقی | امام احمد بن حسین بیہقی متوفّٰی ۴۵۸ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 17 ابن ابی الدنیا | امام ابو بکر عبد اللہ بن محمد القرشی متوفّٰی ۲۸۱ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 18 حلیۃ الاولیاء | ابو نعیم احمد بن عبد اللہ اصفہانی متوفّٰی ۴۳۰ھ | المکتبۃ العصریہ بیروت |
| 19 مجمع الزوائد | حافظ نور الدین علی بن ابو بکر ہیثمی متوفّٰی ۸۰۷ھ | دار الفکر بیروت |
| 20 فِرْدَوْسُ الْاَخْبَار | حافظ شیرویہ بن شہردار دیلمی متوفّٰی ۵۰۹ھ | دار الفکر بیروت |
| 21 اَلْمُصَنَّفُ عَبْدِ الرَّزَّاق | ابو بکر عبد الرزاق بن ہمام متوفّٰی ۲۱۱ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 22 اَلْمُصَنَّفُ لابنِ ابِی شَیبَہ | امام عبد اللہ بن محمد ابی شیبہ متوفّٰی ۲۳۵ھ | دار الفکر بیروت |
| 23 اَلْاِحسَانُ بِتَرْتِیبِ ابْنِ حَبَّان | علاؤ الدین علی بن بلبان متوفّٰی ۷۳۹ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 24 رَوْضُ الرَّیَاحِین | علامہ عبد اللہ بن اسد متوفّٰی ۷۶۸ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 25 کنزُ العُمَّال | علاء الدین علی المتقی الہندی متوفّٰی ۹۷۵ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 26 اَلْاِستِیعَاب | ابو عمر یوسف بن عبد اللہ القرطبی متوفّٰی ۴۶۳ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 27 مَجْمَعُ الْبَحْرَین | حافظ نور الدین علی بن ابو بکر ہیثمی متوفّٰی ۸۰۷ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 28 اِتحَافُ السَّادَۃِ الْمُتَّقِین | علامہ سید محمد بن حسینی زبیدی متوفّٰی ۱۲۰۵ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 29 اَلتَّرغِیبُ والتَّرھِیب | امام زکی الدین عبد العظیم المنذری متوفّٰی ۱۱۸۵ھ | دار الفکر بیروت |
| 30 کِتَابُ الزُّھْد لِابنِ مُبَارَک | امام عبد اللہ بن مبارک متوفّٰی ۱۸۱ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 31 فیضُ القَدِیر | امام جلال الدین ابو بکر السیوطی متوفّٰی ۹۱۱ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 32 تنزِیہُ الشَّرِیعَۃِ المَرفُوعَۃ | ابو الحسن علی بن محمد الکنانی متوفّٰی ۹۶۳ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 33 تاریخ بغداد | ابو بکر احمد بن علی الخطیب بغدادی متوفّٰی ۴۶۳ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 34 کتابُ الْکَبَائِر | محمد بن احمد بن عثمان الذہبی متوفّٰی ۷۴۸ھ | اشاعت اسلام کتب خانہ |
| 35 سِیَرُ اَعْلَامِ النُّبَلَاء | محمد بن احمد بن عثمان الذہبی متوفّٰی ۷۴۸ھ | دار الفکر بیروت |
| 36 ذَمُّ الْھَوٰی | امام عبد الرحمن بن علی جوزی متوفّٰی ۵۹۷ھ | مکتبہ الکتاب والسنہ پشاور |
| 37 بُستَانُ الْوَاعِظِیْن | امام عبد الرحمن بن علی جوزی متوفّٰی ۵۹۷ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 38 عُیُوْنُ الْحِکَایَات | امام عبد الرحمن بن علی جوزی متوفّٰی ۵۹۷ھ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 39 بَہارِ شَرِیعَت | صدر الشریعہ امجد علی اعظمی متوفّٰی ۱۳۶۷ھ | ضیاء القرآن پبلیکیشنز لاہور |
| 40 اَرْمَغَانِ مَدِیْنَہ | امیر اہل سنت مولانا محمد الیاس عطار قادری | مکتبۃ المدینہ کراچی |


www.dawateislami.net